# ڏکندو ڏور ٿئي

عبدالقيوم "صائب"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڏڪندو ڏور ٿئي

بگیر این همه سرمایهٔ بهار از من،
که گل بدستِ تو از شاخِ تازه تر ماند ۔

عبدالقيوم "صائب"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

چاپو پهريون		١٩٩٥ع		تعداد هڪ هزار

سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

قيمت: پنجاسي رپيا
[ Price: Rs. 85-00 ]

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، چامشورو.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ان ڪي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ● ناشر پاران: پيشڪش | | الف-ب |
| ● انتساب | | ج |
| ● پيش لفظ | | د-و |
| ”صائب“ جي شاعري | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ | ١—٢٨ |
| شاعري: ماحول جي اهم ضرورت | نياز همايوني | ٢٩—٤٣ |
| رب العزت جي درگاهه ۾ | | ٤٥—٤٦ |
| نعت و التجا | | ٤٧—٤٨ |
| نظم | | ٤٩—١٢٢ |
| غزل | | ١٢٣—١٨٦ |
| رباعيون | | ١٨٧—٢٠٨ |
| قطعا | | ٢٠٩—٢٣٢ |
| گيت | | ٢٣٣—٢٥٢ |
| ٽِڪڙا | | ٢٥٣—٢٨٠ |
| سانيٽ | | ٢٨١—٣٠٠ |
| ترائيل | | ٣٠١—٣٢٩ |


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

**ناشر پاران**

# پيشڪش

هي ڪتاب، ”ڏڪندو ڏور ٽئي“، هڪ اهڙي شاعر جي ڪلام جو مجموعو آهي، جيڪو روايتي ۽ جديد، ٻنهي قسمن جي شاعريءَ جو پاسو جهلي بيٺو آهي. (پر اهڙيءَ طرح نه، جيئن مير عبدالحسين ”سانگي“ ۽ مرزا قليچ بيگ، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڍنگ تي بيهي، هڪ ٻنهي نئين دور کي جنم ڏنو هو).

عبدالقيوم ”صائب“ بنيادي طرح روايتي شاعريءَ جو هڪ تمام اهم نمائندو آهي. سندس شمار ”جمعيت الشعراءِ سنڌ“ جي

محترم سربراهہ، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ (مرحوم) جي نوَن رتنن ۾ ٿيندو هو. تڏهن بہ، پنهنجيءَ طبيعت جي انفراديت ۽ انڪساريءَ جي ڪري، هن جديد شاعرن ۽ اديبن سان ميل جول رکيو، ۽ ”سنڌي ادبي سنگت“ ۾ بہ ايندو ويندو رهيو. انهيءَ ميل جول سان ادب جي نين روايتن، صنفن ۽ موضوعن بہ سندس شاعريءَ ۾ جڳهہ ورتي. اهو سڄ ۽ ستر جي ڏهاڪن وارو زمانو هو، جڏهن ٽماهي ”مهراڻ“ ۾، غزلن ۽ قطعن سان گڏ، سندس سنا ۽ معياري جديد نظم ۽ گيت بہ شايع ٿيا.

سندس هن مجموعي ۾، غزلن، گيتن، قطعن، نظمن، سانيٽن ۽ ترائيلن سميت، جديد ۽ روايتي، سڀ اهم صنفون شامل آهن. روايتي انداز جي غزلن سان گڏ، ڪلام جو ڪافي حصو بياني نوعيت جي روايتي شاعريءَ تي مشتمل آهي، جنهن ۾ فڪري نُڪتا ۽ شاعرانا خيال گهٽ يا بنهہ نہ هوندا آهن. تنهن هوندي بہ، سندس سوچ جي انفراديت هرهنڌ بکي ٿي، جيڪا خود روايتي شاعرن ۾ سندس خاص درجو مقرر ڪري ٿي. جيتريقدر جديد لاڙن جو تعلق آهي، شايد ”صائب“ اڪيلو روايتي شاعر آهي، جنهن جديد نظم، سانيٽ ۽ ترائيل لکيا آهن.

”صائب“ جي شاعريءَ جو هي مجموعو سندس ذهني اوسر جو آئينو آهي، جنهن جو مطالعو خاص طرح نئين ٽهيءَ جي شاعرن لاءِ فائديمند ٿيندو.

جامشورو
۳ - فيبروري، ۱۹۹۵ع

- شه شبير الحيدري
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ.

# انتساب

زندگيءَ جي رنگينين، بوالعجبين،
هوسناڪين، سياسي پيچيدگين،
سماجي ستمرانين، مفاد پرستين
۽ حق پرستيءَ جي نالي ۾ خود پرستين
جي پوڄا ڪرڻ وارن ظالم جذبن،
جن جي عڪاسي هن مجموعي ۾ ٿي
ويل آهي، تن سڀني سٽرين جي
نالي تي منسوب ڪريان ٿو.
-"صائب"

# پيش لفظ

”ڏِکندو ڏور ٿئي“، منهنجي ڪلام جو پهريون مجموعو آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي ڪلام موجود آهي. انهن صنفن ۾ حمد و نعت، غزل و نظم، رباعيات و قطعات، گيت ۽ ٽيڪڙا توڙي سانيٽ ۽ ترائيل، سڀ شامل آهن. انهن مان گيت، سانيٽ ۽ ترائيل ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ پير پاتو آهي. گيت هندي شاعريءَ مان، ۽ سانيٽ توڙي ترائيل يورپي شاعريءَ مان، هلي اچي سنڌي شاعريءَ جي محفل ۾ شامل ٿيون آهن. غزل، نظم، رباعي ۽ قطعو، فارسيءَ ۽ عربيءَ مان سنڌيءَ جون ساٿياري بڻجي رهيون آهن، پر ان ڳالهه کي گهڻو عرصو ٿيو، جنهن کي پنهنجي درخشان تاريخ آهي. حمد ۽ نعت به انهيءَ زمري ۾ اچن ٿيون. باقي

رهيا ٽيڪڙا، سا منهنجي پنهنجي ايجاد آهي. اها ايجاد جپاني شاعريءَ مان پيهي آيل ”هائيڪو“ کي نظر ۾ رکي ڪئي وئي آهي. هائيڪو ۾ ايڏي وسعت ڪانهي، فڪري ۽ فني لحاظ سان به آن اجا تائين ڪو نمايان ڪارنامو سرانجام ڪونه ڏنو آهي. البت ”ٽيڪڙا“ ۾ وڌيڪ وسعت سمايل آهي. هڪ ته اها شاعري فني لحاظ سان عروضي اوزان مان ڪهڙي به وزن تي ڪري سگهجي ٿي، ٻيو ته ان ۾ قافيو پهرئينءَ ۽ ٽينءَ سٽ ۾ آندو ويو آهي. قافيئي ۾ وري عروضي پابندي ضروري ڪانهي. هن ۾ ٻي سٽ نه رڳو وضاحتي ٿئي ٿي، پر ان جو لاڳاپو گهڻو ڪري پهرينءَ ۽ ٽينءَ سٽ، ٻنهي سان هوندو آهي. ان ۾ هر قسم جو موضوع ۽ مفهوم سمايل آهي. ان ريت، ”ٽيڪڙا“ سنڌي ٽه-سٽي بيت کان بلڪل الڳ ۽ نرالي چيز آهي. جيڪڏهن عروضي اوزان جي بدران، چند ودبا کي نظر ۾ رکي ”ٽيڪڙا“ ۾ ماترائن کان ڪم ورتو وڃي، ته به ڪو هرج ڪونهي. البت، ان جي ٻين پابندين کي ملحوظِ خاطر رکيو وڃي ته جيئن سنڌي ٽه-سٽي بيت کان ان جو وجود الڳ نظر اچي ۽ اڳتي هلي ڪو مونجهارو پيدا نه ٿئي، جيئن ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي صنفن ۾ ٿيو آهي.

”ڏڪندو ڏور ٿئي“ تي استاذي ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ پنهنجي خيالات جو اظهار ڪيو، جيڪو ”صائب جي شاعريءَ“ جي عنوان هيٺ هن ڪلام سان شامل آهي. ان مجموعي تي همعصر، پياري ادبي شخصيت، نياز همايونيءَ قلم کنيو آهي. هن جي رشحات، ”شاعري، ماحول جي اهم ضرورت“ جي سري سان، هن مجموعي ۾ شامل ڪيل آهي.

استاذي ڊاڪٽر "خليل" ۽ همعصر نياز همايوني، پنهنجي جو پنهنجو پنهنجو نقطۂ خيال آهي ۽ اپياس ڪرڻ جوڳو آهي.

اڄ پنهنجي شاعريءَ متعلق ٿوري وضاحت ڪرڻ گهران ٿو. اها هيءَ ته منهنجي شاعريءَ جو مرڪز و محور، منهنجي پنهنجي ذات نه رهي آهي. البت سنڌ ۽ پاڪستان توڙي بين الاقوامي واقعات جي پس منظر ۽ تناظر ۾ اها شاعري ڪيل آهي، جنهنڪري ان ۾ يڪي يونٽ، سنڌ سان زياد تين، سماجي تبديلين مان پيدا ٿيل نتيجا اخذ ڪيل آهن، ويندي غزل ۾ به عشق ۽ تعشق واري نري واردات ۽ گل و بلبل، ساقي و ميخانه توڙي رقيب و رهزن جي فرضي ۽ پيڏل يڪسانيت ۽ تقليد کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. اهڙا اصطلاح جتي به آيل آهن، اتي جديد خيالات ۽ نئين مفهوم جي ادائگيءَ جو خيال رکيو ويو آهي. منهنجي شاعريءَ جو وڏو حصو تجريدي ۽ تجزياتي نظرين تي رکيل آهي. مطلب ته مون فني لحاظ سان عروضي پابندين جو لحاظ رکيو، ۽ فڪري لحاظ سان ادب جي جديد تقاضائن کي ڪٿي به پوئتي نه ڇڏيو آهي. ان ريت، منهنجي شاعري قديم ۽ جديد شاعريءَ جو اهو سنگم آهي، جيڪو پنهنجي دورن جي ڪماحقه نشاندهي ڪري ٿو. اميد آهي ته هن مجموعي کي انهيءَ نقطۂ نگاه کان به ڏٺو ويندو.

هن مجموعي جو اصل نالو "ناط و الم" هو پر هاڻي ان جو نئون نالو ڏکندو ڏور ٿئي رکيو ويو آهي.

حيدرآباد، سنڌ — عبدالقيوم صائب

١٠-٩-١٩٩٣ع

# ”صائب“ جي شاعري

جناب عبدالقيوم ”صائب“صاحب جي بار بار اصرار تي ڏاڍي مشڪلن سان پنهنجين مصروفيتن مان وقت چورائي، هي مقالو سپردِ قلم ڪري رهيو آهيان. گهڻن ڏينهن کان خيال هوم ته ”صائب“صاحب جي ڪلام تي ڪجهه تبصرو ڪريان، پر مصروفيتن ايتري فرصت ئي نه ڏني، جو ان طرف ڌيان ڏيئي سگهان. سس سس وقت ڪڍي اڄ لکي رهيو آهيان.

جديد سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ”صائب“ جو نالو نه اُٽڻ هڪ وڏي ڀل ٿيندي. هن جي ادبي جدوجهد اهڙي زماني ۾ شروع ٿي آهي، جو هڪ طرف ترقي پسندن پاڻ ڏانهن ڇڪيو ته ٻئي طرف غزل جي عاشقن ۽ پرستارن پاڻ ڏانهن. ۽ اسان جي هن نوجوان شاعر بنا پانڌ پسائڻ جي، صحيح ترقي پسنديءَ جي واٽ اختيار ڪئي، جو خرافات لکندڙ ۽ پرائي غزل جي نموني لکندڙ، حيرت جي آڱر وات ۾ وجهي دم بخود ٿي ڏسندا رهجي ويا.

”صائب“ صاحب سنڌي ٻوليءَ کي ترقيءَ تي پهچائڻ لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، سي وسارڻ جهڙيون هرگز نه آهن. انهن ميان مٺو سڏائيندڙن جي ٽولي جي مقابلي ۾، هن جيڪو خاموشيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪم ڪيو آهي ۽ اڃا ڪندو اچي، سو مشڪل سان ڪنهن کي نصيب ٿيو هوندو. ”سياسيات جا اصول“ نالي ڪتاب جو سنڌي ادب کي پيش ڪيو اٿس، سو”ايڪ رانجها لکان دا مت“ جي مصداق

آهي. اسين هن مقالي ۾ رڳو سندس شاعريءَ بابت ڪجهه لکنداسين. نثر جو ذڪر ته ائين سرسري طرح اچي ويو آهي، جنهن ۾ به هن کي چڱي دسترس آهي.

**تعارف:** پنهنجن دوستن جي حلقي ۾ "صائب" صاحب ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. سندس نالو عبدالقيوم، پيءُ جو نالو نبي بخش پيرزادو آهي. سندس پيدائش جو هنڌ حيدرآباد سنڌ - جنهن جا در و ديوار صائب جي پهرئين آواز تي، اڄڻ واري زندگيءَ جي پيشنگوئي ڪري رهيا هئا. هن جي ولادت سن ١٩٢٧ع ۾ ٿي. ايام طفلي ماءُ - پيءُ جي سايهءِ عاطفت ۾ گذاريائين، جن پنهنجي هوشهار ٻار کي ڏاڍي شفقت سان پالي وڏو ڪيو ۽ باوجود غربت جي کيس تعليم کان محروم نه ڪيائون. پاڻ جڏهن هوش سنڀاليائين ته کيس ازخود وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو، تنهنڪري نوڪري ڪيائين، جو هڪ طرف گهر سنڀالي ٿي سگهيائين ته ٻئي پاسي پنهنجي تعليم جاري رکي ٿي سگهيائين. سندس حياتيءَ جو اهو دؤر دنيا جي لاءِ هڪ سبق آهي ته ڪيئن خود اعتمادي ۽ خود ياوري هڪ انسان کي پستيءَ کان بلنديءَ تي پهچائي ٿي سگهي. نوڪري به ٿي ڪيائين ته تعليم به حاصل ٿي ڪيائين. نيٺ قانوني تعليم حاصل ڪري، نوڪريءَ جي غلامي کان آجو ٿي، وڪالت جو پيشو اختيار ڪري، پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي ۽ اتي به پنهنجو شان ۽ آن قائم ڪيو بيٺو آهي. سندس علمي ذوق ۽ شوق ان مان ظاهر آهي ته خانگي طرح فارسي تعليم مولانا مولوي عبدالرؤف بختيارپوريءَ کان حاصل ڪيائين ۽ عمر خيام جون رباعيون حافظ محمد عبدالله "بسمل" تکڙائيءَ کان پڙهيائين. سياسيات ۾ ايم. اي. پاس ڪيائين ۽ ان سان گڏ ايل ايل. بي. پاس ڪيائين.

علم حاصل ڪرڻ جي سندس وڏي خصوصيت هي آهي ته هرڪنهن ڳالهه جي تهه ۾ گهڙي، علم جا گوهر حاصل

ڪندو آهي. نهايت خوش اخلاق ۽ بلند اخلاق آهي. خنده پيشاني سندس خصوصي امتياز آهي. طبيعت ڪي نفاق سان ڪو واسطو نہ آهي. ظاهر و باطن هڪجهڙو اٿس. حيا ۽ حلم سندس جزو ايمان آهي ۽ انڪساري ۽ فروتني سندس نشست و برخواست مان ظاهر آهي. ذهن و ذڪاوت ۽ طبع جي سلامتي جو جوهر هن جي چهري مان ظاهر ٿو ٿئي. سڙي جي ڳالهہ آهي تہ اهي ئي ڳالهيون سندس نظم ۽ نثر مان بہ ظاهر آهن.

شاعريءَ جو شوق ننڍ پڻ کان وٺي هوس ۽ گهڻن استادن جو ڪلام نظر مان ڪڍيو اٿس. "صائب" تخلص ڪندو آهي. طبيعت گوشہ نشينيءَ جي طرف گهڻو مائل آهي ۽ شهرت جو بلڪل خواهان نہ آهي ۽ تنهائيءَ ۾ رهي مطالعي ڪرڻ جو شوق اٿس. مطالعو نهايت وسيع آهي ۽ پنهنجي وسيع مطالعي جي سبب سياسيات تي، جو ايم. اي. ۾ سندس موضوع هو، هڪ نهايت عمدو ڪتاب "سياسيات جا اصول" نالي لکيو اٿس، جو شاگردن ۽ سياست ۾ بهرو وٺندڙن جي لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ٿيندو. سندس بيون ڇاپيل تصنيفون هي آهن:

(١) پاڪستان جي تاريخ، (٢) سلطان محمود غزنوي، (٣) فتوحات بابر، (٤) حافظ شيرازيءَ جي ٥٠ غزلن جو ترجمو شرح سوڌو، (٥) نظام الملڪ طوسيءَ جي "سياست نامہ" جي چند بابن جو ترجمو، (٦) سرسارنگ، (٧) سرموسل راٺو، (٨) اسلامي سياست، (٩) هڪ ناول، نالي "ڪوماڻو ڪنول".

جيڪي ڪتاب بنا شايع ٿيڻ جي رکيا آهن:

(١) تنقيدي مقالات، (٢) فرينچ انقلاب، (٣) سنڌي ٻولي ۽ ادب، (٤) نئون دور نوان نظريا، (٥) حقيقي پيچرو، (٦) هڪ نظريو- هڪ سازش، ۽ (٧) تاريخ جي روشنيءَ ۾.

ڪتابن جي مختلف قسم جي مضمونن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سندس مطالعو ڪيترو نہ وسيع آهي. جيڪي

کي مطالعو ڪندو آهي، سو ڏاڍي غور ۽ فڪر سان، ادبي نڪتن کان پاڻ کي چڱيءَ طرح واقف رکندو آهي. جيڪو ڪم هٿ ۾ کڻندو آهي، تنهن جي تڪميل جو فڪر هميشه دامنگير رهندو اٿس. نهايت بالغ نظر ۽ وضعدار آهي. سندس مشاهدا جون گهرايون نهايت دلفريب آهن. ڪلام جي هر صنف تي حاوي آهي. سندس ڪردار جون خوبيون ڪلام ۾ جهلڪا ڏينديون نظر اچن ٿيون. ڪلام ۾ رسمي خوبيون به چڱيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

سندس حياتي خودساخته آهي. پنهنجي رات ڏينهن جي اڻ ٿڪ ڪوشش ۽ محنت جي نتيجي کيس اتي پهچايو آهي، جتي هاڻ بيٺو آهي. ائين اصل نه آهي، جيئن "من ترا حاجي بگويم تو مرا حاجي بگو" چوڻ وارا اڄڪلهه ٻولي ۽ ادب جا ڪاغذي مدعي ٿيا ويٺا آهن ۽ پنهنجي خيال ۾ ڏاڍي تحقيق ۽ تفتيش جو ڏيو ٻاري، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندڙن کي پيش ڪيو اٿن. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته اسين به ائين ڪري رهيا آهيون، بلڪ حقيقت آهي ته هن محنتي اديب نه رڳو سنڌي شاعريءَ جي خدمت ڪئي آهي، پر پنهنجي ٻوليءَ کي به ڪين وساريو اٿس، جو سندس لکيل ڪتابن مان بخوبي ظاهر آهي.

سندس شاعريءَ ۾ جذبات ۽ خيالات عمدا ۽ پاڪيزه آهن؛ فحش لکڻ کان هميشه پاسو ڪندو آيو آهي. ابتذال کان پاڻ کي هميشه بچائيندو رهيو آهي. ڳالهه اهڙي سهڻي نموني سان ڪري ويندو آهي جو ابتذال جي گهيري ۾ اچي نٿي سگهي، بلڪ هڪ هلڪي تبسم سان وات مان "واه" نڪريو وڃي:

ڪنهن جي لبن تي لالي، ڪنهن جي ڳلن تي تر،
رنگين آهه دنيا، رنگين آهه دام.

هڪ نهايت فرسوده ۽ عام خيال کي انداز بيان ۽ لفظن جي انتخاب عمدو شعر ٺاهي ڇڏيو آهي. اها جادوگري رنگين لفظن پيدا ڪئي آهي. لبن تي لاليءَ جو رنگين دنيا هجڻ ۽ گلن تي ڪاري تر جو هجڻ، دام کي رنگين بنائڻ باوجود لفظ ڪاري جي موجود نه هجڻ رنگين دام ۽ گلن تي تر خودبخود لفظ ڪاري جي طرف ڌيان مبذول ڪن ٿا، ان کي چون ٿا قرينو پيدا ڪرڻ.

اي اديبو، شاعرو، اي وقت جا پيغمبرو!
زيست جو پيغام ڏيئي، ماڳ پنهنجي ڏي ورو،
ظلم و استبداد جي آڏو ڪڙا ٿيندا رهو،
وقت جي مظلوم کي ترغيب ڪا ڏيندا رهو.

نظم جي هن بند جي ڇا تعريف ڪجي؟ هن کي پڙهي سوشلسٽ خيال وارا ۽ ترقي پسند، دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيندا هوندا ته بغاوت جو ڪهڙو نه عمدو سبق ڏنو ويو آهي، پر جيڪي شخص ”صائب“ جي طبيعت جي رجحان کان واقف آهن، سي چوندا ته اسلامي فلسفي کي ڪهڙي نه عمدي ۽ عام فهم پيرايي ۾ بيان ڪيو اٿس. هيءَ اسلامي فلسفو نه هجي ها ته اديبن ۽ شاعرن کي ڪڏهن پيغمبر نه سڏي ها. پيغمبر هميشه صراط مستقيم ڏيکارين ٿا. انهيءَ صراط مستقيم يعني ماڳ ڏي ورڻ لاءِ چوي ٿو. پيغمبر مائٽن کي انهيءَ ماڳ ڏانهن سڏيندا آيا آهن، جو زيست جو رستو هوندو آهي. آدم کان وٺي حضرت محمد صلعم تائين، پيغمبر خدا جو پيغام ڏيندا آيا آهن ته اسلام ڏي ورو، جو ظلم ۽ استبداد جو مقابلو ڪندو آيو آهي. وڏا وڏا ولي، نبي ۽ امام ڪنهن جي پرواهه نه ڪندي وقتن جي حاڪمن جي ظلم و استبداد جو مقابلو ڪندا آيا آهن. اهو پيغام شاعر بغاوت جي نموني نه، جو اشتراڪيت جو اصول رهيو آهي، بلڪ شاعر ان کي ترغيب ٿو سڏي. سڄي بند ۾

اسلامي نقطۂ نظر جي اپٽار آهي. اديبن ۽ شاعرن کي للڪاري چوي ٿو ته اهو ئي ڪي ڪريو، جو پيغمبرن ڪيو هو. اهو ڇا هو؟ مظلومن جي طرفداري ۽ ظلم و استبداد جي اڳيان سينو سپر ٿي بيهڻ!

غزل ۾ سوز و گداز جو هجڻ لازمي آهي ۽ "صائب" جا غزل انهيءَ سوز و گداز کان خالي نه هوندا آهن، پر "صائب" جو انداز بيان هميشه ٻين کان نرالو ۽ انوکو هوندو آهي:

تاريڪ دل جي دنيا، جن سان ٿئي ٿي روشن،
اهڙا ڪي منهنجي دل کي تون داغ ضوفشان ڏي.

دل جي دنيا تاريڪ ٿي پيئي آهي، رڳو اونداهي چوطرف نظر پيئي اچي، پر جنهن شي سان اوندهه دور ٿي سگهي ٿي، سي دل تي آهي گهاءَ آهن، جن جا داغ روشني ڏين ٿا، يعني ضوفشان آهن، رڳو اهي دل جي اوندهه کي دور ڪري سگهن ٿا. انهيءَ قسم جا دردانگيز شعر "صائب" جي ڪلام ۾ نهايت خوب هوندا آهن ۽ خوب لڳندا آهن. هيٺيون شعر بہ مٿئين قسم جو آهي، پر ان جو انداز بيان جداگانه آهي.

شب تاريڪ ۾ رخشنده ستارن کي ڏسي،
غم هستيءَ جو فسانو ٿو اچي ياد اچا.

اونداهيءَ رات ۾ جڏهن چمڪندڙ تارا ٿو ڏسي، ته سندس خيال پنهنجي اونداهي هستي يا غم هستيءَ جو داستان اڪين اڳيان ڦري آها ياد تازه ٿو ڪري ته تارن چمڪي روشني ڏني ۽ اونداهي رات ۾ ماڻهن کي دڳ ڏيکاريو، پر افسوس منهنجي هستي غمن ۾ ئي رهي ۽ آهو داستان غم مون کي ياد ڏياريو.

"صائب" ۾ اها هڪ وڏي خوبي آهي جو جذبات کان مغلوب ٿي، آپي کان ٻاهر نٿو ٿئي. هن جي دل ۾ درد ۽ تڙپ بہ موجود آهن، پر هن جي درد جي اظهار جو انداز

بي‌تاباڻي نٿو ٿئي، بلڪ هن جي فرياد ۾ هيڪ ۽ التجا ۾ خودداري هوندي آهي.

اسان کي درد و غم جي ناهي پروا اي جهان وارا،
رڳو يارن جي دلجوئي ڪرڻ خاطر خوشي گهرجي.

التجا ۽ خودداريءَ جو مثال ڏسو. درد و غم اٿس، پر ان جي پرواهه ڪانهي. درد و غم آهي ته انسان خوشي به گهري ٿو، پر شاعر انهيءَ لاءِ خوشي نٿو گهري ته هن کي درد و غم آهي، تنهنڪري ڪجهه خوشي به کپيس ٿي. نه نه، هن کي درد و غم جي پرواهه ڪانهي. هن کي خوشي انهيءَ لاءِ ٿي گهرجي ته يارن جي دلجوئي ڪري.

وري چوي ٿو:

درد و غم، رنج و الم سان آهه دل مانوس ٿي،
مهنجي لئه ڇا خوب آسائش جو سامان ٿي ويو.

درد و غم ۽ رنج و الم سڀ اٿس، پر دل هاڻي انهن سان مانوس ٿي ويئي آهي ۽ ايترو مانوس ٿي ويئي آهي، جو اهي هاڻي سک جو سامان ٿي ويا آهن. يعني مون کي سک حاصل نه ٿيندو، جيسين درد، غم، رنج ۽ الم نه هوندا.

”صائب“ لطيف خيالن ۽ سليم فطرت جو مالڪ آهي. متاثر ٿيڻ واري دل ۽ دماغ رکي ٿو. هن جي ڪلام ۾ زندگيءَ جون خصوصيتون ملن ٿيون. هن ڪنهن جي نري تقليد نه ڪئي آهي، نڪو قياس تي لکيو آهي، بلڪ جيڪي ڪي هن لکيو آهي، سو سوچي ۽ سمجهي، محسوس ڪري ۽ بصيرت ۽ فراست جي ماتحت لکيو آهي. هن جي شعرن ۾ هن جي زندگي محسوس ٿي ٿئي ۽ اها شي زندگي ئي آهي، جا شاعر جي ڪلام کي زنده جاويد بنائي ٿي. چوي ٿو:

اهو اعليٰ ترين اخلاق جو معيار پيدا ڪر،
ڪري دنيا به جنهن تي ناز سو ڪردار پيدا ڪر.

جهڙو بلند اخلاق پاڻ آهي، اهڙي صلاح به ڏئي ٿو:

دنيا ۾ تو جهڙا انسان، ظلم و ستم جا آهن حامل،
ڪنهن جي شڪايت ڪرڻي ناهي، شڪوي مان ڇا ٿيندو حاصل.

مٿيان شعر سندس مشاهدي جا حامل آهن. جيئن پاڻ تجربي مان گذريو آهي، پيش ڪري ڇڏيو اٿس. پنهنجو پيو هڪ مشاهدو ڏسو، ڪيئن پيش ڪري سبق ٿو سيکاري:

دنيائي دون ۾ ڪنهن جو ڪوئي به يار ڪونهي،
دعويٰ هزار ڪن ٿا، پر اعتبار ڪونهي.

حياتي سڄي جدوجهد آهي، جيڪو ان کي منهن ڏيندو، سوئي دنيا ۾ ڪامياب ٿيندو. هي سندس پنهنجو ذاتي مشاهدو آهي، تنهنڪري ٿو چوي ته

پنهنجو ٻوٽو پاڻ يارو ٻارجي،
پروسي تي ڪيم ٿئي جي گهارجي.

نهايت سادو ۽ سوڌو شعر آهي، مگر ٺيٺ سنڌي محاورا استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي نه عمدي خدمت ڪئي اٿس- ٻوٽو ٻارڻ ۽ پروسي تي گهارڻ.

مٿي جيڪي لکي آيا آهيون، تنهن مان پڙهندڙن اندازو لڳايو هوندو ته "صائب" جي ڪلام ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون ملن ٿيون، جهڙوڪ تخيل جي جدت، انوکا مضمون، سلاست ۽ صفائيءَ سان پيش ڪرڻ ۽ سادن ۽ سوڌن لفظن کي اهڙي طرح ترتيب ڏيڻ جو اهي موسيقيت سان لبريز ٿي وڃن. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته سادگي، موسيقيت ۽ نرالي طرز بيان "صائب" جي ڪلام جون خوبيون آهن. هن جو طرز بيان گهڻن کان نرالو، سليس، شستہ ۽ شائستہ آهي. هر ٻوليءَ ۾ ڪنهن شاعر يا اديب جو وڏو ڪمال سمجهيو وڃي ٿو، جيڪڏهن هو نازڪ کان نازڪ ۽ ڏکئي کان ڏکئي خيال

کي تمام آسان، صاف ۽ سادن لفظن ۾ ادا ڪري سگهي. حقيقت ۾ ادبي سادگي ڪمال فن ۾ داخل آهي. مشڪل کان مشڪل خيال کي، آسان کان آسان لفظن ۾ ادا ڪرڻ ۾ "صائب" کي جيڪو ڏانءُ ۽ ڪمال حاصل آهي، تنهن جو مثال سنڌي شاعرن ۾ تمام گهٽ ملندو. ٻن مثالن پيش ڪرڻ سان مٿيون نڪتو سمجهايون ٿا:

خرد مندو، سياست جي ره ۾ پُرخار ۾ ڦاسي،
ڪٺيءَ ڪنهن جيءَ کي هٿ لائي نہ پٽ پنهنجو ڪو ڦاڙائي.

هن شعر جو جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ منجهس جيڪي لفظ ڪتب آندا ويا آهن سي سڀ سادا ۽ سليس آهن. اهڙو ڪو لفظ نہ آهي جو آسان نہ هجي. منجهس جيڪو مضمون آهي، تنهن جي تخيل ۾ جدت آهي. مضمون واقعي نرالو ۽ اوکو آهي ۽ حقيقت تي مبني آهي، ڇاڪاڻ جو سياست جي وات اوکي آهي، جنهن کي ڪنڊن سان ڀريل سڏيو ويو آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ شاعر هڪ حقيقت کي پيش ڪيو آهي ۽ عقلمندن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اوهين تہ عقلمند آهيو ۽ ڪنڊن سان ڀريل وات تي هلو پيا، نتيجو اهو ٿيندو جو انهن ڪنڊن ۾ ڦاسي پوندؤ ۽ جڏهن انهيءَ سياست ۾ گهڙندؤ تہ اوس ڪنهن جي ڪٺيءَ کي هٿ لائڻو پوندو، ان کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي، تنهنڪري ظاهر آهي تہ پنهنجو پٽ ڦاڙائي ويهندؤ. ڪهڙو نہ عمدو ثبوت هڪ پهاڪي سان ڏنو ويو آهي. پهاڪو پاڻيهي اچي ويو آهي، نہ زبردستي آندو ويو آهي.

زبان تي حرف آئي مدعا جو، عاشق نادان،
ڪرڻ چو حسن کي رسوا يا پنهنجي عاشقي گهرجي.

هي شعر ڪيترو نہ سادو ۽ سليس آهي، جو ان ۾ ڪو لفظ ڏکيو نہ آهي. ان ۾ جيڪي لفظ آيل آهن، سي هڪٻئي

جي لاءِ سياق ۽ سباق جو ڪم ڏين ٿا. جيڪڏهن انهن کان ڪو واقف نہ هوندو تہ هن شعر جي ڪڏهن معنيٰ نہ ڪري سگهندو. عاشق کي نادان انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي جو هو حسن ۽ عاشقي، ٻنهي کي رسوا ٿو ڪري ۽ انهن کي ڪيئن رسوا ٿو ڪري، جو زبان تي مدعا جو حرف ٿو آڻي؛ تنهنڪري حسن ۽ عاشقي، ٻنهي کي رسوا ٿو ڪري. عاشق هجڻ جي حيثيت ۾ هن کي ڪجهہ چوڻو ئي نہ آهي، بلڪ خوشيءَ سان معشوق جون جفائون ۽ فرقت جون گهڙيون ساٺ ڪري سهڻيون آهن. عاشق جو اهو وڙ ئي نہ آهي جو شڪايت ڪري يا پنهنجي مدعا بيان ڪري، نہ تہ سچو عاشق ئي نہ آهي. ائين ڪندو تہ پاڻ کي رسوا ڪندو. حسن کي ڪيئن رسوا ڪندو؟ حسن جي عادت آهي تہ جڏهن ڪو عاشق پنهنجي مدعا ٿو پيش ڪري تہ هو انڪار ڪندو تہ اها معشوق جي رسوائي ٿيندي، تنهنڪري عاشق کي زبان تي مدعا جو لفظ آڻڻو ئي نہ آهي ۽ سچو عاشق، ”سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري“ جي مصداق عمل ڪندو، پاڻ کي رسوا ڪندو، ڇاڪاڻ تہ معشوق انڪار ڪندو تہ هن جي رسوائي ٿيندي.

”صائب“ جي ڪلام ۾ آهي سڀئي خوبيون موجود آهن، جي هڪ سٺي شاعر ۾ موجود هئڻ گهرجن. هو جيتوڻيڪ غزل جو خوگر آهي، پر هن جي اسلوب بيان ۾ هڪ اهڙي شگفتگي، هڪ اهڙي برجستگي ۽ هڪ اهڙي باليدگي آهي، جو قديم غزل تي بہ جديد غزل جو ڏوڪو ٿو ٿئي، بلڪ يقين ٿيڻ لڳي ٿو. پروانو ۽ موت، گل ۽ شبنم، ساقي ۽ جام، زلف ۽ ابرو، شيشو ۽ ساقي، قديم شاعريءَ جا تمام پراڻا موضوع هن وٽ بہ موجود آهن، پر انهن موضوعن کي هن جي ايجاد پسند طبيعت نئين اسلوب ۾ پيش ڪري نئون نمونو نمودار ڪيو آهي. ميڪدي، ساقي ۽ شراب بابت بہ ”صائب“ وٽ

ڪمي نہ آهي، پر ان موضوع کي بہ ان جي فڪرِ رسا شائستگي ۽ شاعرانہ سرمستيءَ سان ندرت آميز ڪري ڇڏيو آهي.

راند سمجهي ڪيڏ ”صائب“ زندگيءَ ۾ موت سان،
مک سبق پروانہ کان ۽ خود بہ هڪ پروانہ ٿي.

پروانہ لفظ جي استعمال هن جي اسلوب بيان جي شگفتگي ۾ لطف پيدا ڪري ڇڏيو آهي. محاوري جي استعمال وانگر صنعت جو استعمال بہ طبيعت تي گران نٿو لڳي. زندگي ۽ موت جي صنعت تضاد، خودبخود اچي ويئي آهي.

شبنم ضعيف آهہ پر گل جو دهن ڪري ٿي تر،
اهڙي مفيد چيز کي، مهر نظر نہ ڪر تلف.

گل ۽ شبنم جي پراڻي استعمال کي هڪ نئين فلسفيانہ انداز سان پيش ڪرڻ عجيب لطف پيدا ڪيو آهي.

اڄ مست ٿيا رند بنا جام پيئڻ جي،
ان ساقيءَ ڪمسن جي بہ تصوير ۾ ڇا هو.

پراڻا موضوع مست، رند، جام ۽ ساقي کي، اسلوب بيان ڏاڍو دلچسپ بنايو آهي. رند بنا پيتي مست ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪمسن ساقيءَ جي تصوير ڏٺي، تنهن ۾ الائي ڇا هو جو مست ٿي ويا. اڳي تہ پيئڻ سان مست ٿيندا هئا، پر هاڻ تہ بنا پيتي تصوير ڏسي مست ٿي ويا. اهو اسلوب بيان جو ڪرشمو آهي. مست، پيئڻ، جام، رند ۽ ساقيءَ ڪمسن، انهن لفظن ازخود صنعت مراعاة النظير آڻي ڇڏي آهي. صنعت جيڪڏهن زبردستي آندي وڃي ٿي تہ اهو لطف نٿي ڏئي جو ازخود اچي وڃڻ سان ملي ٿو.

فقط پنهنجي لب و زلف و سر مژگان ۽ ابرو سان،
ڪمند و برق و نوڪ خنجر و تلوار پيدا ڪر.

اتي ڏسندا تہ لب، زلف، سر مژگان ۽ ابرو جي پيٽ ۾ برق لب سان، ڪمند زلف سان، سرمژگان نوڪ خنجر سان ۽

ابرو تلوار لاءِ آندل آهن. هي صنعت لف و نشر آهي، پر ان جي زبردستي آڻڻ اهو لطف پيدا نه ڪيو آهي، جيڪو مٿي صنعت ۾ ڏيکاريل آهي.

شيشو، ساقي، شراب، ميخانو وغيره ڪن ڪي نهايت پراڻا لفظ ۽ پراڻا موضوع لڳندا، پر انهن کي پنهنجي اصلي معنيٰ ۾ وٺي، معنيٰ ڪرڻ شاعر جي توهين ٿيندي؛ انهن کي جيڪڏهن سياسي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ ۾ ايندو ته اهو طريقو وڏيڪ لطف پيدا ڪندو. شاعر جي ذهين طبيعت پردي ئي پردي ۾ سياست جو بيان ڪيو آهي. ناظرين انهيءَ رنگ ڍنگ ۾ هيٺيان شعر جاچيو:

شيشه و ساقي ته سهڻا، بي مزي ليڪن شراب،
حق تي ميخوار اڄ، ميخاني کان بيزار آهه.

لاهه شيشي ۾ پريون ۽ ٻار ٻــل گيهه جا چراغ،
گهر جي پيديءَ تي اچڻ ويساهه، سو دشوار آهه.

"صائب" جي ڪلام ۾ اثر، ڪيف ۽ زور آهي، جو جذباتي شاعريءَ ۾ هجڻ گهرجي. هن جي ڪلام ۾ گهڻو ڪري درس ۽ پيام ملي ٿو، جا خصوصيت هن کي ممتاز ۽ قديم شاعريءَ جي تغزل جي رنگ کان ڌار ڪري ٿي. هو پنهنجي سڌي سوڌي، عام فهم ۽ دلنشين انداز ۾ اهڙيون حقيقتون ۽ معرفتون بيان ڪري ٿو وڃي، جن کي ضمير مڃڻ لاءِ تيار آهي ۽ عقل قبول ڪري ٿو ۽ دماغ جن کان متاثر ٿئي ٿو. اهڙيءَ شاعريءَ جي هن دور ۾ گهٽي اٿاٿ آهي، باقي خرافات جي ڪمي نه آهي.

جنهن غزل جو شعر هيٺ ڏيون ٿا، تنهن غزل جو قرينو ئي ڏيکاري ٿو ته جتي اهو رت جو ذڪر ڪري ٿو، سو ڪو معمولي رت نه آهي، بلڪ هڪ شهيد جو رت آهي، جو ڪڏهن رائگان نٿو وڃي، بلڪ جتي ڪٿي پنهنجو رنگ ڏيکاري ٿو.

خون جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي، انهيءَ ڪري اهو مٽي جي ڳاڙهي رنگ، شفق جي ڳاڙهي رنگ، قوس قزح جي ڳاڙهي رنگ ۽ لالہ جي ڳاڙهي رنگ ۾ آهي. اهو تنهنجي ئي رت جو رنگ انهن ۾ ڪارفرما آهي. نهايت انوکو خيال آهي. هاڻي اهو شعر ملاحظہ فرمايو:

تنهنجي لهو جو رنگ عجب رنگ لائي ٿو،
مٽي ۾، شفق ۾، قوس قزح، لالہ زار ۾.

شاعر 'تنهنجي لهو جو رنگ' چوي ٿو، ان جو قرينو فقط اهو رنگ ٿي سگهي ٿو، جو هن پنهنجي وطن جي لاءِ شهيد ٿي ڏنو آهي. انهيءَ خون جي رنگ جو هي مرتبو آهي جو تون ان کي مٽي، شفق، قوس قزح ۽ لالہ زار جي رنگن ۾ ڏسين ٿو. ڏسو ته شعر ۾ ڪيترو نہ ڪيف سمايل آهي:

ديدار يار توکي مطلوب آهہ "صائب"،
جانبازيءَ وفا جو پهرين تہ امتحان ڏي.

يار جي ديدار جو طلبگار آهين، سو ڪو اهڙو سولو آهي جو حاصل ٿي ويندو؟ نہ نہ، بلڪل نہ، توکي پهرين امتحان ڏيڻو آهي. اهو ڪهڙو امتحان آهي؟ اهو امتحان آهي وفا جو، جنهن ۾ پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏين تہ پوءِ توکي ديدار نصيب ٿيندو. اهڙو سولو نہ آهي تہ تمنا ڪندين ۽ ڏسي وٺندين؟ شعر ۾ جيڪو زور آهي، سو ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي.

ساڳئي خيال جا شعر آهن، مگر مختلف اثر ٿا رکن. ملاحظہ فرمايو:

ڪيو نسيمِ سحر چاڪ پيرهن گل جو،
جفا جو شال نہ ڪنهن کي خيالِ خام هجي.

پيرهن گل جو هميشہ چاڪ ٿيندو ٿو رهي،
وه نسيمِ صبح هي تنهنجي نزاڪت جو شڪار.

ٻنهي شعرن ۾ لفظ قريب قريب ساڳيا آهن. مثلاً نسيم سحر يعني نسيم صبح، يعني صبح جو جيڪا هير ڳهلي ٿي؛ پيرهن گل، يعني گل جي قميص. چاڪ ٿيڻ گل جي قبا يا پهراڻ جو چٻو آهي گل جي ٽڙڻ، شگفتہ ٿيڻ يا ڦٽي يا ڪلي پوڻ ڪي. صبح جو جڏهن ٿڌي ٿڌي هير لڳندي آهي تہ گل ٽڙي پوندا آهن. اهو سڀڪجهہ مشاهدو آهي. اها ڳالهہ ٻنهي شعرن ۾ شاعر ساڳي ڪئي آهي، پر هرهڪ شعر جي مصرع ۾ نتيجو مختلف ڪڍيو اٿس. پهرئين شعر ۾ چوي ٿو تہ نسيم سحر گل جو پيرهن چاڪ ڪيو: اها جفا ان جو خام خيال هو، چاڪاڻ تہ اهو گل جو ٽڙيو تہ ان کي سڄي دنيا پسند ڪيو؛ تنهنڪري نسيم جي جفا، جفا نہ ٿي، خام خيال ٿي پيو. گل جي پيرهن چاڪ ٿيڻ کي هو استعاري جي طور جفا ٿو سڏي. ٻئي شعر ۾ هو نسيم صبح جي نزاڪت ٿو سڏي، گل جي پيرهن چاڪ ٿيڻ ڪي، يعني گل نسيم صبح جي نزاڪت جو شڪار ٿيو جو ڦاٽي ٽڙي پيو. شاعر انداز بيان جا ٻہ پيرايا ورتا آهن، جي ٻئي نهايت دلپسند آهن.

وري هي ٻہ بيت ملاحظہ فرمايو:

شبنم ضعيف آهہ پر، گل جو دهن ڪري ٿي تر،
اهڙي مفيد چيز کي، سهرِ نظر نہ ڪر تلف.

گل جي ساغر ۾ ڏسان ٿو ماڪ جا قطرا مگر،
جلد هي معصوم ٿي وينداء حرارت جو شڪار.

انداز بيان ٻنهي شعرن جو مختلف آهي، جيتوڻيڪ مفهوم قريب قريب ملي جلي ٿو. ماڪ جا ڦڙا گل تي آهن، پر انهن جو انجام اهو آهي، جو ٻئي نابود ٿا ٿين. پهرئين شعر ۾ شاعر اهو ڏيکارڻ ٿو گهري تہ ماڪ جا ڦڙا گل جي شان و شوڪت جي اڳيان حقير آهن، پر انهيءَ هوندي بہ گل جي وات کي تر ٿا رکن، تنهنڪري مفيد چيز آهن. اي سهر نظر، انهن کي ناس نہ ڪر. ٻئي شعر ۾ چوي ٿو تہ گل جي پيالي ۾ ماڪ

جا ڌڙا ڏسان ٿو، جي آس جي حرارت جي ڪري ان جو شڪار ٿي ويندا يعني باڦ ٿي آڏامي ويندا. پهرئين شعر ۾ شبنم ناچيز هوندي به هن جي فوقيت ڏيکاري ٿو، جو گل جي آڄ وسائي ٿي، تنهنڪري سني شي آهي، جنهن کي نابود نہ ڪرڻ گهرجي. ٻيو شعر سائنس جو مسئلو ٿي رهجي ويو آهي.

اچا بہ جادهٔ هستي تي گامزن رهبو،
ڪٿي پسو منزلِ مقصود چندگام هجي.

ڪهڙو نہ سٺو سبق ڏئي ٿو تہ سهي وانگر ائين نہ سمجهو تہ منزل مقصود ٿورو قدم آهي، پهچي وڃبو، ٿورو آرام تہ ڪري وٺجي، پر ڪڇونءَ وانگر آرام نہ ڪجي، بلڪ هستيءَ جي واٽ تي گامزن رهجي. "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ناهي ويل ويهڻ جي."

عشق وارن سان پڇي ٿو عقل جو محتاج ڪٿ،
حسن جي محفل ۾ اچ، پر عقل کان بيگانہ ٿي.

هي شعر حقيقت ۾ شاهہ لطيفءَ جي هن خيال جو تفسير آهي:

الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

نوجوانن کي جيڪو درس ٿو ڏئي، سو ڏسو:

ادب جي هر روايت سان بغاوت ڪر ڀلي ليڪن،
نہ ڪر ضايع ٻيءَ تخريب تون تاب و توان پنهنجي.

ڪي نوجوان سوشلسٽن ٿي ور چڙهي ادب جي سهڻين روايتن سان بغاوت ڪندي ڪندي تخريبي ڪارروايون ڪرڻ لڳا، تن کي چوي ٿو تہ ادب جي روايتن سان ڀلي بغاوت ڪر، ان ۾ ايترو نقصان نہ آهي، پر تخريبي ڪارروائي ڪندين تہ پنهنجي طاقت کي ضايع ڪندين، ۽ جڏهن طاقت ضايع ٿي ويندي تہ ڪنهن ڪم جو نہ رهندين، تنهنڪري سيڪجهہ ڪر، پر پنهنجي طاقت ضايع نہ ڪر.

نهايت سني صلاح ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن سٺا عمل هوندا تہ سٺو فائدو پهچندو. حقيقت ۾ نڪو باغ آهي ۽ نہ صحرا، نہ خارزار. نيڪ عمل هوندا تہ باغ ئي باغ نظر ايندا:

سـب ڦـل عمل جـا آهن، ڇا خار يا هجن گل،
دراصـل بـاغ و صـحـرا يـا خـارزار ڪونهي.

صدف مـان گوهر ناياب ٿـو پيدا ٿـئـي ليڪن،
صدف وانـگر نٿو سيڪو ڪري محنت ۽ ٻاڏائي.

دعويٰ ٿو ڪري ته سپ مان ناياب موتي پيدا ٿا ٿين ۽ ان جو دليل ٿو ڏئي ته جيڪو محنت ڪندو ۽ ٻاڏائيندو ته ان جو اوس، ڦل ملڻو آهي، جهڙي طرح سپ محنت ڪري ۽ ٻاڏائي ٿي ته گوهر ناياب پيدا ڪري ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن ۾ نظم چوڻ جو شوق موجوده دور جي ادبي رجحانن جو نتيجو آهي. سنڌي ٻولي انهيءَ ذخيري تي ناز ڪري سگهي ٿي، ڇو ته ان جو ڪافي ذخيرو اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهي. ”صائب“ غزل ۽ نظم ٻنهي ۾ ڪاميابيءَ سان طبع آزمائي ڪئي آهي، پر عموماً ڏٺو ويو آهي ته جيڪي غزل سان وڌيڪ دلچسپي رکندا آهن، تن جي نظمن ۾ وڌيڪ پختگي نه هوندي آهي، جيئن موجوده دور جي نام نهاد ترقي پسند شاعرن مان ڪي پاڻ کي اعليٰ درجي جا نظم گو شاعر سمجهي ويٺا آهن، پر جيڪڏهن انهن جي نظمن جو جائزو وٺبو ته ڳالهه ڪا ٻي نظر ايندي. سواءِ چند شاعرن جي ٻيا فقط خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهن.

گهڻو ڪري جن جو ڌيان نظم جي طرف هوندو آهي ۽ ان ۾ هو مشاق هوندا آهن ته انهن جا غزل ڪمزور هوندا آهن، پر ”صائب“، حيرت جي ڳالهه آهي ته نظم ۽ غزل ٻنهي نهايت ڪاميابيءَ سان چئي سگهي ٿو. اهڙو اجتماع سنڌي شاعرن ۾ جيڪڏهن ناياب نه آهي ته ڪمياب ضرور آهي.

فطرت ”صائب“ کي اهڙي همه گير طبيعت عطا فرمائي آهي جو حتي هو پنهنجن غزلن ۾ تصورات کان ڪم وٺي محبت ۽ معرفت جي جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪري سگهي ٿو،

آتي پنهنجن نظمن ۾ انسان جي زندگيءَ جا گوناگون مرقعا به چٽڪي ڏيکاري سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ هڪ شاعر جو تخيل هڪ باڪمال مصور جي قلم سان همڪنار نظر اچي ٿو. ٻوليءَ تي هن کي پوري پوري قدرت حاصل آهي ۽ لفظن جي چونڊ هن جي انداز بيان جو جوهر آهي. هن جا غزل ۽ نظم بئي اعليٰ معيار جا هوندا آهن. هن جي وڏي خوبي هيءَ آهي ته جنهن قسم جو خيال ادا ڪرڻو هوندو آهي، انهيءَ قسم جا لفظ استعمال ڪندو آهي. زبان پاڪيزه، سٺري ۽ شعر جي تخيل سان هم آهنگ هوندي آهي. مٿي اسان اهڙا ڪيترا مثال غزلن مان ڏيکاريا آهن. هاڻي اسين هن جي نظمن ۽ ٻين صنفن مان مثال ڏيئي، هن مقالي کي پورو ڪريون ٿا. "احساس زيان" نظم ملاحظه فرمايو، جو هڪ سرسبز باغ کي اجڙيل حالت ۾ ڏسي لکيو ويو آهي:

بارها گل پن ڇڻيا ۽ بارها آئي خزان،
پر مٽايائين نه ڪڏهين، باغ جو نام و نشان.
هي ويا ڪاڏي هليا اڄ موتيو، مگرو، گلاب،
سي پري چهره ڪٿي سڀ، ڪجهه ته چؤ اي باغبان.
چشم فتنه زا ڪٿي ۽ رات جي راڻي ڪٿي،
جن گذاريون راتڙيون نرگس بيمار سان.
سنبل پيچان سان گڏ زلفِ پريشان جو فشار،
ڪاڏي اڏايون ڪرڻ وارا ويا سي مهربان.

هڪ باغ جي اجڙجي وڃڻ جو بيان آهي، تنهنڪري باغ جا لوازمات منڍ ۾ آندا ويا آهن ۽ مختلف گلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. شعرن جي رواني ۽ سلاست ۽ لفظن جي چونڊ ۽ انتخاب قابل غور آهي. نظم ۾ مضمونن جي ترتيب به قابلِ ديد آهي ته جڏهن باغ سرسبز هو ته ڪيئن مهمان اچي گڏبا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئا:

جن ملي منڙن ڪيا تي، پنهنجي پر ۾ چار چونڪ،
سات تي سي چو ويا، سوسن صفت اهلِ زبان.

اهل بلاغت هن شعر جي باريڪي ۽ نزاڪت جو داد ڏيئي سگهندا. "اهلِ زبان" کي "سوسن صفت" سڏڻ "صائب" جو ئي ڪم آهي. لفظ "منڙن" جيڪا شيريني پيدا ڪئي آهي، سي شيرين دهن ئي سمجهي سگهندا. انهن منڙن، پاڻ ۾ گڏجي چار چونڪ ڪرڻ وارن کي "اهل زبان سوسن صفت" سڏي، شعر کي نهايت بليغ ڪيو ويو آهي.

منين ڳالهين ڪرڻ وارن کي استعاري طور پپيهو سڏڻ به شعر کي ڏاڍو بليغ ڪيو آهي:

جن جي ٻولڻ تي پپيها پاڻ حيرت ۾ هئا،
سي منا آهن ڪٿي، گلڙا گلن جا رازدان.

اهڙو نقشو چٽي، باغ جي ويراني ڏيکاري ٿو ۽ هڪ تهذيب جو نشان گم ٿيڻ ثابت ڪري ٿو:

گرچه ظاهر ۾ ته اجڙيو آهه ننڍڙو گلستان،
پر ويو گم ٿي هتان تهذيب جو هڪڙو نشان.

نيٺ انهيءَ نتيجي کي پهچي ٿو ته دستِ فتور کي اها سزا ڏجي جو هن جون آڱريون وڍي ڇڏجن ته ٻيا ڏسي عبرت حاصل ڪن:

جيڪي ٽيڙو هو ٿيو، پر ياد رک دستِ فتور،
آڱريون تنهنجون قلم ڪرڻيون ئي پونديون بي گمان؛
تاڪ ايندڙ وقت من تو کي ڏسي عبرت وٺي،
تي رهي خود حسنِ فطرت جو امين و پاسبان.

"صائب" جي نظمن ۾ رسمي خوبين کان قطع نظر، جيڪا ڳالهه مون کي سڀ کان وڌيڪ پسند آهي، سا جزئيات جي تڪميل آهي. تصوير ڪشيءَ ۾ ڪا سٽ، ڪو لفظ اهڙو نٿو

ٿئي، جنهن جي ڪمي محسوس ٿيندي هجي. جنهن شعر جي جهڙي تصوير موصوف جي ذهن ۾ هوندي آهي، بعينہ اها شي ڪاغذ تي بہ اچي وڃي ٿي. تصويرڪشيءَ جو هڪ بند ملاحظہ فرمايو:

يار سنهڙا، محب منڙا، اڪ نشيلي، ڏيل چال،
مرگهہ نيڻن، ڪونج ڳچڙين، وات ڪاتڻ جو خيال،
سمجهہ وارن سمجهي ورتو، ٿوهہ جي هن سونهن کي،
سون جي پاڻيءَ تي هر ڪيا ڪين، نڪري ويا پري.

بعض نظمن ۾ جذبات ڏاڍي موثر طريقي سان ادا ڪيل آهن:

گلن ڦلن جي انجمن، گلاب و لالہ و سمن،
ڪليءَ ڪليءَ کي ناز هو ۽ حسن بي نياز هو،
چپن تي ڪن جي راڳ هو، هٿن ۾ ڪن جي ساز هو،
چمن سڄو هو نغمہ زن، نظر نظر ۾ راز هو،
نہ رنج هو نہ آز هو، نہ رنگ امتياز هو.

”صائب“ وٽ حب ِ وطن جي ڪمي نہ آهي. ان ۾ هو سرشار آهي ۽ مختلف نمونن سان هن جذبي کي ظاهر ڪيو اٿس:

ملڪ جا مانجهي رجز اهڙو تہ ڳائيندا ويا،
سر جو سانگو لاهي اڳتي وک وڌائيندا ويا،
راهہ ۾ هر هڪ رڪاوٽ تي وڌي ويرين مگر،
مشڪلون آسان ٿيون ۽ ٿي ويو سولو سفر.

حب الوطنيءَ لاءِ چوي ٿو تہ عزم بلند هئڻ گهرجي:

هٿ ۾ جانبازن جي هو چاڙ، ليڪ اي عزم ِ بلند،
پوءِ بہ ٿي جهڪندي ويا، تن اڳيان اهل ِ ڪمند،

جوش جذبي ۽ صداقت جي ڪري ٿيا ڪامياب،
زنده باد اي انقلاب و زنده باد اي انقلاب.

حب الوطنيءَ جو ٻيو نمونو ڏسو:

اڄو اڄو مجاهدو، ورو ورو مجاهدو،
وطن پڪاري ٿو اٿو، وطن جا واهرو ٿيو،
وساري اختلاف سڀ، سڀئي سرخرو ٿيو،
وطن جون خدمتون ڪري، وطن جي آبرو ٿيو،
هلو ته غير سان هاي، ملي ڪريون مقابلو.

وطن جي لاءِ سندس جذبا، نظم "سنڌڙي" ۾ ملاحظه فرمايو:

منهنجي جندڙي، توتان سنڌڙي،
شال ٿئي قربان.
منهنجي جندڙي، توکي سنڌڙي،
شال اچي ڪنهن ڪم.
سچ ٻچ ٿيندو پوءِ سجايو،
تو ۾ منهنجو جنم.

اهڙن جذبن سان سڄو نظم پُر آهي.

"صائب" اڪثر نظمن ۾ اخلاق آموزي طرح طرح سان ڪئي آهي، پر ڪنهن شعر کي به شاعرانه تخيل کان خالي نه ڇڏيو اٿس:

رک خوديءَ سان پنهنجي همت، چؤ نه ڪنهن کي جي حضور،
شان آزاديءَ ۾ پنهنجي ڪينڪي اچي فتور،
پاڻ تي ٿي حڪمران ۽ پاڻ پنهنجو ٿي مزور،
پنهنجي هستيءَ جو، رهي آزاد، قائم ڪج مقام،
اي پسر! اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

هن بند ۾ جيڪا سلاست، زور ۽ رواني آهي، سا چڱيءَ طرح آشڪار آهي.

اسانجن آبتن طريقن کي کھڙي نہ سھڻي نموني سان ننديو اٿس جو ھڪ نصيحت جي نصيحت آھي، تہ ائين نہ ڪرڻ گھرجي. ھرڪو ان کي پڙھي چوندو تہ سچ ٿو چوي. ھيءَ مشاھدي جي ڳالھہ آھي:

ذاريـــن کـــي ھـــٿ ســـان ورسائڻ،
پنھنجن کـــي خـــوش ٿـــي ڪيرائڻ،
پـــاڻ کـــي ڏاھـــو پـــوءِ بہ سڏائڻ،
آھہ اسان جي ريت.

شاعر جو ڪلام ھن جي ڪردار جي خصوصيتن جو آئينہ دار ٿـو ٿئي. شاعري دل جـو آواز ٿئي ٿـي، تنھنڪري ناممڪن آھي تہ شاعر جو ڪلام ھن جـي دل جو ترجمان نہ ھجي. اھوئي سبب آھي تہ ڪنھن شاعر جي شاعريءَ جي خصوصيتن تي راءِ زني ڪرڻ کان اڳي، ھن جي ڪردار جي خصوصيتن جو مطالعو ضروري ٿيندو آھي، ڇاڪاڻ تہ بنا ان مطالعي جي ھن جي ڪلام جي رنگ جو صحيح اندازو لڳائڻ قريب ناممڪن آھي. اسان حتي المقدور "صائب" بابت مٿي گھڻو ڪلام ڏيئي آيا آھيون ۽ انھيءَ روشنيءَ ۾ ھن جي نظمن ۽ غزلن مان گھڻا مثال پيش ڪيا آھن. "صائب" ھرقسم جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي آھي، حتيٰ ڪہ مغربي ۽ پين ملڪن جـي صنفن جـي شاعريءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي آھـي، جھڙوڪ ترائيل، سانيٽ، ٽيڪڙا، رباعي وغيره. اھي ڳالھيون ھن جي قادرالڪلاميءَ تي دال آھن.

شاعري دل ۾ سوز و گداز پيدا ڪري ٿي؛ لطفِ احساسات جي نشونما ڪري ٿي؛ انسانيت جي جذبن کي بيدار ڪري ٿي ۽ ماڻھوءَ کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائي ٿي. منھنجي خيال ۾ شاعري انسانيت جوئي نالو آھي ۽ دنيا جا واقعا ڏيکارين ٿا تہ ان معيار تـي پورا لھڻ وارا ئي اھي شاعر آھن، جـن

پهرين صف ۾ جڳهه حاصل ڪئي آهي. انهيءَ لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته بهترين شاعر بهترين انسان ٿو ٿئي. محبت، خوشي، اخلاق، انڪساري، ڪمال، انسانيت جون نمايان خصوصيتون آهن ۽ ان ۾ شڪ نه آهي ته اهي خوبيون "صائب" ۾ نظر اچن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو هن جو ڪلام ابتذال، فحاشيءَ ۽ عريانيءَ کان پاڪ نظر ٿو اچي ۽ اها ڳالهه هن جي ڪردار جي وڏي خصوصيت آهي.

جتي پنهنجن نظمن ۾ سياست جي ڪا ڳالهه آندي اٿس، اتي ڏسبو ته ان ۾ جوش آهي، زور آهي، پر اعتدال ڪٿي به هٿان مان نٿو وڃي:

هڪ جي دنيا کي ڇڏي اڄ پيو چراغان پيو ڪري،
زور ۽ زر جي پراڻي ڪين ڏاڍائي وئي.

هن سياسي شعر ۾ لفظ "پراڻي" ڏاڍي اعتدال جو ڪم ڪيو آهي. اڳتي جوش ۽ زور ملاحظه ڪريو:

انهن جي ئي هٿ باغ جي واڳ آئي،
حياتي گلشن جي اچي جن مٽائي.
ڪيو ملڪ ۾ اهڙو مانداڻ پيدا،
جو هستي سڄي زهر پنهنجي بنائي.

اڃا آ اثر زهر جو ان فضا ۾،
نشان جو نشان ۾، عصا جو عصا ۾.
مگر پاڙ ٽڪريءَ تي رکجي ٿي جنهن جي،
سو آهي ائين ڇڻ کو پٿر خلا ۾.

مذهبي نظمن ۾ رنگ عقيدت جام آهي، پر ان ۾ نڪو ضد نظر ايندو نه تعصب. هي ملاحظه فرمايو:

ڪير هو جنهن هو ڪيو غار ۾ ڪسبِ ڪمال،
جنهن جي حڪمت دوستو! اڄ به آهي لازوال،
زندگيءَ کي جنهن ڏنو، سونهن، سوڀيا ۽ جمال،

جنهن ڪيو اخلاق جي نخل کي نئين سر نهال،
هو جنهين جي فڪر ۾ بادشاهن جو جلال.

رباعي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ هر قسم جا مضمون اچي سگهن ٿا. اهوئي حال قطعي جو آهي. ان ۾ مضمون مسلسل رهن ٿا. حمد ۾ هڪ رباعي ڏسو:

ا. الله سدا آهه سڀن لئه جو ڪريم،
ل. للهٰ ٿيو جڳ ۾ نه جهڙس ڪو رحيم؛
ا. آهي هنڌين ماڳين حاضر ناظر،
ه. ههڙو ڪو پيو ٿيندو اسان لاءِ نعيم.

هيٺين رباعيءَ جو اندازِ فڪر ملاحظہ فرمايو:

موسل جو حسن، ڪاڪ جي درد سري،
سوسل جو عقل ۽ نظر حرص پري؛

راڻي کي روڪ ڇا ڪندا اهڙا افسون،
جن ۾ نه سچائي، نه حقيقت جي ذري.

مٿينءَ رباعيءَ ۾ جيڪي ڪي چيو ويو آهي، سو حقيقت تي مبني آهي.

هيٺين رباعيءَ جو اندازِ بيان مٿين رباعين کان جداگانه آهي:

غنچن ۾ آهه غل بڪاريءَ وڏو،
مارو ڪو پکين ۾ وجي ماريءَ وڏو؛

هڪڙن جو ٿيو موت، ٻين جو گذران؛
قدرت جو عجب هي کيل گهاريءَ وڏو.

”صائب“ جا قطعا ۽ رباعيءَ وانگر سلاست، روانيءَ، درد، تاثير، احساسِ قوميت ۽ فلسفيانه مسئلن سان ڀريا پيا آهن:



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

مرڪ سان سڪڙي وڃائي ٿي ڇڏي پنهنجو وجود،
گل ٿي ٻڌجي ۽ وڌائي ٿي چمن جو رنگ و بو:
فائدو ٻئي جو ٻہ ٿئي، پنهنجو ٻہ ٿئي نام و نمود،
ڪم جو اهڙو ٿو ڪري سو ڪيئن نہ ٿئي پوءِ سرخرو.

مٿئين قطعي ۾ نہ رڳو فلسفو سمايل آهي، پر حسنِ بندش ۽ تخيل جي بلندي بہ آهي.

هيٺئين قطعي ۾ فلسفي سان گڏوگڏ پند ۽ نصيحت تي بہ غور ڪريو:

مون گهڙا جن جا پريا، سي ٻہ آيا ڪين ڪم،
هٿ مٿي تي ٿا اچن، هي حال يارن جا ڏسي:
ڪر ڀلي خدمت مگر، بي لوث ٿي تون پير پير،
ڇڏ ڇڱائي ڪين پنهنجي، ڪم هچارن جا ڏسي.

ٻين ٻولين جي صنفن کي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي نہ رڳو ترقي ڏني اٿس، بلڪ اوج تي پهچايو اٿس، تاڪ سنڌي ٻولي بہ دنيا جي وڏين ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي، پنهنجو ٻاٽ مٿي رکي سگهي. انهن صنفن ۾ بہ اخلاق جي لهر شعرن ۾ موجزن نظر اچي ٿي. قوميت هن جو شعار آهي ۽ وطن پرستي معيار. ڪٿي ڪٿي قوم جي اصلاح پنهنجو فرض ڪري ورتو اٿس ۽ مقامي رنگ هن جو اخلاق آهي. هن جي نظمن ۾ بحيثيتِ مجموعي جوش، صفائي، زور، حقيقت، اعتدال، صحت، رواني، جدت، اثر، شيريني ۽ مقامي رنگ سڀڪجهہ آهي، بشرطيڪ تعصب ڇڏي نظرِ بينا سان هن جو ڪلام ويهي ڏسجي. مٿيون ڳالهيون اسين هن جي مختلف قسم جي ڪلام ۾ ڏيکاريندا آيا آهيون. هاڻي غير ٻولين جي صنفن جا مثال هن جي ڪلام سان پيش ڪري، پنهنجي مقالي کي ختم ٿا ڪريون.

ٽڪرن جا مثال:

(١) ڪير فردوسي ٿئي،
جو وري هڪ داستان
اچ لکي سنڌ جو ڏئي.

شاعر سمجهي ٿو فردوسيءَ "شاهنامو" لکي، پنهنجي ملڪ ايران جي هڪ اهڙي خدمت ڪئي آهي، جا جيسين هيءَ دنيا قائم آهي، قومن لاءِ خدمتِ ملڪ و قوم جو هڪ شاندار مثال رهندو. تنهنڪري پنهنجي ملڪ جي اديبن شاعرن کي به اشارو ڪيو اٿس ته پنهنجي ملڪ لاءِ فردوسيءَ جهڙو ڪو ڪارنامو ڪري ڏيکارين.

(٢) بتن سان وفا ۽ خدا سان دغا،
گهٽن سان محبت ۽ هڪ ساڻ وير،
انهيءَ آ ڪيو تو ۾ پيدا خلا.

هيءَ نهايت عمدي طنز آهي، جو مسلمان هوندي به خدا ۽ خدا وارن سان وير رکي ملڪ ۾ خلا پيدا ڪيو آهي. شعرن ۾ اعتدال کان ڪم ورتل آهي، ڪا تعصب ۽ ضد جي ڳالهه نه آهي.

(٣) ڌرتيءَ جا گل تارا بڻجي،
باغن ۾ ڏيندا ڏيک وڏو،
شبنم ايندي چارا بڻجي.

هي ٽڪرو نيچرل نظم جو هڪ مثال آهي، جتي گل، باغ ۽ شبنم جو ذڪر آيل آهي، جنهن ۾ حسنِ بندش ۽ تخيل جي بلندي قابلِ ديد آهي. تخيل جي بلنديءَ جو ٻيو هڪ عمدو مثال ملاحظه فرمايو:

(٤) چشمِ گل ۾ آبِ نيسان جو ڪِريو قطرو اچي،
مهر سان موليٰ گلن جي مير ڌوئي خود ڇڏي،
نرگسِ شهلا جي اک ويئي ڌوپي صاف ٿي.

سنڌي زبان ۾ گيت به ٻاهران آيل شي آهي، يعني اهو هندي شاعريءَ مان آيل آهي:

تنهنجي طعنن ساري آهيان،
پاڙي ۾ جهڙ ڏاري آهيان،
پياري پياري ناريءَ هوندي،
عيبنهاڻي ڪاري آهيان،
موٽ مسافر سپرين.

ساٺون آيو پاڻي برسيو،
ٻر جو ٻوٽو ٻوٽو ورسيو،
هنجون هاريان، ڳوڙها ڳاڙيان،
ساجن تو لئه ترسيو ترسيو،
موٽ مسافر سپرين.

گيتن ۾ گهڻو ڪري لفظ ڏاڍا سادا سوڌا هوندا آهن، مگر مفهوم ڏاڍو دل ڏاريندڙ هوندو آهي، جنهن ۾ جوش، زور ۽ رواني ڏسڻ وٽان هوندي آهي. مٿئين گيت ۾ ٽيپ جي بند عجب بهاري لائي ڏني آهي.

هن گيت جو انداز بيان جدا آهي، مگر منجهس ساڳي رواني، جوش ۽ جذبا آهن. "صائب" جي گيتن لکڻ جو انداز نهايت عمدو ۽ دل ڇڪيندڙ آهي:

آڳ لڳي جا اندر ۾،
سا پينر چاٽو ڪين!

جيءَ جلي تو، هانءُ ٻڏي ٿو،
ڪؤنتل دل جو ڪين ڪڏي ٿو،
اندر وارو پاڻ ٽڏي ٿو،
ويهي ڪنهن سان سور سليان،
قصو ٽيندو ڪيئن.

مهڻا ڏيندي ڪير مرڙي ٿو،
ڪير گهري ٿو، ڪير جڙي ٿو،
ڪير سگهو آ، ڪير چڙي ٿو،
ڪنهن جي ڪارڻ ميٽ مليان،
قصو ٿيندو ڪيئن.

ٻيو ٻاهرئين نظم جو نمونو ترائيل آهي:

(۱) جنهن دم سڄڻ اک ٿا ڪڻن،
دل ٿي ڏري، وڏ ٿا پون:
باغن ۾ سؤ گل ٿا ٽڙن،
جنهن دم سڄڻ اک ٿا ڪڻن.

دل جا مٺل ڪيڏانهن وڃن،
ڪنهن سان ڪڇن، ڪنهن کي چون.
جنهن دم سڄڻ اک ٿا ڪڻن،
دل ٿي ڏري، وڏ ٿا پون.

(۲) ڪٿي ساز آهي، ڪٿي سوز آهي،
اهو اصل کان ئي ته دستور آهي:
سدائين نه ڪنهن وٽ نوروز آهي،
ڪٿي ساز آهي، ڪٿي سوز آهي.

مگر داستان دل جو دلدوز آهي،
ٻڌائي چا انسان مجبور آهي:
ڪٿي ساز آهي، ڪٿي سوز آهي،
اهو اصل کان ئي ته دستور آهي.

هڪڙو نمونو نظم جو سانيٽ به آهي:

رات جي تات

ڪا رات تنهنجي تات هئي،
توکي ڪيو ڪنهن ياد هو،
محفل سجيءَ ۾ شاد هو،
بس، ڇا ڇوان ڇا بات هئي.

دل شل نہ ڪا پرجي اچي،
پوءِ برهہ جي برسات ڏس،
ڪا نير وهندي رات ڏس،
هر آڪ نہ ڪيئن تر ٿي اچي.

شايد پنل کي نيڻ ها،
جن رات ساري هو رنو،
کو ڪم نہ تن ڪان هو پنو،
جن کي مليا کي ويڻ ها.

اي چشم گل، ڪر ڳالهہ ڪا،
توسان بہ ويدن آهہ ڇا؟

انهن ستين نظمن ۾ هڪ عام ڳالهہ نظر ايندي تہ انهن نظمن ۾ سوز و گداز هوندو آهي، حسن تخيل هوندو آهي ۽ ڪلام ۾ جوش ۽ زور هوندو آهي ۽ جيڪڏهن شاعر ڪوشش ڪري رواني، صفائي، سلاست، لطف زبان ۽ محاوره بندي سان "صائب" وانگر پنهنجي ڪلام کي سينگاريندو تہ اها شاعري، شاعري ٿي پوندي. اسان کي جڏهن اهڙيون ڳالهيون "صائب" جي ڪلام ۾ نظر آيون، جن کي اسان مثالن سوڌو ناظرين اڳيان پيش ڪري ڇڏيو آهي تہ هو بہ ان کي مطالع ڪري حظ حاصل ڪن.

**- ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل"**

# شاعري- ماحول جي اهم ضرورت

شاعريءَ بابت عام طرح چيو وڃي ٿو ته اها قدرتي ڏات آهي، ان لاءِ ڪنهن تربيت جي ضرورت ناهي. اهو خيال انهن سهل پسندن جو آهي، جيڪي شروعات ۾ محنت طلب تربيت کان ڪنڌ ڪڍائي، بنا ڪنهن وسيلي واهه جي شاعريءَ جا پڙ پڌي آپ ڏانهن آڏامڻ جا حيلا هلائي خلق ڪلائيندا آهن. اهڙا شاعر اڃي ڏاڙهيءَ تائين الهڙن جيان بيجوڙ لفاظي ۽ تڪبنديءَ ۾ ڪاگر ڪارا ڪندا رهن ٿا، جنهن لاءِ ڪيئي مثال موجود آهن. خاص ڳالهه ته شاعريءَ جي تربيت سبب ان ۾ پختگي پيدا ٿئي ٿي ۽ مشاهدي کي پڻ تقويت ٿي پهچي، جنهنڪري شاعر جو ڪلام معياري بڻجي، مقبوليت حاصل ڪري ٿو. ٻيءَ صورت ۾ شعر بي معنيٰ ٿيو پوي ۽ ان جي پڙهڻ مان ڪوبه لطف محسوس نٿو ٿئي.

ياد رهي ته شاعري، ماحول جي اهم ضرورت آهي ۽ ان ۾ ماحول جي تبديلي سان گڏ مواد، موضوع ۽ معيار جي جدت پيدا ڪئي وڃي ٿي، جيئن اها وقت جي حالتن سان پوريءَ ريت ٺهڪي اچي. انهيءَ صورتحال سان شاعر تڏهن سنمڪ ٿي سگهندو، جڏهن ڪيس ڪا تربيت مليل هوندي. اها تربيت نه رڳو شاعر لاءِ ضروري آهي، پر غير شاعر به ان سان تعلق رکندا ته سندن لاءِ بهتر ٿيندو. هر شخص لاءِ هڪ عالم، استاد، اديب ۽ دانشور جي حيثيت ۾ لازمي آهي ته هو پيو نه ته به شعر جي پڙهڻيءَ مان ته واقف ضرور هجي، جيئن هو

پنهنجي درس، تبليغ، تقرير ۽ تحرير دوران صحيح نموني شاعريءَ جو ڪو شهپارو حاضرين يا قارئين اڳيان دلچسپ انداز ۾ دهرائي سگهي.

هتي جنهن شاعريءَ جي واڪاڻ ڪئي وئي، تنهن مطابق سنڌ جي ڪهنه مشق شاعر محترم عبدالقيوم "صائب" جو مجموعہ ڪلام مطالعي هيٺ آيو جيڪو انهيءَ معيار تي پورو پئجي اچي ٿو.

"صائب" صاحب استاد الشعراء مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" جو شاگرد رشيد آهي، جنهن معياري شاعريءَ کان علاوه "رهنمائے شاعري" نالي عروض تي ڪتاب لکي، نوآموز شاعرن جي رهنمائي ڪئي هئي. سو هي صاحب بہ شاعريءَ ۾ درحق استاد شاعر جي حيثيت رکي ٿو. پاڻ بہ "عروض جا آهڃاڻ" نالي ڪتاب لکي چڪو آهي، جنهن ۾ ڪي نوان بحر روشناس ڪرايل آهن.

> "افسوس آهي جو سنڌ جا ادبي ۽ علمي ادارا، ان پاسي ڪو ڌيان ئي نٿا ڏين تہ اهڙا شاهڪار ڪتاب جيڪي علم ادب ۾ بنيادي اهميت رکن ٿا، تن کي اشاعت هيٺ آڻي اها ڪمي پوري ڪئي وڃي، جا سنڌي ادب ۾ شدت سان محسوس ٿيندي رهي ٿي."

عزيزم "صائب" صاحب جي شاعريءَ جي اها خصوصيت آهي تہ هن جي هر صنف وزن بحر جي وصف سان سنواريل آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا گهٽ وڌائي نظر نٿي اچي. ساڳيءَ ريت ان ۾ لفظن جي سٽا بہ سهڻي انداز سان ڪيل آهي:

(١)

جـايـون تـوکـي جـيءَ ۾ ڏيندس،
ڏاهـو ٿـي، ڏيـهـي! اچ پـيـهـي،

خاص خلاصيون ڳالهيون آهن،
مون کي توسان ڪرڻيون ويهي.

(٢)

لوئي اوڏي لاڪ رتي،
ماٺهن کي مون رات ڏنو؛
مارن سٽ ۾ ويهندي مون؛
ڏمريل ڏمريل ڪات ڏنو.

لفظن جي اها سٽا پنهنجيءَ پرائيءَ ٻوليءَ جي ميل سان به ائين ٿي سهڻي پئي لڳي:

حسن کي ڪهڙيءَ طرح، روشني بخشي جلا،
سونهن جو اپياس ڪر ۽ ڳجهارت پاڻ سل؛
تون نٿو چاهين تہ وڃ، پڇ انهن کان جن ڏٺو،
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ آب تي ڪرڻندي ڪنول.

موضوع جي لحاظ کان تہ هن شاعريءَ تي گهٽو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو، جنهن جا ڪيئي پهلو آهن. خاص ڪري هن مجموعي ۾ مختلف موضوعن تي جيڪي قطعا قلمبند ڪيا ويا آهن، تن کي پڙهندي قاريءَ جو ذهن مختلف سوادن سان سيراب ٿيڻ لڳي ٿو:

غم و اندوه جي دنيا ۾ هڪ مجبور انسان،
مدد جي واسطي هيڏانهن ۽ هوڏانهن ٿو نهاري؛
سوين پانڌيئڙا آهن، نٿو ويجهو وڃي ڪو،
اِلاهي، تنهنجي هوندي پيي ٿو انسان هيئن گذاري!

---

خاص ڏوڪو ٿا ڏين، هن وقت جيڪي ٿا چون،
اڄ وري آئي بهار جانفزا گلزار ۾؛
هر طرف آهي مصيبت، ظلم، جهيڙو ۽ فساد،
حشر برپا آهہ ۽ آهيون نسورو نار ۾.

---

جن ڏيئن ۾ تيل جي بدران ٻري پاڻي سگهي،
هل ته تن ۾ آب چشمن جو هلي اوتي اڇون؛
جت جهڪي ٿي روشني، هر حال ۾ پهچي آتي،
نور نيڻن جو نچوئي، ڪرڻي ڪرڻي ۾ رچون.

زندگيءَ جي پيچرن جا نقش پيا ميسارجن،
پر زبانِ حال سارو، ڪجهه نه ڪجهه چوندا وڃن؛
تون به ڏيندو وڃ سنيهو، ڪر نه ڪنهن جو انتظار،
يار پنهنجي اوج ۾ ڪن ياد توکي يا نه ڪن.

زندگيءَ لاءِ هن موضوع جو انتخاب واقعي زندگي بخش آهي، جنهن جي پڙهڻ سان مايوس ۾ مايوس دلين اندر به اميد جو احساس جاڳي پوي ٿو. هيءَ هڪڙي فطري واردات آهي ته انسان جڏهن ولر کان وڇڙي اڪيلو رهجي وڃي ته پنهنجي جياپي کان ئي بيزار ٿي، موت جا آهيڃاڻ پنهنجو پاڻ ۾ پيدا ٿو ڪري ۽ جڳ جهان جي شڪايت ۾ ٿو پئجي وڃي ته مون سڀڪنهن سان رهايو، پر مون سان ڪنهن به ڪانه رهائي. اهڙي عالم ۾ ان کان اهو وسري ويندو آهي ته دنيا ۾ هرڪا ياري محض دنياداريءَ جي ٿئي ٿي، ان ۾ ڪي غرضمند ۽ ڪي غلامي پسند هوندا آهن، ليڪن ظاهر ۾ هرڪو ائين لڳائيندو آهي ته سڀ ئي محبت ۽ ماڻهپي ۾ ڪنهن خاص مسلڪ ۽ تحريڪ وسيلي هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن.

پوءِ اهو شخص جيڪو سچ پچ سر ترئيءَ تي رکي، زندگيءَ جو پيغام ڪٿي، اتفاق سان وڃي لوپين ۽ ٺوڳين جي ميڙ ۾ رلي ملي ويندو آهي ته اهي، منهن ۾ موسيٰ ۽ اندر ۾ ابليس، ان کي ريهي ريبي پنهنجي مطلب ۽ مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ لڳندا آهن. ان لاءِ انهيءَ کي دائمي طور پنهنجو ڳيجهو بڻائڻ واسطي، ڪيس موتمار بڇڙاين ۾ مبتلا ڪري، خاص لقب سان نوازي، پنهنجي جمعداري قائم رکندا ايندا آهن. بڇاڙيءَ ڪم

نڪتي ڪان پوءِ ڪيس ڪريل پرزي وانگي ماڳهين مشين مان ئي
خارج ٿيٺو پوندو آهي- ۽ پوءِ سندس پڇتاءَ تہ

سون گهڙا جن جا پريا، سي بہ آيا ڪين ڪم،
هٿ مٿي تي ٿا اچن، هي حال يارن جا ڏسي.

هي قطعو اهڙي ئي مايوس ماڻهوءَ لاءِ زندگي بخش تاثير
رکندڙ ثابت ٿي سگهي ٿو:

زندگيءَ جي پيچرن جا نقش پيا ميسارجن،
پر زبان حال سارو، ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندا وڃن؛

تون بہ ڏيندو وڃ سنيهو، ڪر نہ ڪنهن جو انتظار،
يار پنهنجي اوج ۾ ڪن ياد توکي يا نہ ڪن.

شاعري ماحول جي اهم ضرورت ان ڪري ليکي وڃي
ٿي جو اها پيغام رسائيءَ جو ڪم ٿي ڏئي. اهو پيغام زندگيءَ
جي دردمندن لاءِ راحت ۽ مسرت جو باعث بڻجي ٿو. اهو پيغام
مظلومن لاءِ خوشخبري آهي تہ ظالمن واسطي تنبيهہ ثابت ٿئي ٿو.

اهڙيءَ طرح شاعري جدوجهد، مزاحمت ۽ جياپي سان
اتساهہ پيدا ڪري ٿي. شاعري زندگيءَ سان اٿاهہ محبت ڪرڻ
لاءِ اڀاري ٿي، پر وقت اچڻ تي خود زندگيءَ جي قربان ڪرڻ
جو سبق بہ سيکاري ٿي:

راند بڻجي ڪيڏ، ”صائب“، زندگيءَ ۾ موت سان،
سک سبق پروانہ ڪان ۽ خود بہ هڪ پروانہ ٿي.

محترم ”صائب“ جي هن شعري مجموعي ”ڏکندو ڏور ٿئي“
۾ شاعريءَ جا اهي پيغام دهرايل آهن، جيڪي ازل کان ابد
تائين انسان لاءِ پيغام حيات جي حيثيت رکن ٿا. اهي پيغام ئي
انسان کي اهو احساس ڏيارين ٿا تہ تون زندگيءَ جي زندان ۾
ڪنهن طرح اچي پيو آهين، تہ ان کي پنهنجي همت ۽ حوصلي
سان گلستان بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهہ. ائين سمجهہ تہ

تون ڪنهن آزمائش ۾ آهين، جنهن مان بهتر طور هتي توکي پار ٽپڻو آهي. اهڙا پيغام هن مجموعي ۾ هرهنڌ پيا پڇهن:

(١)

نئين ڪا وات کولي ڪڍ، زماني ۾ جوان پنهنجي،
نئون ڪر فڪر دنيا ۾، نئين طرز بيان پنهنجي.

(٢)

ستارو پنهنجي قسمت جو، نه گردش ۾ سدا رهندو،
بنائي زندگي رهنداسين، آخر ڪامران پنهنجي.

(٣)

تقاضا وقت جي آهي، دل بيدار پيدا ڪر،
ڇڏي غفلت کي تون ڪجهه هوش ۽ پندار پيدا ڪر.

(٤)

حيات و موت جي وچ ۾، اگر توکي ملي موقعو،
نه پنهنجي زندگيءَ جو ڪو نه ڪو ڪردار پيدا ڪر.

(٥)

فلڪ تي چند تارن کي، زمين تي ماهپارن کي،
سدائين سونهن وارن کي ٻـ ڪا جلوه گري گهرجي.

(٦)

ٻچارون ٻيون ڦٽيون ڪرٽيون پون ٽيون يار جي خاطر،
ٻرينءَ جي ٻـوا ۾ گهارڻ سموري زندگي گهرجي.

(٧)

ٻنهنجو ٻوتو ٻاڻ يارو ٻارجي،
ٻروسي تي ڪين ٻئي جي گهارجي.

(٨)

زندگيءَ جي رخ کي سوڙڻ ئي کپي،
زندگيءَ تان ٻاڻ کي ٻڻ وارجي.

انهيءَ پيغام رسانيءَ دوران ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ وچ ۾ اچي وڃن ٿيون، جن مان خوف خطري جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي. منزل ڏانهن وڌندڙ مسافر لاءِ اهڙي قسم جي نشاندهي بہ رهنمائيءَ جي پورائي ڪري ٿي، متان ڪٿي ڪو راهي ڪنهن فريب ۾ نہ اچي وڃي:

هر غنچهٔ گل، چاڪ بداماں نہ ٿئي شال،
هر زخم جگر غيرت بستان نہ ٿئي شال.

اميد جا درياهہ وچن خشڪ ٿيو دوست!
مايوس ۽ بيوس دل نادان نہ ٿئي شال.

پنهنجن ئي هٿن ساڻ اجڙ ملڪ ڪري ٿو،
بدمغز ۽ گمراهہ ڪو خاقان نہ ٿئي شال.

هن دور جو انسان تہ آهي ئي نرالو،
آشفتہ سر و حال پريشان نہ ٿئي شال.

زندگيءَ لاءِ انسان دوست شاعر جي ذهن ۾ عجيب قسم جو تصور موجود هوندو آهي. اهوئي تصور هن مجموعي ۾ هڪ هنڌ هيئن ملي ٿو:

سونهن جا دريا وهن ۽ پيار جون پيڙيون ترن،
رات چانڊوڪي هجي ۽ روح رچنديون يار ڪن.

نقش تارن جا نظر پائيءَ مٿان جئن ڪي اچن،
تيئن ڪنول ڪي لاڏ مان تن ڪي ڏسي جهومي اٿن.

ماڪ پيي وسندي رهي، گل پيي ڪڙن، وڻ پيي نڙن،
زندگيءَ جي تازگي محسوس ٿئي اندر چمن.

هن مجموعي جون سڀئي نظمون بهتر کان بهتر آهن، پر خاص نظم "جائزو" وڌيڪ توجهہ لائق آهي:

اچــو اچــو اي دوســتــو!
وٺــون هــلــي ڪو جائزو :
بهار جان فزا ۾ چو، چمن اسان تي بار ٿئي،
عجيب ڳالهه آهه جو گلن ڦلن تــي وار ٿئي،
پلاند پاڪ ٿي ڪري، وري به داغدار ٿئي،
نگـــاه بـــقـــرار ٿــئــي،
۽ نصب تختہ دار ٿــئــي.

عجيب رنــگ پــيــا ڏسون :
خــيــال تنگ پــيــا ڏسون.
وري بـــه رهبرن ڪئي چو اختيار رهــزني،
جنون سوار آهه يــا وڏي وئي ڪا دشمني،
خدا ڪري تہ دور ٿي وڃي اهائي بدظني،
خــبــر نــه آهــي اي ڏٺي،
اســان ۾ آهــه ڇــا ڪمي.

چــون ٿــا مــيــر ڪاروان،
ٿــيــو اســان جــا هم زبان :
سياهه کي سفيد چئو، سفيد کي سياهه چئو،
ڪڏهن به ڪم نگاه کي، نہ فرد ڪم نگاه چئو،
هجي مقام آه جــو، توهين تڏهن واه چئو،
جفا کــي انــتــبــاه چــئــو،
۽ جبر کي نــبــاهه چــئــو.

غــريــب شــهــر ڏي ڏسو،
اســيــر دهــر ڏي ڏسو :
حقيقتن جي روشني ۾ هڪ دفعو ڪريو نظر،
ڏسو تہ ڪئن پيو لٽي، هي بي خبر کي باخبر،
ڪڙايو آهه اڄ به، هاء، هم سفر کي هم سفر،
بــيــن جي لاء ذرد سـر،
يــزعــم خــويــش راهــبــر.

خانم بدوش تي تو سندم امتحان كريان،
رنج و محن ۾ خوب تو دل شادمان كريان.

دنيا جي بيمروتيءَ جي شڪايت:

دنيائي دون ۾ ڪنهن جو ڪوئي به يار ڪونهي،
دعوا هزار ڪن ٿا، پر اعتبار ڪونهي.

بيوسيءَ جو اظهار:

زندگي شال هجي شاد ۽ آباد اچا،
ليڪ مون کي تہ ڇڏي ڏي ٿيان برباد اچا.

اٽل ارادي جي هام:

پنهنجو پوتو پاڻ يارو پارجي،
پروسي تي ڪين ٻئي جي گهارجي.

تلاطم هجي يا بلاخيز طوفان،
نہ ڪر خوف دشواريءَ ره گذر جو.

صوفياڻو انداز:

تصوف، زندگيءَ جي فڪر ۽ فلسفي سان تعلق رکي ٿو. اهڙو ڪوبہ انسان نٿو سجهي، جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي تصوف ڏانهن مائل نہ ٿيو هجي، ڇو تہ انسان جي عاقبت سنوارڻ لاءِ اهوئي مسلڪ اثرائتو ۽ افادي ٿئي ٿو.

"صائب" صاحب جي هن مجموعي ۾ "ٽيڪڙا" ۽ "رباعيون" پڙهندي تصوف جا رنگ ۽ راز ذهن جي آڳ تي اندلت جيان وراڪا ڏيڻ لڳن ٿا:

مرڪي ساريئي جن کي،
جيئڻ جي جنجال جو
ناهم خفو ڪو تن کي.

باغ ۾ آيو بهار،
حسن جي در تي لڙي
اڄ وري آيو نکار.

وقت جون پابنديون،
سچ چئو حسن ازل،
ڪنهن ڪان ڪنهن ڪان ٿي پنيون.

يادگيري يار جي،
ڪئن نہ ٻڌجي ٿي اچي،
شڪل سهڻي دار جي.

پي حقيقت جون پيڪون،
سنڌ جا فرزند، آئ،
لاهہ سرمد جون سڪون.

حال ڪان مجبور ٿي،
لاهي سانگو سر سندو،
سي اٿيا منصور ٿي.

پيڙهہ گهاٽي ۾ وري،
اي ستم جا شاهڪار،
ڪنهن بلاول جي سري.

رباعيون:

عرفان حقيقت جا ٿيندو آهي،
هر شخص انا الحق ٻوليندو آهي؛
جا، عقل اسان جو ٿئي اهڙو ئي ٿو،
حق نيت چئي سيڪو ڏيندو آهي.

انسان کي انسان ٿي رهندا آهن،
ڏک درد مٿن آيو ته سهندا آهن؛
پر ڪين اصول کي جي ڇڏي ڏيندا
هر دور ۾ سي لڪ ٿبي لهندا آهن.

هاڻ همت مردانه آهي درڪار،
اهڙو ڪو ڪم ڪرڻو آهي، سرڪار!
اڄ عقل اها ڳالهه مڃي يا نه مڃي،
پر پاڻ کي ڪٿي آ، آتش گلزار.

ڪنهن پر نائي نيڻ نهاري ڏسجي،
دل ۾ قاضي ڪو ته ويهاري ڏسجي؛
ڪنهن جو ساڳيو وقت وري اچڻو آهه،
انديشي طور ٿي پچاري ڏسجي.

هن مجموعي ۾ مغربي شاعريءَ جون صنفون- سانيٽ ۽ ترائيل شامل آهن. شاعري مغرب جي هجي يا مشرق جي، هرڪنهن ۾ هر رنگ موجود رهي ٿو. هرهنڌ حسن ۽ عشق، زمان ۽ مڪان، خوشي ۽ غم، پنهنجا ۽ پراوا، ڏک ۽ سک ۽ ٻيا ڪيئي موضوع پنهنجي زبان ۽ بيان جي رنگينيءَ سان، عالم آشڪار آهن. سانيٽ جي صنف انگريزيءَ مان ۽ ترائيل فرينچ مان آندل آهي. مقامي طور سنڌيءَ ۾ انهن ٻنهي کي به پنهنجي انداز سان اسان جي شاعرن ائين سنواريو آهي جو اهي ٻه چڻ سنڌي شاعريءَ جو حصو بڻجي ويون آهن. هتي اول سانيٽ جا ڪي نمونا ڏجن ٿا:

## دل جي ڳالهہ

اڄ ۾ سهائي سندم چنڊ جي آ،
انهيءَ سان نہ منجي خدا جي خدائي،
سهي ڪٿ سگهون ٿا سڄڻ جي جدائي،
ورهين بعد ساڻن ملاقات ٿي آ.

گهڙي پل ڇڏيو، حال اوري وٺون اڄ،
مليو محب آهي، سڪون ڇو نہ لاهيون،
جتي آهہ محفل، پڻي ڪير ساهيون،
مٺن ساڻ ڇپ ڇو نہ چوري وٺون اڄ.

ڪٿي رات پوري پئي آهہ ڪڏهين،
ڪٿي آهہ ڪڏهين ڪا دل جي حڪايت،
نہ حرف تمنا، نہ حرف شڪايت،
ڪلن داستان ٿا، دلين جا ٿا جڏهين.

تڏهن ڪرجون ڳالهيون ڪجن بي خطر ٿي،
متان دل جي دل ۾ وڃي ڳالهہ رهجي.

## يار جي يادگيري

شايد يارن ياد ڪيو، هڏڪي آئي آهہ وري،
ڪنهن جي ڪنهن ڪان ڪين سري، دنيا وارن داد ڪيو.

هلڻو پهرئين پور پيو، منزل ساري مات ڪبي،
ماڳ تي پهچي بات ڪبي، دل جو دل ۾ سور ٿيو.

اندر وارو آهہ عجب، ٻاهر مان ٿو ڪين وري،
جنهن جي تنهن جي ڪين سهي، هن ڪي پنهنجو آهہ سبب.

هر هڪ لئہ در باز نہ ڪر،
ناحق سڀئا ناز نہ ڪر.

ترائيل:

جنهن دم سجڻ اک تا کڻن،
دل تي ڏري وڃ تا پون.
باغن ۾ سؤ گل تا ترڻ،
جنهن دم سجڻ اک تا کڻن.
دل جا مٿل کيڏانهن وڃن،
ڪنهن سان ڪڇن، ڪنهن کي چون.
جنهن دم سجڻ اک تا کڻن،
دل تي ڏري، وڃ تا پون.

گيت:

هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ آيوءَ جيءَ ۾ جايون سليس تہ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ٻڌجي ويو. محترم "صائب" جا گيت بہ نرالي نوعيت جا آهن. زبان تي آٽڻ سان ازخود ذهن ۾ موسيقيءَ جا آڌما تا انگورجن:

حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.
دل ۾ دونهان دکندا رهندا، زخم جگر جا ڏکندا رهندا،
تانڊي وانگر ٻکندا رهندا، ڳالهہ ڪا چوري هوريان هوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.
اندير، ستم ۽ ظلم جفا، ڪافور ويو ٿي خوف خدا،
هڪ ٻئي کان آهي سيڪو خفا، دل جون تارون چوري چوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.
ٻيلي ٻوتي، ٻيلا موتي، ڏسندي رهجي وئي سرسوتي،
رقص و مسرت ۾ آ گيتي، گيت خوشيءَ جا تڪيان توريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.
رات کٽي آ، پره ڦٽي آ، تارن جي پڻ جند ڇٽي آ،
فڪر جي راڻي هاڻ ٻٽي آ، کهڙا ويهي سرندا سوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.

هن مجموعي ”ڏ ڪندو ڏور ٿئي“ ۾ ”صائب“ صاحب جا نوان پراڻا شاهڪار جمع ٿيل آهن. اجا سندس ڪيئي شهپارا هوندا، جيڪي ڪنهن ٻئي مجموعي جي زينت ٿي رهندا.

هتي سندس شاعريءَ جي هر پهلوءَ تي تاثرات پيش ڪيا ويا آهن. شاعري بهرحال شاعري آهي، ٻئي پاسي نثر جو پنهنجو اثر تاثير ٿئي ٿو، ليڪن شاعري پيغام جي روپ ۾ جنهن دل پسند انداز ۾ اسان جي آڏو اچي ٿي تہ اندر مان سرتار جا اهڃاڻ اڀرڻ ٿا لڳن، جنهن مان عجب قسم جو تاثر پيدا ٿيندو رهي ٿو. انهيءَ خصوصيت جي ڪري شاعريءَ کي پنهنجي انفراديت حاصل آهي. اهو تاثر شاعريءَ جي مقبوليت ڪان پوءِ نثر ۾ بہ رائج ٿيندو ويو، اجا تائين ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ گهڻا واعظ، مقرر وغيره سرتار جي آڌار تي پنهنجي وعظ ۽ تقرير کي مقبول بڻائڻ جا جتن ڪندا اچن ٿا.

محترم ”صائب“ جي شاعري مطالعي هيٺ آڻڻ ڪان پوءِ مون جو ڪجهہ جيئن سمجهيو، تنهن موجب ان تي هي چار اکر لکيم، پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي شاعر جي هن بيت تي مضمون جي پڇاڙي ڪريان ٿو:

سر خوشيءَ مان رقص ۾ رهندي اچي خود ڪائنات،
چنڊ آپ ۾، گـل چمن ۾، مـور نـت بـر ۾ نچن!!

شال انهيءَ آس جي آڌار، هيءَ ڪائنات جنت نشان بڻجي، انسان ذات لاءِ سک سانت جو باعث ٿي پوي- آمين.

٢١-٧-٩٣ع  
حيدرآباد، سنڌ

-نياز همايوني

## رب العزت جي درگاهہ ۾

خالق، ارض و سما، اي بادشاهہ بحر و بر،
تنهنجي ڪن ٿا سڀ ثنا، ماڻهو، مرون، شام و سحر.

ڪن کي تخت و تاج شاهي تو ڏنو آهي مگر،
ڪن کي غربت ۽ غلامي، ڏئي ڪيو آ دربدر.

تنهنجي منشا، تون ئي ڄاڻين، توکي سڀڪا ڄاڻ آهہ،
ڪير آهي معتبر ۽ ڪير ناهي معتبر.

ظلم هيڏا جي ٿين ٿا، سي ٻہ تون ويٺو ڏسين،
عصمتون لٽجن پيون، تن تي ٻہ آ تنهنجي نظر.

ڪي اگهاڙا انگ آهن، ڪي ٻکن ۾ پاهہ ٿيا،
بيوس و لاچار جي ڪيئن زندگي ٿئي پئي بسر.

ڪن جا ٻچا آس ۾ سڙن، ڪن جا ڪتا ٿا عيش ڪن،
ڪار اهڙي اي خدائي بزرگ و بالا، نہ ڪر.

هڪ طرف سيني کي هڪڙي صف ۾ ٻيهاريو ڇڏين،
ٻئي طرف ٿيو آپ ۽ ڌرتيءَ جو تفاوت سر بسر.

منهنجي وس ۾ ڪجهہ ڏئي، سڀ ڪجهہ رکيو تو پاڻ وٽ،
آهہ صورت جي اِها ٿي، پوءِ ڇا جو آ ڏسر.

هن نظام، دهر تي، گوڙها وهائي ڇا ڪريان،
التجا آهي اها، اي ربّ سائين رحم ڪر.

قهر ايڏو ڪين ڪي ڏيکار، چاهي قهر ۾،
ڇا ڪٿي مظلوم رسندو، تنهنجي درگه ۾ سمر.

عمر ساري ظلم جي گهاٽي ۾ جي پيا پيڙهجن،
تن کي ڇا ٿو ڏين، فقط حورن قصورن جو نگر،

منصفِ اعليٰ سڏائين ٿو، مگر هئي ڳالهه صاف،
آهه ڏاڍو هي ڏکيو، آزمائش جو سفر.

وعدهٔ فردا تي ساري، تو ڇڏيو آهي مٿا،
ناز جو انداز هي، ڪنهن کي وٺيو آهي مگر.

وقت گذري جو ويو، سو هٿ تہ ايندو ڪين ڪي،
خلد جون آسائشون، ڏي ڪٿي، اي ديده ور.

باقي وعدن جي ڪمي، ڪنهن وٽ بہ آهي ڪينڪي،
پنهنجي بندي سان اي مالڪ! تون بہ غيرن جيان نہ ڪر.

هي سرشتو، جو هلي پيو، سو جي هلندو ئي رهيو،
پوءِ اسان مان، ڪنهن جي ڪئي تي، ڪنهن کي ڏوهي ڪيم ڪر.

اڄ الائي ڪيئن اچي ويو آهہ، شڪوه بر زبان،
ورنہ سڀ ڪجهہ آهہ تنهنجو، منهنجو ناهي درد سر.

عزت و عظمت جا صاحب، مالڪ هر دوسرا،
سرخرو "صائب" کي ڪج، ٻنهي جهانن ۾ مگر.

—

وري وحشت ۽ ظلمت برسر بيدار ٿي آهي،
يهودي روپ ۾ هيڪر ستم ايجاد ٿي آهي،
فلسطينين جي هستيءَ کي ڏسي ناشاد ٿي آهي،
مقام عبرت و حيرت لئي بنياد ٿي آهي،
محمّد جي ئي امت کي، ڀڄي شايد اپرڙو آ،
کلور آهي ٿيو اهڙو، تڏهن ان جي ئي امت سان.

يهودين جي طرفدارن کي ذلت ٿئي نصيب آخر،
۽ مسلم جي ٿئي لبنان ۾ فتح عجيب آخر،
دعائي خير، نصرت جي وڃي ٿيڇي نقيب آخر،
ٿئي راضي خدا ۽ خود خدا جو اڄ حبيب آخر،
در خالق تي "صائب" جي اهائي التجا آهي،
محمّد جي ئي صدقي ۾ اچي رهجي تہ عزت سان.

## نظم

اي اديبو، شاعرو، اي وقت جا پيغمبرو،
زيست جو پيغام ڏيئي، ماڳ پنهنجي ڏي ورو،
ظلم و استبداد جي آڏو ڪسڙا ٿيندا رهو،
وقت جي مظلوم کي، ترغيب ڪا ڏيندا رهو!

## محسوسات

هي عشق وچي اڄ ڪيڏي ٿو،
چاهه حسن ڪا بازي ڪيڏي ٿو؟

پنهنجو پنهنجو مقصد، ٿورو ڪير ٿو ڪنهن کي لائي،
پر ڪاڪ محل جي ماڙين ۾، پير سنڀالي پائي،
هن عقل و خرد جي بازيءَ ۾، ٿيڙ نہ ڪوئي کائي،
ڪنهن هوش سنڀاليو آهي.

پاڻيءَ تي اڄ هرڻيون آيون،
ٽلنديون، ٽپنديون ڪي تاسارن:

چشمي جي چوڌاري ماريءَ دام وڇايو ناهي،
سيڪا سوچي سمجهي آئي، چشم زدن ۾ آهي،
ڇاتي ٽوڪي چوندديون آيون، پاڻ ۾ سينو ساهي:
هي دام پچڻ ۾ چاهي،
ڪنهن هوش سنڀاليو آهي.

رڻ جون نياڻيون افتان خيزان،
شادان شادان، نازان نازان:

ڪم ڪار ۾ آهن ديوانيون، مست نگر جون راڻيون،
ٻاليون ڀوليون ڏسجن ڀيون، آهن ڏاڍيون سياڻيون،
جن پير سنڀاليا اهڙا، تن چاڻ مرادون ماڻيون:
پوءِ چو نہ هلن سي ڪاهي،
ڪنهن هوش سنڀاليو آهي.

ٽيو مست نہ ساٿي ڪنھن تاڻي،
ھي رنگ متان ڪو رنگ آڻي:
ڪا مھل نہ ڪنھن جھڙي، ڪر سوڙي نہ وھي ڪو ظالم،
ٿي شور نہ پئي برپا، آشوبِ فضا ٿئي قائم،
شوريدہ سرن ڪي ڏسندي، رھجي نہ وڃي خود ناظم:
ھي وقت سمھڻ جو ناھي،
ڪنھن ھوش سنڀاليو آھي.

برسات ڪي تارن جاڳائي،
ماحول ڇڏيو ڇڻ بدلائي:
احساسِ حوادث جي تيرن، ڏيل ڏڪايا آھن:
حساس دلين ۾ قھري، ڪان ڇپايا آھن،
ھن ظلم و ستم جي دنيا، ڪي خان ڪپايا آھن:
سر ساھ جو سانگو لاھي،
ڪنھن ھوش سنڀاليو آھي.

ھڪ طرف زماني ۾ چربر،
ٻئي طرف دلين ۾ ٿي ھُرڪر:
ڏسجي تہ ٿئي ڇا ٿو ۽ ڪھڙو ٿو نتيجو نڪري،
پرويز ٿو ھارائي يا فرھاد ڪي فن ٿو وسري،
يا بطن ۾ گيتيءَ جي ماڳھي، مادہِ نؤ ٿو نسري:
ان فڪر ۾ عالم آھي،
ڪنھن ھوش سنڀاليو آھي.

—

## نيـاپـو

هر وقت ستائيءَ جـا خـواهـان، ذرا سوچ،
ورچي نہ پٺين مـيـٽ مان، نادان، ذرا سوچ،
هڪ حال تي دنيا نـہ رهـي آهي نہ رهندي،
تجديد وجي ختم ٿـي، انـسـان، ذرا سوچ.

سر ساڻ سـدا ساز وڄـائـڻ ٿو گهرين پر،
پرواني اڳيان شمـع نمائـڻ ٿو گهرين پر،
بلبل کـي گلن ساڻ ملائـڻ ٿو گهرين پر،
محفل ۾ ڪو همراز سـڏائـڻ ٿو گهرين پر،
بيجان کـي ذي روح بنائـڻ ٿو گهرين پر،
محمل جو لڪل راز ڏسـائـڻ ٿو گهرين پر،
پُر لطف بهاريءَ کي رهـائـڻ ٿو گهرين پر،
مظلوم کي ظالم کان ڇـڏائـڻ ٿو گهرين پر،
فنڪار جي تقدير بـنـائـڻ ٿو گهرين پر،
پيو پيرو فرشتن کي جهڪائـڻ ٿو گهرين پر:
هڪ حال تي دنيا نہ رهـي آهـي نہ رهندي،
تجديد وجي ختم ٿـي، انـسـان ذرا سوچ!

*

هـر ساز کي تون وقت جو آواز ٿـيـڻ ڏي،
هـر شمع کي هـرگـاه نظرِ بـاز ٿيڻ ڏي،

هر خار کي کنهن مهل تہ غماز تيسين ڏي،
هر بزم کي ساقيءَ جي لئي راز تيسين ڏي،
هر مست کي ڪڏهين نظر انداز تيسين ڏي،
هر موسم گل کي پلي اعجاز تيسين ڏي،
هر ڇؤر جو پورو تہ ڪڏهن آز تيسين ڏي،
هر نشئہ دولت کي ذرا ناز تيسين ڏي،
هر بار فرشتي کي ئي ممتاز تيسين ڏي،
هر راز کي، اي دوست بہ انداز تيسين ڏي:
موصوف جي مڃڻ سان صفت ڪينکي سنبي،
هن ڳالهہ کي ويچار، اي انسان، ذرا سوچ!

—

## ترغيب

راڳ، راڳڻيءَ راڳ ڇيڙيو ۽ ٻڌڻ وارن ٻڌو،
ڪجهہ مرن، ماڻهن، پکين، ڪجهہ چنڊ ۽ تارن ٻڌو:
لَيِ هئي جهوني مگر آواز منڙو ٿي لڳو،
ڏيان سيني جو چڪيو، ساز سهڻو ٿي وڳو.

ڪا گهڙي گذري تہ جادوءَ جو ٿيو لَيِ ۾ اثر،
ننڊ ۾ اهڙا ستا، جو باخبر ٿيا بي خبر:
پنهنجا پنهنجن جي ڳلي تي پوء ڇري ڦيرڻ لڳا،
پيٽ جي پورت ڪرڻ ۽ مال ڪي ميڙڻ لڳا.

غير ڪي جو وجهہ مليو، سو پڻ اچي ساڻن رليو،
جن نہ ڏاريو هوش کي، غفلت انهن تي پئي ڪليو:
پاڻ کي تاريخ ٿي دهرائي، ڏاهن ٿي چيو،
ڪئن نہ ڪونڌر ٿي ڪُٺا، ڇا قهر قدرت ٿي ڪيو!

شامتِ اعمالِ ما هيئن صورتِ نادر وٺي،
ٿي نهوڙيو، وقت سر سيني مصيبت ٿي سٺي:
شور ۽ غل جو ٿيو، ڪي سر ڦريا جاڳي اٿيا،
منهن مقابل سي ٿيا، پر ڪين سوڀارا ٿيا.

ڪي ڪُسي قربان ٿيا ۽ ڪن ٻچي ٻاسو ڪيو،
۽ وڃي ساٿيهہ جي ڪن پن پٽڙ ڪي هيئن چيو:
هوشيار و هوشيار و هوشيار و هوشيار،
ورنہ ويندو پيسجي، هن جنڊ ۾ سارو ديار!

باهه وانگر ويو پکڙجي، هي نيا پو جابجا،
وار ويا کانڌارجي ۽ پار پيڙا ٿيا ڪڙا :
ان طرح ماحول بدليو، نظريا آيا نوان،
۽ زماني جڻ ٿي ورتو، امتحان در امتحان .

پير پختا، نرم گفتا، دل وڏي، عزم بلند،
شانِ محبوبيءَ سان وڃندا ٿي رهيا ڪي ارجمند :
راهه ۾ روڙا وجهڻ وارا پڳائون چار چنگ،
وقت ويلي ساڻ آيا آگ تي آهن پتنگ .

يار سنهڙا، محب منڙا، اک نشيلي، ڊيل چال،
مرگهه نيڻن، ڪونج ڳچڙين، وات ڪاڻن جو خيال :
سمجهه وارن سمجهي ورتو، توهه جي هن سونهن کي،
سون جي پاڻيءَ تي هر ڪيا ڪين، نڪري ويا پري .

ملڪ جا مانجهي رجز اهڙو تہ ڳائيندا ويا،
سر جو سانگو لاهي اڳتي وک وڌائيندا ويا :
راهه ۾ هرهر رڪاوٽ ٿي وڌي ويرين مگر،
مشڪلاون آسان ٿيون ۽ ٿي ويو سولو سفر .

وات پي ڪا هاڻ آئي ڪين ويرين کي نظر،
ڪن کي ڦاهيءَ تي، اڌي ڪن جي ڪيائون لعل تر :
خونِ ناحق خفتہ ذهنن ۾ هي آندو انقلاب،
غير جي پنهنجن ۾ ها، سي ٿي پيا پڻ بي نقاب .

دشمن، چالاڪ ۽ محبِ وطن ها دوبدو،
هڪ طرف ساٿيهہ جا سورهيہ، ٻئي پاسي عدو :
وقت نازڪ هو، مگر افسوس، پيمانِ وفا،
پنهنجي ڏن ۾ ها چريا، وڃندا ويا، چوندا ويا :

منهن مٿي تنهنجو ڪبو، ڏارين کي ايندي نيٺ مات،
قبضہ قدرت سان غيرن جي سلي ويندي نجات:
تنهنجي عظمت جي اڳيان پنهنجي جهڪائيندس جبين،
ساهہ صدقي، جسم قربان، اي وطن جي سرزمين!

---

همٿ ۾ جانبازن جي، هو ڇا، ليڪ اي عزم بلند،
پوءِ بہ ٿي جهڪندي ويا، تن جي اڳيان اهل ڪمند:
جوش جذبي ۽ صداقت جي ڪري ٿيا ڪامياب،
زنده باد اي انقلاب و زنده باد اي انقلاب!

---

اي اديبو، شاعرو، اي وقت جا پيغمبرو،
زيست جو پيغام ڏيئي، ماڳ پنهنجي ڏي ورو:
ظلم و استبداد جي آڏو ڪڙا ٿيندا رهو،
وقت جي مظلوم کي، ترغيب ڪا ڏيندا رهو!

---

# گفتني ۽ رفتني

فرد جي نازڪ ڪلهن ڪي بار سهڻو ٿو پوي،
بي بسيءَ ڪي وقت سارو ماٺ رهڻو ٿو پوي،
دل ٽٽي جن ڪي گهري، تن سان ئي ٺهڻو ٿو پوي،
ڪم نہ جو ڪرڻو هجي، تنهن ۾ ئي ڳهڻو ٿو پوي:
جي گهرين ٿو ان نظامِ دهر کي بدلائجي،
آڻ ڦيرو محفلِ علم و ادب ۽ پاڻ ۾.

چشمِ گل کي ماڪ جا قطرا بہ کولي ٿا سگهن،
پنکڙيون گل جون هوا جا جهوٽا رولي ٿا سگهن،
چنڊ جا ڪرڻا جڏهن چولين کي چولي ٿا سگهن،
۽ نپٽ انڌا وري ملتان ڳولي ٿا سگهن،
ڪائناتِ رنگ و بو ۾ آهہ مد و جزر اڳ،
ڇا ٿيو جي موج آندي تو کٽي مهراڻ ۾.

آسمان ۾ ڇا رکيو آهي ستارن کان سواءِ،
چنڊ تارن، ڪهڪشان جي رهگذارن کان سواءِ،
مشتري، زهره جيان ڪن ناچ وارن کان سواءِ،
سمجهہ وارن لاءِ ڪن مبهم اشارن کان سواءِ:
دهر وارن، ساده لوحن کي بہ سمجهائي تہ ڇڏ،
شاعرِ ذي فهم، جيڪي آهہ تنهنجي جاڻ ۾.

چشمِ ساقيءَ مان پيئڻ جي آهہ جنهن کي آرزو،
سو اچي محفل ۾ ليڪن پاڪ از رنگِ نمو،
منڪشف ان تي ٿي ٿيندا، رازهاءِ ها و هو،
رشڪِ فطرت ٿي پوي ٿو ڪو شهيد جستجو:
هت گلِ اميد جي ورڪا ٽٽي ٿي، اي نديم!
قلب آهر پڙ پوي ٿو سيڪنهين جي پاڻ ۾.

وقت جي هر ساز تي جيڪو نچي، تنهن کي سلام،
جيڪو ابن الوقت بڻجي ٿو بچي، تنهن کي سلام،
غير کي آقا قبولي جو اچي، تنهن کي سلام،
۽ غلام، وقت جنهن رنگ ۾ رچي، تنهن کي سلام:
شاطر و چالاڪ، بهروپي، شڪاري گهات جو،
آهه ڏس ننگ، وطن، پنهنجن جي وينو تاڙ ۾.

رشڪ جنهن تي زندگيءَ کي آهه سو انسان ڪٿي،
خاڪ جو پتلو، ڏکويل دل سندو درمان ڪٿي،
عصمتون جنهن مان ٿيون ڍڪجن، آهه سو دامان ڪٿي،
ظلم جون پاڙون پٽي، آهي اهو طوفان ڪٿي:
ڪاش، انسان ذات جو اهڙوئي ڪو همدرد ٿئي،
ساهه جو سانگو ڇڏي، ٿي پئي ڪڙو ڪو پاڙ ۾.

هڪ خيال آيو ته هيءَ دنيا حسين آهي، مگر
حسن جي وارن کان هرگز تون نه رهجان بيخبر،
پت ڏسي چٽ ٿا هڻن، سوئي ٿئي ٿو ڪارگر،
دور رس گهرجن نگاهون، جئن نه لٽجي ڪنهن جو گهر:
ڪسوٽيءَ وانگر ڪري ڪوٺي کي پر کڻ ٿو ڪپي،
ايتري گهرجي لياقت سات ۾، سرواڻ ۾.

لهر آئي، جذبو ايريو، بحر ۾ ٿيو انقلاب،
مينهن وٺو، دريا چڙهيو ۽ سطح تي آيو حباب،
ڦوٽا ڦٽندا جيئن ويا ٿي، تيئن سنوت ۾ آيو آب،
شور شر ڏهجي ويو، پر فائدو ڪهڙو، جناب!
هو هٽن ۾ جن ڪسي ويٺو، سي سنڀاليندا رهيا،
گفتني ۽ رفتني، ڇڻ ڇاڻ ٿو هو واڻ ۾.

# ڪشمڪش

آهه ڏاهو پنهنجيءَ پر ۾ ميڪدي جو هر امام،
هوئي سمجهي ٿو سراسر مَي و مينا جو ڪلام،
مَي پرستن جي دعا ۽ مَي فروشن جو سلام،
آئي وئي جو هر قدم، نؤخيز ساقيءَ جو خرام،
زندگيءَ جو زاويو، هي چار ديواري نظام:
نقش بر ديوار آهي، ان جو قولِ ناتمام،
جنهن جي ڪنهن ادنا اشاري تي هلي ٿو انتظام.

جامِ جم تي اک نٿي جنهن شخص جي ڪنهن پر پڏي،
جنهن جو ميدانِ عمل ۾ خوب ڪؤنتل ٿو ڪڏي،
جنهن جي فڪر و فن جو شاهين آسمان تي ٿو آڏي،
زلزلي ۾ جنهن جي گهر جي ڀت نٿي هرگز لڏي،
مسئلي سان ايئن ٿو ڪيڏي، بال کي جڻ ٿو ٽڏي:
تنهن کي ماڻهو ملڪ پنهنجي ۾ اچي بوءِ ڪيئن نظر،
روز اکين تي ڪيئن چڙهن ٿا، ڳالهه پيئي آ پڌر.

مست پنهنجيءَ موج ۾ هو، اهڙو ٻانهو زرخريد،
نشهٔ دولت ۾ ٿيو سرشار مايا جو مريد،
گوهر ناياب لئه پڻ هٿ هنيائين ٿي مزيد،
بس ڪه پيدا ٿي ڪيائين ملڪ ۾ هڪ ٻيو يزيد،
خوف تنهن جو ڪين ٿيس، جو نزد سن حبل الوريد:
سمجهه ۾ اهلِ هوس کي وقت سر آئي ته واه،
ورنه قدرتَ جوش ۾ ايندي ڪري ٿي انتباه.

ڪو حديثِ دل ٻڌائي، ڪو ٻڌائي داستان،
ڪنهن ملي الطاف گوهر، ڪنهن ملي پنهنجي زبان،
جن ڪپن احباب، تن ڪان خلق ٿي نالم ڪنان،
ڪي گهرن سڀ جو ڀلو، ڪن جي نظر بر خاندان،
رنگ تنهنجا اور ٿيا هر دور ۾، اي آسمان!
درد ملت جو الائي ٿو ڪڏهن پيدا ٿئي،
فرد منهنجي ملڪ جو، هئي فرد تان شيدا ٿئي.

اڄ سياست آهه ڇا؟ ترديد جي بازيگري،
آهه ڇا اخبار اڄ؟ لفظن سندي ڪاريگري،
ليڊري اڄ آهه ڇا؟ شيشي ۾ لاٿل هڪ پري،
نظريو اڄ آهه ڇا؟ ڪنهن پارٽيءَ جي برتري،
عام کي احمق بنائڻ، عام جي ٿي بهتري:
وقت خود ئي ٿو هٽائي وقت تي چاڙهيل غبار،
ٿي پوي ٿي خودبخود هر ڪا حقيقت آشڪار.

اوچتو ئي اوچتو آئي صداءِ انقلاب،
لهر گونجي دهر ۾ ۽ ٿي حقيقت بي نقاب،
ڪو زوال آيو هتي بعد از غروبِ آفتاب،
زندگي ٻڌجي وئي بس ساده و رنگين خواب،
عيد هڪڙي واسطي، هئي واسطي يوم الحساب:
رنگ ساڳي جيان مٽائي آسمان ٿو وقت سر،
پر نه ساڳيو تنهين، جنهن پاڻ سمجهيو معتبر.

خواب مان جاڳي پيو هو، عقلِ خود آرا حضور،
ٿي ويو ڪافور جلدي نشهءِ ناز و غرور،

ڏکندو ڏور ٿئي

تـي ويــو مجبور هيڪر اوچتو دل جــو فتور،
نام تي اسلام جي ڏئـي ورنہ ڏوڪو ها ضرور،
يــا بغاوت جو رکي الــزام هــا، تـي باشعور:
زنــدگــي الــزام بڻجي ويئي آهــي اڄ سڄــي،
بس کہ ويو اخلاق ۽ اخلاص دلين مان ڪڇي.

گــرچ ڏاڍن جــي هٿن ۾ آئـي آهـي تــار تند،
ڪنهن جي فهم و زيرڪيءَ جو آهہ ڪاروبار بند،
پرده پوشين، ڏسڪين جو پڻ ٿنئو آهي ڪمند،
آهہ بيوس اڄ اهو خود، ڪالهہ هو جو ارجمند،
ڪالهہ جو مسرور هو، سو آهہ اڄ ٿيو دردمند:
وقت ڪي منهن پيو ڏئي، ساڻدي جيان رنگ پيو مٽي،
پوءِ بہ ڏسجي چا ٿئي ۽ پاڳ ڪنهن جو ٿو ڪٽي.

خويش پرور، مثل هڻ ڪڻ، آهہ ويٺو ساري چند،
۽ ڪري ڪوشش پيو تا زهر تي ڪجهہ چاڙهي قند،
وجهہ پيو ڳولي، ڏيان ڏور ڪي اهڙو تہ ڏند،
تا ٿئي يڪدم پوي، بس زور ۾ ايندي ئي تند،
تـي وڃان پــوءِ ڪامياب و ڪامران و ارجمند:
آهہ ذهن و فهم تي ٿي ڪشمڪش جاري وري،
هــاڻ ڏسجي ڪير ٿــو ماري ڪٽي ساري وري.

(ايوبي دور جي سياست، خاص طور تــي ايوب جي ڪتاب "Friends Not Masters" کي پس منظر ۾ رکي هــي نظم لکيو ويو.)

# لاڙو

چراغِ منزل جي روشنيءَ تي،
جناب اڳتي هلڻ تہ گھرجي،
نشانِ منزل کي خود پروڙي،
اھا پرولي سلڻ تہ گھرجي.

هتي جو ويھي ڪريو ٿا ڳالھيون،
اُنھن مان ڪجھہ ٻيي نہ آهہ ورتو،
آتو تہ پنھنجو ڪو ٻوٽو پاريون،
اجا گھٽو ڪم اٿئون جو ڪرڻو.

برهم ڦٽي پئي ۽ گل ڪڙن پيا،
گھڙيءَ ۾ حسنِ چمن تہ ڏسجو،
سري ڪان مايوس دل جا مالڪ،
متاعِ اهلِ وطن تہ ڏسجو.

فريبِ حسنِ نظر جا قائل،
اچو تہ حدِ نظر کان اڳتي،
جھانِ نؤ جي روش ڪي پرکيون،
امرت رس جي نديءَ جي پر تي.

گدڙ گدڙ کي ڏئي ٿو وارو،
وطن پيو لٽجي، لڳي پيو ڏاڙو،
اجا بہ ليڪا ڪڍيندا رهندا!
مٽايو ذهن و قلم جو لاڙو.

اجا وسيلا تہ ٻيا بہ هوندا،
۽ پيچرا بي شمار آهن،
مگر ڪو چاٽو سجھي ڪو سياڻو،
قدم قدم تي جو چار آهن.

ڪرو ۽ ڪوڙو، پري ڪان پر ڪي،
اهــا بصيرت ۽ عــلــم گهرجي،
نگاهہِ نــوعِ بــشــر ڪــي بدلي،
اهــا ذهانت ۽ عــلــم گهرجي.

وطن جي دشمن ڪي صاف چئبو،
تہ چــال تنهنجي بہ ٺيڪ ناهي،
روا جــو ظلم و ستم رکين ٿــو،
اسان جو توکي ڪو سيڪ ناهي.

خدا ۽ مذهب جــي نام تي اڄ،
چوين ٿو هڪڙي ۽ ٻي ڪرين ٿو،
حــيــا اکين ۾ نہ آهــ توکي،
تڏهن تہ پين ڪي ئي ڏوهہ ڏين ٿو.

غــلام ابــنِ غــلام آهــيــن،
۽ اڄ بہ توکي غــلام گهرجن،
مگر اي جهلِ خــرد جــا مالڪ،
انهيءَ جي لئہ ڪي ايام گهرجن.

هيئنر تہ بــيــدار قــوم ٿئي پئي،
انهيءَ ڪي لولي ڏئــي سمهارڻ،
اهو اوهــان جوئــي شــان آهي،
وڃــي پــرايــا ٻــچــا ڏتــارڻ.

جــهــان ۾ جيڪي بہ آهہ ٿيٺو،
ذرو بہ ضــايــع نہ ان مان ٿيندو،
اوهين تہ پنهنجا ڪريو ٿا لائق،
ڪئي جو ڪيتو تہ سيڪو ڏيندو.

مگر اي "صائــب" خيال رکجان،
ڪڏون ٿو ڪوڙين، ڪرين ٿو نقصان،
هــٺــي ڪهاڙو ٿو پير تي تون،
ويهڻ نہ ڏيندءِ وري ڪو پرسان.

(فوجي انقلاب کان متاثر ٿي لکيل)

# داستان

اجايو تو ظالم هي چيڙيو فسانو،
تري دل تي آيو پراڻو زمانو؛
آ کيڙي ڦٽن کي، مليو ڪجهه تہ هوندءِ!
اهو ڪنهن کي هو ڏک ڏيڻ جو بهانو.

اچا چند آهن جي چاڻن ٻچهن تا،
سي تنهنجي روش کي سچائي وڃن تا؛
مٽائي وڪيا ويس ايندين گهٽا ئي،
قدم تنهنجا ليڪن سچاپي پون تا.

سندءِ دم قدم سان جا سوداگري هئي،
ضعيفن جي لئہ سا مٺي جي پري هئي؛
سياڻپ سان ٻن کي تہ ويڙهائي ويٺين،
سيٺي تو تہ سچ پچ ڳري هئي، ڳري هئي.

اسان مان، اسان جا، تون پنهنجا ڪري وئين،
۽ مطلب ڪڍي، پوءِ پري ٿي پري وئين؛
وجهي ان طرح ساڻ رڏٽي ۾ رولو،
سڄڻ جو سڄڻ کي بہ دشمن ڪري وئين.

ڪٿيو کهڙو ڪادو آميچند تو مان؟
رگهوبا ٿيو کهڙو خورسند تو مان؟
هي جعفر ۽ صادق جا ساٿي حقيقي،
هوس جا پوجاري، اڙيا چند تو مان.

سچاتو تہ هو توکي اصل ابن حيدر(۱)،
۽ پرکي روش مير قاسم برابر؛
ڏنا درس نانوتويءَ اهڙا اهڙا،
جو پيدا ٿيا ڪيئي سنڌي (۲) ۽ جوهر (۳).

---

(۱) سلطان ٽيپو (۲) مولوي عبيدالله سنڌي (۳) محمد علي جوهر.

نئين علم تنهنجي تہ آندي غلامي،
ٿيو ذهن مغلوب در در سلامي:
وئي ان طرح اهڙي ڪايا پلٽجي،
جو آزاديءَ فڪر و فن وئي آذامي.

اهو معجزو تنهنجو سڀ ياد رهندو،
جو ور تنهنجي چڙهندو، سو برباد رهندو:
جو گهر پنهنجو ٻاري، ڪري ٿو ڏياري،
تباهيءَ ۾ سو ئي تہ ناشاد رهندو.

ڪُٺي ڪيئي ڪوندر، حبيبن جي سامهون،
رڪئي سر عزيزن، قريبن جي سامهون؛
ستمگر، جفاجُو، ڪيئي ظلم ڪهڙا،
ضعيفن ۽ بيوس مجيبن جي سامهون.

هجن ها جي ڏاها تہ توکي ڏسن ها،
مقابل ٿين ها، زمانا پسن ها:
وئي قوت جو تون، وئين فائدو،
وگرنہ هتي غير پوءِ ڪيئن وسن ها.

گهٽائي تو حيلا هلايا ڪٺڻ لئہ،
چمن کي لٽڻ لئہ، گلن کي پٽڻ لئہ؛
مگر واءِ حسرت! جو تون نيٺ ٿي وئين،
حوادث ڪان لاچار، پٽڻي هٽڻ لئہ.

ڇڏي تو چمن جي پچر، ليڪ ظالم،
ڪڙو تو گلن ۾ ڪيو فتنو دائم:
اها رمز ذهن رسا سمجهي ويو هو،
مگر نظم الفت ٿيو ڪين قائم.

انهن جي ئي هٿ بـاغ جي واڳ آئي،
حياتي گـلـن جـي اچـي جـن مٽائي:
ڪيو مـلـڪ ۾ اهـڙو مـانـڊاڻ پيدا،
جـو هستي سـجـي زهـر پنهنجي بنائي.

اچـا آ اثـر زهـر جـو ان فـضـا ۾،
نشان جـو نشان ۾، عصا جـو عصا ۾؛
مگر پاڙ ٽڪريءَ تي رکجي ٿي جنهن جي،
سـو آهـي ائين ڄڻ ڪو پٿر خلا ۾.

زمـانـو حقيقت پـسـنـديءَ جـو آهي،
ڇوائڻ ڪتي ڪاٺو، ڪاٺو ٿـو چاهي:
مـگر ڪير ٿوهن کي چوندو "مٺا ها"،
مٺن سان ڪڙو، کهڙو سينو ٿو ساهي.

هـوا راس آئـي ته گلشن بـه ٻهڪيو،
ٿيا خوش جي گلڙا، ته ٽانگڙ به ٽهڪيو:
گُـل و بلبل و باغبان سـڀ ٿيا هڪ،
تـه ماري به ويچارو، ناحق ٿي سهڪيو.

اچـو دوستو گـڏجـي خوشيون ملهايون،
مليو آهـي ٽورو، گهٽو ان کي پانيون؛
سنڀاليون، هٿن مـان ويو هـو جو ورثو،
اجايون ڪريـون ڪين لايون ۽ چايون.

خدايـا تـون ساڄهه ڏجئين باغبان کي،
حقيقت جـو قائل، ڪجئين پاسبان کي؛
ضـعـيـفـن ۽ زوراورن کي ملي حـق،
نـه ڪو ڏوهـه ڏيندو وري آسمان کي.

(هندوستان ۾ انـگـريـزن جـي ڪيل حڪمرانيءَ ۽
سياست جي روشنيءَ ۾ لـکيل)

—

## نيلام

آهي ڪو خريدار، ڏئي واڪ ڪٿي بار!

وڪڻان ٿو وڏي واڪ دلِ زار، دلِ زار،
جنهن ڪي سون سنڀاليو هو بصد تاز درين دار،
آندي سا اٿم شهر جي بازار ۾ لاچار،
محتاج رهي جنهن جي سدا چشمِ گهر بار–
آهي ڪو خريدار؟

انصاف ڪي وڪڻي ٿو ڪريان، خون جو واپار،
منصور جيها ڪيئي تہ چاڙهيا سون سرِ دار،
ڪسريٰ و جهانگير جي مسند تي ٿي پٽلهار،
ظاهر ۾ ڪريان پيار ٿو، باطن ۾ ڪريان وار–
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻان ٿو دلوراءِ جي نگريءَ جو سامان،
هي ظلم و ستم، جور و جفا، ڏاڍ ۽ حرمان،
هيءَ عصمتِ معصوم ۽ مجبور جو دامان،
هي روپ جو بهروپ، زنِ پير جو سينگار–
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻو ٿو گهران موج و طوفانِ بلاخيز،
دجلہ جي رواني ہہ، تہ ڪانگو جي وهڪ تيز،
وابستہ ٿيون جن سان حڪايات ڪي خون ريز،
مغرب جي قلابازي و مڪار جي هڪ چار–
آهي ڪو خريدار؟

پائن جـي ستر جـي ڪا حڪايت سبق آموز،
وڪڻ ٿـو گهران مصر ۾ هڪ يوسفِ امروز،
تحقيق ڪندو جيڪو زليخا جـي دل افروز،
اي ديـدهٔ يعقوب، کـلـي آهـ چـا بـازار!
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻ ٿـو گهران دولتِ ايمان جا نشانات،
محمود جون سوپون ۽ مسلمان جون روايـات،
اسلام جـي تهذيب ۽ قـرآن جـون آيـات،
تعليم و حيا، نـام و نشان، جـرائت و ايثار_
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻ ٿـو گهران عظمت و آوازهٔ نـاقوس،
هـي ڊونـگ جـو آواز ۽ هي نغمهٔ سالـوس،
تقديس ڪليسا جي ۽ هيءَ دير جي ناموس،
گهرجي ٿو هتي، يارو، ڪومذهب جو روادار_
آهي ڪو خريدار!

وڪڻ ٿـو گهران باغِ ارم، مصر جا اهرام،
آئينو سڪندر جـو ۽ جمشيد سـنـدو جـام،
بلـقيس جـو هـي تخت، سليمان جـو پيغام،
سومل جي سياڙپ يـا ڪپي چين جـي ديوار_
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻان ٿو ڏکيل ڏيل ۽ ڏک درد جو احساس،
زخمن سان بـدن چور ۽ ظالم جو پٽيل ماس،
ڪنهن کي چا ڀڏايان تہ ٿئي ڪئن ٿي ستياناس،
ان بعد تہ مشڪل سان ٿئي ذهن ڪو بيدار_
آهي ڪو خريدار؟

وڪڻان تـو خيالات، جـي هـا موردِ الـزام،
جن کي نـہ ڪري ڪوئي سگھيو بندهٔ بي دام،
جنهن لاءِ رکيا ڪيئي ويـا خـوب ٿي انعام،
فنڪار جـا ويـچـار، سـو آزاديِ اظـهـار،
آهي ڪو خريدار؟

”صائب“ جو انهيءَ پاسي پِلا ڪهڙو گذر آهہ،
نـيـلام گھرن جــي تـہ اهـا عـام خبر آهہ،
دنيا ۾ چڙي، يارو، ڪڏهن ڪنهن ٻہ ڪسر آهہ،
مجبور زماني کي ڪندو، جڏهن هـي بيدار،
چوندو تـو وتي يـا تـہ، آهي ڪو خريدار!
آهي ڪو خريدار!

—

(تاشقند جي معاهدي کان متاثر ٿي لکيو ويو.)

## اڇو اڇو مجاهدو

اڇو اڇو مجاهدو،
ورو ورو مجاهدو!
وطن پڪاري ٿو اٿو، وطن جا واهرو ٿيو،
وساري اختلاف سڀ، سڀئي سرخرو ٿيو،
وطن جون خدمتون ڪري، وطن جي آبرو ٿيو:
هلو ته غير سان هلي،
ملي ڪريون مقابلو.

اڇو اڇو مجاهدو،
وڄي ٿو طبل جنگ جو!
اسان جي سرزمين تي، نه نحس ڪو قدم ذري،
خيال رکجو غير مان، سگهي لڳين نه ڪووري،
اچي جي موت سامهون، ملو انهيءَ سان جيءَ ڪري:
ڏسو ته پوءِ ڪير ٿو،
اسان جو غصب حق ڪري.

اڇو اڇو مجاهدو،
سپاهيو ۽ غازيو!
وطن جي سرحدن تي آهه، جرئتن جو فيصلو،
اِلٰه و اهرمن جي آهه، قوتن جو فيصلو،
نگاه و نقطءِ نظر ۽ قسمتن جو فيصلو،
ڪرڻ کپي ٿو روشنيءَ
۽ ظلمتن جو فيصلو.

اچو اچو مجاهدو،
وڌو وڌو دلاورو!
ڪٽڪ اچن ٿا ڪفر جا، هي اوچتا ئي اوچتا،
هلان ڪري اچن پيا، هي بزدلن جا بودلا،
اچڻ ڏيو ڀلي اچن، هي ڪانئرن جا پرجهلا:
هلو هلي جياريو،
اوهين ٻيو رسم ڪربلا.

اچو اچو مجاهدو،
قدم وڌايو اڳڀرو!
ڪندا اوهان کي غازيو، هي توپ ۽ تفنگ ڇا،
هي گيدين جي فوج ڇا، ۽ لوهه جا نهنگ ڇا،
ٽين الائي معرڪي ۾ آسمان جا رنگ ڇا،
هٽي ڪٽي، ڪٽي هٽي،
نه توربا ڪي تنگ ڇا!

اچو اچو مجاهدو،
رکو خدا تي ڀروسو:
ڏٺي ڪندو اسان کي نيٺ، ڪامياب و ڪامران،
نصيب ٿيندو حق کي ئي احترام و عز و شان،
جي غازي و شهيد، سي ئي دين جا تم پاسبان:
سدا رهون ٿا سرخرو،
اسان جي لئه ٻئي جهان.

—

# واردات

صلح ڪل جا پاسبان، جمهور جا ساده اسين،
حيف، رنگين طبع مان تنهنجي نه دارائي وئي!

تنهنجي قول و فعل جو هير ڦير ظاهر ٿو ٿئي،
تنهنجي موجي من منجهان ئي ڪين ارڏائي وئي.

گرچ ظاهر ۾ هميشه تون ته اجرو ٿو رهين،
پر حقيقت ۾ نه تنهنجي من جي ميرائي وئي.

ڪنهن ٿي چاتو، صلح جون ڳالهيون ڪري، پيو ڪجھ ڪندين،
ڪم ڪڍڻ لئه ڪين تنهنجي دل مان ڪارائي وئي.

سادگي پرڪار نڪتي، روپ جو بهروپ هئي،
ظاهري پيڪر مان پر، نا شانِ زيبائي وئي.

تو ته پنهنجي هر ادا ڪي روپ نيارو ٿي ڏنو،
پر نصيبِ دشمنان، جو ڪين رسوائي وئي.

سازشون تنهنجون عيان ٿينديون رهيون غيرن جي گهر،
فڪر تنهنجي کي نه ڪا زنجير پارائي وئي.

اج بہ ابراهيم لئه آڙاهه ٻاريو ٿو وڃي،
خون آشامي نه ڪنهن جي پر تماشائي وئي.

اج بہ عيسيٰ لئه ٿا سينگاريا وڃن سهڻا صليب،
حاڪمن جي حشمت و هيبت، نه ڏاڍائي وئي.

اج بہ آهي، روح جي ديوار قائم، اي نديم،
ڇا ڪي رانديڪا ڏئي، دل ڙي نہ ريجهائي وئي.
اج بہ گابن جي رنين تي، لوڪ حيران ٿو ٿئي،
سامريءَ جي سحر جي ڪنهن پر نہ رعنائي وئي.
اج بہ عقل و فهم ڪي خود زهر پيٽو ٿو پوي،
پر نہ ڪنهن سقراط جي دنيا مان دانائي وئي.
اج بہ ڪرٽي روشنيءَ جي پٺي ٿي گوتم ڪي تلاش،
ڪنهن گيا جي غار ۾ نا ڪنهن جي راجائي وئي.
ڪوپرين جا اج بہ ڪي مينار جڙندا ٿا رهن،
رسم چنگيزيءَ جي نا ڪنهن پر پذيرائي وئي.

هڪ جي دنيا ڪي لٽي، اج پيو چراغان پيو ڪري،
زور ۽ زر جي پراڻي ڪين ڏاڏائي وئي.
مسجد اقصيٰ ڊهي، هيڪل سليماني ٿهي،
اي جنون! تعمير جي تو مان نہ چريائي وئي.
سون گهٽي ڪوشش ڪئي تا توکي بدلائي ڇڏيان،
تنهنجي فطرت مان نہ ساگي آبلہ پائي وئي.
پروسو تو تي ڪيم ۽ قافلو منهنجو لٽيو،
تنهنجي دانائي وئي نا منهنجي رسوائي وئي.
سادگي منهنجي وئي، بحث و نظر جي ٿي شڪار،
اهل مجلس جي نہ ليڪن خامہ فرسائي وئي.
زخم ڇا مون کي رسيا، يارن جا ڦٽ آ ڪرڙي پيا،
هر قدم تي رت وهيو، نا دشت پيمائي وئي.
رڻ ڪڙهيو، پاڻي پريو، ڪک پن سڙيو، سيڪجهہ ويو،
تنهنجي قسمت مان، اي "صائب"، پر نہ رسوائي وئي.

---

# مآلِ فتنہ خو

وطن جي دشمن چيو ٿي ڪاهہ، مان وطن گلستان ڪري ڇڏيندس،
هينئر تہ مون کي مدد ڪريو، پوءِ اوهان کي شادان ڪري ڇڏيندس.

متاعِ ملڪ و وطن بہ وڪٽي اوهان جو درمان ڪري ڇڏيندس،
غريب غربي جو ڏک ڪٽيندس ۽ گل بدامان ڪري ڇڏيندس.

زمين ڪلرائي آهہ ڏيئي، زر و جواهر سان جهولي پرٽي،
ڪري هي سؤدو جو آهہ سستو، اوهان کي انسان ڪري ڇڏيندس.

فريب هوندو ڪ چشم بندي، مگر جهان خوب ٿيندو روشن،
اجاڙ واٽون ۽ قصرِ ويران، مڙئي چراغان ڪري ڇڏيندس.

اٿوَ پلائي انهيءَ ۾ هاڻي، ڪريو اجايو نہ گوڙ ڪجهہ پي،
خيال منهنجي ۾ جيڪي ايندو، اهوئي سامان ڪري ڇڏيندس.

اجا بہ منهنجي خلاف آهيو؟ ڪريو ٿا جڳ ۾ چو روج راڙو،
اجهو ٿو طاقت کان ڪم وٺان بس، اوهان کي ويران ڪري ڇڏيندس.

زبان تي تالو، بيان تي بندش، هٿن ۾ پيڙيون وجهي تہ سگهندس،
نڙي اوهان جي گهٽي ڇڏيندس، اوهال کي حيران ڪري ڇڏيندس.

نہ بانس هوندو نہ بانسري، پوءِ صدا نہ ان جي ڪڏهن بہ پڌبي،
حقيقتن کي لڪائي، فتني کي زيبِ عنوان ڪري ڇڏيندس.

انهيءَ تي محبِ وطن چيو، بس، اهو اوهان جو خيال آهي،
وطن کي وڪٽي، انهيءَ کي گلشن ڪرڻ تہ ڏاڍو محال آهي.

گلن کي گلچين جي هٿ ۾ ڏيئي، اسان کي پاڻيءَ جي لئہ چئو ٿا،
پين جي هٿ ۾ اسان جون وا ڳون رهن، اوهان جو ڪمال آهي.

# جائزو

اچو اچو، اي دوستو!
وٺون هلي ڪو جائزو:
بهارِ جان فزا ۾ چو چمن اسان تي بار ٿئي،
عجيب ڳالهه آهه جو گلن ڦلن تي وار ٿئي،
پلاند پاڪ ٿي ڪري، وري به داغدار ٿئي،
نگاه بيقرار ٿئي،
۽ نصب تختِ دار ٿئي.

عجيب رنگ پيا ڏسون،
خيال تنگ پيا ڏسون:
وري به رهبرن ڪئي چو اختيار رهزني،
جنون سوار آهه يا وڌي وئي ڪا دشمني؟
خدا ڪري تہ دور ٿي وڃي اجائي بدظني!
خبر نہ آهه، اي ڏٺي،
اسان ۾ آهه ڇا ڪمي.

چون ٿا سير ڪاروان،
ٿيو اسان جا همزبان:
سياهہ کي سفيد چئو، سفيد کي سياهہ چئو،
ڪڏهن بہ ڪم نگاه کي، نہ فرد ڪم نگاهہ چئو،
هجي مقام آه جو، توهين تڏهن بہ واه چئو،
جفا کي انتباهہ چئو،
۽ جبر کي نباهہ چئو.

اسان جا همنوا ٿيو،
۽ شهر جا ابا ٿيو:
هجي هر يڙ گوڏ ۾، لڪائجو نہ، دل هٽي،
ائين نہ ٿئي جو فاش ٿئي ذرو بہ رازِ دمزني،
ڏئي جي وٽ نہ سورجو، متان وڌي نہ روشني:
ڪٽو نہ پردو آهني،
پلي ڪڏي پوء سج ڪني.

چون ٿا اهلِ ڪاروان،
ٻڌو اسان جي مهربان:
غلط روش تي نڪته چين، ٿئي نہ ڪيئن دلِ حزين،
ٿئي ٿي احتساب تي اچا ڇو پُرشڪن جبين،
هوس ڪان پاڪ آهہ جي صنمڪدي جي سرزمين:
حريمِ دير جا امين،
هجي نہ بت بہ آستين!

سڙون پلي، پلي رجهون،
مگر ڪجي نٿا سگهون:
وڻن ۾ شور ۽ شغب تہ باغ ۾ فسردگي،
دلين ۾ غيض ۽ غضب، لبن تي مهرِ خامشي،
انهيءَ ڪان وڌ بہ ٿي سگهي ٿي آدميءَ جي بيوسي؟
هجيئي حيف، بيڪسي!
تفو تفو، اي بيوسي!

اسين چئون ٿا صاحبا،
ڏسو تہ پيا گهرن ٿا ڇا:
گلن کي ٿا ڏسڻ گهرن، چمن ۾ ٿا ويهڻ گهرن،
مسرتن جا همنشين و همنوا ٿيڻ گهرن،
اياغِ مئي حيات بخش، تا بہ لب نيڻ گهرن،
سين سمان جيڻ گهرن،
۽ جامِ نؤ پيڻ گهرن.

اوهان کي ٿورو آهہ جو،
پين ڪِي سو بہ ناهہ ڇو؟
ذرا انهيءَ تي سوچجو، هيءَ ڳالهہ ناهہ ڪا ڳري،
زماني ڪان هلي اچي ڇو زرگري ۽ برتري؟
ڪيو ٿي ڪنهن بہ پورهيو تہ جهول ڪنهن جي ٿي ڀري؟
جڏهن اچو هتي وري،
ٻڌائجو ڪري ڪري.

---

## پڇاڙي

ستمگــر جي نهائينءَ ۾ پچي يارو چڙهيا آهيون،
هليءَ ڪنڌن جي نوڪن تي نچي يارو چڙهيا آهيون،
وهائي خون، ريتا تــي، رچي يارو چڙهيا آهيون،
ڪري مڙسي، مصيبت مان بچي يارو چڙهيا آهيون،
زمـاني جـا ستم سهندي اچي يارو چڙهيا آهيون.

اسان کي پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪُنو ڪنهن سالها آهي،
اسان کي پنهنجي گهر ۾ ئي سٽيو ڪنهن بيحيا ناهي،
اسان کي رت ڪيو آهي، اسان جي لاڪ ڪنهن لاهي،
اسان تي ڏند شيڪي پيو، اسان تي پيو اچا باهي،
اسان تي ظلم جي ٿـي انتها ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟

اسان ان حال ۾ هوندي بہ ڪوشش کي رکيو جاري،
ڪري آگـاهـ فتني کان، وري آنديسين بيداري،
ستل سڀ شينهن جاڳي پيا، ڇڏي دستوري گينواري،
فضا گونجي اٿي، هڪ نعرهءِ مستانہ سان ساري،
زمين کان آسمان تـائين پـڪـڙجي ويئي بيزاري.

۽ بيزاري بہ اهڙي، جنهن نهوڙي نيو ستمگر کي،
ستمگر جي ادائن کي، اداڻن جـي پيمبر کي،
ڇٽيءَ جو کير ياد آيو، اتي ظالم تونگر کي،
وڪوڙي باهہ جهنگل جي ٻري، مڪار جي گهر کي،
ڪري ڇاري ڇڏيو جنهن اڄ، فريب و مڪر جي سر کي.

گھٽيئي ٽاهه ٽاهيا ويا، مگر چارا چڪي ويا ها،
گھٽيئي راڳ ڳايا ويا، ڳلا ليڪن سڪي ويا ها،
گھٽا ڪنهن وس هلايا، پر رسڻ وارا رسي ويا ها،
جنين تي پروسو هو، خود آهي ڪاڳر پسي ويا ها،
مقدر جي پرندي جا ٽي شايد پر ڳسي ويا ها.

نتيجي ۾ ستم جي خو ڳھڙي ڪن لئه وئي منجي،
ويو سڀ ڏيڏيو ڏيجي، ويو سڀ ولولو ڳھنجي،
زماني خود ڏنو هيڪر، وئي سازش جي اک پنجي،
اچي زهريلو عنصر ڪئن ڪريو بيڪار ٿي سنجي،
ڪئي جو ڪيتو لوڙهيندي، وڃي شايد صفا لنجي.

ايئن ٽيندي طلسم رنگ و بو ڳھتجي ويو آخر،
اثر انسان جي همت، وڃي سهٽو ڪيو آخر،
ڪٿان ٿو هٽ، بصد لاچار، ڪنهن شاطر ڇيو آخر،
سياست جي ٽي وا ڳن ۾، وڃي نئون هٽ پيو آخر،
ٽٽو 'يونٽ' ۽ ڏولائو لٿو، ماٺهن ڇيو آخر.

انهيءَ جي اڄ خوشي آهي، سموريءَ سنڌ ۾، يارو،
بلوچستان، سرحد پڻ اسان جيان آهه سوڀارو،
خوشيءَ جو گيت ڳايو، نوجوانو، پيرسن، ٻارو،
خدا جو شڪر، حقدارن جو آهي اڄ وريو وارو
لٿو ديوار تسان سازش جو هتراڏو ڇميل چارو.

ڏکن جي رات پوري ٿي، سکن جو صبح آيو آ،
ڏکويل جي مٿي تي هي تہ رحمت جو ئي سايو آ،
ڪمائي ساب پنهنجي آهي، ٿيو پورهيو سجايو آ،
مبارڪ آهہ تن کي، جن آٽي وڻ وڻ وڃايو آ،
هجي صد حيف تن کي، جن اسان مان ٿي لڄايو آ.

ڏسو، اي ظلم جا حامي، اوهان جي ڪئن پڄاڻي ٿي،
اٻوجهن، ساده لوحن ساڻ، قدرت آهہ ساٿي ٿي،
صداقت تخت تي آهي، اچي ويٺي تہ راڻي ٿي،
ٺڳيون، دولاب ۽ حرفت، ويون سڀ لوڻ - پاڻي ٿي،
اوهان جي اج سياست ڪان، اسان جي سوڪلاڻي ٿي.

(ون يونٽ ٽٽڻ وقت لکيو ويو.)

## دستور

(١)

پور پچائڻ، سينو ساهڻ،
آهه اسان جي ريت.

سوچڻ لوچڻ، سچ کي ڳولڻ،
پر ۾ ويهي، ڦورو ڦولڻ،
ڪلمو حق جو، يارو ٻولڻ،
آهه اسان جي ريت.

باهه مان سهڻو باغ بڻائڻ،
سرمد وانگر جان چائڻ،
مستيءَ ۾ سبحان سڏائڻ،
آهه اسان جي ريت.

ٻيجل ٻڌجي سرندو چائڻ،
سِرُ تي ڪيئي سيس نوائڻ،
فن سان ڏاڍا ڏيل ڏڪائڻ،
آهه اسان جي ريت.

نخشب جهڙا چند بڻائڻ،
خورنق جهڙي جاءِ اڏائڻ،
مانيءَ جهڙا رنگ رچائڻ،
آهه اسان جي ريت.

(٢)

ڪنهن جي پاران، ڪنهن جي ڪارڻ،
تاري ٻارڻ، ٻاري تارڻ،
هاري جيتڻ، جيتي هارڻ،
آهه اسان جي ريت.

ڏارين کي هٿ سان ورسائڻ،
پنهنجن کي خوش ٿي کيرائڻ،
پاڻ کي ڏاهو پوءِ به سڏائڻ،
آهه اسان جي ريت.

موقعي سارو باهيون پارڻ،
سڀ کي ريبي، دلڙي ٺارڻ،
هاج لٿي نا کنهن کي سارڻ،
آهه اسان جي ريت.

پئسي لئه، بس، کوڙ ڪمائڻ،
ڌرم ۽ دين کي وڪڻي کائڻ،
مالها ڦيرڻ، جٽيو پائڻ،
آهه اسان جي ريت.

(۳)

ٻرڙي پويان حڪم هلائڻ،
سهڻي نموني ڏور لڪائڻ
پتلين وارا ناچ نچائڻ،
آهه اسان جي ريت.

ڏيوالو ٿي خان سڏائڻ،
ٻهر سوڙ کان پير وڌائڻ،
جاڻي واڻي پاڻ ڦرائڻ،
آهه اسان جي ريت.

سيني سان هر طور نباهڻ،
هِن مان لاهڻ، هُن مان لاهڻ،
ويٺي ويٺي ڳالهيون ڦاهڻ،
آهه اسان جي ريت.

# ڳالهه ٻولهه

(١)

نگري منهنجي پاڪ پوتر،
ماڻهو ان جا سادا سودا،
گرچ چنيسر آڇي ٻانهون،
اڄ ٻي ڪن ٿا ڳهر جا سودا،
ٻاگهل جو هٿ ڏيندا ڪيئن سي،
هوندا غيرتمند جي دودا.

(٢)

پُنري جهڙا سورهيه ٿورا،
لڄ جي خاطر ڪڙهندا آهن،
ساهه تان سانگو ڪٽندي سانگي،
سوريءَ سامهون چڙهندا آهن،
عزت، غيرت، همت جو پڻ،
سرس سبق سي پڙهندا آهن.

(٣)

ڪاڪ ڪڪوريو آهي جن ڪي،
راڻا سي ئي راڻا آهن،
تن جي دنيا آهه نرالي،
داڻا سي ئي داڻا آهن،
سومل جو هي ٿاهه ٿلهو آ،
سومل جا يا ماڻا آهن.

(۴)

زهر هوا ۾ پرجي پيو اڄ،
سهڻا، ساهه سنڀالي ڪڄجو،
سانير وانگر تانءَ ۾ پرجي،
سوڻي سگ تي هام نه هڄجو،
پويان آهن شينهن شڪاري،
تن جو لقمو ڪينڪي بڄجو.

(٥)

گهات ۾ ويٺو آهي لومڙ،
جنهن کي لڱل آ آنڊن لوري،
توتي جاڻ ٿيو بس حملو،
چار شڪارين آهي سوري،
خطرو آهي، ٻوتو، ٻوڙو،
ڳالهه ته بيشڪ آهي ڳوري.

(٦)

ڪونج قطاري آئي آهي،
ڪيت سنڀال ۽ ڪانياڻي ڪڻ،
ساريون چگندي سار نه پوندي،
ننڊ نياڳيءَ ڪي ٻن ۾ هڻ،
رات هجي يا پرڀات هجي،
لڄي ويندو تنهنجو سي ڏڻ.

(٧)

ڏوڙ اکين ۾ وجهندا آهن،
منڙين، منڙين ڳالهين وارا،
زهر ڀريل هي شربت شيشا،
نالي ۾ ٿيا امرت ڌارا،
ٻاهر جا هي چڪنا مکڻا،
دل جا آهن ڏاڍا ڪارا.

(٨)

ٽوهن وانگر سونهن جا مالڪ،
ڏيک ۾ آهن سهڻا، يارو،
سون جو پاڻي چاڙهيل زيور،
هلندا آهن پورو سارو،
پنهنجي مطلب ڪارڻ هرڪو،
ڏيندو آهي، يارو، وارو.

(٩)

خاڪا، نقشا ڪيئي ناهي،
اڻڄاڻن کي ڄاڻ ڏيو اڄ،
جن کي ناهي ساڃهه ڪائي،
تن کي ڪي آهڃاڻ ڏيو اڄ،
ٽوڙڻ ايندو ناهي تن کي،
ماپا، ڪاٽا، ماڻ ڏيو اڄ.

(١٠)

وقت ڏکيو اڄ آيو آهي،
دنيا داري ڪرڻي پوندي،
جهڙو جهڙي هلندو، يارو،
تنهن سان تهڙي ڀرڻي پوندي،
پنهنجا، ڌاريا، پڌرا ٿيندا،
وچ تي ٿالهي ڌرڻي پوندي.

(١١)

ڪنهن جي ڪنهن جي ٿااهيءَ ۾ ٽيو،
آهي ديپڪ روشن ڏسجو،
تُند هوا جي رخ کي ٽاڻي،
آڏو آٽي دامن ڏسجو،
ڪير ڪري ٿو لاٽون قائم،
ڪير بچائي ٿو ڌن ڏسجو.

(١٢)

جيءُ جلائي سي ڪنهن خاطر،
اهڙو ٿيندو سامي ڪوڪو،
گهرج گهڙيءَ ۾ هر ڪنهن ڏيندو،
اهڙي پريندو هامي ڪوڪو،
سيني کي سو هردم چاهي،
اهڙو ٿيندو حامي ڪوڪو.

هرڪو پنهنجيءَ مرضيءَ سارو،
همت وارو ٿيندو آهي،
لوڪ لڪائي يا نہ لڪائي،
حال ونديندو ويندو آهي،
نيت آهر، سيکو، ”صائب“،
جڳ مان نيڪي نيندو آهي.

—

## نقشو

روم جو مشهور ظالم تاجدار،
سرڪش و بيرحم، جابر، نابڪار،
نخوت و شڪي مزاجيءَ جو شڪار،
بيحيائيءَ، هوڏ، هٺ جو شاهڪار،
جنهن ڪان آهي اڄ به دنيا کي ڌڪار،
نانءُ ان جو آهه ’نيرو‘ آشڪار.

شاهه بڻجي جنهن ڪيو ظلم و ستم،
باهه بڻجي جنهن ڏنو ٻاري خلم،
شهر ساڙي جنهن ڪيو سارو ڀسم،
قهر بڻجي جنهن کنيا قهري قدم،
تنهن جي مرليءَ تي ٿيا اڄ کي نثار،
پنهنجي ڪرٽيءَ تي نچن پروانه وار.

ڊاهه کي سي ٺاهه چوندا ٿا وتن،
لاهه کي سي گاهه چوندا ٿا وتن،
آهه کي سي واهه چوندا ٿا وتن،
راهه کي گمراهه چوندا ٿا وتن:
انڌ جي گهوڙي تي آهن، چڙهي سوار،
هاءِ لالچ، لوڀ، هاءِ اقتدار.

اڄ بہ جـي پيئندا رهـيـا ڪهنو شراب،
تلخي و تنـنديءَ ۾ سي مست و خراب،
تا تنين کـان ونءُ وڃـن، عالي جناب،
ڇانئجي ويو جن تي ماضيءَ جو سراب:
ڇـا پـتـو تـن کي، بـطـور، يادگار،
ڇـا گـهري ٿو پرت ۾ اڄ جو نـگار.

بندشون ڇو ٿـيـون پـون اظهار تي،
رنجشون ڇو ٿـيـون رهن سڀ يار تي،
بخششون ڇو ٿـيـون ٿـيـن پينار تي:
آهـہ ايـڏو زور ڇـو سـيـنـگـار تي،
ڇـا، حـقـيـقـت آهـہ ايـڏي ناگوار،
جـو نـہ چـاهـن تـا، ٿئي سا آشڪار؟

ڪيئن ڪري فريـاد ڪـو سرڪار تي،
هڪ هـنـئـي قـائـم ڪيل بـازار تي،
حـرف گـيـريءَ کـان هنئيل ايثار تي،
نـاز هـن ڪـي آهـہ هـيـن بيمار تي:
آهـہ ڇـا جـڙتـو اهـو بـاغ و بهار،
جنهن جو هـيـو رخ آهہ لاشڪ داغدار.

يـڪ رخـي تصوير سهڻي ڇا ڪـبـي،
ظـاهـري تـحـريـر سهڻي ڇا ڪـبـي،
بـي مهل تـقـريـر سهڻي ڇا ڪـبـي،
زنـدگـي بڻجي نہ سگهندي خوشگوار،
پـيـرڙهـہ پـخـتـي ڪـين ٿي جي استوار.

جي کو سمجهي، هُن سوا ناهي ڀلو،
سرس آهي پاڻ ۾ ٻيو سڀ ڏلو،
آهي ان جو نعرو ٻارو ڪوڪلو،
سچ ته جهڙس ناهه ٻيو ڪو ڪوڙلو:
پاءِ تي ٻيو سير آهي، منجهه ديار،
آهه بيجا هي غرور و افتخار.

عقل و دانش کي خريدڻ، جان، من،
ڏاڍ کي پنهنجو بڻائڻ ناهه فن،
ضعف تي قبضو ڪري، تي نغمه زن،
ڪوڙو ڳاهڻ داستان، در دم زدن:
آب جي لهرن کي ڏيئي هڪ فشار،
ڳاهڻو هتراڌو آهي آبشار.

تهمتون ٻئي تي مڙهڻ، حد کان ڪرڻ،
ڏوهه ڏيئي غير کي، خود ئي ڦرڻ،
جنهن کان ٻئي کي روڪجي، تنهن تي هرڻ،
آهه اڻ وڻندڙ حقيقت ڏي سرڻ:
ڪيستائين ڪنهن جي نيت جو غبار،
ڪيئن رکي قائم سگهي، جڙتو وقار!

درس عبرت لاءِ جهونا داستان،
پيا ڪلي تاريخ جي ورقن مٿان،
پل مطالع ڪن مڙئي سارو بيان،
تاڪ سڀ سوچي سگهن سود و زيان:
بهترين صورت ڪري پوءِ اختيار،
پل تہ ڪو وڏندو رهي مستانہ وار.

ظالمن ۽ جابرن جو چا ٿيو،
نغز گوين شاطرن جو چا ٿيو،
سامريءَ جان ساحرن جو چا ٿيو،
پنهنجي ليکي ماهرن جو چا ٿيو:
اڄ به آهن چا اهي سڀ نامدار؟
ڪير چاهي ٿو ٿيڻ تن ۾ شمار؟

مست ٿي ڪنهن جي به مرليءَ تي نچڻ،
پنهنجي وس ڪان پاڻ ۽ نڪري اچڻ،
بيوسو ٿي، رنگ ۾ ڪن جي رچڻ،
ٿيو پرائي سيڪ تي ناحق پچڻ:
ان طرح ٿاهي ٿو جيڪو رهگذار،
پنهنجي هٿ سان ٿو ڦٽائي لالہ زار.

در تي پاڻي هوندي، مورک آڃ مرن،
ڪير هوندي، ڦيڻ ڏي سي ٿا ڦرن،
ظاهري چلڪي تي ناحق ٿا مرن،
ايئن ڪٺي چڻجي تہ پنندي پيا پرن:
مت چڱي تن کي ڏئي پروردگار،
تا نہ دنيا ۾ ٿين سي شرمسار.

آهہ منصوبو سٺيل کو شهر ۾،
نقش جنهن جو آ چٽيل هن شعر ۾:
گرچ بجلي آ اکل هر لهر ۾،
پوءِ بہ ٻيڙا پنهنجا لاهيون بحر ۾:
شل ٿين حالات، "صائب"، سازگار،
ملڪ و ملت لئہ هجن جي پائدار.

# خاڪو

(١)

زندگي تنهنجي ڪري،
سون تم پئي طعنا سنا؛
گل ۽ بلبل ڪي ڏسي،
سون لڳا مهٽا مٿا؛
غم جي دنيا سان اچي،
لڙڪ هاريل ٿيا ڪنا؛
نير نيڻن سان وهيو،
سينهن ٻي موسم وٺا؛
سيٽبا ويا ڪئي نشان،
نقش جهونا پئي ڊٺا.

(٢)

ساهم طلعت ڪير هو،
ڪنهن ڏنو جلوو اچي؛
ڪير غش ٿيو طور تي،
ڪنهن جي پيشاني پسي؛
ڪنهن ڪي حق حاصل ٿيو،
رنگ ۾ ويو ڪيئن رچي؛
ڪير ٿيو سرم صفت،
ڪنهن تي بجلي هئي ڪري؛
ڪير افسانو بڻيو،
ڪنهن جي هئي جادوگري.

(٣)

ڪير هو جنهن هو ڪيو،
غار ۾ ڪسب ڪمال؛
جنهن جي حڪمت، دوستو،
اڄ بہ آهي لازوال؛
زندگيءَ کي جنهن ڏنو،
سونهن، سوڀيا ۽ جمال؛
جنهن ڪيو اخلاق جي
نخل کي نئين سر نهال؛
هو جنهين جي فقر ۾،
بادشاهن جو جلال.

(٤)

ان سان وابستہ رهي،
آهہ منهنجي زندگي؛
علم و حڪمت، معرفت،
ياڪ منهنجي بندگي؛
سي ڪيم ان تان نثار،
سون ساي تابندگي؛
ٿي ويو روشن ضمير،
هئي عجب رخشندگي؛
بخش، مولا، مهر سان،
ان کي بس پايندگي.

(٥)

واردات‍ون دل س‍ن‍د يون،
هڪڙي مائل کي ڏنم؛
داستان مجنونءَ سندا،
خاص محمل کي ڏنم؛
قنعر دريا جو پتو،
آڻي ساحل کي ڏنم؛
جهل جا ڪل داستان،
عقل ڪامل کي ڏنم؛
۽ تڙق آخر اچي،
نيم بسمل کي ڏنم.

(٦)

لغزش مستانه ڪا،
ميگسارن کي ملي؛
سرخيءِ باده وچي،
لاله زارن کي ملي؛
سونهن، سوڀيا، نازڪي،
گلعذارن کي ملي؛
ناز نخرو ۽ ڪجي،
زلف وارن کي ملي؛
عاجزي، نوڙت، نياز،
خاڪسارن کي ملي.

(٧)

ورچ وارن ورچ ڪئي،
پر نه پئي ڪنهن کي خبر؛
آئڙيو سو ڪين ٿي،
همسفر کي همسفر،
گرچ ڪرڻي هئي سين،
طئي جو ساڳي رهه گذر؛
ڪن تي هئي ڪجهه رحم جي،
ڪن تي هئي ڪرڙي نظر؛
پوءِ بہ پنهنجي ساٿ کي،
تن ڏنو سهڻو ثمر.

(٨)

قافلو ٿيو آ روان،
دردسندن جو وري؛
آت تہ آريءَ ڄام جا،
اڄ اٿيا چندن چري،
ياد ڪنهن کي يار جي،
آئي ٿي دل تي تري؛
ڪير ٿو چاڙي تہ مان،
آهيان ڪنهن لئہ چري؛
سيڪنهين آهي ڪنئي،
پنهنجي سر پنهنجي پري.

(٩)

بار سر تي آهي ۽
ڳٽيون ويڙهي ويون،
ڪن جي ماضي آهہ من،
ڪن کي ٿيون ڳالهيون نيون؛
ٿيا زماني جو شڪار،

جن تي افتادون پيون؛
ڪن جو همٿ هو واڳ تي،
ڪن ٿي نيزاريون ڪيون،
چين دل کي ڪيئن اچي،
باهم تي آهن تيون.

ڏکندو ڏور ٿئي

(۱۰)

آئي اوڀر جي هوا،
ٿيو سمو ڪجهه خوشگوار؛
خود چمن ٽهڪي آٿيو،
آئي آهي ڇا بهار!
بوند پڻ برسڻ لڳي،
آيو وڻ ٽڻ تي نکار،
سونجهه سڀ جي دور ٿئي،
۽ لهي دل تان غبار؛
شل ڪري مقبول اڄ،
ڪا دعا پروردگار.

(۱۱)

سازشن جي زد ۾ آ،
منهنجي ننڍڙي ڪائنات؛
دل جي دنيا ۾ اچا،
زور آلات و منات،
گرچه سمجهان ٿو، سڄڻ،
آهه دنيا بي ثبات؛
شل ملي پرمن منجهان،
ڪُل عقيدن کي نجات؛
سرخرو جئن حق ٿئي،
ڪائي باطل، يار، مات.

(۱۲)

پنهنجي حالِ زار تي،
لڙڪ هاري ڪيئن وهان؛
ڪنهن جي پياري نام تي،
دل ڏتاري ڪيئن وهان؛
ترڙ وانگي ڳڙڪ ۾،
ڪنهن سهاري ڪيئن وهان؛
پاڻ ڄاڻي اڄ وري،
چال ڪاري ڪيئن وهان؛
ڄاڻ هوندي، اي سڄڻ،
راند هاري ڪيئن وهان.

(۱۳)

وجهه مليو آهي جڏهن،
ڇو نه پوءِ خدمت ڪجي؛
جي ملي پورهيو وڃي،
ڇو نه پوءِ محنت ڪجي؛
زندگيءَ جي هر طرح،
بارها عظمت ڪجي؛
جيڪي ڪرڻو ئي پوي،
سو ٿي باهمت ڪجي،
متانءُ جو ”صائب“ ڏئي،
تنهنجي خود عزت ڪجي.

—

# تاثرات

اهل خرد سان، اي دل، ڇا لئه ڪبو ڪلام،
او بي نياز منزل، ڇو ٿي ڪرين سلام.

ساقيءَ جي چشم تر ۾، هوندا هزار جام،
تہ بہ رند لا آبالي، موٽي ٿو تشنه ڪام.

تنهنجي پيئڻ جو شايد، آهي ٿي ڍنگ خام،
ورنہ لٽايا دنيا، جامن تي جام جام.

اي چشم سرمگين تو، پنهنجي غرور سان،
دنيا جو آهہ درهم برهم ڪيو نظام.

هوڏانهن جي تير آهن، هيڏانهن بہ دل فگار،
هر موئي چشم ڏسجي ٿو هاڻ لالہ فام.

سيني ۾ دل ٿي تڙپي ۽ دل ۾ آرزو،
بيچين آهہ انسان، اميد بي لغام.

وابستہ ڀؤنر گل سان ۽ چنڊ سان چڪور،
آهي اِها حقيقت يا هڪ خيال خام؟

ڇا حسن ۽ جواني، ڇا راڳ، رنگ، روپ،
قدرت انهن شين کي بخشيو نہ ڇو دوام.

هي ويس ۽ وڳن تي، سيني جو زير و بم،
ڪمبخت دل نہ ريجهي، ڇا لئه ٿئي نہ رام.

ڪنهن جي لبن تي لالي، ڪنهن جي ڳلن تي تر،
رنگين آهہ دنيا، رنگين آهہ دام.

مخمور هڪ جواني، هيءُ حسن بي پناھ،
ڇلڪن نہ بزم ۾ ڇو، مينا، شراب، جام.

زاهد نہ شل ڏسي اڄ، سهڻن جي چال ڍال،
توبہ شڪن ادائون، رفتار خوشخرام.

هر جا وسين تون ڇو ٿو، جيئن وڏڦڙو وسي،
ايڏو نہ ڪر، خدارا، اي حسن! جلوو عام.

هي زندگيءَ جون راتيون، ماضيءَ جا داستان،
ٿيندا ڪڏهن مڪمل، افسانہ ناتمام؟

—

## نوريءَ کي نہ نچايو

نوري نيٺ نچائي ڪنهن؟
ڪير تماچي آ، جنهن لئہ،
پنهنجي پيڻ نچائي آ.
محفل يار مچائي آ؟

شرم حيا جي پتلي ۽،
نورا پائي ناچ ڪري!
گهوٽ اڇي پيو ڏاريو هاڻ،
ڪنهن لئہ ويهي سانگ پري!

سنڌ جي سادي نينگر کي،
ڇا جا ناچ نچائيندين؟
بود ۾ پرجي ڏاها ڏنگ،
ڏارين ڪان بہ ڪڪائيندين؟

تون تہ پٽڻ جا پار پڇي،
تانءَ ۾ پرجي ويو آهين،
رب جنين سان راضي ٿيو،
تن سان سينو ٿو ساهين.

تڙ تان تڙجي، ڪيئي ويا،
ڪيئي بتيلا پرزا ٿيا،
ڏاهي ڏات تہ وائي ٿي،
پورا سرس سوايا ٿيا.

تارا ٿوڙي آهن خوش،
پر نيري ۾ ناهہ ڪمي—
گيت آڏاري جهرمر آ،
اڳيان سجهن ٿا قرض ڏئي.

ياد اوهان کي ناهي ڪا،
ڪهڙو ڪلهن تي آهي بار،
وقت ڏئي پل ساٿ ڪٽي،
بار، امانت ڪين وسار.

ڪينجهر ڇا، سونهري ڇا،
ويندا وڃائي وارو سڀ،
مڪڙيون ڪڙنديون، گل ٽڙندا،
وقتي آهن، يارو، سڀ.

پر آس انهيءَ جي ٻجندي،
جنهن ٻنهنجن ساڻ رهايو،
تن کي ڇا ڇنبو آهي؟
جن ڏارين ڪاڻ ڪمايو.

منهنجا سهڻا، منهنجا دوست،
پل ميلو سڀ مچايو.
ڪا نوري ڪيم نچايو،
ڪا نوري ڪيم نچايو!

—

## ایندي باغن منجهه بهار

مرڪي ڪڙندي، گُل ٽڙندو،
ایندي باغن منجهه بهار۔

نيرو نيرو برسيو گگن، ڦوڪيا آهن گنگ و جمن،
ڏيمي ڏيمي آهه پون، آيري جواني، بوند بهار۔

سنهڙي سنهڙي پاڻيءَ ڇاٽ، سپڙين ڪيڙا اوچا ڳاٽ،
قطرن ورتي موتين واٽ، وڏندا آيا هنج هزار۔

لهرين ۾ آواز هئا، پاڻيءَ ۾ پئي ساز وڳا،
نازڪ هٿڙن ناز ڪيا، ميندي‌ءَ رتڙا لعل نگار۔

ڪوئل ڪوڪي، ساز وڄي، پيار تان پردو پاڻ ڪڇي،
پاڻ سرادو عشق هجي، اڪڙيون رئنديون زارو زار۔

ديوانن جي بستيءَ ۾، پاڳل پيالا مستيءَ ۾،
آهه بلندي پستيءَ ۾، نائي سهڻا نيڻ نهار۔

ايڏو آپو، ٿوري ڇاڻ، ڪيرڪيڏي ٿوڪنهن جي ڪاڻ،
پنهنجي هستي پاڻ سڃاڻ، مستن تي ڪا ناهه ميار۔

صبحِ بهاران، رنگ شباب، لاٿو غنچن آهه نقاب،
دور ڪيائون هاڻ حجاب، نڪتا هرهڪ دل جا بخار۔

هڪڙي ڪي لاچار ڏسي، ماليءَ ڪان بيزار ڏسي،
اهلِ چمن بيدار ڏسي، ٿيا بند ڀڃڻ جي لاءِ تيار۔

تنهن تي هڪڙي راءِ ڏني، سيني جيءَ ۾ جاءِ ڏني،
سر جي بازي لائي ڏني، ٽٽندو نرگس جو ٻه خمار.

سوٽئي مگري پاڻ چيو، خيري، لالہ ساڻ چيو،
هر هڪ گل جي داڻ چيو، نيٺ تہ ٿيندي گرم بزار.

دونهون ڊڪائڻ منهنجو ڪم، رستو ٻڌائڻ منهنجو ڪم،
پير وڌائڻ منهنجو ڪم، سيني کي هيءَ آهہ پچار.

مکڙي ڪڙندي، گل ٽڙندو،
ايندي باغن منجهہ بهار.

---

## تعلق

نہ مالهيءَ تي احسان، نہ ٿورو چمن تي،
نہ ساقيءَ جي سر تي، نہ بار انجمن تي،
عيان هيءَ حقيقت، رهي مرد و زن تي،
ڏئي ڏيان سيڪو ٿو، پنهنجي ڪمن تي.

زمين سان نہ شڪوو، نہ ڪجهہ آسمان سان،
نہ بجليءَ تي ڪاوڙ، نہ دل آشيان سان،
نہ دشمن ڪان خائف، نہ خوش رازدان سان،
ٿيو حال طاري، هي ديده ورن تي.

نہ دنيا جي لالچ، نہ دولت جو نشو،
نہ ٿي ڪنهن جي پرواهہ، نہ ڪنهن شي جو خطرو،
نہ لاڳاپو هِن سان، نہ هُن سان ڪو رستو،
نہ هرڪيءَ تي اک ۽ نہ مشڪ ختن تي.

نہ ظالم سان نفرت، نہ مظلوم سان دل،
نہ پيڙهيون ٿا ڪنهن کي، نہ ڏک ساڻ شامل،
الڳ پنهنجي، دنيا جي ماڻهن کان محفل،
نہ خوش تخت جم تي، نہ دار و رسن تي.

نہ طوفان جو قائل، نہ همدرد ڪشتي،
ڪٿي ڪنهن ۾ هوندي ڪا خوبي يا زشتي،
ڪنشتي ڪو ٿيندو يا هوندو بهشتي،
مقدر جي ليڪن جبين جي خطن تي.

نہ ڪجھہ رقص بسمل، نہ آھوءَ جي رم جو،
نہ ڪنھن جي ڪو دم جو، نہ ڪنھن جي ڪو ڪم جو،
اثر ٿيندو ڪڏھين، مسرت يا غم جو،
ستمگر، جفاجُو يا ڪنھن راھزن تي.

چوي ڪير ٿو، آھ نرگس کي حيرت،
قد يار کي سرو، قامت سان نسبت،
شرابيءَ کي پير مغان سان عقيدت،
مدار ان جو، "صائب"، ٿيو حسن ظن تي.

—

# ٽي تصويرون

[روس جي قومي تراني جي خالق، سرگئي مائيخلڪوف، جي هڪ تمثيلي نظم جو ترجمو، جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي تہ آتي جو اديب ۽ سرڪار، پاڻ ۾ ڪيئن گڏجي هلي ٽا سگهن، ۽ ٻيءَ حالت ۾ سندن ڪهڙو حشر ٿو ٿئي].

پراڻي زماني ۾ ڪو خان هو،
هندين ماڳ ان جو وڏو مان هو.

سندس جاه و حشمت جون ڳالهيون هيون،
مگر ظلم ڪان سي نہ پالهيون هيون.

سندس قهر معروف و مشهور هو،
سندس وار هر بار ڀرپور هو.

سندس حڪم، حڪمِ قضا ٿي ڏٺو،
رعايا ٿي پوڄيو ڪري سڀ مٿو.

ٻنل جبر ڪان ها امير و غريب،
سندس محفلن جو هو نقشو عجيب.

سچائي تہ قدرت ڏنا سگ هوس،
سلامت سمورا نڪي لگ هوس.

ڪيو ڪيس مالڪ بہ يڪ چشم هو،
سدائين مگر رهندو پُرخشم هو.

هئس هڪڙو بازو، مگر زور هو،
انهيءَ هوندي مجلس سندو سور هو.

ڏ ڪندو ڏٺور ٿئي

ڏنئين حڪم هڪ ڏينهن دربار ۾،
تہ ناهيو ڪا تصوير سٺر تار ۾.
هجان اسپ تازيءَ تي هسوار مان،
۽ مشغول جنگ و جدل ۾ هجان.
ڏسڻ ۾ ائين ٿي اچي غير کي،
تہ پيو مرد دادِ شجاعت ڏئي.
اثر پئي ڪو ان جو اميدن پريو،
سو تصوير تي خوب محنت ڪريو.
اتي تي مصور جي حاضر هئا،
ٿئي پنهنجي فن جا تہ ماهر هئا.
ٿيو حڪم تن کي تہ او خوش خصال!
پسايو اوهين جلد فن جو ڪمال.
وراڻيو هنن بعد تسليم جي،
بڻائيندا پُر معنيٰ تصوير کي.
اسان جي اکين تي اوهان جو چيو،
اسان آهه پيو کهڙو پورهيو ڪيو.
(٢)
انهن مان ہہ فنڪار آيا کٺي،
چہ تصوير آهي عجائب بٺي.
ڏٺي خان تصوير هڪڙي کٺي،
لڳي جنهن تي هن کي ہہ کاوڙ گهٽي.
تپي خان غصي ۾ لرزي هٿيو،
۽ گمره مصور تي ڏاڍو سٽيو.
چي: هِنَ آهہ مون کي ہہ ڌوڪو ڏنو،
حقيقت مٽائيندي ناهي ڊنو.
نہ هي آهہ فنڪار ايماندار،
ڪري هڪ جي ہي ۽ وجي پئي ٿو پار.

ڪمان تي به هٿ آيا آهن ڪٿان؟
اڪيون به سي تصوير ۾ ڪيئن مڃان!
ڏني مون کي مولا جڏهن ھڪڙي اک،
۽ بازو به هڪڙو، لهي ٿو جو لڪ.
ڪڍي ملڪ مان منهنجي هن کي ڇڏيو،
جو هِن منهنجي صورت کي بدلي ڇڏيو.

(۳)

ڪنئي خان اعظم پنهنجو تصوير پي،
ڏسي ان کي ويتر ويو باهه ٿي.
چيائين ته تصوير بيڪار آهه،
مصور اسان مان کو بيزار آهه.
هيءَ لولي ۽ ڪاڻي جي تصوير آهه،
وڏي خان اعظم جي تحقير آهه.
چي: فنڪار نه صرف چالاڪ آهه،
مگر خوب عيار و بيباڪ آهه.
ڪيا عيب منهنجا نمايان اٿس،
پيل بار ڪجهڙو ٿو ڏسجي مٿس.
ڏسڻ ۾ انهيءَ ۾ ٿي سازش اچي،
متان هي به دشمن جو ساٿي هجي.
جڏهن خان گرجي اٿين پئي چيو،
مصور جو هينئڙو به وهندو رهيو.
هو پنهنجي جڳهه تان آٿي نه سگهيو،
ڏنو، ڇو جو هن جو ڪيو نه اگهيو.
اچي اهڙو فنڪار ششدر ٿيو،
آتي جو آتي هو گذاري ويو.

(۴)

رهيو باقي هڪڙو مصور وچي،
سو لاچار تصوير آيو کڻي.

سياڻو بدن ۾ به اهڙو هئس،
ڏندن سان لڳي خوب ڏند پئي وڳس.
ڏکيو خوف کان پئي سندس سڀ بدن،
چيءِ مون کي به پين جيئن نه ساري وجهن.
ڏسي خان تصوير کي خوش ٿيو،
مصور جي دانش تان ٻلهار ويو.
پريل ان ۾ فن جو عجب رنگ هو،
ڏسي جنهن کي هرڪو ٿيو دنگ هو.
هو پاسيرو، تصوير ۾، شير نر،
سندس هڪڙو پهلو ٿي آيو نظر.
لڪي ويا کيي اک ۽ بازو صفا،
اچي چٽ پئي پاسي ۾ ها ويا.
حقيقت کان اهڙي طرح بيخبر،
نه سمجهي سگهيو ٿي ڪو عيب و هنر.
سچي هٿ ۾ قابو هيس ڍال پر،
هيس اک سچيءَ جي عقابي نظر.
ڪڙو خان تصوير ۾ هو ائين،
اجهو چٽ دشمن جو سر تو نئين.
جو فنڪار ڏاهپ کان ڪم هو وتو،
نه تنهن جو ڪو غيرن کي پيو ٿي پتو.
(۵)
اچي خان، اعظم خوشي ۾ چيو،
مصور تہ منهنجو وڏو ڪم ڪيو.
وڌايو مصور جو جاه و جلال،
ڏيو کيس عزت ۽ مال و منال.
چي: زيرڪ ۽ محتاط فنڪار آهه،
هي انعام لائق به صد بار آهه.

ڏيو هن کي عزت ۽ رتبا ڏيو،
ڏِکايوس خلعت، سروپا ڏيو.
زماني جي حاڪم نوازيو ڪٿي،
مقدر جو بٺيو معبور ڏٺي.
حياتي معور جي ٿي خوشگوار،
خوشيءَ ۾ گذاريائين باقي چمار.

اسين پاڻ محتاط رهندا اچون،
ته هرڪنهن مصيبت کان تڏهين بچون.
اسان کي نه آهي ڪا اهڙي مجال،
ڪريون ذڪر پورو هجي جو محال.
اسان ۾ به اهڙو ڪٿي آهه تاب،
حياتيءَ جو چهرو ڪريون بي نقاب.
ڪريو هڪ طرف، ته نمايان رکون،
نه نالو بئي جو ڪڏهن ته وٺون.

تڏهن خوش گذاريون پيا زندگي،
ڪريون پيٽ جي ٿا سدا بندگي.

## پيامِ اقبال

شاعرِ مشرق تہ هو، شيرين زبان شيرين ڪلام،
پيڪرِ عزم و عمل ٿي، جنهن ڏنو آهي پيام،
زندگي جنهن کي چون ٿا، آهہ سا ڪوشش جو نام،
آهہ جدوجهد ڏاران، هيءَ حياتي ناتمام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

نيڪ نيت، نيڪ سيرت، نيڪ صحبت، نيڪ نام،
ذات پنهنجيءَ کي سراپا، نيڪين جو ڪر مقام،
ٻار ٻڍڙي، خان خادم، کي تون نئڙي ڪر سلام،
ڪين گهٽ ٿيندو ڪڏهن، تنهنجو انهيءَ ۾ احترام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

مردِ ڪامل، باعمل ٿي ۽ طبيعت رک سليم،
محنتن ۾ مرد رهہ، پيدا ڪري عزمِ صميم،
روح رک آزاد، هرهڪ حال ۾ مثلِ ڪليم،
ناهہ آزاديءَ سوا دنيا ۾ ڪنهن جو احترام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

شان شهبازيءَ سان ٿاهج پنهنجو اعليٰ آشيان،
باليقين، مردن جو سيني کان مٿي آهي مڪان،
پنهنجي همت ۽ دليريءَ سان اڏائج آسمان،
تنهنجي قوت ۽ شجاعت جو مٿي ٿيو احتشام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

پنهنجي غربت تي نہ ڪج ارمان، جي آهين غريب،
وہ غريبي سا، ٿئي جا بادشاهيءَ کي قريب،
صبر جي نعمت سان تنهنجو، نت ڪلي پوندو نصيب،
صبر سان ٿي خوش نصيبي، تنهنجي ٿي پوندي غلام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

رک خوديءَ سان پنهنجي همت، چؤ نہ ڪنهن کي جي حضور،
شانِ آزاديءَ ۾ پنهنجي ڪين ڪي آڻج فتور،
پاڻ تي ٿي حڪمران ۽ پاڻ پنهنجو ٿي مزور،
پنهنجي هستيءَ جو، رهي آزاد، قائم ڪج مقام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

ٿي جفاڪش، محنتي، آرام کي ڄاڻج عذاب،
ٿي بهادر، بيڊپو، ڪر ترڪ سڀ آرام و خواب،
پنهنجي هستي عزم و همت سان بڻائج ڪامياب،
جا عمل جي راهہ، تنهن تي جلد هل، ٿي تيزگام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

ارتقا محدود ناهي، ڇڏ اجايو قيل و قال،
وڃ آڏامي تا فلڪ، پنهنجا هلائي پر و بال،
جي پرن هوندي اسيريءَ جو قبوليندين وبال،
عمر ساري ڦٿڪندين "صائب" پيو پوءِ زيرِ دام:
اي پسر، اسلام جو پابند ٿي رهجان مدام.

—

# پٽ ڌڻي

سيد السادات آهي سالڪِ راهِ هديٰ،
اوليا و شاعر و عارف، سخي، مردِ خدا.

عالم و عرفان جي حقيقت جو سراپا راز هو،
آدميت لئه برابر موجبِ صد ناز هو.

سنڌ وارن ڪان تہ ڇا، پر ساري دنيا ڪان پڇو،
آھہ رخشنده ستارو، ڪين ڪنھن ڪان پيو گجھو.

لالہء صحرا ڪي ڪيئن لعلِ بدخشان ٿا چون،
سنڌ جي مهراڻ جو لولو و مرجان ٿا چون.

زهد ۽ تقويٰ جو صاحب، سالڪ سرّنيهان،
راهِ حق جو راهرو ۽ باغِ حق جو باغبان.

ڪافر و زنديق و مسلم، عالم و جاهل هئا،
هن جي تعليمِ صداقت جا سڀئي قائل ٿيا.

سنڌ وارن جو ڇڏيو هن بدلي پندارِ حيات،
حل ڪري ڏيکاريائين عقدهء ناممڪنات.

نغمہء توحيد ڇيڙيندو رهيو هن جو رباب،
سرمدي لاريب ڏيندو ٿي رهيو جام شراب.

نورِ ايمان سان ڪيائين پردهء ظلمت کي چاڪ،
ترورو حق جو نظر آيو مڙين کي تابناڪ.

هن بنايا پيروي توحيد، اهلِ سومنات،
۽ ڪيائين ٽڪرا ٽڪرا سنڌ جا لات و منات.

هن ڏنو آهي اسان کي درس استقلال جو،
حال کي هٿ ۾ رکڻ، اميدِ استقبال جو.

اڄ وري سمجھڻ کپي "صائب" رسالو شاهہ جو،
نڪتو نڪتو آھہ جنهن جو روح پرور واهہ جو.

# نذر عقيدت

اي خوشا فرزندِ ٺٽي! عالمن جا آفتاب،
سنڌ کي پڻ فخر آهي، تنهنجي هستيءَ تي، جناب!

آهم حيرت ۾ زمانو، مرتبو تنهنجو ڏسي،
ڪئن ڪڍيئي ايڏا ڪشالا، ڪئن ٿئين عالي جناب.

تون نہ آهين اڄ اسان وٽ، آهم تنهنجو يادگار،
ٿا ملهايون هيج مان ورسي اوهان جي لاجواب.

ٿيا منور چنڊ ڪيئي، آسمانِ علم تي،
تنهنجي روشن طبع ڪان، اي عالمن جا آفتاب!

تشنہ لب هو علم جي لئہ، سنڌ جو ڪهڙو سپوت،
ڪيف آور ڪنهن هو پيتو، سرمدي صالح شراب.

رشڪ ازهر ڪنهن ڪرڻ چاهيو ٿي ساريءَ سنڌ کي،
ڪنهن پتوڙيو پاڻ کي تحقيق علميءَ لئہ، جناب!

ڪنهن ڪرڻ چاهيو ٿي روشن علم جو گهر گهر چراغ،
عام جي تعليم خاطر ڪنهن ٿي ڪاڏا پيچ و تاب.

ڪنهن ڪيو ٿي آشڪارا، سازشن کي دهر ۾،
۽ ڏنو هر مسئلي جو وقت سر بهتر جواب.

علم هو، تاريخ هئي، تنقيد هئي يا هو ادب،
ڪير هو جو هر قدم تي ٿي ويو ٿي ڪامياب.

ڪير ٿيو جڳ ۾ پيارو، ڪنهن ڪيو ڪسبِ ڪمال.
سنڌ مان ڪنهن جو ڪيو هو مصر وارن انتخاب.

بعد مردن پڻ ڪيو ڪنهن پيار پنهنجي شاهه ڪي،
ڪير ڏيو آخر وڃي هو، پٽ ڏٺيءَ وٽ محو خواب.
تا چون دائود پوٽو، شخص ڪو مسڪين هو،
جنهن جي دل ۾ هو ترقيءَ ڪاڻ سڀ جي اضطراب.
تنهن جي غربت تان هزارين دولتون قربان ڪجن،
علم جي دولتڪدي ۾ جو رهي ٿو بارياب.
سڀ پڙهو اڄ فاتحا، "صائب" انهيءَ جي روح تي،
جنهن جو خود خالق ڪيو هو، سنڌ جي لئہ انتخاب.

---

(ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي مرحوم جي
٢٢- نومبر ١٩٦٤ع تي ملهايل ورسيءَ جي موقعي
تي پڙهيل)

## احساس زيان

بارها گل ٻن ڇڻيا ۽ بارها آئي خزان،
پر مٽايائين نہ ڪڏهين باغ جو نام و نشان.

هي ويا ڪاڏي هليا اڄ موتيو، مگرو، گلاب،
سي پري چهره ڪٿي سڀ، ڪجهہ تہ چؤ اي باغبان!

چشم فتنہ زا ڪٿي ۽ رات جي راڻي ڪٿي،
جن گذاريون راتڙيون ٿي، نرگس بيمار سان.

سنبل پيچان سان گڏ، زلف پريشان جو فشار،
ڪاڏي اڏايون ڪرڻ وارا ويا سي مهربان.

خير سان خيرو بہ ايندي شرط، ڏيندو هو ڪلي،
ٿهڪڙا ڏيئي ملڻ وارا ڪٿي سي ميزبان.

جن ملي منڙن ڪيا ٿي، پنهنجيءَ پرِ ۾ چار چؤنڪ،
مات ٿي سي ڇو ويا سوسن صفت، اهل زبان.

جن ڪلي ٿي ناز سان، ڏاڙهونءَ جا گل ٽيڙي چڙيا،
سي خوشيون ۽ شادمانيون اڄ ڪٿي، اي آسمان!

جن جي آمد تي ويو سارو چمن ٿي ٻهڪجي،
سي ڪٿي خوشپوش، خوشرو، خوشنوا ۽ خوش بيان.

جن جي ٻولڻ تي پپيها پاڻ حيرت ۾ هئا،
سي مٺا آهن ڪٿي، گلڙا گان جا رازدان.

جن جي ڳالهين ۾ اچي خود ماٺ موسيقار ٿيا،
جن وڏا وڏ ققنس کي، سي ڪٿي آهن جوان.

جن جي جوڀن کي ڏسي، خود ناز جوڀن تي ڪيو،
چو ڏڪوئين ٿو ڏکين کي، تن جو ڇيڙي داستان.

جن ڪڪوريل تي ڪنيون ۽ ڪيپ تي جن کي چڙهيا،
محفلن کي تن جي ڇا ٿيو، ڪجهه ته ڪڇ، پيرِ مغان!

جن اشارن سان بهارن کي ٿي سيکاريو ادب،
سي بهارن جا امين، آهن ڪٿي اڄ گلفشان.

يار ڍولڻ (۱)، رنگ و بو تي، کهڙو آهي پروسو،
ڪنهن ٿي چاتو، اجڙي ويندو هيءُ تنهنجو گلستان.

(۲)

گرچه ظاهر ۾ ته اجڙيو آهه نِنڍڙو گلستان،
پر ويو گم ٿي هتان تهذيب جو هڪڙو نشان.

يادگارن کي مٽائڻ يا اهي قائم رکڻ،
درحقيقت آ ضميرِ قوم جو ئي ترجمان.

اي فلڪ، ڪر ڪا خبر، منهنجي وطن جو ڇا ٿيو؟
ڇا وري نادر صفت پيدا ٿيو ڪو حڪمران!

جنهن ڪيو تاراج، منهنجي گوشهٔ دل جو چمن،
۽ بڻيو آ اهلِ دل جي لاءِ هڪ آزارِ جان.

سونهن سوڀيا کي مٽائڻ، حسنِ فطرت سان چراند،
آهه بدذوقيءَ جو هڪ عمده مثالِ دودمان.

گرچه چاڻان ٿو، فنا ٿيندو جهانِ بيمثال،
پر اِئين ناحق نه ٿيندو آهه، در دارالامان.

---

(۱) ڀائي ڍولڻ داس، جنهن جي باغ جي زبون حاليءَ کي ڏسي هي نظم لکيو ويو.

هي ڏسي نقشو وطن جو، ڇا ڇوان، ڪنهن کي ڇوان،
ياڳ پنهنجو هو ڦٽو يا ڪي نصيبِ دشمنان.

(٣)

جيڪي ٿيڻو هو ٿيو، پر ياد رک، دستِ فتور،
آڳريون تنهنجون قلم ڪرڻيون ئي پونديون بي گمان.

تاڪ ايندڙ وقت سن توکي ڏسي عبرت وٺي،
ٿي رهي خود حسنِ فطرت جو امين و پاسبان.

نيرهاريندڙيون اکيون چوڪين، "صائب"، ڪنهن گهڙيءَ،
ياد جن کي يار پوندا، ڪامياب و ڪامران.

---

# سنڌڙي!

منهنجي جنڊڙي، توتان سنڌڙي،
شال ٿئي قربان!
پرهه ڦٽيءَ جو پان فقيرن چوري هيءَ آ تان.

منهنجي جنڊڙي، توکي سنڌڙي،
شال اچي ڪنهن ڪم،
سچ پچ ٿيندو پوءِ سجايو، تو ۾ منهنجو جنم.

منهنجي جنڊڙي، تو در سنڌڙي،
آهي هڪ چاڪر،
پانهن ٻڌڙو پانهو آهيان، پيلي ۾ نوڪر.

منهنجي جنڊڙي، تو در سنڌڙي،
سهسين سهندي سور،
تنهنجي خوشيءَ لئه، مون آ وساري وعدي واري حور.

منهنجي منڙي، جيجل سنڌڙي،
شال رهين خورسند،
ماءُ ڏکن ۾ ڏسندي رهندو، مات ۾ ڪو فرزند؟

تو در ايندس، تو در سنڌڙي،
توڙي لک زنجير،
ڏوري ڏسندس، مور نه مڙندس، توڙي وسن پيا تير.

سور ڏنا جن توکي سنڌڙي،
سي سڀ آهن خوار،
ڏاڍن کان هو ڏاڍو آهي، آهي رب قهار.

نانءُ مٽائڻ تنهنجو، سنڌڙي،
نگرو ٽو چاهي،
ٻچڙو ٻچڙو تنهنجو ليکن، جاڳي پيو آهي.

منهنجي سنڌڙي، جيجل سنڌڙي،
منهنجي سنڌڙي ماءُ،
سک نه سمهندس، جئن نه ڪندس، تنهنجو ڪوئي ٻچاءُ.

## ماه-رو

گلن ڦلن جي انجمن،
گلاب و لالہ و سمن۔
ڪليءَ ڪليءَ ڪي ناز هو ۽ حسن بي نياز هو،
چپن تي ڪن جي راڳ هو، هٿن ۾ ڪن جي ساز هو،
چمن سڄو هو نغمہ زن، نظر نظر ۾ راز هو،
نہ رنج هو، نہ آز هو،
نہ رنگ امتياز هو.

نظر جا تير پيا لڳن،
۽ زخم دل جا پيا ڏڳن۔
دلين جا زخم پربا پيا، علاج پوءِ پيا ڪبا،
حڪيم پيا پڇائبا، طبيب پيا ڏسائبا،
ڪري هو راند اڄ وڃن، هنن ڪي روڪ ناهہ ڪا:
اچا عزيز و اقربا،
وڃو نٽا، وڃو نٽا!

مسرتن ۾ برهمن،
وري تئي تو گامزن۔
ڏسي ٻتن ڪي سرخرو، ڪري تو سهٽي گفتگو،
ڪيلي ڪيلي، تِلي تِلي، لٽي تو ڪنهن جي آبرو،
عيان ٿي پيئي پاڻهي، لڪل هئي جا آرزو:
اي پارسا، اي نرم خو،
ڏٺيسين تنهنجي جستجو!

ڪري جو ڪم ٿو سيم تن،
ڪري سگھيو نہ ڪوهڪن.
ڪليو وري بہ محتسب، اچي حريم ناز ۾،
لڪل دلين ۾ راز ها، عيان صداءِ ساز ۾،
طلسم هو خردربا، نگاهہ نيم باز ۾،
نگاهہ پاڪباز ۾،
گناهہ دلنواز ۾.

سياهہ زلف پُرشڪن،
مثال مار پيا لڏن.
هي سچ جو آهہ ماجرو، ضرور هلڻو اڳيرو،
تريءَ تي زندگي رکي، ڪنداسين هٿ هي سوجھرو،
پلي تہ ڏنگ ڪي لڳن، حقيقتن جو پئي پرو،
۽ نيٺ لهڻو پيو سرو،
ڪٿي هجي سو پريرو.

—

## ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو؟

ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ کان سواءِ:

يادِ ماضيءَ ۾ وهايان چند ڳوڙها ٿو مگر،
سي به ڏيئي وات ويندا ۽ نه ٿيندا همسفر؛
دل رئڻ تي، اک نه رهندي اشڪباريءَ کان سواءِ،
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ کان سواءِ.

گُل ٽڙيا، غنچا کڙيا، زخمن ۾ رس پرجي ويو،
موسمِ گُل جي اچڻ تي، هاءِ کهڙو قهر ٿيو،
ڦٽ چڪائي، وئي هلي، هوءَ غمگساريءَ کان سواءِ،
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ کان سواءِ.

عشق جي ناسور مان جئن آبِ گلگون پيو وهي،
تيئن پيالو عمر جو پربو وڃي، مئي پئي ٺهي،
جام پربو، هو نه رهندا باده خواريءَ کان سواءِ،
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاري کان سواءِ.

هي ڪکن جو آستانو، چو پلا ڪنهن کي وٺي،
ڪنهن جو اجڙيل آشيانو، چو پلا ڪنهن کي وٺي،
ڪا گهڙي ترسي ڪو سگهندو انتظاريءَ کان سواءِ،
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ کان سواءِ.

ساهه منهنجي پيٽ ۾ جيسين پوي، تيسين رهن،
درد سندن جون ٻڌي، هو چار ڳالهيون چو سهن،
بي مروت ٿي هليا ويا، انتظاريءَ کان سواءِ،
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ کان سواءِ.

ڪاش، منهنجي دل جي حالت ٿي پوي ڪنهن تي عيان،
حال اوريان دل جو ۽ ظاهر ڪريان دردِ نهان،
پوءِ ڏسان ڪيئن ٿا آڻن، هو اضطراريءَ ڪان سواءِ!
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ ڪان سواءِ.

چنڊ جي چانڊاڻ ڪي ۽ ملڪ ويران ڪي پسي،
ڪجهه تہ آيو ياد ٿي ۽ چوٽ دل تي ٿي رسي،
ڪاش، موٽي منهنجو ماضي بيقراريءَ ڪان سواءِ!
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ ڪان سواءِ.

بنده پرور، هوش ڪر، سون ڪي ڇڏي ڏي، پنهنجي ڪر،
سک ڦٽائي، سور سختين جو وهائيندين وڪر،
پير هن پڙ ۾ نہ پائي، بردباريءَ ڪان سواءِ!
ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو، آه و زاريءَ ڪان سواءِ.

—

## هڪ آرزو

اي جهانِ رنگ و بو، صلح و امن جي سرزمين،
اي حديثِ آشتي، انصاف جي روشن جبين،
منتهاءِ آرزو، روشن ضميرن جي يقين.

تو کي حاصل ڇا ڪيم، ڇا لئہ ڪيم، ڇا ڇا ڏنم،
ڪوششون منهنجون هيون ڇا، بر مساوات، شڪم،
مون تہ گهر تاهڻ گهريو هو، واسطي خيرالامم.

تنهنجي سيني تي وسن ٿا، ميزهن اڄ بيداد جا،
تنهنجي دل ۾ پڻ ڪپن ٿا، تير استبداد جا،
ويس پهريا تن ترقيءَ، دوستيءَ، امداد جا.

نظرين جون ڪئين ابت ڪنڌڙيون بہ ايريو ٿيون اڇن،
زندگيءَ جا پيرهن ڪي، تن ۾ اڙجي ٿا پون،
ڇيهون ڇيهون ٿي ڪري، ٿا اصل سان لاڳو رهن.

گلبدن جو حال هي، جو ڪڪ چمڻي ٿو رت وهي،
رونقِ گلشن جي لئہ خود گل بہ سختيون ٿو سهي،
چشمِ عبرت ٿي تماشو تنهن سندو ڏسندي رهي.

جنهن جي آڏو ٽيا برابر، جيئن تہ محمود و اياز،
جنهن جي اڳيان تيج برابر ناهہ فرق و امتياز،
جنهن جي سامهون حق هميشہ ٿيندو آهي سرفراز .

حق شناس اهڙو جڏهن ٿيندو وطن جو رهنما،
ٻچو ٻچو سنڌ جو ان تان نہ ٿيندو ڪيئن فدا،
ملڪ منهنجي جي چٽي، هر ماءُ شل اهڙا ٻچا .

پوءِ تہ چئبو ثاب پيون، ڪوششون منهنجون مڙئي،
برثواب ٿينديون نظر اينديون تہ اميدون مڙئي،
چو نہ ٿئي فڪر و نظر جي هر ضيا افزون مڙئي .

پوءِ سنگهاسڻ ئي نوان هرسو نظر ايندا وري،
فيصلا پوءِ خوب ڪان پڻ خوبتر ٿيندا وري،
۽ مکڻ مان وار نکري، بي خطر ويندا وري .

سچ چوڻ وارن کي پيئڻو زهر پوندو ڪين ڪي،
شاطر و چالاڪ جي خود زهر ٿيندي زندگي،
زندگيءَ کي پڻ نئين تابندگي ويندي ملي .

ڪاش! اهڙي آرزو منهنجي ڏني پوري ٿئي،
هر تماچيءَ لاءِ ثابت سا سدا نوري ٿئي،
ملڪ دشمن لئہ سبق آموز سا سوري ٿئي .

اڄ وطن جي واسطي چا ٿو چوڻ "صائب" گهري،
سرزمين سنڌ ۾ چا ٿو ڏسڻ "صائب" گهري،
ملڪ و ملت ۾ وري چا ٿو ٿيڻ "صائب" گهري .

آهہ هُن جي آرزو، سيڪو سندس منصف ٿئي،
شينهن ٻڪري، هڪڙي تڙتان، چپ ڪري پاڻي پئي،
جهٽ هٽي، ڪو باز ناحق، شل نہ ڪا جهرڪي نئي .

—

# غزل

سرخوشيءَ مان رقص ۾ رهندي اچي خود ڪائنات،
چنڊ آپ ۾، گل چمن ۾، سور نت بر ۾ نچن!

●

خم و جام جن جي اشارن ۾ هوندا،
الائي سي ڪهڙن خمارن ۾ هوندا.

بدستور بيشڪ ڏيڻ وارا ڏيندا،
پيامِ محبت اشارن ۾ هوندا.

هتان لنگهندي نيٽن مان گهوڙها وهن ٿا،
نشان ڪي تہ اجڙيل ديارن ۾ هوندا.

ڪٿي رقصِ بسمل، ڪٿي رقصِ گيتي،
ڪي موجن ۾، ڪي سوگوارن ۾ هوندا.

اچا بادهٔ نيم رس جي چکڻ لئہ،
ڪي هوشيار پيي ميگسارن ۾ هوندا.

عدالت ڏڪيو ڪاغذي پيرهن اڄ،
ڪي فرياد رس دانهن وارن ۾ هوندا.

هي زلفِ پريشان ۽ حيرت جو عالم،
مسافر منجهيل، رهگذارن ۾ هوندا.

ڪئين قافلا گم تمنا جا ٿي ويا،
غبارن ۾ آهن، غبارن ۾ هوندا.

رخِ ماهِ تابان، دلِ لالہ ۽ گل،
جميل و حسين داغدارن ۾ هوندا.

ڪري حسن سان همڪلاميءَ جي دعوا،
اسان پارا خود گنهگارن ۾ هوندا.

زبان هوندي سوسن ۾ تابِ سخن ناهه،
ڪچڙ وارا بي اختيارن ۾ هوندا.

ترڙڦ، سوز، مستي ۽ حڪمت، جنون جا،
اشارا ڪنايا شرارن ۾ هوندا.

خطِ جامِ جمِ ڪي، جبين جي خطن سان،
متڙ وارا ئي ڪامگارن ۾ هوندا.

ڪريون ذڪر ڪهڙو فلڪ جي ستم جو،
هي لوح و قلم يادگارن ۾ هوندا.

يدِ بيضا ۽ طور پُرنور ها، پر
اجا تنهنجا جلوا اشارن ۾ هوندا.

پري سدرة المنتهيٰ کان ئي وڃبو،
جنون جا مڪان جلوه زارن ۾ هوندا.

لڪيو هوندئن تہ ”صائب“ ڪنارا وڃن ٿا،
لڪل ڪيئي طوفان ڪنارن ۾ هوندا.

—

●

ڪٿي آهه نوري، ڪٿي ڄام آهي؟
زماني جي پوري روش خام آهي.

ٿيا راڳ الفت ۽ مجلس جا جهونا،
اڃا ساز ساڳيو سحر شام آهي.

اُتن منهنجي اندر مان آڌما ٿا هرهر،
اُنهيءَ جو ڪو ٿيندو ڇا انجام آهي.

تِلها هٿ ڪٿي ڪيئن ڇپن تي نه آئيون،
نه شيشو، نه ساقي، نه ڪو جام آهي.

ڪنارا تلائن جا، ٽڪرين جا دامن،
ڏِڪيءَ ويل نظرن ۾ بي شام آهي.

ٿڌيري هوا ۽ ٻتيلي جي چرپر،
ڏنو يادِ ماضيءَ آرام آهي.

ڪليا وار پنيا، ڪهاڻيون شروع ٿيون،
ڇريو سازِ الفت سرِ شام آهي.
ڪٿي اک نهاريون ته ڏوهي ٿيون ٿا،
ڪڇڻ ۽ پڇڻ ڪان، لڇڻ عام آهي.

ٻڇايو ڇا ماريو، اوهان جي ئي مرضي،
هي ٻانهو اوهان جي، پيو سام آهي.

شڪايت، حڪايت جو نازڪ نمونو،
رسيو سهڻي سائينءَ جو پيغام آهي.

حقيقت ڪي جيڪو ڇپن تي ٿو آئي،
سو اک ۾ رهي ٿو ۽ بدنام آهي.

ڪٿي ڪهڙو آيو ڪلام آهين، "صائب"،
اهو خام آهي ۽ ناڪام آهي.

●

اسين قرب وارن جا آهيون غلام،
ڪڙو ڪين ٻولي سگهون ٿا ڪلام.

مٿا ٿي رهيا جيڪي ساري ڄمار،
رسيا عرش اعظم تي سي ذوالڪرام.

پدم جن جا نقش قدم ٿا لهن،
پٽي تن جي پيرن جي ڌل ٿيان مدام.

قدم رنج فرمائي، هتڙي اچو،
ڪکن مان لکن جو، ٿئي سو مقام.

ڏيو ڏک ڀلي پر نه ڌاريو ڪري،
جلڻ ۾، پچڻ ۾، نه آهي ڪلام.

ڊڪيءَ ويل رئندي ٻڌون ٿا سدا،
چون ٿا اوهان جو ڪو آهي غلام.

ازل کان اياڻ، سا ڪنهن کي ڇوي،
نه آ گرچ بدليو فلڪ جو نظام.

ڏيان رات ڪاريءَ تي کهڙي سيار،
جلي جوت ڇا مان، ڏيو ناهه دام.

وٺيون وهم جون پيئنداسين وسڪي وري،
سدا ميڪدي جو ڪبو احترام.

چون ٿا زماني کي، ڇڙواڳ آهه،
ڀلا ڪير آ جو نه آ، بي لغام.

ڀلا نوش آيا تہ ڇا ٿي پيو،
ڇڏي خالي شيشا ويا خالي جام.

در ميڪده تي نه وڃجو هلي،
متان دلشڪن ٿي اچو ذوالڪرام.

اوهان لاءِ دير و حرم آهم بس،
اسان لئہ زماني جو سارو نظام ۔

بتن کي ڪڏهن ناز آذر تي هو،
کري اڄ ٿو آذر، بتن کي سلام ۔

هرڻ چؤنڪڙي پنهنجي پلجي ويا،
ٿي نذرِ حوادث ويا خوش خرام ۔

اجايا پڇايون ٿا پهہ رات ڏينهن،
اسان جون تہ ڳالهيون بہ سوداءِ خام ۔

ڏکيا ڏينهن "صائب" نہ ڪنهن تي اچن،
وڃي شل نہ ڪنهن جي پوي ڪوئي شام ۔

●

رسڻ ريت راڻا اوهان جي اجائي،
جو پنهنجيءَ کي چڏيو ٿا، سمجهي پرائي ۔

اسين سانگ ۾ خوش، اوهين رنج آهيو،
اسان زود رنجيءَ کي ڪيئن چئون ڪچائي ۔

جنين دل سان پوچيو ازل کان اوهان کي،
چڏي ڪئن سي ويندا، اوهان جي خدائي ۔

جي پنهنجيءَ دل تي رکي هٿ ڏسو ها،
کريو ڪين جلدي ائين ها جدائي ۔

عجب آهہ منطق، عجب فيصلو هي،
ستي پيرڻ ڪنهن سان، وئي پارسائي ۔

خداوندِ حسن و جوانيءَ ٿي سوچيو،
جڳائي ٿي جڳ ۾ انهيءَ کي وڏائي ۔

فدا سر جو ٿيٺو هيو سو فدا ٿيو،
وري چنگ چوري ڪندو چا عطائي ۔

منڊي منڊ ٻجري جي چوگرد ساري،
ڪپي پر، پکيءَ کي ڏئي ٿو رهائي.

نہ سمجهي ٿو نادان تہ ڇا ٿيندو،
ڪٽل ڪنپ وارن جي ڪهڙي رسائي.

پڇي دام جا بند جنهن وقت نڪتا،
تہ ڪم ايندي تنهن ويل شعلہ نوائي.

سدا رنگ لائين ٿا هن جهان ۾،
هي آزاد فڪر و نظر، لب ڪشائي.

وري زهر پيئندا ڪي سقراط پارا،
وري اڀري ايندي نئين سر سچائي.

حقيقت جي ڳولا، صدين جو فسانو،
اها ڪهڙي شي آ، جا هٿ ڪين آئي.

پڇي جام، هاري ڇڏيو مئي سموري،
اڪين ۾ تہ لالاڻ آئي ڪ آئي.

اهائي ٿي ”صائب“ اچي ڪم جهان ۾،
ڪري نيڪ جيڪا وڃن ٿا ڪمائي.

●

گلرخن تي شباب آ، يارو،
فصلِ گل لاجواب آ، يارو.

سونهن سوڀيا ۾ سرس آ سهڻو،
پاڻ پنهنجو جواب آ، يارو.

آ عجب خوابگاهہ جو عالم،
چنڊ ڪو محوِ خواب آ، يارو.

لب ڪشائيءَ جي منع ٿي ڏسجي،
مات ۾ آن جناب آ، يارو.

شعلهٔ شمع پيچ پيو کائي،
حسن پُر اضطراب آ، يارو.

کنهن جي ڪارڻ سلام ڪرڻو پيو،
ورنه سڀ کان حجاب آ، يارو.

محفلن ۾ آهه مدهوشي،
ڪنهن ڪنيو اڄ نقاب آ، يارو،

ساز محفل تي ڇانئجي ويو آ،
ڪنهن جي هٿ ۾ رباب آ، يارو.

هر طرف کان ڌڪار ۽ نفرت،
هِتِن جيئڻ پڻ عذاب آ، يارو.

پنهنجي پيري تمام دنيا کي،
ياد آيو حساب آ، يارو.

آهه نظرن ۾ ڇو اها شوخي،
ڪنهن نه ڪنهن تي عتاب آ، يارو.

دربدر تو رلائي "صائب" کي،
عشق خانه خراب آ، يارو.

●

اڄ ناز جي پاليل کي به ڇو ناز نه آهي؟
ڇا، مشڪ جو آهوءَ کي به انداز نه آهي!

سدره تي پڳي ساهه، هليو دور وڃي ها،
محروم پر و بال ۾ پرواز نه آهي.

گلبرگ و ابريشم و ڪمخواب جي هوندي،
هر سيج سڄي آهه جي شهناز نه آهي.

دل کي ئي گهري دل تي، زر و سيم جا مالڪ،
ناٿي جي اُچل تي به ڪو دلساز نه آهي.

تو پنهنجي شڪستن کي لڪائڻ ئي گهريو، پر<br>هيءَ هار به ئي سوڀ جو آغاز نه آهي.

ڪعبي ۾ بتن جي ڪا خدائي نه هئي ڇا؟<br>ڪعبي جو پرستار ڇو ممتاز نه آهي؟

اونداهه اندوڪار لنگهي پار پياسين،<br>صد شڪر جو همراهه ڪو دمباز نه آهي.

اڄ حق کي دٻائڻ جي لئه يار ڇون ٿا،<br>"هي سرمد و منصور جو آواز نه آهي."

اڄ ڏور اهو آهه جو انسان جي نظر ۾،<br>اعجاز مسيحا رهيو اعجاز نه آهي.

"صائب" تون ڪرين ڪجهه به مگر تنهنجي روش ۾،<br>ڪردار جي غازين جو ڪو انداز نه آهي.

●

سونهن جا دريا وهن ۽ پيار جون پيڙيون ترن،<br>رات چانڊوڪي هجي ۽ روح رچنديون يار ڪن.<br>نقش تارن جا نظر پاڻيءَ مٿان جيئن ڪي اچن،<br>تيئن ڪنول ڪي لاڏ مان، تن کي چمي جهوسي اٿن.<br>ماڪ پي وسندي رهي، گل پيي ڪرڻن، وڻ پيي ٽڙن،<br>زندگيءَ جي تازگي محسوس ٿئي اندر چمن.<br>گابرن آپي کان باهر ايئن وڃن نڪري ڪه ڇڻ،<br>مشڪ جي هٻڪار تي بدمست آهوي ختن.<br>سرخوشيءَ مان رقص ۾ رهندي اچي خود ڪائنات،<br>چنڊ آپ ۾، گــل چمن ۾، سور نت بر ۾ نچن.<br>سوسلون ۽ سوملون سڀ حسن و حرفت جون نقيب،<br>راج راڻا حسن و حرفت تي سدا غالب پون.

ڪنهن جي ڪنهن جي نرڙ تي چمڪن ٿا سجدن جا نشان،
نقشِ پا تي ڪيئن نہ جهڪندي انجمن جي انجمن.

حور جنت جي هجي يا قاف جي ڀڳڻ پري،
محب جي سامهون اهي پاڻي پري ڪيئن ٿيون سگهن.

مئي پرستن کي ڏين اهلِ خرد ڇا جي سيار،
پروسو پيرِ مغان تي مهل مارو ڪن نہ ڪن.

ناهہ مقتل جي ضرورت، ڏس تہ ”صائب“ ٿئي ٿو ڇا،
شهر وارا پاڻ ڇاڻي، واٽ ويندي پيا ڪسن.

●

هڪڙي دل سا بہ وئي پرائي ٿي،
يار سان خوب آشنائي ٿي.

هو رڳو آهہ سون کان، پوءِ هن کي
چو مچائي سچي خدائي ٿي.

مان پڇان يار کان سندس ڏس پيو،
مغز اهڙو ويم توائي ٿي.

بعد مُردن نہ لاش تي آئين،
چؤ تہ ڪنهن جي صنم نلائي ٿي.

گرم بازار قتل جي آهي،
خوءِ چنگيز جي سوائي ٿي.

خوش ٿيا خار، بن، جنون، وحشت،
ڪنهن جي اڄ قيد مان رهائي ٿي.

هر طرف بو شراب جي آهي،
آهہ ڪنهن مست جي رسائي ٿي.

اي جنون، روڪ وقت سر هٿ،
ورنہ محنت وڃئي اجائي ٿي.

مان ٽيس بند مرگ ۾ قابو،
قيد هستيءَ مان ڇو رهائي ٿي.
آه سوزان ڇڏي زبان ساڙي،
هاڻ دشوار لب ڪشائي ٿي.
دربدر سو نہ ڇو رلي "صائب"،
جنهن جي تقدير ۾ گدائي ٿي.

●

بلبل ڪان سوا ناهہ مزو ڪوئي چمن جو،
صحرا ٿو لڳي يار سوا باغ عدن جو.
گفتو ڪو ٿئي وصل جو، خود يار جي واتان،
ٿي سودا ٿئي، جنهن کي ذرو ناهہ ذهن جو.
محبوب اچي در تان، ويو سوٽي قضا را،
ڇا ڏوهہ ڪيم، ناهہ خبر، چرخ ڪهن جو.
ٿيندي نہ ملاقات وري غير سان ڪڏهين،
آواز اهو دوست جي هو تہ سخن جو.
الفت جي وچي قيد ۾ ڦاٿس تہ ڪيان ڇا،
آخر نہ پيو سهڻو، هي ڏک سور سخن جو.
هي حال ٿيو عشق ۾ "صائب" جو ادا هو،
پرزو نہ مليو پرزي کي هت هاءِ ڪفن جو!

●

گذاري جنين عمر سرو سمن سان،
اچي سڪ تنين کي ڇا ڪوجهن، ڪسن سان.
سدا ڏاڍ، چرچو ۽ وعدي خلافي،
ڪريو ٿا، ستمگر، غريب الوطن سان.
پکي قيد پڃري ۾ آهي تہ ڇا ٿيو،
محبت اچا آهہ ان کي چمن سان.

هيو دربدر ۽ مٽي ۾ مٽي پيل،
فلڪ، ڇا ڪيو تو سندم هم وطن سان.

مدو من جا مارين هرڪنهن کي، يارو،
اسان جو وڃي ڇا ٻين جي ڪمن سان.

صفا راند سونٽي جي آهي، زمانا،
ٿئي متفق يا نہ ڪو انجمن سان.

فسانا پراڻا تہ دهرايا آهن،
ڏسون پيا اکين سان، ٻڌون پيا ڪنن سان.

پڳت آهه وجهڻي، آهي ڏيڪ ڪرڻو،
پڄي ڪير ٿو تنهنجي قول ۽ وچن سان.

ڪري ڪوڙ منهن تي، ڏئي ساک سڀ کي،
هلي تون سگهين ڪيئن ٿو ڪوتن ڪرن سان.

وڏو حرفتي ۽ وڏو ناٽ آهين،
اگيان گرگ پهتا نہ تنهنجي گُرن سان.

هوائن جي رخ سان بدلجي وڃين ٿو،
عجب آهہ تنهنجي روش انجمن سان.

سکيو آهہ "صائب" زماني جا ڦيرا،
رهي دوستيءَ ۾ ڇگن سان مڻن سان.

●

وقت سر ڪو نقاب ڪٿجي،
دل نہ پڇجي، حجاب ڪٿجي.

دل ڏکوئي غريب جي پوءِ،
مفت ۾ ڇو عذاب ڪٿجي.

آهہ سُر تار ۾ جو محفل،
ڇو نہ چنگ و رباب ڪٿجي.

آهہ موسم بهار جي چا !
اڄ تہ جام شراب ڪٿجي .

پُر پيالا تمام آهن،
کولي حيوان جو آب ڪٿجي .

لوپ لالچ اجائي آهي،
پنهنجو پنهنجو حساب ڪٿجي .

اڄ تہ آهن هزار مهٽا،
ناز ڪنهن جو جناب ڪٿجي .

سطح واري نہ ڳالهہ ڪر ڪا،
آب تان ڪيئن حباب ڪٿجي .

ڏوُر وارا بہ ٿا هٽن ڪن،
جي نگاهہ عتاب ڪٿجي .

آهہ چانيل سڪوت "صائب"،
مات ۾ ڪو نقاب ڪٿجي .

●

ڪنهن سان ڪريان اڄ گفتگو،
دلبر نہ آهين روبرو .

باغ عدن مان ڪي تري،
ٿاهئي جهان رنگ و بو .

طوفان ۾ بيڙي چڏي،
بڻجي اچين ٿو واهرو .

هر هند پنهنجو ماڳ چئي،
چو تو رلائين ڪُو بہ ڪُو .

ڪر غش نہ ڪنهن ڪي طور تي،
جلوو پسائي ماهرو .

کنهن سان مکا ميلو ڪري،
ڪيئن تــو وڏائــيــن آرزو.

ڪي يــار چوٽين عرش تــي،
ڪن ڪــي سڏائين ڏوبڏو.

ڪي حق چون ٿـا پاڻ کي،
ڪي ٿــيــا سـراپـا جستجو.

ڪــي وجــد ۾ اينــدي پڇن،
عــرفــان جـــا جــام و سبو.

ڪِن ذات جــي لوري لــڳل،
ڪي محو ٿيا منجهہ ها و هو.

محبوب جــي صــدقــي سڄڻ،
"صائب" جــي رکجان آبـرو.

●

ڪريون ذڪر يــارن سان ڪهڙي طرح،
ڏسيون پنهنجي پــارن سـان ڪهڙي طرح.

محبت جــي گيتن جــي دنــيــا جــا مالڪ،
ڪجي ڳالهـہ يــارن ســان ڪهڙي طرح.

هجي واٽ زلفن جـــي الــجهيل تـــہ يارو،
ڪجي رانــد وارن ســان ڪــهــڙي طرح.

جڏهن حــســن هنجون اڪــيلــي ۾ هاري،
چنــون پــوءِ تــارن ســان ڪهڙي طرح.

زماني ســان ٻــر ٿــي جــي سوچڻ لــڳاسين،
نــبــهــي درد وارن سان ڪــهــڙي طرح.

ســڄــي رات بــيــچــيــنــيــن ۾ جــي گــذري،
نــبــهــي ماهہ پارن سان ڪــهــڙي طرح.

ڏکيءَ جو ڏکن ۾ نہ همدرد ٿئي ڪو،
هلون سوگوارن سان ڪهڙي طرح.

سپون هڪ ڦڙي لئہ سڪيون سڀ چمار،
ملون عرش وارن سان ڪهڙي طرح.

گلستان ۾ هڪڙو بہ گُل ناهہ پنهنجو،
وڃون گُلعذارن سان ڪهڙي طرح.

پئي ياد سڪ جي گهڙي ڪانہ ڪنهن پر،
ڪچون دل فگارن سان ڪهڙي طرح.

سڙي تيل ۽ وٽ، ٿئي لاٽ روشن،
جلون يادگارن سان ڪهڙي طرح.

ڪيو قرب وارن ڏکيو آهہ "صائب"،
هلون قربدارن سان ڪهڙي طرح.

●

اڇي لوڻ ٻرڪي ڦٽن تي تہ سمجهان،
ڪيو ڪنهن تہ احسان، ٿيو مون تي احسان.

محبت چون ٿا وڏي چيز آهي.
مگر ان رهايو نہ دنيا ۾ ڪنهن سان.

محبت ۾ دل ڪين مت ڪنهن جي وٺندي،
ڇڏي ڏيو، ڇڏي ڏيو، اها آهہ نادان!

دکيءَ دل کي آٿت اچيو ٿي وڃي پر،
بہ ٽي لڙڪ هاري جڏهن چشمِ گريان.

اسين لڙڪ هاري، وساري ڇڏيون ها،
زماني انهن کي ڪيو پيئي نمايان.

ڏئي ڏڍ دلين کي، پيا هار ڪائون،
پتنگن جيان نيٺ ٿينداسين قربان.

ڪري غور ڪو، تا ڪريون حال ڪنهن سان،
نڪو حال پائي، نڪو حال پُرسان.
اسين پنهنجو وارو وڃائي وياسين،
ويا گرچہ رهجي، سوين دل ۾ ارمان.
اوهان جا سلامي، اوهان جا ڪلامي،
رهن ڇو ڀلا، سائين، پريشان پريشان.
سڻا، ماڳ پنهنجو اجا تيو اڳاهون،
وڃو ڪين ڀلجي، ڏسي هت بهاران.
پتو پئجي ساري زماني کي ويو هو،
اسان پٺي لڳايو اجا زخمِ خندان.
سدا حسن جي تي هلي جت حڪومت،
ڪٿي آهہ "صائب" اها بزمِ خندان.

●

ڪو ٿئي ٿو چشم جو، ڪو تنهنجي قامت جو شڪار،
ڪوئي محشر جو ڏسان ٿو، ڪو قيامت جو شڪار.
نازنين، نازڪ بدن، غنچہ دهن پڻ ٿا رهن،
ڪي ملاحت، ڪي حلاوت، ڪي نزاڪت جو شڪار.
دُرِ معني کي رسي، خود اهلِ محفل ٿا ٿين،
ڪي سلاست، ڪي بلاغت، ڪي فصاحت جو شڪار.
نقشِ زندان ۾ ٿيو ظاهر جو قيدي ٿا پون،
ڪي صداقت، ڪي سچائيءَ، ڪي بغاوت جو شڪار.
آهہ گردابِ فنا ۾ ڪشتيءِ عمرِ روان،
زندگي پڻ گهيرجي ٿي ويئي آفت جو شڪار.
گل جهي ساغر ۾ ڏسان ٿو ماڪ جا قطرا مگر،
جلد هي معصوم ٿي ويندا حرارت جو شڪار.

پيرهن گل جو هميشه چاڪ ٿيندو ٿو رهي،
وه، نسيمِ صبح، هي تنهنجي نزاڪت جو شڪار!

قوم جي اصلاح جا دلداده، دل تي ياد رک،
هرڪو مصلح ٿو ٿئي اڪثر مصيبت جو شڪار.

دهر جو هر انقلابي ذهن آهي نالو زن،
مرغ وانگر ٿو ٿئي مفلس سياست جو شڪار.

شور غوغا آهه ايوانِ عدالت ۾ بپا،
آهه شايد ڪو ٿيو ڪنهن جي شرارت جو شڪار.

شيخ جو دستِ مبارڪ، پنهنجي پڳ ۾ ٿو رهي،
آهه ويچارو ٿيو شايد شرافت جو شڪار.

ياد رک "صائب" زماني جو ذرو ناهي قصور،
فرد هرهڪ آهه پنهنجي پنهنجي شامت جو شڪار.

●

غرورِ حسن جنهن تان گهورجي سا بيخودي گهرجي،
ٿئي قربان نخوت جنهن تان، اهڙي سادگي گهرجي.

فلڪ تي چنڊ تارن کي، زمين تي ماهه پارن کي،
سدائين سونهن وارن کي به ڪا جاوه گري گهرجي.

ڪري ٿو عرشِ اعظم تان، ڪري تر دهن لاله ٿو،
گلِ تر کي تہ شبنم جي ڦڙي جي دوستي گهرجي.

عجب جدت پسند آهي طبيعت عشق وارن جي،
پتنگ آهن نوان، جن کي نئين ٿي روشني گهرجي.

پچارون پيون ڦٽيون ڪرڻيون پون ٿيون يار جي خاطر،
پرينءَ جي پور ۾ گهارڻ سموري زندگي گهرجي.

زبـان تي حرف آڻي مدعا جو، عـاشقِ نـادان،
ڪرڻ چو حسن کي رسوا يا پنهنجي عاشقي گهرجي.

ڏسي اڄ عاشقن جي پيڙ، سِپني ڪان تو منهن موڙين،
ڪرڻ اي دلربا اهڙي نـه هرگز بيرخي گهرجي.

پريشان زلف يارن جا ڏسي، دل خود پريشان ٿي،
پنهي پاسن اگـر ڏسجي، بـرابـر برهمي گهرجي.

اسان کي درد و غم جي ناهه پرواهه، اي جهان وارا،
رکو يارن جي دلجوئي ڪرڻ خاطر خوشي گهرجي.

هزارين حسن جا وعدا، هزارين حسن جون ڳالهيون،
رموزِ حسن کي سمجهڻ ۾ توري آگهي گهرجي.

نرالي لوڏ جانيءَ جي، نرالي سونهن سائين جي،
انهن معصوم مکڙين کي به اڄ ٿي بيڪلي گهرجي.

جهانِ سرخوشي جنهن مان سدا ظاهر ٿئي، "صائب"،
اهـا رنـگين ادا، معصوميت ۽ ڪمسني گهرجي.

●

شيريـن بيانـيءَ ۾ ۽ تـفـسير ۾ ڇـا هـو،
ان واعظِ نـاقـهم جي تـقـرير ۾ ڇـا هـو.

دل کي ۽ جگر کي چو جهليو سپ ٿا هٿن ۾،
اي اهلِ فلڪ! نـالـهءِ شبگير ۾ ڇـا هـو.

اڄ مست ٿيا رنـد، بـنـا جـام پيئڻ جـي،
ان ساقيءَ ڪمسن جي بـه تصوير ۾ ڇا هو.

اي آه! ڪڏهن سُوي فلڪ تنهنجو وڃڻ ٿيو؟
جي ها، تـه ڀلا چؤ، دلِ دلـگير ۾ ڇا هو.

دلڪش نظر آيـو ٿي ڪناري تـان نظارو،
ڪم بخت ڏٺو ڪين تـه وچ سير ۾ ڇا هو.

صحرا تہ سمورو ٿيو ميراث چرين جي،
اي حسن! ٻيو منهنجي بہ جاگير ۾ ڇا هو.

دنيا جو رهيو آهہ، نڪي دين جو "صائب"،
ڇا چئجي تہ ديواني جي تقدير ۾ ڇا هو.

●

خانہ بدوش ٿي ٿو سندم امتحان ڪريان،
رنج و محن ۾ خوب ٿو دل شادمان ڪريان.

پنهنجو لٽاءِ گهر بہ نہ آہ و فغان ڪريان،
ڇا لئہ وري تصورِ سود و زيان ڪريان.

قوت سان بال و پر جي قفس کي ڀڃي ڪري،
تيار تيلين مان ڪٿي آشيان ڪريان.

خرمن جو ڇا خيال ڪبو، آهہ سڀ فنا،
اڄ ٿو خوشيءَ سان دعوتِ برق و دخان ڪريان.

حسرت پري نگاهہ سان ڇو دهر کي ڏسان،
بيجا ڇو مان شڪايتِ هر دوجهان ڪريان.

قربان تنهنجي تشنہ لبيءَ تان اي مہ جبين،
تو لئہ رڳن جو خون ٿو سيل روان ڪريان.

صحرا مان لاش منهنجو نہ کڻجو، اي يائرو!
تا بعدِ مرگ نذرِ هما استخوان ڪريان.

آت انجمن ۾ رند اچي ڇو نہ گڏ ٿين،
پُر جام بعد جام ٿو جت خون سان ڪريان.

خنجر بڪف حبيب اڳيان سر جهڪائي اڄ،
جلاد جي ٿو خوب ادا آجيان ڪريان.

خاڪِ شهيدِ ناز پکيڙي مان جا بجا،
آباد نئين زمين ٿو زير آسمان ڪريان.

ڪوثر و سلسبيل جو زاهد نہ ڪر خيال،
آبِ حميم سان تہ وضو بي گمان ڪريان.

زاهد ڏسان تہ ڪئن ٿو سجائي نعيم کي،
دوزخ ۾ ميڪشو پيو جنت نشان ڪريان.

حضرت ”خليل“ آهہ جو استاد باصفا،
وصفون سندس مان ڪهڙيون اي ”صائب“ بيان ڪريان.

●

دور دلبر جي رخِ روشن تان دامان ٿي ويو،
عاشقِ ناشاد ڇا، خالق بہ حيران ٿي ويو.

فصل گل ۾ دل جي وحشت لاءِ سامان ٿي ويو،
چاڪ دامن ٿي ويو، پرزا گريبان ٿي ويو.

آتشِ سوزان جو دونهون ابرِ نيسان ٿي ويو،
نيٺ هرهڪ بحر هستيءَ جو دُرافشان ٿي ويو.

لڙڪ مان دريا ٿيو، دريا مان طوفان ٿي ويو،
ڪشتيءِ عمرِ روان جو ساز و سامان ٿي ويو.

برق جي ظاهر ۾ خواهش ٿي وئي پوري مگر،
آشيانو خود سڙي، گلشن تان قربان ٿي ويو.

مرحبا، صد مرحبا، سا لذتِ جرم و گناهہ،
جنهن جي باعث حشر ۾ ديدارِ يزدان ٿي ويو.

درد و غم، رنج و الم سان آهہ دل مانوس ٿي،
منهنجي لئہ ڇا خوب آسائش جو سامان ٿي ويو.

جنهن بہ شاخِ گل تي وينس يا بنايم آشيان،
سو چمن بدقسمتيءَ کان منهنجي ويران ٿي ويو.

سينہءِ بحرِ صداقت ۾ رهيس سان تشنہ لب،
هر صدف جو گرچہ پورو سارو ارمان ٿي ويو.

هت تہ گھر ڪرڻو پوي ٿو پاڻ پنھنجو پاڻ کي،
چا ٿيو جي پير دانا، مردِ نادان ٿي ويو.

چا ڪريان، ڪيڏانھن وڃان، دنيا ۾ ناھي ڪو قرار،
مرغِ دل "صائب" اسيرِ زلفِ پيچان ٿي ويو.

●

دنياءِ دون ۾ ڪنھن جو ڪوئي بہ يار ڪونھي،
دعوا ھزار ڪن ٿا، پر اعتبار ڪونھي.

گردش ۾ آسمان جي خود آدمي رھي ٿو،
گردش تي ليڪ ڪنھن جو پي اختيار ڪونھي.

سڀ ڦل عمل جا آھن، چا خار يا ھجن گل،
دراصل باغ و صحرا يا خار زار ڪونھي.

ھي چا! ٽڙي ٿو گل جي ڪومائجي ڪلي ٿي،
بادِ نسيم جي ھٿ وس لالہ زار ڪونھي.

طوفان تيز آھي، لھرن ۾ پڻ تلاطم،
چڙھان ٿي، ناخدا! چا، پروردگار ڪونھي؟

تنھنجي پري رھڻ ۾ ڪا جھل ضرور آھي،
فتنو فلڪ جو ھوندو يا اختيار ڪونھي.

آدابِ بادہ خواري ۾ تاڪ ٿو سڏايان،
پيرِ مغان کان وڌ، چا، ھڪ ميگسار ڪونھي.

مدت مديد کان پوءِ "صائب" لکيم غزل اڄ،
آھيان مان دل جو مالڪ، مون تي ڪو بار ڪونھي.

●

جيڪي مچو نا مھربان ٿي چڪو،
بس، ستم مون تي اي آسمان ٿي چڪو.

درد ھوندي نہ آہ و فغان مون ڪئي،
بس، گھڻو ئي ٿيو، امتحان ٿي چڪو.

زخم تيرِ نگه جو چڻي ٿو وڃي،
داغ دل جو مگر هو عيان ٿي چڪو.

پاڻ ٿو عاشقن تي حڪومت ڪري،
هي جنون نامور در جهان ٿي چڪو.

يار ڪارڻ دل و جان قربان ڪيم،
قرب وارن ۾ نام و نشان ٿي چڪو.

خواب ۾ گلبدن همنشين جو ڏٺم،
دشت ۾ منهنجي لئه گلستان ٿي چڪو.

لعل رو هو تپي مثلِ آتش ٿيو،
ضد نه ڪر دل، ڪو شعله فشان ٿي چڪو.

اي صنم، تون مڃيندين نه ڪا ڳالهه پر،
هجر تنهنجي ۾ ڪو نيم جان ٿي چڪو.

غير سان همسخن جانِ جان کي ڏٺم،
دشمنِ جان سندم رازدان ٿي چڪو.

چشم تر مان روانا ٿيا لڙڪ جڏهن،
آبِ ڪوثر مان سيلِ روان ٿي چڪو.

جام هٿ ۾ کڻو قبله رو ٿي ويهو،
ميڪشو هاڻ وقت اذان ٿي چڪو.

"صائبِ" بي ثمر، ره نوردِ ازل،
زندگيءَ جي سفر جو بيان ٿي چڪو.

●

نگاهِ ناز هجي، دل به هڪ غلام هجي،
پنهي کي مدنظر ڪنهن جو احترام هجي.

خلش جگر ۾ هجي، سوز ناتمام هجي،
لڪل تڙپ به هجي، ضبط پڻ مدام هجي.

خلش جگر ۾ هجي، سوز ناتمام هجي،
جهانِ جسم ۾ اهڙو ڪو انتظام هجي.

نہ آهہ ڪهنہ پياڪن کي ان جي ڪجهہ پرواهہ،
شرابخانو پراڻو، شڪستہ جام هجي.

اجا بہ جادهٔ هستي تي گامزن رهبو،
ڪٿي پوء منزلِ مقصود چند گام هجي.

جمالِ نقش تي عالم سڄو فدا ٿو ٿئي،
نگاهِ دهر لئہ بس تزڪ و احتشام هجي.

حريمِ ناز جي ميناءَ چشم ميگون مان،
پري پيار تہ قائم هي دؤر جام هجي.

اجايو قتل ڪري، بار ٿا ڪٽو سر تي،
ترار حسن جي پل بند در نيام هجي.

توهان جي در تي اچڻ ان ڪري ٿيو آهي،
مستان کو اچ ڏيٺو روبرو پيام هجي.

ڪيو نسيمِ سحر چاڪ پيرهن گل جو،
جفا جو شال نہ ڪنهن کي خيال خام هجي.

هو شوخ قبر تي ايندو تہ ڪونہ پر ڏسجو،
اچي تہ شهرِ خموشان ۾ اذنِ عام هجي.

ڪڏهن بہ پير پري پي نہ هو صنم ايندو،
دهن گلاب توهان جو مگر مدام هجي.

هجي جو حافظِ آياتِ حسن، اي "صائب"،
نمازِ عشق پڙهڻ مهل سو امام هجي.

●

زندگي شال هجي شاد و آباد اچا،
ليڪ مون کي تہ ڇڏي ڏي، ٿيان برباد اچا.
ذڪر بربادئ دل جو تہ ڪريو جانِ جگر،
آهہ تسڪينِ دلِ زار اها ياد اچا.

شال آباد هجي خير سان محبوب صفت،
پيو ڪري ظلم هزارين ستم ايجاد اچا.

خوب زنده تو رکين پنهنجون روايات ڪهن،
هاءِ هي ظلم، جفا، جور ۽ بيداد اچا.

شب تاريڪ ۾ رخشنده ستارن کي ڏسي،
غم هستيءَ جو فسانو تو اچي ياد اچا.

تنهنجي معصوم نگاهن ۽ ادائن کي ڏسي،
پاڻ تي ڏوهه مڙهي تي دل بربـاد اچا.

لب خاموش تا چو مائل فرياد تين،
آهه "صائب" ڪا رهي حسرت فرياد اچا.

●

ستمگر کي ڪو سمجهائي، ستم کان پوءِ نه پڇتائي،
ستم جي شان و عظمت تي نه گهرجي ايئن ٽڪو لائي.

ڪڪر ڪاري منجهان پيو چنڊ چوڏهينءَ جو ليئا پائي،
جهان حسن، ظلمت مان تو نڪرڻ لاءِ واجهائي.

خيال عظمت ماضي ۽ ربط و ضبط جو عالم،
اچا احساس جي منزل ۾ ريڙهيون پاڻ پيو پائي.

زمين کي، آسمان کي، منهنجي قسمت کي يا سيني کي،
زمانو يوسف بي ڪاروان وانگر تو ڦيرائي.

پڳا ڪشتا هزارين ليليءَ فطرت زماني جا،
جنون باوفا تاهم نتو ڪنهن پر بہ ساگاهي.

من و يزدان، خليل و آتش و زنار ۽ تسبيح،
پراڻي ڳالهه آهي، جنهن کي دنيا پيئي دهرائي.

چمن ۾ نرگس و نسرين، فلڪ تي مشتري زهره،
زمين و آسمان کي حسن تو سينگاري، چمڪائي.

صدف مان گوهر نایاب تہ پیدا ٿئي ليڪن،
صدف وانگر نہ تہ سيڪو ڪري محنت ۽ پاڙائي.

جبل تيشي سان ڪوٽي تہ سگهي هر دور جو انسان،
مگر پرويز جو حيلوئي تہ فرهاد مارائي.

خرد مندو، سياست جي ره پرخار ۾ ڦاسي،
ڪٿي ڪنهن جيءَ کي هٿ لائي، نہ پٽ پنهنجو ڪوڦاڙائي.

خطِ ارژنگ جا گهايل، خطِ تقدير جا ماريل،
اسان کي سبز خط واري وڏو ماري، ڇڏيو گهائي.

تفاوت ايترو عشق ۽ عبادت ۾ ٿيو، "صائب"،
جلائي پر تہ هڪڙي جا، ٻئي کي پاڻ ڪوٺائي.

●

نديءَ ڪناري، چراغ ٻاري،
ڪئيسين پوڄا، صنم سهاري.

ڇڏيوسين دير و حرم وساري،
نگاهِ لطف و ڪرم کي ماري.

ڪڏهن تہ مستن کي يار جنهن دم،
ڪڪوريل تہ ڪٿي نهاري.

هٿن جي مينديءَ، اکين جي سرخي،
ڪي لمحا شيرين ٿي ياد ڏياري.

جلي جلي ٿي جواني وگهري،
ٻري ٻري تہ ڪو شمع ٻاري.

چا مرگهہ نيڻن ۾ آهہ جادو،
گهڙيءَ تہ ماري، گهڙيءَ جياري.

اوهان سان راندين ۾ لطف آهي،
جو جاٽي واٽي تہ هرڪو هاري.

گلن جي ورڪا ڪرين ٿو جنهن تي،
گلن ۾ سوئي ٿو باهه ٻاري.

ڪلي نہ ڳالهايو جنهن تي جيئري،
مئي پڄاڻا ٿو لڙڪ هاري.

ڪتاب هٿ ۾ ۽ در ۾ اکيون،
تو انتظارن ۾ پاڻ ڳاري.

بهار ۾ ٻي نہ ننڊ آيس،
الائي ”صائب“ ٿو ڪيئن گذاري.

●

ٻڇيا گرچہ آهن مري، ٿا چون،
ويا ليڪ آهن ڳري، ٿا چون.

لڪا لوڪ کي پئي صفا ڪانہ ٿي،
چريا پاڻ مون کي چري، ٿا چون.

زماني جا ماڻهو وڃائن ٿا وات،
اڄايو سڄايو وري، ٿا چون.

ٿيس مست محبوب جي ڏيان ۾،
اِجها ڪي اِجها هوءَ ڪري، ٿا چون.

ملي يار ميهار ويندو ضرور،
مگر مٿ تي هلبو تري، ٿا چون.

ٻين لئہ زمانو هجي ڪجهہ بہ، ليڪ
اسان لئہ مٽي جي ٻري، ٿا چون.

سڄڻ جي رهيا يار ساري چمار،
سوا تن نہ ڪنهن جي سري، ٿا چون.

اسان ڪان لڪايو لڪائين پيا،
مڙئي ڳالهہ آهي ڳري، ٿا چون.

ٻڌي ڳالهہ اڄرج ۾ پئجي ويا،
ويا سڀ سندن ٽپ ڏري، ٿا چون.

پيو پنهنجي مرضيءَ سان، يارو، پيو،
پيالي ۾ لاهي ڀري، ٿا چون.

دعاگو اسين آهيون سڀني جا ڀر،
مٿن آهہ آئي ٻري، ٿا چون.

ڏسو ڀاڳ يارن جا "صائب" ڏسو،
ڪٿي آهہ چونڊي ڍري، ٿا چون.

●

هر غنچهءِ گل چاڪ بدامان نہ ٿئي شال،
هر زخمِ جگر غيرتِ بستان نہ ٿئي شال.

رودادِ چمن ڪنهن کي ٻڌائي مان ٻڌايان،
ڪٿ وجہ تباهيءَ جو بهاران نہ ٿئي شال.

هر شاخ گلِ سرخ سان معمور ٿي آئي،
بربادِ خزان منهنجو گلستان نہ ٿئي شال.

اميد جا دريا بہ وڃن خشڪ ٿيو، دوست،
مايوس ۽ بيوس دلِ نادان نہ ٿئي شال.

پنهنجا بہ ڏين ڪين ٿا آواز تي آواز،
منت ڪشِ دل، سازِ رگِ جان نہ ٿئي شال.

پنهنجي ئي تباهي ٿي اچي ياد، دلِ زار،
آباد مڪان ڪنهن جو بہ ويران نہ ٿئي شال.

اڄ دردِ جگر لطف ڏنو آهہ جو مون کي،
ڪنهنپر بہ انهيءَ درد جو درمان نہ ٿئي شال.

هر ڳالهہ پنن پاهہ ڪري، حد ٽپي ويو،
مجبور زماني ۾ ڪو انسان نہ ٿئي شال.

پنهنجن ئي هٿن ساڻ آجڙ ملڪ ڪري ٿو،
بد مغز ۽ گمراهہ ڪو خاقان نہ ٿئي شال.

هن دؤر جو انسان تہ آهي ئي نرالو،
آشفتہ سر و حالِ پريشان نہ ٿئي شال.

جو خالقِ اڪبر کي نہ خود ڌيان ۾ آڻي،
اهڙو بہ خيالن ۾ ڪو عريان نہ ٿئي شال.

سبحان سڏائڻ ۾ تہ ويرم نہ لڳي ٿي،
ٿورو بہ ڪوئي صاحبِ عرفان نہ ٿئي شال.

هر روز نوان چنڊ چڙهن، تنگ ترن ٿا،
بيدار ڪوئي نخشبِ دوران نہ ٿئي شال.

ڇا تنهن کان پڇان، جنهن کي لڳي باهہ ٿي، "صائب"،
رت پنهنجو ٻري، صرفِ چراغان نہ ٿئي شال.

●

نگاهِ لطف رکين ٿو تہ پوءِ ستم نہ رهي،
ڪڏهن بہ بزمِ دلارام پُرالم نہ رهي.

رهي جي دل بہ، اهو دل ۾ رنج و غم نہ رهي،
مصيبتن ۾ ڪڏهن تنهنجي چشم نم نہ رهي.

ديار عشق ۾ آهي خداءِ حسن جو راڄ،
الاهي خير، ڪو منحوس هت قدم نہ رهي.

نقابِ رخ نہ کڻج تون، هوس پرستيءَ ۾،
حبالِ حسن لڪل ڇو اي محترم نہ رهي.

هواءِ حسن کان هو ڪين نہ پُرسرور رهي،
ڇا، بوءِ مشڪ جي هوندي هرڻ جو رم نہ رهي.

اهوئي زينتِ ابرو و زلفِ جانان آهه،
اڃا چوين ٿو تہ ڪو پيچ، ور يا خم نہ رهي.

گهرين ٿو، پيرِ حرم، هت نہ بت پرست اچن،
تہ تنهنجي ڪعبي ۾ پوءِ گهرجي ڪو صنم نہ رهي.

●

حسن مهرو جو ٿيو خوب درخشان آهي،
ماهه جنهن ڪان ٿي لڄي، سر بہ گريبان آهي.

پابرهنہ جو ٿيو باديہ پيمائيءَ ۾،
راهبر، خاص اچي، خارِ مغيلان آهي.

هاڻ تون مست نگاهن سان نهارين ڇو ٿو،
تيرِ مژگان تہ اڳي ئي ڪيو احسان آهي.

قتل گه تنهنجو اي قاتل سچو پهچي ويندو،
منهنجو هر قطرهٔ خون اهڙو درخشان آهي.

هر جڳهہ برقِ تبسم نہ ٿئي جلوه گر،
آشيان دل جو جلائڻ لئہ حيران آهي.

زلف، سهڻو، عطر و مشڪ سان سينگاري ٿو،
نانگ پالين پيا، قدرتِ يزدان آهي.

حال تنهنجي تي عدو ڇو نہ ڪلن اڄ خوش ٿي،
ڏس تہ ڪئن شوميءِ قسمت تي خرامان آهي.

پاڻ محبوب جي تڪليفِ ستمڪاريءَ تي،
خاڪ پي گورِ غريبان جي پشيمان آهي.

پيئڻو جيڪي اٿئي، مست، سو پي وٺ هيڪر،
موسمِ گل تي وڃي، شامِ بهاران آهي.

ظلم، انديـر، ستم، جور ڪيائون اهڙو،
جنهن ڪان اڄ حضرتِ قابيل بہ لرزان آهي.

اج پيئي محتسبن جام و مينا ڇڏيا،
ساقيا! فڪر نہ ڪر، گردش دوران آهي.
عمر ساري مون گذاري جو پريشانيءَ ۾،
زندگي پي تہ سڄي خواب پريشان آهي.
هر گهڙيءَ چو ٿو ڪرين شڪوو تون محبوبن جو،
سرد مهري تہ سندن يار نمايان آهي.
بعد مردن ٿو ڪري قدر ڇا تنهنجو، "صائب"،
لاش تي يار ٿيو چاڪ بدامان آهي.

●

جي مهربان ستم هو ستم شعار رهي،
تہ غم جو قلب حزين تي نہ ڪجهہ غبار رهي.

شراب حسن کان مخمور ٿو هو يار رهي،
تہ پوءِ چو نہ سندم چشم پُر خمار رهي.

جمال شمع ٿو دلڪش و خوشگوار رهي،
وگرنہ ڪٿ دل پروانہ جان نثار رهي.

نشان قتل گہ ناز ۾ مزار رهي،
جفاءِ يار سندو ڪو تہ يادگار رهي.

خدا ڪري تہ چمن ۾ سدا بهار رهي،
زمانو عيش و مسرت جو برقرار رهي.

مٿا سٿا تي بدل آهہ ڪائنات، مگر
خدا ڪري تہ چمن ۾ سدا بهار رهي.

جهڪن ٿا شاهہ و گدا، بارگاه ناز ڏسي،
الاهي سرس سدا يار جو وقار رهي.

اداءِ خاص رکي ٿي صنم جي طرز ستم،
نئين ستم جو ٿو هر روز انتظار رهي.

هلي تہ گور غريبان جو هاڻ شان ڏسو،
هو ڪنهن جي خاڪ ملينڊو تو برعذار رهي .
پري ڪو غيرتِ خورشيد اڄ نقاب ڪندو،
ڏسون تہ ڪنهن جي ٿو اڄ دل تي اختيار رهي .
شرابِ ناب پيو ميڪشو مدام مگر،
ويهي جو بزم ۾، هردم سو هوشيار رهي .
ڪيا هي گهارا گلن تي وهائي لڙڪ اثر،
نشان بحرِ محبت جو پائدار رهي .
اسان جو خوب ٿئي شاندار مستقبل،
بشر بشر جو ٿي، "صائب"، جي غمگسار رهي .

●

سون جهڙا يار ڪنهن ڳاري ڇڏيا،
آف، ڪئي ڳڀرو جوان ماري ڇڏيا!

داؤ ڪان تنهنجي نہ ڪو دامن بچيو،
يا سيه مستي بہ ڪي ڪاري ڇڏيا .

ڪنهن غزل جي بادشاهہ چا هو ڏنو،
سون گهر جهوليون ڀري هاري ڇڏيا .

دهر جا گل ڦل ويا ڪارانجي،
بغض ۾ ساڙي صفا پاري ڇڏيا .

دوستن ۽ مائٽن جا سڀ چوڻ،
ڪنهن سڄڻ جي چئي تي سون واري ڇڏيا .

ڏس ڏنا ڏاهن گهڻا، پر چا چوان،
زخم دل جا ڪنهن اچي ٺاري ڇڏيا .

عقل جي شهہ تي هليس، ڪجهہ ڪين ٿيو،
دل جي چئي تي سون وچن پاري ڇڏيا .

سونهن جي دنيائي پنهنجي آهه، دوست،
هن تہ اٽ-تارو بہ تي تاري چڙيا.
آهه ڪنهن لئہ مضطرب دل جي ڪلي،
گُل بڻي تنهن يار سينگاري چڙيا.
ڏوهہ ڏيندي دل نٽي جن جي نري،
اج تہ ”صائب“ تن جا نپ ناري چڙيا.

●

اي دل اٿي ڏس، در تي ڪير آهي،
هن جي اچڻ ۾ گرچہ دير آهي.
سون سان رتو اج باغ آهہ سارو،
سون چيا ڪنيو گلرخ سان پير آهي.
ايڏو ڏمر بادہ گسار يارو،
سون سان پيلا چو اهڙو وير آهي.
تارا ڳڻيندي ٿيو ٿي روح روشن،
اختر شماريءَ ۾ ڪو ڦير آهي.
چيا نينهن لاتو نار هو پنهل سان،
تي ڏيهہ سارو پيو تہ ڏير آهي.
هن دؤر ۾ گهٽ چاڻ ڪين ڪنهن کي،
جو پنهنجي ليکي سيڪو سير آهي.
الجهي پون چو مسئلا نہ، يارو،
ڳالهين جو ور، پڻڪي جو پير آهي.
اونڌي سموري ديڳ تي پوي ٿي،
دل ۾ دغا، سن ۾ جي مير آهي.
هو ڪيئن نہ ڏيکاري اکيون، چريو ٿي،
جڏهين ٻلي پڻ ڏر تي شير آهي.
مارن کي چيڙي بيگناهہ ”صائب“،
اج ڪنهن وڌو ٿر ۾ ڏڦير آهي.

•

دلِ زار کي نگاهہ جي تيرن تي ناز هو،
اهو ئي تہ هن غريب کي حاصل نياز هو.

اسين ساده لوح، لوهہ ٽيون ٽا گهڙي گهڙي،
يا گلچين جو گلرخن سان سازباز هو.

ڌڻن غير پنهنجا ٿي ٿي رهيا، پنهنجي ديس ۾،
نہ پنهنجي يا غير ۾ جڏهن امتياز هو.

وري ڪير ٿو صليب کڻي پنهنجي دوش تي،
چہ مريم جي ٻار کي تہ ڪو معلوم راز هو.

ستارن کان پرڀرو بہ ٿي جن جي نظر وئي،
حقيقت ۾ سرخرو تنين سان ڪارساز هو.

پلي ڪاڪ جو مذاق آڏائين ميندرا،
هئي جن کي سڌ تہ ٿاهہ سچو خانہ ساز هو.

و ڳو چنگ پئي مگر نہ ڏنو ساهہ سر تي ڪنهن،
ڪو سمجهو نہ بزم ۾ هو يا بي سوز ساز هو.

مڙيا مچ مٿي پتنگ، چہ قربان ٿا ٿيون،
آلو باهہ جو انهن کان مگر بي نياز هو.

ڇيو چار پئي ويا تہ اچو جهد ٿا ڪريون،
پتو ڪجهہ نٿي پيو تہ ڇو هي تگ و تاز هو.

نہ ايڏي وڏي ڪا باهہ اي "صائب" مچڻ کپي،
وڙهيو ظاهري طرح تہ ڪا جهرڪي ۽ باز هو.

•

پنهنجي فطرت کان هميشه مان پريشان ئي رهيس،
مون کي جنهن پنهنجو ڪيو، مان دُور ان کان ئي رهيس.

ڪُوي جانان کان ٿيس جي دور، گريان ئي رهيس،
عندليبِ زار وانگر مان بہ نالان ئي رهيس.

چشمِ نرگس جو قسم، زلفِ پريشان جو قسم،
حسن جي نيرنگين کان ٿيندو حيران ئي رهيس.

مان قبا گل جي ٻڌيس يا پيرهن عاشق جو ٿيس،
گلشن و صحرا ۾ ٻنهي ۾ چاڪ دامان ئي رهيس.

هڪ جڳهه تي ڪين آيو صبر مون ڪي ڪنهن طرح،
خلد مان دنيا ۾ آيس پر پريشان ئي رهيس.

آب و گِل ۽ چشمِ نم سان آسمان تائين رسيس،
ابر ٻڌجي چانئجي ويس ليڪ گريان ئي رهيس.

زندگيءَ جي ڪشمڪش کان، ڪشتيءَ اميد ۾،
برلبِ ساحل به مان طوفان بدامان ئي رهيس.

ساز هستيءَ جي ڪٿي تارن جو تورو ٿيو مگر،
نغمهء بيگانهء مضرابِ دوران ئي رهيس.

حاصلِ وصلِ صنم ۽ عشق جي لذت ٿيس،
ليڪ هر حالت ۾ مثلِ رازِ پنهان ئي رهيس.

"صائبِ" خستہ جگر جي خستہ حاليءَ کي ڏسي،
آگريون ڏندن ۾ ڏيئي مان تہ حيران ئي رهيس.

●

گلشنِ هستيءَ ۾، اي گل، صورتِ پيمانہ ٿي،
چشمِ عالم ۾ رهي تون زينتِ ميخانہ ٿي.

اهلِ محفل لئہ سراپا دعوتِ رندانہ ٿي،
ساغر و مئي ٿي صراحي، ساقي و ميخانہ ٿي.

نعرهء مستانہ ٿي يا جلوهء جانانہ ٿي،
"قصهء منصور ٿي يا طور جو افسانہ ٿي."

محفل ڪون و مڪان وارن جي ٿئي تو ۾ نگاهہ،
اک کپي سڀڪنهن جي جنهن ۾ اهڙو ڪو پيمانہ ٿي.

برق سان رانديون ٻه ڪر، ڪلندو ٻه رهم شام و سحر،
شعلهء جان سوز ۾ رهي، مستقل ڪاشانه ٿي.

جي دل ِ نادان، حضور حسن ۾ پهچڻ گهرين،
پوءِ پلي آئينه ٿي، پيمانه ٿي، نذرانه ٿي.

عشق وارن سان پڄي ٿو عقل جو محتاج ڪٿ،
حسن جي محفل ۾ اچ، پر عقل کان بيگانه ٿي.

قطرو آهي راز ِ دريا، لڙڪ آهي راز ِ دل،
ذري ذري ۾ ئي پنهان وسعت ِ يڪدانه ٿي.

جذبهء ڪامل ڪان ڪم وٺ، تشنهء حسن ازل،
عالم بالا ۾ پهچي، جلوهء جانانه ٿي.

پيچرو پٽر پيچ آهي، قافلو پڻ تشنه ڪام،
اي گل ِ صحرا، نشان ِ سبزهء ويرانه ٿي.

نجد جي وادي جو توسان ناهه جي آنس ۽ پيار،
ناقهء ليلا نه ٿي، يا تون دل ِ شيدانه ٿي.

راند سمجهي ڪيڏ، ”صائب“، زندگيءَ ۾ موت سان،
سک سبق پرواني کان ۽ خود ٻه هڪ پروانه ٿي.

(١١- ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس، حيدرآباد، ۾ پڙهيو ويو).

●

پاڻ کي ڄاڻي هرڪو عاقل،
۽ ٻئي کي سمجهي ٿو جاهل.

دريا تي ڇا منظر ڏسبا،
طوفان طوفان، ساحل ساحل.

ابر نيسان جي قطري لئہ،
سطحِ دريا تي سِپ سائل.

مشکِ ختن يا ناقہٴ آهو،
هک ئي آهن پيشِ عاقل.

گردشِ دوران کان اکثر ٿيا،
کامل ناقص، ناقص کامل.

رندن ٽوڙي ساغر مينا
بدليو آهي رنگ محفل.

عشق جون بازيون الٽيون آهن،
سولي کم کي ڪن ٿيون مشکل.

ناز و ادا جو مالک آهين،
چو نہ ٿين سڀ تو تي مائل.

خنجر ابرو تنهنجا ڪن ٿا،
ڪن کي گهايل، ڪن کي بسمل.

دنيا ۾ تو جهڙا انسان.
ظلم و ستم جا آهن حامل.

کنهن جي شکايت ڪرڻي ناهي،
شکوي مان ڇا ٿيندو حاصل.

ڪين هلي ٿي ڪنهن جي ساري،
تنهنجي بازيءَ جا سڀ قائل.

"صائب"، سڀ کان بهتر آهي،
قبضي ۾ رکجي پنهنجي دل.

●

نئين ڪا واٽ کولي ڪڍ، زماني ۾ جوان پنهنجي،
نئون ڪر فڪر دنيا ۾، نئين طرز بيان پنهنجي.

ادب جي هر روايت سان بغاوت ڪر ڀلي ليڪن،
نه ڪر ضايع پٽئي تخريب تون تاب و توان پنهنجي.

وري آواز اهڙو مڪتب نؤ مان اٿڻ گهرجي،
ادب جي هر عبادتگاهه ۾ گونجي اذان پنهنجي.

فلڪ تي چنڊ ۽ تارا، ڪتيون ڏس ڪيئن نه خوش آهن،
مگر محفل فنائي آهه، هت اهل جهان پنهنجي.

وڏن کي سچ چوڻ ۾ ”بي ادب“ جو ئي لقب ملندو،
نه ڪر ظاهر حقيقت، بند رک هردم زبان پنهنجي.

جڏهن هڪ حال ۾ ئي ڪين آهي ڪو زماني ۾،
تہ پوءِ چؤ ڪيئن مٽائي چال هي دور زمان پنهنجي.

ڪڏهن غيرت جو عالم ۽ ڪڏهن حرص و هوس آهي،
حياتي ڪشمڪش ۾ ٿو وڃايان رائگان پنهنجي.

پريشان زلف آهن ۽ ڏنگي پڻ سينڌ تي ڏسجي،
منجهائي واٽ اڄ آهي چڙي خود ڪهڪشان پنهنجي.

نگاهن ڪان پري آهين، مگر دل ڪان پري ناهين،
خدا چاهيو تہ ڪڏجاٽي بہ ٿيندي سهربان پنهنجي.

اسان جي زندگيءَ جو ڪاروان صحرا ۾ ڀٽڪي ٿو،
هزارين مشڪلون آهن ڪريون ڪهڙي بيان پنهنجي.

ستارو پنهنجي قسمت جو نہ گردش ۾ سدا رهندو،
بنائي زندگي رهنداسين آخر ڪامران پنهنجي.

عجب مايوس ڪُن مصرع ڏني چو اهل دادوءَ اڄ:
”وطن سان گڏ سلامت شل رهي سنڌي زبان پنهنجي.“

حقيقت ۾ تہ اي ”صائب“، چوڻ هن طرح کهربو هو:
وطن سان گڏ سدا رهندي سلامت هيءَ زبان پنهنجي.

(۱۲ - ڪُل سنڌ ادبي ڪانفرنس، دادو ۾ پڙهيو ويو).

●

خورشيدِ انقلاب آڻو انتظار ۾،
ظلمت تڙي تہ آئي سحر ڪي ديار ۾.

اي دل جا بادشاهہ، ادا، سنڌ جا ڪوي،
خدمت ڪئي تو آهي ڪا ساري چمار ۾؟

ساده مزاج دوست، ذرا هوشيار ٿي،
دنيا جي چال سمجهہ تہ ڦاسين نہ چار ۾.

احساسِ ڪمتري نہ ڪنهين شخص ۾ رهي،
پيدا مقام اهڙو ڪجي رهگذار ۾.

تنهنجي لهو جو رنگ، عجب رنگ لائي ٿو،
مَي ۾، شفق ۾، قوس قزح، لالہ زار ۾.

شعلہ فشان شل نہ ٿئي، ڪنهن جي چشمِ تر،
بجلي سدا رهي ٿي لڪل آبشار ۾.

ظاهر ٿيو پوءِ ٿا هنرمند وقت سر،
نغمي ۾ عندليب، پپيهو پڪار ۾.

باده بدست غنچہ ۽ مينا بدوش گُل،
هي اهتمامِ صحنِ چمن، ۽ بهار ۾.

شاداب ڪي چمن ۾ تہ پژمرده ڪي ڪليون،
آهن اچا نشان خزان جا بهار ۾.

خلاقِ حسن، مست جوانيءَ تي غور ڪر،
هرڻي چرڻ جيي لئہ تو ڇڏين مرغزار ۾.

اهڙو شرابِ ناب ڪو "صائب" پيار اڄ،
نبضِ حيات گرم رهي ڪارزار ۾.

(ريڊيو پاڪستان، ڪراچيءَ تان ١٥-١٢-١٩٥١ع تي پڙهيو ويو.)

●

تقاضا وقت جي آهي، دلِ بيدار پيدا ڪر،
ڇڏي غفلت ڪي تون ڪجهہ هوش ۽ پندار پيدا ڪر.

اهو اعليٰ ترين اخلاق جو معيار پيدا ڪر،
ڪري دنيا بہ جنهن تي ناز سو ڪردار پيدا ڪر.

خيالِ رفعت و فڪرِ رسن ۽ دار پيدا ڪر،
وري منصور جهڙو محرمِ اسرار پيدا ڪر.

حيات و موت جي وچ ۾ اگر توکي ملي وقفو،
تہ پنهنجي زندگيءَ جو ڪو نہ ڪو معيار پيدا ڪر.

خيالِ پستيءِ احساس، انسان کي آڀاري ٿو،
بلند و پست جو پهرين مگر افڪار پيدا ڪر.

خرد کان ڏس مليو آهي، ڪنارِ آب ڳولڻ جو،
جنون جو حڪم، ڳوڙهن مان درِ شهوار پيدا ڪر.

جڏهن آهن گل و غنچہ رهينِ شعلہ و شبنم،
تہ پوء آبِ حيات و گرميِ گفتار پيدا ڪر.

نشاط و فڪر تي دارو مدارِ زندگي آهي،
دماغ و دل مگر تون زنده و بيدار پيدا ڪر.

دلِ صبر آزما کي آزمائي هر مصيبت ۾،
هزارين تير جهل ليڪن نگاهِ يار پيدا ڪر.

گل و بلبل جي لفظن ۾ بدائي واردات دل،
سٽر جو داستان دهرائي ڪو غمخوار پيدا ڪر.

اڃي ڪنهن جي نہ حشمت ۾، نہ رعب و دام حرفت ۾،
جهان نئؤ ۾ اهڙو بنده، احرار پيدا ڪر.

نہ آئي ڏيان ۾ جيڪو، همالي جي بلنديءَ ڪي،
اهو همت جو صاحب، ساڪن ڪهسار پيدا ڪر.

فقط پنهنجي لب و زلف و سر مژگان و ابرو مان،
ڪمند و برق و نوڪ خنجر و تلوار پيدا ڪر.

خم زلف و خم ابرو ملائي رمز سان، جاني،
وڪڙ وارن ڪي ڏيئي، وار ۾ پيي وار پيدا ڪر.

تفاوت ڪفر و ايمان ۾ ڏسڻ چاهين تہ اي "صائب"،
ذرا تسبيح سان اڄ رشتهٔ زنار پيدا ڪر.

(۱۳ - ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس، جيڪب آباد ۾ پڙهيو ويو.)

●

حقيقتن ڪي لڪائي پنهنجي گنه تي پردو وجهڻ گهرون ٿا،
گدڙ ڪي چيتو بڻائي اڄڪلهہ، جهان جي سامهون رکڻ گهرون ٿا.

جتي وڃون ٿا آتي جا ٿي ٿا وڃون، نہ اڳتي وڌڻ گهرون ٿا،
هيتي جي لذت ڪري ٿي قابو، هتي نہ ڪنهن پر وڃڻ گهرون ٿا.

عجيب دلبر، غريب شاهد، جهان رنگين، بهار ساده،
چمن چمن ۾، نفس نفس ۾، عجب تماشا ڪرڻ گهرون ٿا.

حسين و دلڪش حريم ناز و اداءِ زهره و شان عالم،
ولي جهان ۾ خراب و خستہ، الاءِ ڇالئہ ٿيڻ گهرون ٿا.

نواءِ مرغِ بهار، سوز و گدازِ شمع و زبانِ سوسن،
عطا الاهي اسان کي ڪر جو پيامِ دلبر ڏيڻ گهرون ٿا.

دماغ اعليٰ، خيال تازه، ضمير روشن ۽ فڪر پختہ،
متاعِ علم و عمل سان دنيا و ماسوا هٿ ڪرڻ گهرون ٿا.

فرازِ ڪوهه و نشيبِ وادي، مقام پست و بلند آهن،
خيال سان گڏ، پرنده وانگر ڪٿي ڪٿي اڄ رسڻ گهرون ٿا.

شراب ڪهنہ جي ڪيف و مستي کان پورو گلشن ڪنداسين واقف،
بنائي غنچہ سبو سپيئي پيالہ گل جا پرڻ گهرون ٿا.

اگرچہ صياد، بندشن ۾، سروڙي بالون ڇڏي ٿو تاهم،
پر شڪستہ قلم بڻائي، فسانو غم جو لکڻ گهرون ٿا.

جهانِ انجم، رخِ صنم ۽ ڪشت دل تان هٽائي پردو،
فلڪ درخشان، زمين سرسبز، گل شگفتہ ڏسڻ گهرون ٿا.

صنم صنم جي اڳيان نوڙجي، ضمير و غيرت کي ڪيئن وڪڻجي،
سبق اهو ئي تہ خانقاهن ۽ مڪتبن ۾ ڏيڻ گهرون ٿا.

نوان نوان بت رکي ڪچن ۾، اجايو ڪعبي ۾ آئين زاهد،
اسين تہ اهلِ يقين سان هردم، اٿڻ گهرون ٿا، وهڻ گهرون، ٿا.

زمين شعر و ادب ۾ "صائب"، ٽڙن ٿا گل صد هزار ليڪن،
شگوفا تنهنجي چمن جا دائم، اڳي کان اگرا ڏسڻ گهرون ٿا.

●

پنهنجو پونو پاڻ يارو پارجي،
پروسي تي ڪيم ٻئي جي گهارجي.
وقت جي سڪي کي پهرين ڳارجي،
ذهن جي سانچي ۾ پوءِ سو لارجي.
زندگيءَ جي رخ کي سوڙڻ ئي کپي،
زندگيءَ تان پاڻ کي پڻ وارجي.

ڪک کي مارڻ ۾ ڪپي ٿو احتياط،
ڏاڻهَ مارڻ جو هجي پوءِ مارجي.

غير پي پنهنجا ٿين، پنهنجا رهن،
زندگي اهڙيءَ طرح سان گهارجي.

روز اڄ ۾ آهيون مصروف ڪار،
وعدهٔ فردا پلا ڪيئن پارجي.

زندگيءَ ۾ آهه جي هارائڻو،
هر ڪو هر رنگين گُل تي هارجي.

چشم نرگس، بوءِ گُل، صحن چمن،
وقت هڪ تي ڪنهن کي ڪنهن کي سارجي.

بوند لئه آهن سوين آسائشيون،
ڪهڙي ڪهڙي سپ جو اندر ٺارجي.

جهوپڙين ۾ خواب محلن جا ڏسي،
آسري تي زندگي ٿي گهارجي.

وقت سر "صائب" سجڻ جو ڏيئي ساٿ،
يار جي چانگي کي چندن چارجي.

●

زماني حقائق کان منهن موڙيو،
ڪري هڪ ويو ۽ ٻئي لوڙيو.

حقيقت ۾ سادو ڪيو جن گذر،
انهن ماڻيو ۽ انهن چوڙيو.

جنين نانءُ نيڪي ۽ جس ٿو ملي،
تنين هن جهان ۾ ادا جوڙيو.

ڪٿيو جن نه يارن سان ڪيڙو حساب،
اسان کي حساب مگر ٻوڙيو.

وهيو نير نيڻن سان، دل ٽي ڳري،
اسان ڪئي جو ڪيتو ائين لوڙيو.

ڏنوسين پئي سات هر حال ۾،
لڱل نينهن نازڪ ٻه ڪنهن توڙيو.

خيابان خيابان جتي آهه دل،
محبت جا خيما آتي ڪوڙيو.

اڇو ميڪدي سان نپاهي هلون،
پراڻن ڪکن ڪان نه منهن موڙيو.

نوان نينهن لڳندا ئي رهندا سدا،
پراڻا وساري، نه پٽ ٻوڙيو.

ٽٽي جيڪي ناتا ها يارو ويا،
اڇي سي تہ نئين سر وري جوڙيو.

ڪتيون، چنڊ، تارا وهائو ويا،
اڙي شب جا ساٿي، نه منهن موڙيو.

اجايو تا "صائب" سان پنهنجا وڙهن،
جنهين آهہ پنهنجن جي لئہ لوڙيو.

●

نہ اسان کي ڪوئي خيال هو،
نہ ٻين کي ڪوئي شعور هو،
جي دل و نظر ۾ هو واسطو،
تہ اکين جو سارو قصور هو.
نہ زمانو خاڪ آڏاءِ ها،
نہ فسانو ڏاڪ وڇائي ها،
جي پتين کو ورتو ٻڌي بہ هو،
تہ اسان جو ڪهڙو قصور هو.

جي گلن کيون ٿي نمائشون،
تہ چمن کيون ٿي سفارشون،

جي سنبل هيون بہ ڪي سازشون،
تہ هوس جو هٿ بہ ضرور هو.

جي علاج، درد، جگر ڪيو،
تہ ڪنهين جي تير، نظر ڪيو،

جي وهاءِ سير ڪنهين ڇڏي،
تہ اوهان جو حسن، غرور هو.

جي ڇپن تي مهر حيا لڳي،
تہ نظر ڇپو ٿي رکي رکي،

جي دلين تي هٿ ها رکي ڏسو،
تہ ڪڇڻ جو ڇا ڪو ضرور هو.

جي نقاب رخ تي ڪنيو صنم،
تہ جبل ٿيا ٿي جلي ڀسم،

جي سڙيو تہ سرمہ نور ٿيو،
جي ٻکيو تہ شعلهٔ طور هو.

جي هنن جو وس نہ هلي سگهيو،
جي هنن کي گس نہ ملي سگهيو،

پوءِ اسان اهوئي ڪري ڇڏيو،
جو اسان تي حڪم حضور هو.

جي نصيب ڪنهن جو کلي پيو،
تہ حبيب ان سان ملي ويو،

پوءِ ڇوڙ جي لاءِ سِڄڻ چيو،
تہ پريو تہ وعدهٔ حور هو.

کي حڪايتون بہ حقيقتون،
کي حقيقتون بہ حڪايتون،
جي ڏسڻ گھرو تہ ڏسو تہ ڪئن،
نہ ٿيو انھن جو ظھور ھو۔

ڪو نواءِ چنگ ۾ قيد ٿيو،
ڪو ھوا و رنگ جو صيد ٿيو،
جي ڏسو تہ سڀڪو اسير ھو،
جي پسو تہ پاڻ کان دور ھو۔

سا عجيب فصلِ بھار ھئي،
جا مثالِ روءِ نگار ھئي،
جي فضا بہ پُر ز خمار ھئي،
تہ نظر نظر ۾ سرور ھو۔

جي اچو تہ لھجي ھلي خبر،
تہ ڪٿي ھو "صائب" بيخبر،
جي منجھي پيو تہ ڪٿي منڊو،
ھو ڪندو تہ ڏاڍو غرور ھو۔

●

نہ ڪنيو ڪنھين نقاب ھو، نہ ڏٺو ڪنھين شباب ھو،
جي ڪنھين ڪٿي ڏٺو بہ ھو، تہ حجاب در حجاب ھو۔
نہ غريب ڪو غريب ھو، نہ امير ڪو امير ھو،
ڪو دلين جو ھو معاملو، يا سحر جو ڪو سحاب ھو۔
ڇو فضا ۾ اڄ ملال ھو، ٿيو زرد ڇو ھلال ھو،
ٿي فلڪ جي دل نراس ڪيئن، ڇو اداس ماھتاب ھو۔
جي گلن ڦلن ۾ شور ھو، تہ بہ باغ بي نياز ھو،
جي فضا ۾ انتشار ھو، تہ بہ حسن محوِ خواب ھو۔
جي افق بہ لالہ زار ھو، تہ شفق بہ زر نگار ھو،
جي ھئا تہ ٿئي ھا سرخرو، ڇ پنھي ۾ پنھنجو تاب ھو۔

جي هو ماهہ تي طلوع ٿيو، جي هو مهر تي غروب ٿيو،
تہ جمال ۽ جلال جو بہ ڪو حسن انتخاب هو.

چمن نظر فريب هو، ڪو گهميو ٿي دلفريب اڄ،
ٿيو رنگ و بو جي رڻ ۾ ڪو تہ سراب جو جواب هو.

نظر ڪرم جي آرزو، ۽ خداءِ حسن روبرو،
ڇا اکين ۾ ڳالهہ ٿي، جو هي ڇلڪيو گلاب هو.

ڇا نظر ستمگرن جي ٿي، ڇا نگاهہ دلبرن جي ٿي،
جي ڪڇي ٿي دل تہ خراب هو، جي لڇي ٿي دل تہ عذاب هو.

رخ زائر حرم نہ ڏس، دل مائل ڪرم نہ ڏس،
جي هتي ڪو اضطرار هو، تہ هتي بہ اضطراب هو.

زر داغ دل ڏسي سگهن، تہ ڏسن اچي ڪي اهل دل،
يا آڪيڙي زخم زخم ڪرڻو ڪو سون ڪي خراب هو.

جي وصال آهہ ماڻڻو، جي سڄڻ سان آهہ گهارڻو،
نہ حساب تي حساب ڪر، نہ زبان سان ڇڙ حساب هو.

غم دهر ۾ تي مبتلا، دل "صائب" حزين وري،
هو اڙي تہ آهہ ڪٿ وڃي، نہ چريءَ جو ڪو جواب هو.

●

ديوانہ پنهنجي هوش کان ٻاهر چون ٿا آهہ،
جيڪي بہ آهہ يار سو ظاهر چون ٿا آهہ.

باطن ۾ رب ٿو ڄاڻي ڪرڪوت ڇا هجنس،
ظاهر ۾ پاڪباز ۽ طاهر چون ٿا آهہ.

بيڪار آهہ محو غم ڪائنات ۾،
اهڙو رذل تہ ان ۾ ڪو شاعر چون ٿا آهہ.

سچ پچ تہ شهر ۾ نٿو ڪوڏيءَ تي ڪو پڇيس،
ڪجهہ ڪونہ ٿو اچيس ۽ ماهر چون ٿا آهہ.

هڪڙو وٽي تو ڪين، هيو پر ۾ تو وهي،
منهن جو پڪو، سخن جو ساحر چون ٿا آهه.

هرڪو چيو وڃيس مگر پاڻ آهه ساٿ،
ڪجهه ڪين تو آڇيس ڪو صابر چون ٿا آهه.

هر حال ۾ ٿي پنهنجي هامي ۽ چلي پيو،
خود رَو ۽ خود خيال ڪو آمر چون ٿا آهه.

شاداب حسن يار ۽ مخمور اک هجي،
چا اوج تي هيءَ قدرت قادر چون ٿا آهه.

پرپور هڪ شباب، هيو حسن بي پناهه،
تعريف ڪان قلم ٿيو قاصر چون ٿا آهه.

نذراني لاءِ جاءِ ڪا سهڻي تلاش ڪر،
هر هنڌ تي وگرنه ڪو حاضر چون ٿا آهه.

جي قهر هو ڪري ته پلي جان تي سهيج،
دلبر ستم شعار ۽ قاهر چون ٿا آهه.

"صائب" اداءِ عشق تي حيران عقل هو،
هاڻي ته عقل عشق جو ناصر چون ٿا آهه.

●

فضا عجيب بڻي آهه قيدخاني جي،
اسير جي ٻه فغان ۾ ٿي لَي تراني جي.

سرود و رقص جو عالم عجيب هو، يارو،
الائي ورتي چو تنهن شڪل نوحه خاني جي.

رڪيل شراب طهورا ضرور ڪٿ هوندو،
گلا نه ڪر تون زاهد شراب خاني جي.

بهار ۾ ته قفس ۾ اچي ٿيس قابو،
خبر خزان ۾ لهي ڪير آشياني جي.

حريم ناز ۾ دلبر جڏهن ڪان آيو آ،
پڇر تڏهن ڪان ڇڏي سون شرابخاني جي ۔

ڪجهونم چشم زليخا ڪان حسن يوسف هو،
بزار مصر ۾ هئي دير ڪنهن بهاني جي ۔

متاع حسن لٽي ويا، لٽڻ ٽي چاهيو جن،
سزا سون نانءَ چڙهئي ڪي ملي زماني جي ۔

نظام دهر سچو آهه ٽي ويو برهم،
”هوا بدلجي وئي آهه اڄ زماني جي ۔“

شباب مثل حباب آهه ”صائب“ نادان،
لڳي چو عيش جي توڪي ۽ شادماني جي ۔

●

زماني جو دستور آهي عجيب،
ويا رڻ ۾ رولي عزيز و قريب ۔

جهان آهه چڪرائي اڳ ئي ڇڏيو،
عجيبن جون ڳالهيون تہ ويتر عجيب ۔

نوان گونچ گلشن ۾ نروار ٿيا،
نئين دؤر جا ٿيا نوان سي نقيب ۔

ملي ڏت ڏهاڙي تہ ڪي مات ڪن،
لٽو ڏرت ڏيهن تان ناهي نجيب ۔

چون ٿا تہ ڏاڍ بہ ٽاري ٿي گهر،
مگر هت بچيو ناهہ ڪوئي غريب ۔

پيا پيڪڙن ۾، وطن ڪان پري،
گذارين منهنجي وطن جا حبيب ۔

سڻي مات ڪن يا مڻي مات ڪن،
اوهين ئي بڌايو تہ ڇا ڪن غريب ۔

ڪسڻ جن قبولبو، سي ڪچندا رهيا،
ڏئـي گرچ تـن آهـه سوري قريب.

ڏسي ورهه جي وهسن ٿـا يارو گهڻو،
مبـارڪ هـئـا سـي حڪيم و طبيب.

سـسي پـانـڌ نيزي جـن اچلي چڏي،
ٿيـا سرخرو سـي سـدا خوش نصيب.

چڙهيا ڏاگهه تـي پر چپائون ٿـي سچ،
اچا تائين تـن کي سڪن ٿـا صليب.

ستم تـي سـتـم آ، چـمـن در چمن،
چوي ڪنهن کي ۽ ڇا چوي عندليب.

ڪري ڇا سگهي ٿو اي "صائب" هتي،
سخن فـهـم، نـقـاد، شاعر، اديب.

●

افڪار نـو سان ٿيون ٿرن، قوم ۽ وطن جون قسمتون،
ڪٽجيون پون ٿيون راهه ۾، ليڪن هـزاريـن زحمتون.

هر شب وهائو ٿـو ڏئي، ڪنهن صبح صادق جي نويد،
روشن سو راهون ٿو ڪري، جيـڪـو هـٽـائـي ظلمتون.

چمڪن ستارا چـنـڊ ٿـا، روشن ٿين ڪئين لنگهه ٿا،
پانڌيئڙن جون تنهن سمي، وڌنديون رهن ٿيون همتون.

ڪنهن روءِ زيبا سان گذاري، ڪجهه گهڙيون راحت ملي،
اي ڪاش، حاصل ٿي رهن، اهڙيون سڀاڳيون ساعتون.

ايـنـدا هزارين دس رهـن، پر ڪير ٿـا تن تي اچن،
حاصل اچي ڪي يار ڪن، پـر يـات ويلـي رحمتون.

جن ڏاکڙا ۽ ڏک ڏٺا، جن جا سڄڻ سامهون ڪُٺا،
تن کي نه آهن ياد ڪجهه، هن زندگيءَ جون راحتون.

جيڪي ٺڪر ٺاڪين ٿيا، شيرين سي ماڻين ٿيا،
شل ساب سيکنهن کي پون، جيڪي ڪري ڪو محنتون.

ڪي قافلا اهڙا به هئا، جي ماڳ تي پهچي ويا،
ليڪن آنهن کان ڪنهن پڇيو، ڪهڙيون ڏٺيون تن ڪلفتون.

غيرن اڳيان سر ٿي جهڪيا، پردن پٺيان جن جا سدا،
ساده مزاجن سمجهيون ٿي صاف تن جون نيتون.

اهڙا فريبي ٿا ٿين ظاهر جڏهن پنهنجن اڳيان،
پوءِ ڏس ته ڪئن تن جون لکن جهڙيون لڙهن ٿيون عزتون.

مايوس ٿي اهلِ نظر هر ڳالهه کان ٿا درگذر،
شايد زماني جون اچي اهڙيون ٻٽيون ڪي حالتون.

سر ساهه صدقو جن ڪيو آهي اصولن جي پٺيان،
ٿينديون مٿانهيون تن سنديون "صائب" سدائين عظمتون.

●

چو هاڻ بلبن جا ٻڌجن نئا ترانا،
باغِ وطن ۾ ناهن ڇا تن جا آشيانا.

ايڏو نه چيچلائي جو ٿئي نه قهر نازل،
ڪجهه خوف ڪر خدا جو، ظالم نه ٿي زمانا.

فاني جهان ۾ رهندو، پيو يادگار ڪهڙو،
رهندي نه ڪا حقيقت، رهندا مگر فسانا.

انسان کي بنايو آهي خطا جو گهر ڪنهن؟
ڪهڙا پيا عمل جا، آڻيون اسين خزانا.

آئي نسيمِ سحري، گلزار ۾ خوشي ۾،
صياد تاڪ ۾ ڏس، بلبل جا ٻڌ ترانا.

جيسين ڪندين نہ خاصي، اي يار چاره جوئي ،
تيسين نہ ٺيڪ ھلندا دنيا جا ڪارخانا .

تاريڪ شب ۾ باھيون، برپٽ جي جھوپڙن ۾ ،
صحرا ۾ رنگا رنگي ڏسجن ٿا شاميانا .

ڳچ وقت ويو دلاسن ۾ جان، سن گذر ٿي ،
ڪھڙا ڪندين پيا تون ھاڻي صنم بھانا .

ھي محل ماڙيون ڪجھہ، آخر ۾ ڪم نہ ايندا،
پوءِ ڇو نہ ھت وسايون "صائب" غريبخانا

●

شھر جو ابو ناز پيو ڪري،
قوم جا گھڙا، ڪير ٿو پري!

ھو شريف، پر ھاڻ ڇا چئون ،
شل نہ ڪوڪري، شل نہ ڪوڪري .

ياد رک سڄڻ، وقت سر اچي،
ڪير ٿو مڙي، ڪير ٿو ٽري .

مڇ مٿي پتنگ، ڇو نہ سر ڏين ،
ماڳ تي رسي ، ڪير ٿو وري .

نينھن کي سدا ، تات يار جي ،
تار ۾ نئي ، تار ٿو تري .

آھہ معرفت جو تہ ڪوڏيو ،
ڏاگھہ تي چڙھي، پوءِ ٿو ٺري .

بس اجايو ائين، وقت ٿو وڃي ،
تھمتون ڌري ، تھمتون ڌري .

اڄ عجيب ڪنهن جاءِ تي ڏسي،
هانءَ ٿــو ٺري، هانءَ ٿـو ٺري.

ڏوهه ڇا ڏيان، ڀاڳ جو لکيو،
خوب ٿـو ڀـري، پـر نٿو ٺـري.

ڀيو تہ خير، پنهنجن جي ڇڱ ڇڙ،
هاڻ آهہ "صائب" ڇڏيـو ڏري.

●

يــارب، مصيبتن ڪان تــون امن ڏي امان ڏي،
بجليءَ جو رخ ٿو ڏسجي اڄ منهنجي آشيان ڏي.

قيدِ قفس ۾ ٿي رکـ يـا مون کي آشيان ڏي،
مـرغِ وطن کي، يــارب، تسڪينِ جاودان ڏي.

ڇــو لــوچ پــوچ آهــي؟ ڇــو اضطراب آهــي؟
ڏيکار ڪجهہ ڪري يا جان آفرين کي جان ڏي.

نغـمہ نــواز مــطرب، منجيده راڳـــ ڳـائــي،
پــيــغــام زنــدگـــيءَ جـو پوڇاءِ رازدان کـي.

شـيـريـنـيءِ زبـان تـي، سـاده مـزاج انـسان،
اڙجي، پين جي هٿ ۾ پنهنجي نہ تون عنان ڏي.

تاريڪ دل جي دنيا جن سان ٿئي ٿـي روشن،
اهڙا ڪي منهنجي دل کي، تون داغِ ضوفشان ڏي.

دسـتِ جفا رهـي ٿـو، مشغول پنهنجي فـن ۾،
ظلم و ستم ڪـريـون ڇـو منسوب آسـمان ڏي.

تصوير بـي بسيءَ جـي، سـا آهہ لاش جيئري،
اهلِ جهان ڏيو ٿا ڪن جنهن جـي داستان ڏي.

بيم و رجا جي دنيا ۾ اڪ ڪٿي نهار ڀر،
ڪنهن مهل آسمان ۽ ڪنهن مهل آشيان ڏي.

هر زخمِ دل، آئي خود، تسليم لئه جهڪي ٿو،
مژگان جي تير ڏي ڪو، ابرو جي ڪو ڪمان ڏي.

ديدارِ يار توکي مطلوب آهه ”صائب“،
جانبازي وفا جو پهرين تہ امتحان ڏي.

●

خوب چاڙون ٿا تہ تنهنجو ڇا رهيو ڪردار آهه،
سوز دل ۾ ناهه، خالي گرميءَ گفتار آهه.

زور جي ميندي، چون ٿا، رنگ چوکو ٿي ڪڍي،
فڪر پهري ۾ رهيو، آزاد پر فنڪار آهه.

اهلِ فن کي راهہ تي لائڻ لڳا آهن حريف،
زلف جي قندي ۾ قاتو صاحبِ افڪار آهه.

شيشه و ساقي تہ سهڻا، بي مزي ليڪن شراب،
حق تي مئخوار اڄ، مئخاني کان بيزار آهه.

بي عمل واعظ بہ چاڙي ٿو تہ پيا ڇا ٿا چون،
شيخ جي عزت فقط هي جبہ و دستار آهه.

منزلون طي ٿو ڪرائين، چٽڪ مون کي چاڻ ناهہ،
ڪير منهنجي ۽ خدا جي درميان ديوار آهه.

رنگ سانڍي جان مٽائين يا ڏکين چولا هزار،
باخبر جي لئه تہ سڀ رنگ و لقا بيڪار آهه.

پل هجي آتشڪدو روشن سدائين اي نديم!
سوز دل ۾ ناهہ، تيسين بي اثر گفتار آهه.

اي مغني، نانگ نغمي تي تو ريجهائي ڇڏين،
اهلِ محفل تي مگر ڇو راڳ تنهنجو بار آهه.

لاهم شيشي ۾ پريون ۽ ٻار پل ڳيهه جا چراغ،
گهر جي پيڍيءَ تي اچي ويساهه، سو دشوار آهه.

وقت جي خوبي چوان يا بخت جي بازي چوان،
ڪئن بڻيو اڄ ننگ ِ آدم، غيرت ِ گلزار آهه.

جند سان جاڙون ڪري، طعنا ڏئي، راهون نه ڏي،
تو ٽئي سيڪجهه جڏهن، اڳلو ٿيو لاچار آهه.

زخم ڪولي ٿا ڏسن ۽ لوڻ ٻرڪي ٿا وڃن،
چڻ طبيبن لئه ته بيحس "صائبر" بيمار آهه.

●

زماني ڪنهن جو ڪڏهن رکيو آ،
هميشه يارو پرم نه سمجهو،
ڪرم ڪري جي فلڪ اوهان تي،
اوهان انهيءَ کي ڪرم نه سمجهو.

نباهي چاٽي نه ميڪدي سان،
نه بتڪدي سان، نه ڪنهن حرم سان،
تنهين جو هردم خيال رکجو،
تنهين کي ڪجهه محترم نه سمجهو.

اچو اچو اي نگاهه وارؤ،
ڪٿو ڪلهن تي صليب، يارو،
هجوم ترسيل اوهان جي لئه هو،
نراس ٿيندو ڏرم نه سمجهو.

ڪيلا جسي ۾ ڪتا ته چا ٿيو،
وهي هليو رت تڏهن به چا ٿيو،
حيات نيزو ٿي نيزو آهي،
سا بادشاهي حرم نه سمجهو.

جي تخت تان کو لهي اچي ٿو،
سلام ڪنهن سان ڪري ستمگر،
انهيءَ ۾ ظالم جي چال هوندي،
پيو ڪو هوندس مرم نہ سمجهو.

ائين جي ذهن ۾ اڀريون لهرون،
تہ ڪجهہ تہ ٻحرن مان نڪري ايندو،
شعور جون چند ڪوڏيون خود،
جي آڀري آيون تہ ڪم نہ سمجهو.

ٻڌل ڪنارا وري ٿا آڀرن،
ٽٽي پيو لهرن جو زور پيهم،
ضعيف ابري اچن ٿا جيڪي،
رواجي تن جو هي ڪم نہ سمجهو.

سچن پٽن ۾ اچا ٻہ آهن،
چٽا سٽا ڪي تہ نقش ڏسبا،
اهي ڪي معمولي نقش ناهن،
انهن کي نقش، قدم نہ سمجهو.

زماني خاڪا سٽايا پٽي پر.
اچا ٻہ رهجي ويا ڪي آهن،
دوام جن کي ٿئي ٿو حاصل،
انهن کي آهوءَ جو رم نہ سمجهو.

وڏن کي وڏڙو نہ سمجهو ليڪن،
وڏا وڏا ئي حريف آهن،
هنن جون ڳالهيون ٻہ نڪتا آهن،
هٿن اچايو ٿا دم نہ سمجهو.

حسين دنيا جا ڪيس آهن ۽،
سهسين تن ۾ جي پيچ آهن،
انهن ورن جي ورن کي سمجهو،
انهن کي زلفن جو خم نہ سمجهو.

جي ڪنهن بہ چرسان نہ ڪم ٿو نڪري،
فضول آهي سو چئو، اي ”صائب“،
انهيءَ کي چمڙو ۽ چم نہ سمجهو،
انهيءَ کي ڪم جو ڪو چم نہ سمجهو.

●

(تضمين بر شعرِ اقبال)

سرمايهء حيات کي اي چشم تر نہ ڪر تلف،
اشڪن سان آهہ زندگي، اهڙا گهر نہ ڪر تلف.

فرمايو آهہ حضرتِ اقبال ڪنهن ڪتاب ۾،
”نقش و نگارِ دهر ۾ خونِ جگر نہ ڪر تلف“.

اي بادشاہِ بحر و بر، ارض و سما جو تون نگر،
توتي نظامِ دهر، پر تون خشڪ و تر نہ ڪر تلف.

تصوير جا ٽين بہ رخ، هڪ بدنما ۽ بيو حسين،
بيڪار ناهہ ڪابہ شي، تون خير و شر نہ ڪر تلف.

شبنم ضعيف آهہ پر، گل جو دهن ڪري ٿي تر،
اهڙي مفيد چيز کي، مهرِ نظر نہ ڪر تلف.

چرخِ ڪهن ۾ انقلاب آهي اڳي ئي موجزن،
محشر بپا ڪري تون دل، شام و سحر نہ ڪر تلف.

جرم و گناهہ ۾ تہ ڪا لذت ضرور آهہ پر،
صيدِ هوس نہ ٿي، حياتِ مختصر نہ ڪر تلف.

اي برقِ شعلہ بار چئو، منهنجو جلائين آشيان،
ساڙي غريب جا تون ڪک، سوزِ شرر نہ ڪر تلف.
شعر و سخن جي نخل مان، جيڪي ملي پراڻ سو،
حاصل جي ٿي وڃي تہ پوءِ، ”صائب“ ثمر نہ ڪر تلف.

●

سرود و مئي جو هي ساڳيو چنڊيل نقشو اگر هوندو،
خدا ڄاڻي تہ مطرب ڪيستائين بي خبر هوندو.
مبارڪ سو سمو هوندو، جو پوڇڻ لاءِ، اي پاپي!
جبينِ آسمان هوندي ۽ تنهنجو سنگ در هوندو.
اڪيون ڪاريون ڪجل واريون ڪڪوريل ڪونہ ٿيون ڏسجن،
پيئڻ کان پوءِ بہ ظالم تي نہ شايد ٿيو اثر هوندو.
اسين يارن جي وس آهيون، اسان تي پنهنجو وس ناهي،
هتي تنهنجي پڌون ٿا پر، هتي نقشو دگر هوندو.
اچڻ وارن کي چاهي، انتظار آهي، اسان کي آ،
هتي آمد جو هل آهي، هتي عزمِ سفر هوندو.
دل نادان کي ڇا چئجي، اڙي آهي، چري آهي،
انهيءَ جي لئہ وري ڪهڙو زمانو منتظر هوندو.
وري دلڙي وڃي ڦاٿي، آتي آهي، آتي آهي،
جتي ڏاڍن جي پر هوندي، جتي نيزي تي سر هوندو.
نہ ڇؤ هن کي، اڳي ئي هي ڏکويل آهہ، اي ناصح!
ڪڙن جي ڪنهن ڪڙايل تي، ٿيو ڪهڙو اثر هوندو.
وري سوسل جي حرفت تي، حرف آيو زماني ۾،
وري ڪنهن ڪاڪ ۾ راٺو چڙهيو ڪنهن جي نظر هوندو.
وري پيدا ٿيو هن دؤر ۾ شايد ڏياچ آهي،
وري مڱڻي گهريو گرنار وارن کان ڪو سر هوندو.
وري مارن جي لئہ يڪبار، عزت جو سوال آيو،
وري ڪنهن گهاٽ ۾ وينو ڪو مارئيءَ لئہ عمر هوندو.

وري دنيا جو دهرائي پئي قصو چنيسر جو،
وري ڪنهن ڌار تي هرڪي، وڃايو ڪو ته ور هوندو.

وري هوتن ۾ هَل آهي، پري ڇهرن ۾ پيار آهي،
وري رولو متو هڪوار، ڪنهن ٻانيڻ جي گهر هوندو.

وري گندرا پيا ڦهڪن، وري نادار پيا ٿهڪن،
وري محلات ۾ ٿيو، ڪنهن نمائيءَ جو گذر هوندو.

نه ماڳ آهي، نه منزل ۽ وتون ويڳاڻا سڀ ڦرندا،
وڃايو ڪٿ اسان، يارو، نشانِ رهگذر هوندو.

اچي آواز پيو اهڙو، وڳر ڪان آهه ڪو وڇڙيو،
ٿيو ڪو درد جو ساريل، ولر ڪان ٻي ولر هوندو.

ڏسي "صائب" ڪي محفل ۾، ڇيو سيني مٿينءَ دل سان،
ڇريو هوندو، ڪريو هوندو، اهو شوريده سر هوندو.

●

اجل آهه مهمان گر ڪنهن بشر جو،
ته چارو هلي ڪيئن ٻلا چاره گر جو.

ڪٿان چو نه ٿورو ٻلا راهبر جو،
نه گهر هن جو چاٺان، نه گهر نامه بر جو.

درختِ بيابان ڪي گهرجي نه مالهي،
هو آسائتو آ، ڪرم جي ڪڪر جو.

ٿيا جام و مينا جي خالي ته چاهي،
پيالو مگر آهه پُر چشمِ تر جو.

ڪٿي سحر هو مست اکڙين ۾ ان جي،
مٿان هي هجي ڏوڪو تنهنجي نظر جو.

نظر ٿو اچي ڏاڍ چوگرد مون ڪي،
ڪٿي بادشاهي، ڪٿي زور زر جو.

لڪل قهر آهي، نگاهه ڪرم ۾،
ستمگر ڪري ويس پل دادگر جو.
جهان آهه بيدرد، ظالم برابر،
مگر دخل ان ۾ نه تنهنجي هنر جو.
دلِ ناتوان ۾ نه ڪجهه آهه همت،
اهو حال آهي ڏسو همسفر جو.
تلاطم هجي يا بلاخيز طوفان،
نه ڪر خوف دشواريءَ رهگذر جو.
فريب مسلسل ۽ صحرا ۾ منزل،
خدا، خير ڪج "صائبِ" بي ثمر جو.

●

ڪنهن کي ڪنهن کي پيار ڪندين،
تون ڪنهن کي ڪنهن کي پائيندين،
ڪنهن جا ڪٽندين ناز نيارا،
ڪنهن سان نينهن نڀائيندين.

نگري نگري ڦرندين ڪيسين،
ڪيسين پاڻ ڦرائيندين،
دل جي دولت ڪنهن کي ڏيندين،
ڪنهن کان پاڻ ڇڏائيندين.

سڀڪو توکي چاهي پيو،
چاهه سڀ کي تون پڻ چاهيندين،
ڪهڙي ڪهڙي گل جو تون دل کي،
پيونرا، واس وٺائيندين.

پتر پتر ۾ آ سهڻي،
قدرت جي هيءَ سڀ ڪرٽي،
ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ سهڻيءَ خاطر،
پنهنجي ران پڇائيندين.

مومل جيهون ڪاڪ ڏياڻيون،
هونديون ڪيئي راڄ ڪماريون،
ڪهڙا ڪهڙا جادو ٽوڙي،
ڪنهن جا سيس نوائيندين.

ڪيئي دودا، ڪيئي چنيسر،
وارث ٿي ايندا هيڪر،
ڪنهن کي ڪنهن کي لائق سمجهي،
هٿ سان پاڳ ٻڌائيندين.

سودا ايندا، سودا ٿيندا،
سوداگر پڻ حاضر ٿيندا،
ڪنهن جي ڪنهن جي سر جو سؤدو،
ڪنهن سان يار چڪائيندين.

دلبر تنهنجي ديس ۾ ايندو،
تنهن سان کلي تون کائيندين،
تنهنجي من ۾ ناهه مدي تان،
من جون مرادون پائيندين.

مون ۾ عيب گهڻا ئي آهن،
مون تي ڇٽرون ٽوريون ڪر،
عيب ڪڍي، بي عيب هجي سو،
پنهنجو پاڻ لڄائيندين.

سوليون ناهن رڪيون ياريون،
اينديون ڪم دنياداريون،
ڪنهن کي ڪنهن کي ڏکڙو ڏيندين،
ڪنهن جو جيءُ جلائيندين.

"صائب" آهي سادو سودو،
يار اٽانگا آهن ڏاڍا،
جن کي ناهي شرم اکين ۾،
تن چا حال سٽائيندين.

•

سهڻي سان سچي وات، رفاقت نه ڪندو ڪير،
ان حرفِ تمنا سان، مسافت نيم ڪندو ڪير.

جي لوڻ ٿا پرکين، ڇڏي ڏين ته پرکين،
ڇهري تي وجهي گهنج شڪايت نه ڪندو ڪير.

جي چنگ ٿا چورين، ڇڏي ڏين ته چورين،
پيجل جي وري زنده روايت نه ڪندو ڪير.

جي تنگ ٿا تورين، ڇڏي ڏين ته تورين،
سحبان جيان ورنه، خطابت نه ڪندو ڪير.

جي ساهه ٿا گهورين، ڇڏي ڏين ته گهورين،
سهڻيءَ جان ڪچي مٽ تي، قناعت نه ڪندو ڪير.

جي ڪنڌ ٿا ڪورين، ڇڏي ڏين ته ڪورين،
ٿي راءِ وري سر جي سخاوت نه ڪندو ڪير.

جي ٻاهه ٿا ٻارين، ڇڏي ڏين ته ٻارين،
بيدار غلامن جان بغاوت نه ڪندو ڪير.

جي سير ٿا چوڙين، ڇڏي ڏين ته چوڙين،
قصاب جيان مور شقاوت نه ڪندو ڪير.

جي تار ٿا تارين، ڇڏي ڏين ته تارين،
اهڙي به ته هر دؤر ۾ همت نه ڪندو ڪير.

جي لاڪ ٿا لاهين، ڇڏي ڏين ته لاهين،
اگهي جي لئي تن جي، حمايت نه ڪندو ڪير.

جي مير ٿا مارين، ڇڏي ڏين تہ مارين،
تن ساڻ پلا ريس، رقابت نہ ڪندو ڪير.

جي ٺاهہ ٿا ٺاهين، ڇڏي ڏين تہ ٺاهين،
تفريح طبيعت جي پوء، زحمت نہ ڪندو ڪير.

جي نانءَ ٿا ٻوڙين، ڇڏي ڏين تہ ٻوڙين،
هر دؤر جي صادق تي عنايت نہ ڪندو ڪير.

جي پاڻ ٿا گهورين، ڇڏي ڏين تہ گهورين،
مزدور جان مجبور ٿي محنت نہ ڪندو ڪير.

جي بند ٿا ٽوڙين، ڇڏي ڏين تہ ٽوڙين،
درياهہ جيان عام هلاڪت نہ ڪندو ڪير.

ڇڙواڳ رهڻ جي ٿا گهرن، تن کي رهڻ ڏي،
آزاديءِ افڪار جي عزت نہ ڪندو ڪير.

جي حال ٿا سارين، ڇڏي ڏين تہ سارين،
مستقبل و ماضيءَ جي حڪايت نہ ڪندو ڪير.

مغرور زماني ۾ ڌڪا خوب ٿا کائين،
”صائب“ ساڻ ڪڏهن يار، مروت نہ ڪندو ڪير.

●

ڪنهن سور ڏنا، ڪنهن پور ڏنا،
ڪٿ پيچ پني، ڪٿ نيڻ پنا.
ڪنهن نيش هنيو، ڪنهن نوش ڏنو،
ڪيئن هاڻ سري پئي يار بنا.
ڪنهن واجهہ وڌا، ڪنهن راهہ ڏني،
زخمي نہ ڪرين ها هيئن انا.
ڪنهن ڏار ڪيو، ڪنهن پيار ڪيو،
ڪجهہ شوخ پنا، ڪجهہ شوخ ڏنا.

ڪنهن باهہ ڏني، ڪنهن ساهہ ڏنو،
ڪو جيءَ جليو، ڪي تنگ چنا.

ڪنهن نانءُ ڪنيو، ڪنهن نانءُ رکيو،
ڪنهن ياد ڪري، ڪي گهاو ڏنا.

ڪنهن خون ڪري، هٿ آهہ رڱيو،
يا رنگ ڪڍيو اڄ آهہ حنا.

ڪنهن جاڙ ڪئي، ڪنهن جيءُ ڇيو،
وڙ تن سي ڪيا، جي جن ڪان پنا.

ڪنهن رات ڏسي، پر پات ڏني،
ڪنهن وار ڏسي، ڪي پار ڏنا.

ڪنهن سنگ چڏيو، ڪنهن ماڳ مٽيو،
ڪن هار مڃي، ڪي يار ڏنا.

ڪٿ چنگ وڳا، ڪٿ ڪنڌ لٿا،
ڪو خوش تہ لٿا ها ڪن جا ڪنا.

ڪنهن هار گهريو، ڪنهن ڪانڌ گهريو،
ڪي قيد ڦريا. ڪي رمز چنا.

ڪنهن لاڳ لڳي، ڪنهن طمع ڇڏي،
ڪٿ حرص و هوس، ڪٿ فقر و غنا.

"صائب" ڪي رسيو هو زخم جگر،
يا هن جا اچي ها ڏينهن پنا.

—

# رٻاعيون

جوڳيءَ سندي ذات ڪري ڪهڙو غم،
ڪاريهر ڪر ڪنيو ۽ هــن ڦوڪيو دم؛
زهريلو مــنــڊجــي پــيــو آهــہ آتــي،
هــي آهــي مڙيوئــي مــولا جــو ڪرم.

## اِللهَ

ا ـ الله سدا آهہ سين لئہ جــو ڪريم،
ل ـ لِلهه ٿيو جڳ ۾ نہ جهڙس ڪو رحيم؛
ا ـ آهــي بہ هنڌين ماڳين حاضر ناظر،
ه ـ ههڙو ڪو پيو ٿيندو اسان لاءِ نعيم.

## محمد

م ـ محبوبِ خدا آهي، ڇئو ڪنهن جي ذات،
ح ـ حق آهہ ڏني ڪنهن کي حقيقت ۾ ڏات؛
م ـ منٺار مــڙيــن جــو آهــہ، مقبولِ امين،
د ـ داور کي عزيز آهي، ڇئو ڪنهن جي بات.

* * *    * * *

منظورِ نظر ڪنهن جــوڪو انسان آهي،
ڇــا، حسن ازل کــان ٿي تــہ شــادان آهي:
مشــهــور ٿــيــو قصهٔ مــحــمــود و ايــاز،
سيرت کــي خبر نــاهــہ تــہ احسان آهي.

—

موسل جــو حسن، ڪاڪ جــي دردسري،
ســومــل جو عــقــل ۾ نظر حــرص پري؛
راڻــي کي روڪ ڇــا ڪندا اهــڙا فسون،
جــن ۾ نــہ سچائي، نہ حقيقت جــي ذري.

—

ڪا ڳالهہ زماني ۾ نہ ڪنهن کــي ايندي،
ٿي ڪنهن جي هٿان سا دفعتاً جي ويندي،
سڪوئــي حــال ان تــي حــيــران ٿيندو،
ڇي، جيئن ٿي آهہ، تيئن وري ڪيئن ٿيندي!

پهتي نہ وري ڪا ساهہ ڪامل جي خبر،
هر حال ۾ حسن جي تہ حاسل جي خبر؛
مون ڪان چو اهڙي ڪن تا منهنجا ليڪ،
ڏيندا ناهن ڪنهن بہ تہ مائل جي خبر.

—

معلوم تيو تہ منهن مٽي ويندو آهہ،
موڙي جي ڪڍهن ويو، نہ منهن ڏيندو آهہ؛
جيڪي بہ هجي ڪولي منهن تي چوندا،
جانب سان جنين ڪي منهن رکڻ ايندو آهہ.

—

گلشن ۾ ڪٽي گل ڪي گارو ٽي چيو،
سهٽو ڪو اچي هٿ ۾، سهٽي جي ويو؛
هرگز نہ مدي من ۾ ڪنهن جي ڪا اچي،
مهڻي نہ چڏي هڪ ڪي ورنہ ڪو پيو.

—

دل سان جي ڪندين دعا تہ ٿيندي بہ قبول،
هي آهہ سدا دعا اگهاڻ جو اصول؛
ڪم ڪنهن جو ڪرڻو آهي تا تہ ڪجي،
نہ تہ وقت وڃائجي اجايو نہ فضول.

—

گلشن ۾ پاربا، گلن جا ٿي چراغ،
روشن هر طرح سان ڪيا دل جنا داغ؛
جي چاهين ٿو ٿئي جلوو جانيءَ جو تہ
هڻ دل جي دنيا ۾ ڪو عرفان جو باغ.

—

دنياداري جن جو سدا آهہ اصول،
تن جي لئہ اخلاق ٿيو آهہ فضول؛
دولت پويان دين جو وڪٽي، سو غريب،
خاطرداري تنهن وٽ ٿئي، چو نہ قبول.

آئينِ زندگي تہ آئيني مثال،
نيڪ و بد تي عڪس در آبِ زلال،
جهلڪا ٿو ڏئي چمڪي، جهڙو آهي،
هي حال حقيقت ۾ تہ ٿيو پريان نال.

—

ڪنهن چنڊ اچي حال ٻڌايو ڪنهن جو،
پيغام ڪٿي پٽڪ هو آيو ڪنهن جو؛
سهٽن جو سهٽي ئي نالو ورتو،
ڏس هاڻ ڏيو، رکان تہ رايو ڪنهن جو.

—

دريا ۾ قطرو پوندو آهہ جڏهن،
لهرن ۾ تحرڪ ايندو آهہ تڏهن؛
ننڍڙي ڪي وڏڙو ويندو آهہ ڪٿي،
ننڍڙن جو احسان ٿيندو آهہ ڪڏهن.

—

منظورِ نظر حسنِ نظر جو، ٿيو ڪير؟
محبوبِ خدا، يار سوا، هو پيو ڪير؟
تاريخ جا اتلاءِ ورق پوءِ ٻڌاءِ،
معراج تي ديدار لئي هو ويو ڪير؟

—

فاران تان ڪنهن جو درسِ انسانيت،
ٻڌبو هو بارها، بنا ڪنهن قيمت؟
قيمت تنهن جي هئي تہ ڪٿي ڪان ٻاهر،
هو درس مگر، عرش و زمين جي زينت.

—

محرومِ نگاهِ يار ڪي ٿي آ دير،
ڪنهن دل ۾ آيو آهي ڪو قير؛
ورنہ ايڏي دير، رکي ڇا معنيٰ،
معراج پيمبر ۾ پلا ٿي نہ اوير!

غنچن ۾ آهه غل بکاريءَ وڌو،
مارو کو پکين ۾ وڃي ماريءَ وڌو؛
هڪڙن جو ٿيو موت، ٻين جو گذران،
قدرت جو عجب هي کيل، گهاريءَ وڌو.

—

کو شاهه، قلو پطره جو شائق ٿيو،
کو حسن، زليخا لئہ هو فائق ٿيو؛
هڪڙن کي هوس آهه، ملي ٻين کي حيات،
هر کنهن کي مليو سو، جو جنهن لائق ٿيو.

—

هي قصو تہ سهراب و رستم جو آهه،
پڙهي جي جوانيءَ ۽ دم خم جو آهه؛
پيءُ پٽ کي ڇا خبر تہ کو رشتو بہ هون،
پيءُ ورنہ چوي ها، پٽ کنهن کم جو آهه.

—

محمل کي کو ڏسي، ٿئي ٿو مجبور،
مجنون هر دم پسي ٿو ليليٰ جو نور؛
تنهن ذات سوا ٻيو تہ ايندو ڇا نظر،
ٿئي جنهن جو رکڻ ڪان پيي ويجهو ٿو ظهور.

—

پاريندو دل وارو سڀ قول قرار،
ڇا ٿي پوندو، جي هوندا ٻول هزار؛
اڄ وعدن جو پاس کري يا نہ کري،
هن جي اهڙي ڳالهہ کبي ناهہ شمار.

—

کم کنهن جو هن در تي ٿئي يا نہ ٿئي،
هٿ هٿ ۾ کو يار ڏئي يا نہ ڏئي؛
اهڙو جي هنن رکيو کو دستور نہ آهہ،
پوءِ پنهنجن کي ساڻ نئي يا نہ نئي.

ڏک تـوڙي سکــ ۾ تـہ کري يــاد ضرور،
دل ۾ هـَـرنــدس دانــهــن ۽ فــريــاد ضرور؛
عاشق جـو پڪاريــن ٿـا، هـر وقـت صنم،
دســتــوراً تــن جــو بہ کري داد ضــرور.

—

ڏيندا جي اچـي حسن نـمـايـان جـو قسم،
کٽڻو ٿـي پيم غـيـرت ايـمـان جـو قسم؛
ڪوڙن مــتــان ڪوڙ، گهڻا ٿي ٿـي کيم،
پــر ڳالھہ وٺـي نکري ڪا، يــزدان جو قسم.

—

ســوري بـہ ســر عــام ٿـي پيئي اڏجـي،
ان لاءِ وري هــاڻ تـہ ڪنهن کــي سڏجــي؛
ضـد آهـہ زمــانــي جــو تــہ پــورو ڪرڻو،
منصور کــٽــي دار تــي چــاڙهــي چڙجــي.

—

هر بت، بت مريـم نـہ ســڏائــي ٿــو سگهي،
هر گـل گـل رعــنــا نــہ چڙائي ٿــو سگهي؛
هــي آهــہ تــقــدس ۽ نــزاکت جــو پــرم،
جو غير کي هرگــز نــہ پــڏائــي ٿــو سگهي.

—

راڻي سان وڃـي رات کيم ڪاڪ جي ڳالھہ.
بيــبــاڪ ســان بيڪار کيم بــاڪ جي ڳالھہ؛
آٿندي ٿــي چيائــيــن تــہ اهــا آهــہ فضول،
ڪنهن ڪنهن سان ڪندين مقصد ناپاڪ جي ڳالھہ.

—

مـُـلا ٿــي کيو مــســجــد ۾ وعــظ پــاڪ،
پــر رنــد خــرابــاتــي هــو ڪــو بــيــبــاڪ؛
تنهن منهن تي چئي ڏنس تہ سا ڳالھہ نہ ڪر،
جنهن سان تہ ٿئي ڪنهن بہ جي دل تي چاڪ.

هر دؤر جي هر ڳالهہ ڪئيسين منظور،
ان ريت رهيو دل ۾ آهي دل جو سور؛
سانڍي جو رکيو آهہ اسان تحفو ڪري،
سو سور بہ ڪرٽو ٿو پوي دل کان دور.

—

عرفان، حقيقت چا ٿيندو آهي،
هر شخص اناالحق پوليندو آهي؛
چا، عقل اسان جو ٿئي اهڙو ئي ٿو،
حق نيٺ چئي سيڪو ڏيندو آهي؟

—

آدم جي ڪئي خطا تہ آدم چئبو،
پوڳيسين ڪٿي سزا تہ ڪجهہ ڪم چئبو؛
ڪنهن ڳالهہ سچي ڪري وڌي، چا ٿيندو،
ڪنهن آهہ رکيو ڦٽن تي مرهم چئبو.

—

هر وقت ٿيو تہ امتحان پنهنجو آهہ،
ڪو محرم دفتر نهان پنهنجو آهہ؛
دل آهہ ذري ڇچرجي ويئي،
هر زخم چڏي ويو نشان پنهنجو آهہ.

—

اونداهو اونداهو آهي محراب،
ملا جي محنت پئي ناهي ڪا ساب؛
پهتي چو روشني نہ آهي ڪا هتي؛
تاريڪيءَ طبع جو اثر آهہ، جناب.

—

جوڳيءَ سندي ذات ڪري ڪهڙو غم،
ڪاريهر ڪر ڪنيو ۽ هڻن ڦوڪيو دم؛
زهريلو منڊجي پيو آهہ آتي،
هي آهي مڙيو ئي مولا جو ڪرم.

نانگن جي پرن ۾ هٿ ڪنهن آهه وڌو،
واسينگ به هن لئه آهي چٽڪ چڙو؛
سيڪو پيو روڪيس، چڱائي ٿو چوڻيس؛
سمجهي ته نٽو، ڪکبو، ٿيندو پوءِ سڙو.

---

محفل ۾ صاحب جنون آيو آهه،
رکٿو ڪنهن کي ضمير جو رايو آهه؛
جن کي نه هجي، يارو، ٿورو به ضمير،
بيڪار تني کي ڪن ملارايو آهه.

---

هن دؤر ۾ انسان جو عجب رنگ ڏٺم،
هن کي وڃائيندو جڏهن چنگ ڏٺم؛
ڇا، عظمت آدم جو رچائي ٿو ڍونگ،
چالاڪيءَ انسان جو نئون ڍنگ ڏٺم.

---

ڪجهه صاف چئي آهه ڏنو يارن هاڻ،
آئيني ۾ ڏٺو جو مه پارن پاڻ؛
ڪنهن چنڊ جي چهري تي ڏسي داغ وري،
لاچار ٿي، دوستي رکي تارن ساڻ.

---

همدردي ڪنهن کي آهه ٿي، ڪنهن سان يار،
سيڪو پنهنجي مقصد تي آهه نثار؛
اميدن جي مرڪز ڏي آهه لڙيل،
هرڪو هٿ ٻئي ساڻ ڪري پيو واپار.

---

ڪا ڳالهه زماني کي وڻي يا نه وڻي،
چيڙيل ڪا وري تان ڪڻي يا نه ڪڻي؛
ڏاڇي ته ڪٽي ڏهه ڪا هٽندي ليڪن،
توڏو ڪو تيرهن به هٽي يا نه هٽي.

تنهنجي در تان دعا گهرڻ جو ڪو طريق،
جنهن ڪي آيو، ٿيو سو رحمت ۾ غريق؛
هر ڳالهہ ڪي پهچڻ جو طريقو گهرجي،
پوءِ ڇو نہ هجي بحر تہ ڪيڏو بہ عميق.

—

ڪي تار تري ويندا، ڪي يار تري،
ڪي يار وري پوندا رستي ۾ ٽري؛
هر ڪنهن جو، هر حال ۾، فن ناهہ غلام،
ڪو ساري ڪٽي ويندو، ڪو پوندو ٽري.

—

پنهنجو پنهنجو سڀ ڪي، عزيز آهہ اصول،
تقليد روش آهہ اجائي ۽ فضول؛
ٻئي جي پويان لڳجي هرگز نہ عزيز،
تحقيق ڪجي دل سان جيسين نہ قبول.

—

ڇوٽو چاهيس، سا نٽو ڳالهہ ڪري،
ڪنهن وٽ هلجي بہ ڪئن نہ ۾ پير پري؛
اڳلو پڇندو تہ ڇا چئون، ڇا نہ چئون،
اهڙي چپ چاپ مان وري ڇا ٿو وري.

—

محبوبن منظور ڪيو آهہ ضرور،
ورنا هو محسوس ڪري ها، نہ سرور؛
آپي ڪان ٻاهر ٿو خوشيءَ ۾ ڏسجي،
ويچاري جو ناهہ ذرو ان ۾ قصور.

—

رزاق برابر ٿي ٿئي تنهنجي ذات،
پر ڪنجي ڪيئن ٿي نہ غريبن جي رات،
سا ڳالهہ ڳجهي ناهي توکان، يارب،
يا وس تنهنجي ڪان ٻاهر آهي بات.

سچ پچ تہ غريب آهہ ڏاڍو محتاج،
ذلت جو اٿس سر تي سينگاريل تاج؛
مخلوق ۾ اشرف ٿو جنهن کي چئجي،
تنهن جي تہ ڪٿي رکجي ڪڏهن پڻ ڪا لاج.

—

سچ چئبو، سچ آهہ ڪڙو ۽ قاتل،
سچ چوندو هر حال ۾ ناهي عاقل؛
سچ لڳندو مچ آهہ، ٻڌي چڙ، ٻوڙا،
سچ تي نچندو آهہ سدائين جاهل.

—

ڪيئن جام دل زار ٿيو آ لبريز،
ڏک سور سندي آهہ ڪٿا درد آميز؛
زخمن سان ڪري چور چڙيو پنهنجن آهہ،
ڪنهن ڪنهن کان اسين هاڻ ڪريون هت پرهيز.

—

حسن يوسف ٿيو زليخا تي ڪرم،
رکجي ويو مصر ۾ جوانيءَ جو ڀرم؛
هڪ پاسي ٻائرن جي عزت ۾ خلل،
ٻئي پاسي ٿيو جوان ٻڍاپي ۾ حرم.

—

شعلو شعلو ٿيندو ويندو گلزار،
ٻاريندا رهندا باهيون دنيادار؛
هر هڪ مچ ۾ آهي ڪو راز لڪل،
جنهن جو نہ پتو آهي زماني کي يار.

—

فرعون صفت آهہ وري ڪو جاڳيو،
هي دور اهو ناهہ تہ سادو ساڳيو؛
انسان خدا ناهہ، ويا سڀ سمجهي،
هن آهہ اجايو تہ يتيمن کي راڳيو.

هر دؤر ڪي گھرجي ٿي ڪا ضربِ ڪليم،
جو ناهہ زماني وٽ اڄ قلبِ سليم؛
ڦرندو نہ عقائد ڪان جهٽ پختو ذهن،
پنھنجي ليکي آهہ سڀڪو جو فهيم۔

—

ابنِ مريم جي تہ مسيحائيءَ تي
دنيا ٿي دنگ آهہ دانائيءَ تي؛
اڄ-رڄ ۾ پئجي ويو هرڪو آهي،
ٿيو آهہ ڪذهن اِئين شناسائيءَ تي۔

—

آتش ڪدهٔ فارس جي باهہ ڪٿي،
ڪنهن وقت وسائي سا خود آهہ ڪٿي؛
ڇا اهڙو گذريو لمحو ڪين ڪڏهن،
ڪو وقت ذري باهہ ٻري ناهہ ڪٿي؟

—

ڇا ڇا حاصل بتن ڪيو آهہ مقام،
مسجودِ ملائڪ ۾ سندن ناهہ ڪلام؛
دنيا ۾ اچي ٿيا خود خالق جو مثال،
انسان ٿو ڪري پاڻ هتي ڪين سلام۔

—

اڄ ڪيئن وڳو وري ڪٿي چنگ آهي،
ڪنهن راءِ تہ محفل جو مٽيو رنگ آهي؛
ڇا، پيجل ٻوليو، اڄ آهہ وري،
جو موم ٿي دل جو تہ پيو سنگ آهي۔

—

پاري نہ سگھين تہ وعدهٔ خام نہ ڪر،
هر بار صنم وفا کي بدنام نہ ڪر؛
ڪا ڳالهہ ڪري ڦرڻ مناسب ناهي،
هر هر ڪنهن کي موردِ الزام نہ ڪر۔

ٻڌجي ٿو قنديلِ حرم روشن آهه،
دل ڪنهن جي اي اهلِ ڪرم روشن آهه؟
هن وقت ڪريو سخا، سخا جا صاحب،
جو سڀ ڪا طبعِ محترم روشن آهه.

—

شايد پنهنجيءَ ۾ پورو آهه ڪلال،
يا مست ڪيو آهي يارن کي مال؟
جهونن جوڳين کي هو سڃاڻن جو نشا،
تن جي کهڙي ڪبي هتي قيل مقال.

—

ڪو رشڪِ چمن سرخيءَ محفل نه رهيو،
مجنون نه رهيو، اوج تي محمل نه رهيو؟
جامن تي پري جام پيالي جام ڏجن؟
محفل جو اهو رنگ ته اي دل نه رهيو.

—

ڪعبي ۾ صنم ياد اچي آهه ويو،
محفل ۾ وري رنگ مچي آهه ويو؟
ڪا ڳالهه ته آهي جو وساري نه سگهيس،
بت خانهءِ دل ۾ ڪو رچي آهه ويو.

—

در در جا سلامي ڇو ٿيندا آهن،
سڀ ڪنهن جي ٻنيي تي ڇو ويندا آهن؟
شايد نه مليا تن کي ڪي دل وارا،
جي دل جي عوض دل پڻ ڏيندا آهن.

—

بهروپ ڪبو ڪهڙو يارن سامهون،
هي روپ وجي ٿاهيو يارن سامهون؟
ڪنهن روپ جي ڪا آڙ نه دل وارا وٺو،
ڪا آڙ نهي تي دل وارن سامهون!

هر شاخِ چمن يارو نازڪ آهي،
ڏس ڏيو ته پکي آکيرو ڪيئن ٺاهي؟
جت جرم ٿي ليکجي، سدا حبِ وطن،
تنهن باغ جي ڏرتي ڇا دوزخ ناهي؟

—

ڪو انگ ننگو، پيٽ بکيو، آهه ضرور،
پر نان جي لئه هوڏ ڇڏي، ناهه ضرور؛
جو ماءُ کي نيلام ڪري، غيرن وٽ،
تنهن تي ته انهيءَ کي وٺندي باهه ضرور.

—

بيدرد زمانا، اي بيدرد زمين!
هيءَ ڳالهه ڪري ڇڏجو اڄ ذهن نشين:
ڪو خون اوهان جي گردن تي آهي،
ان خون کان خائف آهه پر گرد جبين.

—

انسان کي انسان ٿي رهندا آهن،
دک درد مٿن آيو ته سهندا آهن؛
پر ڪين اصول کي ڇڏي ڏيندا جي،
هر دؤر ۾ سي لکئي ته لهندا آهن.

—

اربابِ سياست جي سلامي پرجي،
تا صاحبِ ثروت جي به جهولي پرجي؛
هلندو ته اچي، دوست، پراڻو دستور،
جي پيٽ اٿو پرٽو ته دالي پرجي.

—

ڪنهن پيار ڪيو آهه وري پيارن سان،
ڪو يار لڳو آهه وڃي يارن سان،
ان ريت وري آهه پراڻي ياري،
پر تاڪي وري ٻار اچي ٻارن سان.

هر قصرِ بلند، کو تہ ڪم ڏيندو آهہ،
هر محل تہ سازش جو اڏو ٿيندو آهہ؛
مسڪين فقط آهہ عمارت تاهي،
پر ڪير تنهن بعد منجهس ويندو آهہ؟

—

ڪسريٰ کي ڏيون ڏوهہ يا ڪنهن قيصر کي،
بابر کي چڱو چئون يا ڪنهن اڪبر کي؛
خاقان تہ هر دؤر ۾ خاقان آهي،
جن آهہ بچيو پنهنجي پٽيان افسر کي.

—

اسلام کي بدنام ڪري ڪير ويو؟
ٿيندڙ هو ڪو پرٽو سو پري ڪير ويو؟
علماءِ سوءِ جي حرڪت ڏسجي ٿي،
نيڪي کي ڇڏي اڏ ۾، پري ڪير ويو؟

—

ڦيريو تن کي جي يار ڦيري سگهجن.
گهيريو تن کي جي اڄ گهيري سگهجن؛
ور ۾ ايندا وري اهي ڪهڙيءَ طرح،
ميريو تن، جي سولا ميري سگهجن.

—

تون نالي ۾ نهال آهين ڇا لئہ؟
تون يارن لئہ وبال آهين ڇا لئہ؟
ڏاريا ڪن استعمال ٿا تنهنجو ڇو وجود،
تون غيرن لاءِ ڍال آهين ڇا لئہ؟

—

سٽر مان آهي سنڌ ڪنيو ڪنڌ وري،
جنهن يوڳي ڪئين سال سزا آهہ ڳري؛
پارهيڙي پهہ ڪري، ونئي وينا واٽ،
شايد تن جي ڪچ ۾ اچا آهہ ڇري.

دهشت دم دريا ۾ اڪيوٽي ناهي،
پاڻي پٽ ڏسجي ٿو، پٽائي، ڇا هي؟
سڪندا سنڌي ڪيت، وري ڇا ان ريت،
ان سازش تان سائين پردو لاهي.

—

ٽيندي سائي سنڌ، سڙي ويندا سڀ،
ساڙيو جنهن سازش، نه بچي تنهن جو ڪپ؛
جو جو هٿ هو هن ۾، ودي سو ڇڏجي،
غدارن جو هاٿي، ڇڏيو ڦاڙي پيٽ.

—

دشتِ غربت ۾ ڇاجو سايو آهه،
ڏسجي يارن جو ڪهڙو رايو آهه؛
منزل انداز قافلو ٿئي ٿو ڪٿي،
يارن سان فيصلي جو وقت آيو آهه.

—

ماهر هن ملڪ جا رٽائون ٿا رٽين،
دلبر دل ۾ رکي سٽائون ٿا سٽين؛
ٻاهر نڪري حق جي ڇو ٻاڦ نٿي،
جو نالي ۾ حق جي، حق ڪي ٿا ڇٽين؟

—

ڪنهن پر نائي نيڻ نهاري ڏسجي،
دل ۾ قاضي ڪو تہ وهاري ڏسجي؛
ڪنهن جو ساڪيو وقت وري اڄ آهه،
انديشي طور ئي پچاري ڏسجي.

—

خود سيڻ سڄيءَ سان ڪڏهين ڪين ٿيا،
ءِ جاڙ ڪري جاني رمندا ئي رهيا؛
هي ماڪ تہ مانجهاندي جو آهه، ادا،
پر جيءَ ڏٺي جن ڪي، سي ئي نہ وهيا.

ليلا ڪان چنيسر ڦرجي آهه ويو،
هڪ هار هميشه آهه ظلم ڪيو؛
جنهن مڙس، هوس ۾، وقتي طور چڙهيو،
تنهن پاڻ ڦرايو، ۽ ڪيو دل جو چيو.

—

ڪوِنروءَ جي ڪٿيو آهه، اج ڪاند ڪٺي،
پر ڪيڏ سان آهي، سهڻي بات ٻڌي؛
ميدانِ محبت ۾ چوُبول ته آهه،
قدرت ڪي مگر آهي ڪا رمز وٺي.

—

مارئيءَ ڪي عمر آندو ڪنهن ڪارڻ ڪاڻ،
جا ڪار ڪبي ناهي خود پيٽ ساڻ؛
ڪيڏو ته هوس آهه ڪشالو ته ڪڍيو،
انسان اچي هوش ۾، پڇتايو پاڻ.

—

ڪنهن منڊ ڪچو گهڙو وڏو دريا ۾،
ڪنهن آهه ته آسرو رکيو موليٰ ۾؛
سارين سڄڻ جني کي، سي رهندا ڇا،
هلندا ٿي رهيا سي، حق سندي ڳولا ۾.

—

ڪا آهه سٽي پيڙ سان، ڪنهن کي ساري،
ڪنهن آهه چڙهيو ڪنهن کي لڪڻ جي لاري؛
تر جي ته گهٽي، سؤ چوٽون کائي ٿي،
شڪ آهه وڏو سڄڻ سدائين ماري.

—

اج ڪير ٿيو آهه طرفدارِ هنود،
اج ڪير ٿيو نشانِ تحريڪِ يهود؛
ڪنهن پاڪ وطن ۾ ٿيو سازش جو ظهور،
مسلم جي هٿان جنهن جي ڪجي پيٺي نمود.

چو خون جا دريا ٿا وهن، ڀارت ۾؟
ڏسجن ٿا مسلمان، ٻڏل ڇو رت ۾؟
ڇا، ملڪ سڄو ڪاليءَ جو مندر آ،
ٿو خون وهي جنهن جي سدا عظمت ۾.

---

ابليس نچي نچي پيو سٽجي آهه،
هن جو تم سڄو بدن پيو ونجي آهه؛
ابليس جي بدران تم نچي ڀارت ٿو،
ڪو ننگ زمانہ اڄ پيو مٽجي آهه.

---

آ زور ۾ گنگا جمنا جي ڇولي،
جت ڪيڏجي مسلم جي رت سان هولي؛
ڇا تنگ نظر آهم نہ ڀارت جو سپوت،
جنهن، وات هلاڪت جي آڻي کولي.

---

برباد تمنا ويهي ڪوهين دور،
سازش جي چمن ڪي ڏئي پاڻي مجبور؛
هرلو ٿو چڙهي ڪٽي، ڪٽي آب رسي،
هي آهم سياست جو عمدو دستور.

---

دل جو مطلب حاصل ڪرڻو آهي،
ڪرسو ڪم تون، جنهن مان ورڻو آهي؛
هي آهم تہ نسخو ڏنو اٽليءَ جي حڪيم (۱)،
اخلاق ڪي پاسيرو ڌرڻو آهي.

---

هڪ ڳالهہ مان نڪري ٿي، ٻي ڳالهہ سدا،
اضداد، حقيقت ٿئي تن وٽ ئي ادا؛
جن وٽ نيڪيءَ بديءَ جو هي آهم اصول،
واحد ڇو رهي تن جي نزديڪ خدا؟

---

(۱) ميڪائاولي

ڪنهن آهہ رکيو روشن دل جو مينار،
وهمن، جي کيو آهي ڪنهن کي بيمار،
تنهن کي نہ شفا ملي، جي ڪنهن در تان پوءِ،
احمد جي ڪنهن غلام وٽ اڇجو يار.

---

تاهي سوداگرن پڙي چو آهي؟
اڄ بينو چنڊ آت ڪڙي چو آهي؟
سؤدو ڪو وڏو يارو ٽيٽو آهي،
يارن جي هيئن ڪل ٽڙي چو آهي؟

---

خلوت ۾ ڪريون هڪڙي، جلوت ۾ ٻي،
هر حال ۾ ويهنداسين جي واندا ٿي،
ڏوڪو نہ ڏنوسين تہ ڪيوسين نہ ڪمال،
آهيون جي سفيد گهر(۱) جا ڪي رهواسي.

---

مجبور فقيهانِ حرم آهہ ڪيو،
انسان کي لاچار مرم آهہ ڪيو،
بندي کي سنئين وات تي لائي ٿو چڏي،
ڪيڏو نہ ڏٽي پاڪ ڪرم آهہ ڪيو.

---

لاچار مون کي آهہ طرفدار ڪيو،
ڪنهن ماه جبين آهہ تہ لاچار ڪيو،
ڪو حسن تہ اسلام جي چهري ۾ ڏئہ،
انسان کي جنهن آهہ تہ بيدار ڪيو.

---

بت خانهٔ آذر جو هي گس آهي،
هت حسن و خوبيءَ ۾ ڪو چس آهي،
بيگانهٔ فطرت جو هت ناهي ڪم،
سمجهي نہ جو سوپيا، سو بنهہ بس آهي.

---

(۱) White House.

چانگي ڪي چندن آهه چرڻ جي ته پچار،
مجهول ڪي چو ڏيو ڪرڻ جي ٿا ميار؛
معيار ويو آهه ته مڃجي تنهن جو،
جنهن ڪي نه رهي آهي، لاٽي جي لغار.

—

حالات ڪري ڇڏيو، جنهين ڪي موڳي،
تنهن وٽ نه اچڻ چو ڦر ڏيئي جوڳي؛
جا آهه متين موڙهي، ڳنڍين ڳوڙهي،
تنهن ڪي نه ڏين ڦيرو، ڪيئن ڪي ٺوڳي.

—

پيو رشڪِ بتانِ آذري آهه چڙي،
آيو رخِ زيبا تي رت آهه مڙي؛
ڪاوڙ ۾ حسن ڪيئن ڀڙڪي ٿو اٿي،
پيئو آهي چوڏس جو چنڊ ڪڙي.

—

لٽجي ته متاعِ دلِ جانان لٽجي،
خود حسن جي سرڪار جو دامان لٽجي؛
ان ريت ڪٿي مري ته ڪو مير مري،
معمولي ورنا ڇا سامان لٽجي.

—

هي آهه سياست جو ته پاڙو، يارو،
هت ڏينهن ڏٺي لڳندو ته ڌاڙو، يارو؛
جيڪي به ڪندا ڪين آٿي پنهنجو بچاءُ،
تن لاءِ وطن بڻبو ته واڙو، يارو.

—

ڇوري يارو چنگ، ڪيو پنهنجو ڪم،
ڪهڙي ڪم جو فن، جنهن ۾ ناهي دم؛
چارڻ! ڇيت ڇوري، سر جي سٽن هٽو،
ورنا ڪائيندؤ پاڻهي پنهنجو غم.

اي تنگ نظر مون تي الزام نه هڻ،
پردو نه ڍڪيو ٿئي ته نه ڍڪ، پردو نه ڪڻ؛
پردي پوشن کي تنهنجو ناهه ضرور،
سيني کي سمجهين ڇو ٿو اوکو ڏڻ.

—

منصور اناالحق جو نعرو هڻندو،
سرمد به صداقت جو سهرو ڪڻندو؛
پوءِ مفتي چپ چاپ ۾ ڏيندو فتوا،
ٿيندو سوئي جو قدرت کي وڻندو.

—

بغداد جي بازر ۾ سوري اڏجو،
دجله ۾ سنڌ ۾ رک کي ٻوڙي ڇڏجو؛
پر نعرهٔ حق توهان سدا رکجو بلند،
جي ٽڪجي پؤ ته مون کي يارو سڏجو.

—

ڌرتي منهنجي مون کان کسجي، يارو،
ظالم پنهنجي ڪار ۾ آ سوڀارو؛
ماتم منهنجي مات ۾ آهي، اي دوست،
ان لاءِ فلڪ وڳو ڪيو آ ڪارو.

—

سچ جو سودو ڪن ڪي ڪي سوداگر،
دل ڏيندا دل ساڻ دليون ڪي دلبر؛
ڪي حيلا ڪن هزار، ڪي ٻورين در،
ڪي پاڻ ٿين پر، ڪن لئه ٻيا آذر.

—

مارڻ کان بهتر ته پڏائڻ آهي،
ٻارڻ کان بهتر ته وسائڻ آهي؛
نيڪي ڪر جو تنهنجي نيڪي ٿيندي،
قاتل کي بهتر ته ڇڏائڻ آهي.

مئخاني ۾ پڌاءِ ۽ ڪر نہ غرور،
رندن جي لاءِ آهہ هت صرف سرور؛
جن آهہ پڌايو تہ سڄڻ پنهنجو پاڻ،
تن جو دلبر ناهہ هتي ڪوئي ضرور.

—

مجبوري پيهي منهنجي در آئي،
سنيري اڄ سازش منهنجي گهر آئي،
يارب، تو وٽ سيڪجهہ روشن آهي،
ٽاريندين تون ڇا منهنجي سر آئي.

—

ڪا همتِ مردانہ آهي درڪار،
اهڙو ڪو ڪم ڪرڻو آهي سرڪار؛
اڄ عقل اها ڳالهہ مڃي يا نہ مڃي،
پر پاڻ ڪي ڪرڻي آ آتش گلزار.

—

پرويز ڪيو حيلو، ڪنهن هارايو،
فرهاد نياپي ڪنهن جي مارايو؛
شيرين محل ۾ ٿي رهي بي پرواهہ،
مزدور ڪي مزدوريءَ ۾ ڇا آيو؟

—

د رپور ڪريو، اجهو اچي پيو راڪاس،
ان سان تہ پڄي ڪاءِ برڙ ڪو باڪاس؛
پر جاءِ نہ جنهن جي آ، سو مات ڪري،
ناحق نہ ڪٽي ڏئي مٿي تي آڪاس.

# قطعا

جن ڏين ۾ تيل جي بدران ٻري پاڻي سگهي،
هل ته تن ۾ آب چشمن جو هلي اوتي اچون:
جت جهڪي ٿئي روشني، هر حال ۾ پهچي آتي،
نور نيڻن جو نچوئي، ڪرڻي ڪرڻي ۾ رچون.

## قلم ۽ ستم

ڪير آهن، اي قلم! جي تنا ڏنگو توکي چون،
تون سڌو آهين، مگر آهن ڏنگا اهل قلم:
نوڪ تنهنجي جئن وٽي، تئن تنا ڦيري خود چڙهين،
هي ستم ناهي تہ ٻيو ڪهڙو اجا ٿيندو ستم.

## مجبور انسان

غم و اندوهہ جي دنيا ۾ هڪ مجبور انسان،
مدد جي واسطي هيڏانهن ۽ هوڏانهن ٿو نهاري:
سوين پانڌيئڙا آهن، نہ تو ويجهو وجي ڪو،
الاهي! تنهنجي هوندي پي ٿو انسان هئن گذاري.

## شرابيءَ جي صدا

شراب پيئبو، شراب پيئبو، شراب پيئبو، شراب پيئبو،
انهيءَ جي بدران، عذاب ملندو تہ دل و جان سان عذاب سهبو:
مذاق اهل وطن بدلجي، فضا و نقش چمن بدلجي،
مگر، اي رندو، هي ياد رکجو، غريب جو ۽ شراب رهبو.

## التجا

تون حيلو وسيلو، تون ڪرم ۽ قبيلو،
سڄي جڳ جو والي، اي واحد! اڪيلو:
سخا ۽ ڪرم سان نہ مت تنهنجي ڪوئي،
اسان جو بہ ڪر تون ڪو حيلو وسيلو.

## سهارو

ڪڏهن شال پنهنجا نہ پنهنجن ڪان وڇڙن،
ڪڏهن شال آنڌا نہ آنڌن ڪان وڇڙن:
جڏي جيءَ جو جيڪي آهن سهارو،
سهارا نہ سي بي سهارن ڪان وڇڙن.

## ڪاش!

گل چنڻ کان باغبان توکي ٿو روڪي بار بار،
جي، گلن سان گڏ زيان مکڙين کي توڙي ٿو ڪرين.

توکي گهر ويٺي ٿو پوئي مکڙين جا هار ڏئي،
جئن تون هرگز نہ مزدوري ۽ محنت ڏي ورين.

حڪمران پنهنجو جڏهن ساڳي وٺي ٿو وات پوءِ،
چو سياست جي درِ دولت اڳيان سر ٿو ڌرين.

پنهنجي حالِ زار تي اڄ، تنهنجي غفلت جي ڪري،
خون جا ڳوڙها وهائي ٿي وطن جي سرزمين.

هوش ڪر، اي سنڌ وارا، هوش ڪر، هوشيار ٿي،
سو وطن ٿيندو وڃي صحرا، جو هو خلدِ برين.

ڪاش، تنهنجي دل ۾ پيدا ٿئي وطن جي آبرو،
ملڪ جي عزت وڌائڻ لئہ گهڙا قومي پرين!

## حالاتِ حاضره

صاف ڏوڪو ٿا ڏين، هن وقت جيڪي ٿا چون،
اڄ وري آئي بهارِ جان فزا گلزار ۾:
هر طرف آهي مصيبت، ظلم، جهيڙو ۽ فساد،
حشر برپا آهہ ۽ آهيون نسورو نار ۾.

## دعوت

جن ڏسن ۾ تيل جي بدران ڀري پاڻي سگهي،
هل تہ تن ۾ آب چشمن جو هلي اوتي اچون:
جت جهڪي ٿئي روشني، هر حال ۾ پهچي آتي،
نور نيڻن جو نچوئي، ڪرٽي ڪرٽي ۾ رچون.

## وقت

ڏينهن سي گذري ويا، جڏهن رنءُ ٿي زار زار،
موتي لڙڪن جا ٿي پوتءُ ۾ ٻڌايءُ ڪيئي هار:
رشڪِ فطرت اشڪ ها، پر جوهري رمندا رهيا،
ماڻڪن جي موٽ ٿي، ڪهڙو ڪجي وهنوار، يار!

## ويسلو نہ ويهہ

زندگيءَ جي پيچرن جا نقش پيا ميسارجن،
پر زبانِ حال سارو ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندا وڃن:
تون بہ ڏيندو وڃ سنيهو، ڪر نہ ڪنهن جو انتظار،
يار پنهنجي اوج ۾ ڪن ياد توکي يا نہ ڪن.

## فڪرِ بلند

آسمان جي هيءَ بلندي ۽ ستارن جو عروج،
تنهنجي دزڪي ڪين ٿا پهچي سگهن، فڪرِ بلند:
هي تہ پيدائش جي ڇنبي ۾ اچي ويا، وقت ٿيو،
پر اتانهينءَ تنهنجيءَ ۾ عاجز رهن ٿا ارجمند.

## مکڙي

مرڪ سان مکڙي وڃائي ٿي ڇڏي پنهنجو وجود،
گل ٿي ٻڌجي ۽ وڌائي ٿي چمن جو رنگ و بو:
فائدو ٻئي جو بہ ٿئي، پنهنجو بہ ٿئي نام و نمود،
ڪم جو اهڙو تو ڪري، سو ڪئن نہ ٿئي پوءِ سرخرو.

## محنت

ساز جي هر تار ۾ ڪنهن گيت جو سنگيت آهي،
سُر سوين نڪري سگهن ٿا آڱرين جي ڇهنب سان:
ڏک جي ڏرتيءَ مان خوشيءَ جو چشمو اُپري تو سگهي،
پر رياضيت جي ضرورت آهہ ان ۾ بي گمان.

## درس

حال هيٺا، سور پيٺا، ڏک ڏهاڙي سرس ٿيا،
منهنجي پيري، يار جاني، ڪئن چوان بي ترس ٿيا:
پور نم جو، گل سرنهن جا، رات جو پويون پهر،
ڪي نياپا ٿا ڏين، جي منهنجي لئه پڻ درس ٿيا.

## حسن جي خوبي

بارها زماني ڪي اهلِ دل ٿي سمجهايو،
تہ بہ نہ ڏيک جي قائل ڪي ڪڏهن يقين آيو؛
دل جي ڳالهہ، دل وارا، جلد ٿا وجن سمجهي،
غير ڪي خبر ڪهڙي، ڇا جي لئه حسين آيو؛
حسن جي ازل کان آهي رهي اها خوبي،
طور کان حرا تائين، ٿيندو هم نشين آيو.

## جاڳ

منهنجي نجهري جي پر ۾ وڳا چنگ ها،
سو ڪلي اڪ، ڦٽي ننڊ، اڌ رات جو؛
هي نئين دؤر جو آهہ چارڻ آئيو،
وقت بي وقت، سڪ آهہ جنهن جو ڦٽو؛
تند چورڻ سان جنهن تنگ توري ڇڏيا،
تنهن صدين جي ستل کي آٿاريو تہ هو؛
هاڻ ڏسجي تہ هيءَ جاڳ ڇاٽي ڪري،
جڳ کي پهچي ٿو، نقصان يا فائدو.

## جدائيءَ جو داغ

ڪجهہ داغ جدائيءَ جا، ڪنهن دل ۾ فروزان ها،
جنهن جي ئي ڪري چهرو، محفل ۾ پئي ٻهڪيو؛
ورنہ تہ ڪڇيو ڪونهي، ڪو يار سچي ست ۾،
پر ڳالهہ ڪبي تڏهين، جڏهين ٿي اچي ٽهڪيو.

## شڪرانو

شڪستہ جام ڪنيم ٿي ڪلال جي در تان،
تہ من دماغ اچي جاءِ تي وڃي ڪنهن پر؛
ڇڏي ويس نہ جي ان ريت ڇگو نالو،
تڏهن بہ شڪر خدا جو ڪبو خدا جي گهر.

## ياڳ

ڪمال آهہ، ڪنيو گوءِ پيا وڃن مون ڪان،
آهي ٿي شخص، جنين وٽ ڪمال ٿي ڪونهي:
فلڪ پڇي نٿو اهلِ ڪمال ڪي، يارو،
هجي تہ ياڳ هجي، پيو سوال ٿي ڪونهي.

## بيزاري

عجيب رنگ زمانو ڪري نٿو ٽڪجي،
اسين پياسون تماشو ڏسي ٽڪجي؛
وري آئن ڪي نئين سر قطاريو هوسين،
تہ من اسان ڪي لڪن ۾ ڇڏي وڃي، ڪڪ ٿي.

## صدا

جوڳي نڪتا جڳ ۾، جڳ سان جيءُ جڙي؛
حامي آيا حب سان، دوئي دل مان ترڙي؛
لوڀي لالچ، سچ ۾ پنهنجو پاڻ سڙي؛
اندر ۾ ابليسي، وينو گهات گهڙي؛
پر جوڳي ساٿين سان، آهي منجهہ ڪڙي؛
ڪوڙن ڪپتين ڏي ڪو، هاڻي ڪيئن لڙي؛
سنڌڙيءَ جي سهڻن سان، ڪو ڪيل قول پڙي؛
باطن بد آ جن جو، تن ڪي رب تڙي؛

## مام

جايون توکي جيءَ ۾ ڏيندس،
ڏاهو ٿي، ڏيهي اڄ پيهي؛
خاص خلاصيون ڳالهيون آهن،
مون کي توسان ڪرڻيون ويهي؛
مون کي ماڻهو ڪم جا گهرجن،
مرد هجن تو جيها نيهي؛
ڏاريا آخر ڏاريا آهن،
ساڻيهه تان سر ڏيندو ڏيهي؛
ديس دلارا، سمجهه وارا،
ڏيهي ٿيندو، ڇا پر ڏيهي؟
دانگيءَ تي رت ورڻو آهي،
ڏيهي ٿيندا، نيٺ به ڏيهي؛
ان مان سهڻا، مام پروڙج،
ڳالهه ڪريان ٿي ڪولي ڪيهي.

## بهانو

ساغر پيچي پيو تہ محفل ۾ ماٺ ٿي،
احساس آهه ڪنهن کي، نقصان جو ٿيو؛
ڪا ضرب آئي آهه، ڪنهن کي اڄ دل وري،
ظاهر ۾ هو بهانو، سامان جو ٿيو.

## جوش ۽ جذبو

لوئي اوڍي لاڪ رتي،
ساٿين کي مون رات ڏنو.
مارن ست ۾ ويهندي مون،
ڏمريل ڏمريل ڪات ڏنو.
منهن ۾ گهنڊ ۽ اک ۾ شور،
هيڏو نه مون ڪو ذات ڏنو.
نڊو نيٽو خون تتل،
سڀ ڪي ڪندي مات ڏنو.
جوش ۽ جذبو تن جو مون،
آپ سان ڪندي بات ڏنو.

## ڏيهي پرڏيهي

نفرت جنهن کي اجرڪ کان،
سو ڏيهي پڪ پرڏيهي.
انت ڪيڏ لئه آيو آ،
تنهنجي مجلس ۾ پيهي.
اک ۾ رکبو اهڙي کي،
سيڪي سمجهي ٿو نيهي.
پاڻ پليو ان پنهنجي کان،
لوڪ لجائي جو ويهي.

## سونهن ۽ ڪنول

حسن کي کهڙيءَ طرح روشنيءَ بخشي جيلا،
سونهن جو اپياس ڪر ۽ گجهارت پاڻ سل؛
تون نٿو چاڻين نه وچ، پچ انهن کان جن ڏٺو،
چنڊ جي چساندڙ ۾، آب تي ڪرڙندي ڪنول.

## جوين جي بازيابي

چيهي جي رنگ سازي، سرخيءَ جي آهم بازي،
جوين جي بازيابيءَ، محفل مچائي آهي.

## خوشگوار لمحا

باغ و بهار ٿيندا، جيڪي بہ يار ايندا،
هيئن خوشگوار ٿيندا، لمحات زندگيءَ جا.

## ڪجھ تہ ڪر

ڪجھ تہ هو، جنهن جي ڪري بزم جو منهن ٿي لٿو،
ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي، ڪنهن کي آئي ٿي جهٻي.
يادگيري يار جي، ڇا، هئي ايڏي ڪٺن،
جنهن ڪري اڄ بزم جي بزم ٿي ويئي ٻڏي.
سَر مٿي تي ها پيا، سوچ ۾ سيڪو هيو،
مسئلو گنڀير هو، مونجهہ ۾ هئي زندگي.
مشرق و مغرب ۾ اڄ، ڪو مٿل مانداڻ هو،
يا رخ زيبا تي وئي هئي آداسي ڇانئجي.
ڪجھ نہ آهي دهر ۾، تو ڪڏهن ڪنهن لئہ ڪيو،
زندگي، او زندگي، ڪجھ تہ ڪر ڪنهن لئہ وري.

## رس ۽ ڪس

وس ڪان ٻاهر بيوس آهي، چوسي گل جو ڀؤنرو تو رس،
ڪير هتي جي باغن ۾، ڇاٽي واٽي ڪائي تو ڪس.

## مبارڪ

دلبر، سو هو ديس مبارڪ، جنهن ۾ مون کي هو مان مليو،
سهڻا، سو هو ويس مبارڪ، جنهن ۾ مون کي هو دان مليو،
سائين، سو هو ڪيس مبارڪ، جنهن ۾ مون کي هو شان مليو،
جاني، تنهنجا ڪيس مبارڪ، جن ۾ مون کي جيءَ دان مليو،
سي سپ ڳالهيون توسان ٿينديون، دل ۾ ڇيندڙ ڪان مليو.

ڏکندو ڏور ٿئي

## مٺن جي ماٺ

فرق نہ ٿيندو ڪوئي يار، ماڪ وسي يا نيڻ رئن؛
پيچ پنيءَ جي باھہ پلي، اکڙيون ہي ڪا ڪار نہ ڪن؛
روئي روئي رت ڦڙا، دل جو ھلڪو بار نہ ڪن؛
گل گل جو آ ڏيل ڏکيل، وارو ڪنھن ڪان يار وڻن؛
پنھنجن جا ٿيا پڌرا پار، ڌارين ڪان سي ڌار ڪجن؛
ڪنھن کي ڏيئي ڏوھہ ڏجي، ڪنھن تي ويھي وار ڪجن.
رڙندي رڙندي رات سڄي، ھاڻ ڪئي آ ماٺ مٺن.

## استحصال

ھي نظامِ زرداري، ھي قيامِ سرمايہ،
ڇا مزور کي گھرندو، ڪين ڪي مٺو آھي؟

پيٽ تي رکي پٿر، انگ تي ھڏي اگھڙي،
ڪنھن پگھر وھايو آ، ڪنھن نرڙ گھٽو آھي.

پورھيو ڪندي ٿڪجي، جئن سٺو وڃي سھڻو،
مال تيئن مڃيجين وٽ، ڪنھن ڪيو ڪٺو آھي.

رات ڏينھن جيڪي، ڦرلٽ ڪري چاڙن، تن،
ان کي ئي ڪري ورتو، اڄ جو ھڪ سٺو آھي.

لڄ نہ آھہ بي شرمن کي، ڪڏھن ڪانہ آئي،
جن لٽي ضعيفن کي، ڌن ڪيو ڪٺو آھي.

ڪن سٽي ٿيا آھن، ڪائنات ۾ ڪڪرم،
آسمان مان ڦھري سينھن ڪو وٺو آھي.

ڪنھن ڏنو ھو راتاھو، ڪنھن مٿان شبخون ٿيو،
ظلم ڪنھن ڪيو آھي، ڪنھن ستم سٺو آھي،

## غيرت جو سلسلو

كندي ناچ رڻ ۾، رنو مور جنهن دم،
وڏي ڏيل تنهن دم، پيڻ لڙڪ آئي.
جتي حُسنِ تخليق لئہ روج آهي،
آتي اشڪ سوئيءَ جو معيار مائي.
پئي لڙڪ فنكار، جي اڄ قلم جا،
نئين قوم سرجڻ لڳي آهہ ڪائي.
جتي ڏيهہ، پرڏيهہ ٻڌجي وڃي ٿو،
آتي مور نچندي بهاري ٿي آئي.
جتي ڏيل هوندي، سندس مور پويان،
آتي غير جي رهندي، ولڙي تہ وائي.
رکي پڳ سندي لڄ جتي زال چاڙي،
آتي پير پائيندي ڪيئن بي حيائي.
آتو مرد مانجهي، ذرا نڪتہ رس ٿي،
سچاٽو زماني ۾ پنهنجي پرائي.
جتي غيرتن جو اچا سلسلو آ،
اها قوم ڪنهن پر نہ ٿيندي توائي.

## ڪاش، ڪو ڦيرو اچي!

باغ جي حالت ڏسي،    ڪين ايندو اعتبار؛
رقصِ گُل مايوس ڪن،    ٻوٽو ٻوٽو بي وقار؛
سبز وڻ؛ پيلا پيل،    چڻ مريضن جي قطار؛
رنج هو هر هڪ پکي،    ۽ فضا هئي سوگوار؛
سادلِ ناخواستہ،    دم بخود آئي بهار؛
گر ٿيون ڪي ڪوششون،    پر نہ آيو سو نکار؛
زندگي سؤ ڪي نہ ٿي،    حال هو زار و نزار؛
ڪاش، ڪو ڦيرو اچي،    نغما ڳائي جوئبار؛
سُر وري جاڳي اٿن،    وجد ۾ ڏسجي نگار؛
پڻ چمن تي چانئجي،    ناز، مستي ۽ خمار؛
جنهن جي لئہ آيو هلي،    سڪدي جو بادہ خوار.

## ضمير

سچائي سکيو ناهہ پنهنجو مقام،
اهو آهہ اڄکلهہ جو روشن ضمير.
ڪري جيڪو سيني سان سؤدو سکي،
اهو آهہ اڄ جو برابر امير.
ڪري ڪوڙ پنهنجن ڪان پاسي ٿئي،
رسڻ آت ڪپي، جو جتي جو خمير.
گهٽا گهوٽ گهائي چڙيا ڪاڪ ها،
مگر ميندري وٽ ٿي مومل اسير.
اڄو گڏجي باغن جون گالهيون ڪريون،
گهٽا ڏينهن وچڙي ٿيا هم سفر.
وري ياد آيا، وطن جا تہ ونڻ،
ڪرڙ، لنب، لاٽا، ڪبڙ دل پذير.
اتہ آس باقي اهائي رهي،
ملان شال مارن سان هيڪر ملير.
ڏنا ڏيهہ وارن ڏکيءَ ڏنپ ها،
ڏکي تو ڏکيءَ جو انهن لئہ سرير.
غلاميءَ جي راڳن سمهاري چڙيو،
پوي شال جاڳي، ستن جو ضمير.

## زهر جو ماڻ

ها پيرڪڙين جا آواز، ڏندن پيڙين جا اهڃاڻ.
جن ڪي پياري پنهنجي لڄ، تن لئہ سؤدو آهي پاڻ.
جيئندا جوين ڪان پوءِ ڪيئن، سوڊو سوڊو آ سرواڻ.
جن لاءِ چڪيا ٿي هڪ ڪيل، سوريءَ چڙهندا سي ئي چاڻ.
سر جو سانگو جن ڪي ناهہ، تن ڪي ڪنهن جي ڪهڙي ڪاڻ.
مڙسي مارن جي آ ريت، سلهائيندا پنهنجو پاڻ.
منڙا سنڙا، ظاهر پول، هو زهر پريل هر هڪ ماڻ.
پارن وانگر سمجهي تول، پلجي ويا آهن اڻ چاڻ.
ڏانوڻ وجهندا ڏڪندا ڏيل، ڏاڍا ڏهڪيا ”صائب“ هاڻ.

## آبتو واءُ

وري آهہ ويرين مچايو سمڻ،
وريو آهہ آبتو وطن ۾ تہ واءُ.
سڄڻ پڻ ڏڄڻ ٿي جي ايري اچن،
ڪجي ڪيئن پنهنجو آٿي ات بچاءُ.
متا ملڪ منهنجي جا سارو هٿا،
رهيو ناهہ تن ۾ الائي ڇو واءُ.
بکيڙو منجهن گهر ڪري ڪيئن ويو،
ڪڇو ڪُر ڪي لائڻ نہ تن لئہ جڳاءُ.
وٺي شڪ ويا ويڙهہ وارن ڪي اڄ،
ڏسڻ جهڙو آهي انهن جو لقاءُ.
اچي ڪين پنهنجو نظر ڪونہ ٿو،
ڏيان ڏوهہ ڪنهن کي وڃي هاڻ ماءُ.
ڪمر آهہ يارن ڪشي ڏاڍ تي،
ڇوي ڪير تن کي، ڪريو ڪجهہ نياءُ.
وڄهي آهہ ڏهڪاءُ پنهنجن ڏنو،
سُکن ساڻ ساون اچي پيو تہ تاءُ.
ڏکئي وقت جو هي عجب آهہ رنگ،
وطن سان وڙهي ٿو وطن جو وياءُ.
جبل جاڙ "صائب" نہ ڪئن ات ڪري،
جتي سمجهي ماڻهو نہ ماڻهوءَ کي ياءُ.

## اثر

چريا چار ڳالهيون ڪري ٿا وڃن،
انهن مان ڇڳين تي عمل پئل ڪريو.
الائي هو ڳالهين ۾ ڪهڙو اثر،
ڪيو آهہ، جنهن اڄ، سڀنون کي چريو.

اسان جو ڪجهه ۽ هنن جو اٿڻ،
هئا يار ويٺا اڳي ٿي پريو.

سخن سنج، محفل وڏي ڳالهه ها،
اسان ڪي انهن مان نه ڪجهه پيو وريو.

هنن جي نظر ۾ ته ڪوتاهه بين،
ڏسيو واٽ اوجهڙ وڃن ٿا مريو.

جتي جاه و مطلب جي بازي لڳي،
اتي چار چگرا پون ٿا ڪريو.

جتي يار سان ٿي ٿئي گفتگو،
اتان نينهن وارن ڪي نشو سريو.

جتي يار اچڻو آهي روبرو،
اتي خود جبل پي وڃن ٿا ٻريو.

سڙي جيڪي سرمو ٿا "صائب" ٿين،
انهن وٽ ته قول و قرار آ پريو.

## جزا جي سزا

اتي پڻ ٿو انسان پهچي وڃي،
جتي نر پکي ٿو هڪلجي سدا.

اچي شل نه پنهنجيءَ تي ڪارو مٿو،
ڪڏهن هن ٻه ڏونگر ٿي ڏاري وڏا.

ڪندو يار ۽ پوءِ پريندو نه چو،
ملي سڀني کي ٿي جزا جي سزا.

## نرالو ڪردار

سيکو جاڻو، سيکو عالم،
ڪعبو سڀ جو آهي ڏار.

پنهنجي پنهنجي جاءِ آهر،
سيکنهن جو پنهنجو سنسار.

واٽون ويندڙيون ڪي ٿي ور ڏي،
رستو کهڙو ونڊي نار.

سومل، مارئي، مهٽي، ڪؤنرو،
هر ڪنهن جو نرالو ڪردار.

پنهنجي پنهنجي ڏن ۾ هر هڪ،
نت مست رهيو آ پندار.

## اهل ڪتاب

ائين ٿو پيئي چٽڪ پاڻي هجي،
ستيءَ ۾ پيل هوس ڏريان شراب.

ستياناس ڪنهن جي ڪري خوش نہ ٿي،
ڪجي چو پرايو بہ خانو خراب.

هتي يار ارڏا هلي ڏک ڏين،
هٿي ڪين ڏيٺو تہ آهي جواب.

مٽڪڻ جي پڇائي جنهين شيخ آهي،
آهو ڪيئن پچڻ کان ڪري اجتناب.

تڏهن سج سوا نيزي تي ٿو اچي،
جڏهن يار ٿيندو آهي بي حجاب.

نياڻي گهرو ٿا، نياڻي وچو،
هتي آهہ جائز تہ اهل ڪتاب.

## بگڙيل آوي

روايت، حقيقت جو ات روپ ورتو،
جتي معتبر ناهہ ڪوئي بہ راوي.

آتي ڪهڙو آٽي سڌارو ٿو سگهجي،
جتي آهہ بگڙيل تہ آويءَ جي آوي.

## ڳلي جو هار

ملي علم ٿو عالمن وٽ سدائين،
اسين تن جي سامهون، ننڍا ٻار آهيون.

پرائڻ گهرون، سو پرائي سگهون ٿا،
جو هاڻي اسين فعل مختار آهيون.

نڌي ۽ وڏي تي نه آ منحصر ڪجهه،
ڏندين ڏاند آهيون، نه ڪو ٻار آهيون.

جي ماضيءَ ۾ نالو ڪڍيوسين ته پوءِ اڄ،
سبب ڪهڙي قومن ۾ هيڻن خوار آهيون،

ڪنيوسين جڏهن فڪر و فن ڪي هٿن ۾،
ٿيا چنڊ جان آپ تي نروار آهيون.

اسان ڪي زماني جڏهن پاڻ پر ڪيو،
تڏهن ڪان ڳلي جو سندس هار آهيون.

## سوائي

سيڪو ٿو سير سمجهي، آهي نه پاءُ ڪوئي،
چاڙي نه چاڙي ليڪن، وڌندي وڃي وڏائي؛
نشي جو ڏونگ آهي، ظاهر ظهور، يارو،
سرشار ٿئي نه ٿئي پر گهرجيس ٿي سوائي.

## زماني جا هاچا

ڪڏهن يا ته شهزور شاهين هئاسين،
زبان زد فسانا هئا پنهنجي ٻل جا؛
زماني جي هاچن ڪمر آهه ٽوڙي،
وگرنه هئاسين نه جهل جا، نه پل جا.

## عشق سندي سرڪ

سڄڻ ويا تہ ڦٽي نند، ڪيڻ هاڻ سسئي جنڊ،
آهي ڏينهن آهي شينهن، وري اک نہ لڳي آهہ؛
اسان عشق سندي سرڪ چکي آهہ، چکي آهہ،
ڪڍي ڦيهہ، ڏٺي ڏيهہ، وريو ڪيس سگر ناهہ.

## واقفِ احسان

اي ذات گرامي، تــو ڪنيو آهہ ڇــو پردو؟
او گهڙ جي ڍڪين ها تہ ٿئي ها نہ ڪو نقصان؛
هن طرح تباهي نــہ اچي ها، نہ سچي ها،
اي ڪاش، هجين ها تون ذرو واقفِ احسان.

## منزل

پاند اٽڪيو زندگيءَ ۾ آهہ اهڙن سان اچي،
ڪين ٿيندي آهہ يارو جن ڏٺي ماني نصيب؛
پر نپايو ٿا وڃون تن سان بہ تنهنجي ئي ڪري،
تنهنجي حڪمن تي هلڻ سان، سن ٿئي منزل قريب.

## پاڪيزگي

ســنـڌ تنهنجي سادگي ۽ سونهن سوڀيا ۽ سپت،
سي مثالي آهہ، جنهن جو آهہ هر هنڌ هاءِ ڪال؛
آهہ سنڌي زنــدگي ڇــا، پــاڪدامن، پــاڪباز،
جنهن وطن کي آ ڏني پاڪيزگي، مارئيءَ مثال.

## نباهہ

چست ۽ چــالاڪ آهــي قــوم جــو ســو رهنما،
جنهن وڏي ڪاريگريءَ سان آ ڪيو سڀ کي تباهہ؛
زيرڪي اهڙي اچي ها قوم کي ڏاڍي تہ ڪم،
فرد اهڙا جي ڪري ڇاڏن ها پنهنجن سان نباهہ.

## معصوم صورت

آهي جا معصوم صورت هن زماني ساز جي،
تنهن منجها ئي مت، ڪري گمره ڇڏيو سارو جهان؛
ورنه هيڏي گمرهي ڪيئن عقل تي پاڇو وجهي،
ٿي وچن ورنه نه حسن و عشق پيئي بدگمان.

## ٻولي

سدائين سنڌ ويچاري ڪري دانهون پڪاريندي،
چوي ٿي، منهنجي ٻوليءَ تي نه هڻجو ضرب ڪاري؛
وطن ۽ قوم، ٻوليءَ سان ٻڌل آهن، ٻڌي ڇڏجو،
انهيءَ تي منحصر آهي، ترقي يا ڪه بيداري.

## ڪريم جو ڪرم

سچو ملڪ سائو اچي ٿو نظر،
لڪل گنج ڌرتيءَ جو ظاهر ٿيو؛
وسايو ڪرم سان آهي ڪريم،
وسڻ جو وڌو فائدو اٿميو.

## بي لوث خدمت

مون گهڙا جن جا پريا، سي ٻه آيا ڪين ڪم،
هٿ مٿي تي ٿا اچن، هي حال يارن جا ڏسي؛
ڪر ڀلي خدمت مگر، بي لوث ٿي تون پير پر،
ڇڏ چڱائي ڪين پنهنجي، ڪم هڇارن جا ڏسي.

## ڪانئر

هٺي هام ڏادي، هو ميدان ۾ نڪتو،
پڳو ليڪ، ڪانئر هو لاشا لتاڙي؛
ٻناڪن تي ڪنهن جي ڪڏهن ڪين لڳجو،
متان وقت سر ڪو ڇڏي هانءُ ساڙي.

## سادگي

عمر ڪان جنهن جي تون واقف، ڏند تنهن جا ڪيم ڏس،
غير سونو تي پوي، تہ بہ پروسو ان تي نہ ڪر؛
نقش تنهنجي زندگيءَ جا چو نہ آيري هٿ سگهيا،
سادگيءَ جو تي شڪار ۽ سادگيءَ ۾ ڪين مر.

## نصيحت

قرآن جو جامو ڍڪين يا تون فرشتو تي اچين،
تہ بہ ڪجهہ نہ ورندءِ، جي ٿئين تون هڪ دفعو نامعتبر؛
حاصل ڪري سگهندي نہ ڪجهہ هن بزم مان، اهڙو وهلي،
سمجهو سجڻ جي لاءِ هيءَ آهي نصيحت مختصر.

## پَرَوَس

هن تپايو آهہ سڀ ڪي، وائڙيون ڳالهيون ڪري،
وٽ ڪان ٻاهر چاڙهي آيو آهہ سا ئي، يار اج؛
ڪنهن جي دنيا ڪي ڏسون ۽ ڪنهن جي ڳالهين ڪي ٻڌون،
ناهہ جيڪو پنهنجي وس، تنهن تي نہ ڪائو خار اج.

## منصوبا

ياءُ دشمن ياءُ جو ٿيندي تہ ويرم ڪانہ ٿئي،
ڪهڙو اچرج آهہ جو ميرن جي گهر مان تي ڦٽي؛
لوڀ لالچ نامناسب، اج ڏئي ڪنهن فرد ڪي،
غير منهنجي گهر اچي، پوءِ ڪيئن نہ منصوبا سٽي.

## قطعہ تاريخ رحلت مراد علي "ڪاظم"

اوچتو مون ڪي مليو اج، سنڌ جو شاعر رشيد*،
جنهن ٻڌايو رحلتِ "ڪاظم" جو حالِ پُرمحن؛
سرزمينِ سنڌ ۾ "ڪاظم" غزل جو بادشاهہ،
دسترس ۾ جنهن جي ها، بيشڪ زبان و شعر و فن؛

* رشيد لاشاري

ڪيئن نہ ٿيندو پوءِ منهنجي ملڪ ۾ قحط الرجال،
موڪلائيندا وڃن، شڪّر دهان، شيرين سخن؛
ڪيترو رهندا هتي فنڪار، عالم ۽ اديب،
موت جو پيو ذائقو آخر تہ چکڻو ٿيو اٿن؛
دل چيو ”صائب“ لکان تاريخ رحلت جي مگر،
خود ڪيو نوڪ قلم تحرير ”سرتاج ـ سخن.“

۱۳۷۴ھ

## قطعہ تاريخ بر وفات ”حافظ“ حيات شاهہ

ڏٺم خواب ۾ ”حافظ“ خوش بيان کي،
ٿيو پاڻ تشريف فرما بہ جنت؛
پڇيم سال رحلت جو هاتف کان ان دم،
خوشيءَ مان چيائين تہ ”آغوش رحمت.“

۱۹۵۵ع

## قطعہ تاريخ وصال گل حسن ”احسن“ ڪربلائي

گلشن هستيءَ ۾ سهڻا گل ٽڙيا،
گل حسن تن ۾ هو ليڪن بهترين؛
شاعر و تاريخدان، چاڻو اديب،
تا چون تنهن کي سڀئي باليقين؛
آهہ اڪيلو ئي سنڌ ۾ قحطالرجال،
پيا وڃن ويتر لڏي يار متين؛
داغ حسرت جي ڪري، اي گل، ٿيون،
چشم پُرنم ۽ دليون اندوهگين؛
بار غم کان ماٺ ۾ ”صائب“ هيس،
تا ڏنو پيغام جبريل امين.
ڪاڪ ڪر، ”احسن“ جولڪ سال وصال:
”جنت الفردوس ۾ ٿيو جاگزين.“

۱۳۸۱ھ

## قطعهٔ تاريخ رحلت
## مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. "بلبل"

ڪنهن جي وچڙ تي آهي، گلشن ۾ رنج ايڏو؟
هرڪنهن جو منهن چمن ۾ ڪھڙو نہ زرد آهي؛
اڄ دردمند گذري، سيني کي ڏک ڏنو آ،
معلوم تو ٿئي هن دنيا ۾ درد آهي؛
ديرينہ، با مروت، سنجيده ڪو "ضيا" هو؛
شاعر، اديب، ساٿي، جهڙس نہ فرد آهي؛
"بلبل" جي هو نشاني، ميهڙ جي گلرخن ۾،
گلشن حقيقتاً هڪ تصوير درد آهي؛
از ارض تا فلڪ چا، چا مير جو غضب آ،
دنيا اڏائي ڪنهن جي ڪنهن جي نہ گرد آهي؛
فاني جهان آهي، هرڪنهن کي آهہ هلڻو،
"واصف"، "ضيا"، "نظامي" يا يزد جرد آهي؛
سال وصال پڇندي، هاتف چيو "ضيا" لئہ:
"باغ جنان ۾ آيو، تز نيڪ مرد آهي."

---

١٩٦٦ع

## قطعهٔ تاريخ وصال رشيد احمد لاشاري

هم صفت هو غريب شاعر،
جهڪايو جنهن کي نہ بار دولت؛
اهو هو نقد سخن جو ڄاڻو،
فلڪ نہ جنهن سان ڇڏي عداوت؛
جهڪايو سر ڪين هن بہ ليڪن،
چيائين سچ تي بہ صد صداقت؛
مخالفن جو رهي مخالف،
مڃائي پنهنجي ويو هو عظمت؛

تمام عمر عزيز ڳاري،
ڪندو رهيو هو ادب جي خدمت؛
ادب جي تطهير تي گهريائين،
ادب جو عاشق هو پاڪ طينت*؛
دعا اسان جي به آهه "صائب"،
هجي مٿس شل خدا جي رحمت*؛
ڪنيو نه ڪنئي جهڙو ساهه يارو،
ملي وئو، آهه دم غنيمت؛
اسان کي هلٽو ائين ٿي آهي،
ڪري ويو جيئن رشيد رحلت؛
رشيد احمد جي زندگي هئي،
ته چئبو "جُهدِ غريقِ رحمت".

۱۹۷۰ع

## قطعهٔ تاريخ رحلت غلام محمد "گرامي"

اڄ وري آيو دل تي "گرامي" هُري.
رب جنهن کي عطا دور رس ڪئي نگاهه؛
نڪته دان، نڪته بين، نڪته ور، نڪته رس،
باخبر، ديده ور، سنڌ جو خير خواهه؛
هن جي تحرير جو رنگ پنهنجو هو،
نثر ۽ نظم جو هو مگر شهنشاهه؛
هر طرف ٿي لڙيو ۽ لڙيو چؤمکي،
هو روان ۽ دوان سيل هڪ بي پناهه؛
نانءُ جنهن جو غلامِ محمّد هيو،
تنهن جهڪائي وڏا، علم جا بادشاهه؛

* "خدا رحمت ڪند اين عاشقانِ پاڪ طينت را".

وقت هن کي بہ آخر جهڪائي وڌو،
هن چڏي بي بقا، پرڪشش سبز گاهہ؛
۽ وٺي مات ۾ وات سا ئي ويو،
آهہ سيڪنهن جي لئہ جا گهڙيل شاهراهہ؛
موت ڪنهن کي ڇڏيو دهر ۾ ڪين ڪي،
موت پوين جي لئہ آهہ هڪ انتباهہ؛
موت کان ڪو مفر ناهہ ڪنهن کي مگر،
ياد ڪوڪو رهيو، موت کان پوءِ آهہ؛
ياد جي ٿا اچن، ياد جي ٿا رهن،
هو "گرامي" انهن مان ئي هڪڙو پساهہ؛
فڪر تاريخ رحلت ڪيم، ٿي ندا:
ڪرِ قلم، لک تہ هو "نغز گو بادشاهہ"۔

۱۳۹٦ هہ

## ٻي تاريخ رحلت

خدا بخشيش "ڪا آغوش رحمت"۔

۱۹۷٦ع

## ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"
## جي وصال جو قطعہ تاريخ

مون ڪيو تاريخ رحلت تي اچا "صائب" ٿي غور،
آسمان دل منجهان آواز آيو بي مثال؛
هاتف غيبيءَ "خليل" بي نوا لئہ پئي چيو،
"آهہ رشڪ باغ جنت"، هن جي تاريخ وصال۔

۱۹۸۲ع

ان کان وڌ انسان لئہ، اعزاز ٻيو ڪهڙو کپي،
رشڪ لئہ جنهن جي هو آيو، باغ جنت کي خيال۔

## گيت

نانگو نينهن کيو آ جن کي،
تن وٽ آهي نينهن پچار.

## موت مسافر سپرين!

تنهنجي طعنن ماري آهيان،
پاڙي ۾ چڻ ڌاري آهيان،
پياري پياري ناري هوندي،
عيبن هاڻي، ڪاري آهيان—
موت مسافر سپرين!

سانوڻ آيو، پاڻي برسيو،
بر جو ٻوٽو ٻوٽو ورسيو،
هنجون هاريان، ڳوڙها ڳاريان،
ساجن تو لئه ترسيو ترسيو—
موت مسافر سپرين!

موسم بدلي، ڪونجون آيون،
ساريون ڏسجن سايون سايون،
لا بارن تي وينديون آهن،
ڏونگا ڏينديون پنهنجون پرايون—
موت مسافر سپرين!

راهون ڏسندي، راتيون گهاريم،
واٽن تي ئي، باهيون ٻاريم،
پانڌيڙن ڪان پار پڇائي،
تارن کي ئي پار اڪاريم—
موت مسافر سپرين!

وار وڇايم، تو لئه، ساجن،
پير پڇايم تو لئه، ساجن،
پاند ڳچيءَ ۾ پائي پائي،
فال وجهايم تو لئه، ساجن—
موت مسافر سپرين!

تو تہ چيو هو، جلدي ايندس،
پاڻي وعدي سڀ ڪي ڏيندس،
ڪوڙ منجهان جي قول ڪياسين،
سي پاريندي سرهو ٿيندس—
موٽ مسافر سپرين!

## ٻره ڦلي ٻريات، ٻلي اڄ

سڪ سان گذري سانجهي ويئي،
ماڻهن ليکي آئين پيهي،
تون نہ آئين پير پري پر،
آئي تنهنجي ياد، پيارا،
آئي تنهنجي ياد...

تنهنجي منهنجي ڦوهہ جواني،
چنچل دلڙيون، رت مستاني،
آءٌ تہ گذجي حال ونڊيون، ۽
لهہ پرينءَ جي سار، او سهڻا،
لهہ پرينءَ جي سار...

دل جي مکڙي هاڻ کلي آ،
شايد، منڙا، هير گهلي آ،
جنهن مان سمجهان ٿي، اي ساٿي،
آهن تنهنجي پار، اچڻ جا،
آهن تنهنجي پار...

صبح سعيا ڳي ڪانگو آيو،
نياپو آهي جنهن پهچايو،
چاڻ تہ آيو سر جو سائين،
دلڙي ٿيندي شاد، سکي ري،
دلڙي ٿيندي شاد...

گهر ڪي ناهيم، خوشبو ٻاريم،
سيج گلن جي پڻ سينگاريم،
هاڻي پاڙيوار يون، گڏجي
هلجو مون سان پار، ماڻ لئه،
هلجو مون سان پار....

موڙ ستي جو گهر ۾ آيو،
ڳيچ سهيليون ڳايو ڳايو،
سانگ پريو ۽ جهمريون پايو،
پرهه ڦٽي پريات، ٻلي اڄ،
پرهه ڦٽي پريات....

## سکيءَ جي ياد

تو لاءِ منهنجو من گهري ٿو،
تو بن منهنجو جيءُ جهري ٿو،
شال هجين آباد، سکي ري،
اڄ ٻه اچي ٿو ياد...

ٻال جتيءَ جو سهڻو سرچڻ،
جهٽ ۾ جهيڙو، ڪين ۾ پرچڻ،
اڄ ٻه اچي ٿو ياد، سکي ري،
اڄ ٻه اچي ٿو ياد....

کهڙي ويلي پاڻ اڙايم،
جيون ساريءَ جنڊ جلايم،
چڻڪ ٻري پئي لاٽ، سکي ري،
چڻڪ ٻري پئي لاٽ....

تون ٻه ٻين جي وس ۾ آهين،
پاڻ وهيٺي ڪنهن پر ناهين،
توتي ناهه ميار، سکي ري،
توتي ناهه ميار....

پاڻ ۾ قابو، سات ۾ قابو،
قيد ۾ آهي شايد جادو،
هاءِ سڙيءَ جا ياڳ، سکي ري،
هاءِ سڙيءَ جا ياڳ....

ڏيل ڏکي تو، جان جلي ٿي،
کنهن جي ڪائي ڪانم هلي ٿي،
ڪيئن ڏجي ڪا دانهن، سکي ري-
ڪيئن ڏجي ڪا دانهن....

ديس ڇڏي جي پرديس ويا،
تن لئي جوڳي هيءَ آهي سزا،
ورهه وڇوڙو هاءِ، سکي ري،
ورهه وڇوڙو هاءِ....

مولا! ميلي تن ساڻ وري،
جن لئه دلڙي آهه ڇري،
تات اهائي تار، سکي ري،
تات اهائي تار....

## آءُ هلي هڪ وار

تون نا ايندين، توکي چاهي،
حال اسان جو هيٺو آهي،
دل کي کنهن پر ناهه قرار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

ڪاڪ تي کنهن کي کهل نه آئي،
ظالم اهڙي سهل نه آئي،
راڻا ٿيندس توتان نثار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

حسن جواني آهي فاني،
ٻڌبي رهبي رام ڪهاني،
ڇا جي جيت ۽ ڇا جي هار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

ماڻهن جي مت ڪوڙي وٺبي،
جهڙي ڏيندا، تهڙي وٺبي،
پنهنجي من جي پاڻ پچار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

ايڏهين سيڪو آهم سوالي،
دنيا آهي تيرهن تالي،
ڏارين سان ڇا سُهندو پيار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

تنهنجي ايندي روح ٺري ٿو،
چوڏهينءَ جو جڻ چنڊ ڪري ٿو،
جندڙي ٿيندي باغ بهار:
آءُ هاي هڪوار، او سهڻا!

نيڻ اوهان جا، ڪنول ڪٽوريون،
تڙڪن جر ۾ جڻ ڪي گوريون،
ڦڙي ڦڙي ۾ ڳولين پيار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

صبح سويري آهن تياريون،
بر ۾ ڪهڙيون باهيون ٻاريون،
ڪوچ ڪرڻ لئه آهيون تيار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

سڪندي سڪندي، مينهن اچي ويا،
سانوڻ جا هي ڏينهن اچي ويا،
هاڻي ڏيندس ڪانـ ميار:
آءُ هلي هڪوار، او سهڻا!

## سونهن ڪيا سينگار

سونهن ڪيا سينگار سهسين،
سونهن ڪيا سينگار.

لب تي لالي، ڪن ۾ قول،
نڪ ۾ قلڙي، ڳل ۾ هار،
تلڪ نرڙ تي، بانڪي نار-
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

نيڻ نماڻا، ڏيمي چال،
ڪونج ڳچيءَ ۾ هيرن هار،
سون مڙاهيل سهڻا وار-
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

جان جسي جو ڳهرجي خير،
ابرو آهن خنجر ڌار،
نوڪِ سنان جيئن، پنبڻين ڪار-
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

ڪهڙا هن جا هوندا پار،
محب مٺو، نڪ آميءَ ڦار،
زلف سڄڻ جا لهريدار-
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

دل تي هٿڙو، من ۾ ٻول،
هردي اندر ڪي ويچار،
ساجن تنهنجي هئي ڪا سار ـ
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

جل ۾ جرڪيا نيل ڪنول،
چوڏس ۾ چڻ چنچل پار،
معصومن جا کهڙا پار ـ
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

منڙي مڪڙي منهنجا ڍول،
دل جي آتت، من جا تار،
ساهه سيباڻا، گل انار ـ
سونهن ڪيا سينگار سهسين....

## آڳ لڳي جا اندر ۾

آڳ لڳي جا اندر ۾،
سا پيئنر ڇاڻو ڪيئن!

جيءُ جلي ٿو، هانءُ ٻڏي اِٿو،
ڪؤنتل دل جو، ڪين ڪُڏي ٿو،
اندر وارو پاڻ ٽڏي ٿو،
ويهي ڪنهن سان سور سليان،
قصو ٽيندو ڪيئن ـــ
آڳ لڳي جا اندر ۾....

ميهڻا ڏيندي ڪير مڙي ٿو،
ڪير گهري ٿو، ڪير جڙي ٿو،

ڪير سگهو آ، ڪير چڙي ٿو،
ڪنهن جي ڪارڻ ميت ملي،
قصو ٿيندو ڪيئن —
آڳ لڳي جا اندر ۾....

سنگ سياپا کهڙا جوڙيان،
ڇا ڇا ساٿيان، ڇا ڇا ڇوڙيان،
ڪئي جو ڪيتو پيئي لوڙيان،
ڇا ڪان ڇا ڪان پاڙ پليان،
قصو ٿيندو ڪيئن —
آڳ لڳي جا اندر ۾....

ديس پنهل جي ڇاڻ نه ڪائي،
وات وندر جي ڪنهن کي آئي،
وڙيندي ڪا ڇائي پرائي،
ڪنهن سان ڪنهن سان پاڙ رليان،
قصو ٿيندو ڪيئن —
آڳ لڳي جا اندر ۾....

راتي رُسندي دير نه لائي،
ڪنهن نه ڪئي هئي لائي ڇائي،
ياڳ ۾ هئي سا اڳيان آئي،
ڏک جون تريون ويٺي مليان،
قصو ٿيندو ڪيئن —
آڳ لڳي جا اندر ۾....

## حال اندر جو

حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

دل ۾ دو نهان دکندا رهندا،
زخم جگر جا ڏکندا رهندا،

ٽانڊي وانگر ٻڪندا رهندا،
ڳالهه ڪا چوري هوريان هوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

انڌير، ستم ۽ ظلم، جفا،
ڪافور ويو ٿي خوفِ خدا،
هڪ ٻئي ڪان آهي سيڪو جفا،
دل جون تارون چوري چوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

پيلي پوتي، پيلا موتي،
ڏسندي رهجي وئي سرسوتي،
رقص و مسرت ۾ آ گيتي،
گيت خوشيءَ جا ٽڪيان توريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

ڦٽ ڦٽيل جا چڙندا رهندا،
دل جا چيرا جڙندا رهندا،
ياريءَ ۾ هو مڙندا رهندا،
ڪنهن تان سرڙو گهوليان گهوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

نينهن جا آهن نيش نيارا،
پيار جا آهن پهلو پيارا،
ناهن هتڙي وارا چمارا،
جهنگ جبل جو ووڙيان ڏوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

رات ڪـنـي آ، پرهه ڦـٽـي آ،
تارن جـي پـڻ جـنـد ڇـٽـي آ،
فڪر جـي راتـي ڇاڻ پـٽـي آ،
ڪهڙا ويهي سـرنـدا سوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان؟

## نجهري ۾ ڪا نار

ويـچـارن ۾ ورتـل آهـي،
نجـهري ۾ ڪـا نـارـ الا ۔

وار وچايو سـوچـي ويٺي،
لـڙڪ وهـايو لوچي ويٺي،
ويـچـارن ۾ ورتـل آهي ....

دل جـو دل ۾ روئيندي آ،
ڪنهن کي ڪين ڪي لوئيندي آ،
ڇٽڪ سدائين پـرتل آهي....

وَر جـي آهي نيڪ پچارڻ،
گهر جي آهي سگهڙ ۽ سانئڻ،
پنهنجن سان ئي سرتل آهي ....

مارن کي تـي پيچ پياري،
ڳولهي ڦولهي، ساري نهاري،
ڪيس نه ڪائي جهل پل آهي....

سانجهيءَ ٽاٽي ڇانور سوئي،
شيلاني چـڻ مـوتـي پوئي،
پنهنجي ڪم ۾ پهتل آهي ....

وچٽيءَ وانـگي ورندي آهي،
بـود ۾ پرجي ٺرندي آهي،
لهرن جي چڻ ته آچل آهي ....

همت هاري ڪين ڪي جاٺي،
لالچ ۾ تنهن ڪير ٿو آڻي،
گرچ ڏسڻ ۾ نرٻل آهي....

## ملاحن جو گيت

ملاحو، هي منجهڌار،
جاڳو جاڳو، ٿيو هوشيار،
وهٽي ناهي ڪِين بيڪار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

گونگو پاڻي، واءُ اٿائو،
ڪرٿو سپ ڪم آهم سٽائو،
ڪٽڻو پوندو سر تي بار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

ننڊ نديءَ ڪي، پاڻي جاڳي،
ڪشتي ٿلڪي، انسان جهاڳي،
وڻجارن جو واءُ مدار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

مڪڙي سڌ ۾، سير جي لاهي،
اوڀارو اڄ هلڻو آهي،
ويڻو ڪڻ ۽ پاڻ سنڀار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

پاڻي پاڻي ڇوليون ڇڙَ،
ڪنهن جي منهن تي ناهن سڙَ،
سرهو ٿيندي هل هن پار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

ساٿين آهن سڀُهه سنيپايا،
لوڏا آيا، ڏوڏا آيا،
تيندا نيٺ تهِ پيڙا پار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

مينهن جو ڇوهو ڇاڻ ڪي آيو،
رنگ رنگيءَ پڻ آهي لايو،
ڪاري ڪڪري ڪارونيار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

نبري ويندو وقت ڏکيو پڻ،
ٿيندو هرڪو وڃي سکيو پڻ،
نيت رکڻي آهه نبار،
ڪوشش ڪرڻي آهي يار.

## وڻجارن جي وات ڏسي

وڻجارن جي وات ڏسي،
لاهي مُٺي اڄ آس چڪي.

مايوسين کيو مات جني،
روئندي تن کئي پيچ پني،
آهه وڳر کان ڪونج ڇني،
سوٽيو ناهي ڪو وَر وني:
وڻجارن جي وات ڏسي،
لاهي مُٺي اڄ آس چڪي.

ڪاند ڪنديءَ تي ڪنهن ٿي ڳوليو،
ڪين ڏٺو ٿي ڪنهن جو ڍوليو،
آيل آهيو، ڏِس تان، ٻوليو،
ڪنهن جي ڪنهن جي آس پني:
وڻجارن جي وات ڏسي،
لاهي مُٺي اڄ آس چڪي.

ساٿين جا ميڙ تي آيا،
اميدن جا چمڪيا چارا،
شام سويري تو تي دريا،
پوچارن جا پاٽ پسي:
وڻجارن جي واٽ ڏسي،
لاهي مُنهنجي اڄ آس چڪي.

هرڪا سر جي سائينءَ سان،
لاڏ ڪري پئي لاڏ منجهان،
جهڙس ناهي منجهه جهان،
ڪنهن لئہ پر ڪا آهہ ڪمي:
وڻجارن جي واٽ ڏسي،
لاهي مُنهنجي اڄ آس چڪي.

سرت وندي ساٿيهہ ۾ هئي،
ڏاهي ساري ڏيههہ ۾ هئي،
اهڙي ڪانہ ڪا ڏيهہ ۾ هئي،
مرڳو تي پئي آهہ چري:
وڻجارن جي واٽ ڏسي،
لاهي مُنهنجي اڄ آس چڪي.

ڪنهن ڪي چشمن تي چائي،
ڪنهن ڪي سيني سان لائي،
ڪنهن لئہ پنهنجا وار وچائي،
جنهن لئہ پيڙي آئي نہ آئي:
وڻجارن جي واٽ ڏسي،
لاهي مُنهنجي اڄ آس چڪي.

●

(راڌا ڪرشن جي تصوير کي ڏسي)

وري اڇي کو مکڻ چور!
جيون جوت جلائي،
من من پريائي،
دل وندرائي،
وري اڇي کو مکڻ چور!

سڙان پچان ٿي دل جو دل ۾،
اندر جهاتي پائي،
کو نيڻ جهڪائي،
سر نوڙائي،
وري اڇي کو مکڻ چور!

چانڊوڪيءَ ۾ دل ٿي ريجهي،
ڳالهه سڙئي کا آهي،
او ٿاهه نه ٿاهي،
هين کي چاهي،
وري اڇي کو مکڻ چور!

ڪنول ڪنوريون پرجي آيون،
دلڙي داغ لڳائي،
کي سانگ رچائي،
جگ پرچائي،
وري اڇي کو مکڻ چور!

جنم جنم جو ساٿ ڏيڻ لئہ،
پنھنجو پاڻ اڪائي،
ھر ھنڌ لڪائي،
درجا پائي،
وري اچي ڪو مکڻ چور...

ڪليءَ ڪليءَ تي ٻڌجي ڀؤنر،
وچتر رنگ رچائي،
جيوت رس ڏائي،
ٿو ڀنيلائي،
وري اچي ڪو مکڻ چور...

ازل ابد جون رانديون ڪيڏي،
ڪڙو ڪڙي ۾ پائي،
عقده پاڻ ٻڌائي،
ٿو ريجھائي،
وري اچي ڪو مکڻ چور...

## آشا ديپ جلايم

آشا جا پئي ديپ جلايم،
مندر مندر پاڻ ڦرايم،
من کي مالڪ ميت ملائي.

ٺاڪر پوڄيم، ٺاڪر ٺاھيم،
گھر گھر دانھيم، در در ڪاھيم،
من کي پنھنجو پال پلائي،
من کي مالڪ ميت ملائي.

پاٺ پڙھايم، تيرٿ پيئيم،
پنھنجي ھستي پاڻھي ميٽيم،
ٿل کي بگڙي منھنجي بنائي،
من کي مالڪ ميت ملائي.

دڳ دڳ تي ڪئي شمعون ٻاري،
راهون روشن ڪيڙم ساري،
شل ڪو منهنجو ياڳ پرائي،
من کو مالڪ ميت ملائي.

پنڊت ڪوڙا، پنڊا ڪوڙا،
مٿين سوڙها، ڪوڙا سوڙا،
تن پڻ چڊيا دام وڇائي،
من کو مالڪ ميت ملائي.

ڪهڙا سجندا سکيون سانگ،
سيندر سان ڪيئن پربي مانگ،
پيئي دنيا ڏيل ڏکائي،
من کو مالڪ ميت ملائي.

ڪامڻ ڪي آ پريت پياري،
پريت جي آ ريت نياري،
شل اڄ پيتم واڳ ورائي.
من کو مالڪ ميت ملائي.

## نينهن پچار

نانگو نينهن ڪيو آ جن کي،
تن وٽ آهي نينهن پچار.

گل ۽ بلبل، چنڊ چڪوري،
راٺو ڏاهو، سومل پوري،
جندڙي ڪنهن تي ڪنهن تان گهوري،
نينهن ڪيو نروار سڀ کي،
نينهن ڪيو نروار.

نوريءَ جو اڄ ڪو نانءُ ڪٿي،
ڪينجهر جي سادي لهر ٻٽي،
ڇام تماچي ٽيو شهر ڏٺي،
نينهن ڪيو نروار سڀ ڪي،
نينهن ڪيو نروار.

صوفي ڪنهن جي ساک پري ٿو،
جوڳي ڪنهن لئه جوڳ ڪري ٿو،
کهڙو ڪارج، ڪنهن ڪي سري ٿو،
نينهن ڪيو نروار سڀ ڪي،
نينهن ڪيو نروار.

تاڙي ڪي ٻي تات نہ ڪائي،
مارن ڪي ٻي وات نہ وائي،
ڪنهن ڪي ڪنهن جي مات نہ آئي،
نينهن ڪيو نروار سڀ ڪي،
نينهن ڪيو نروار.

چاڪ چنيسر سان ٿي ٽيندا،
هيرا ٻڻجي هار جي ايندا،
لوڀ ۽ لالچ ڪي وَرَ نيندا،
نينهن ڪيو نروار سڀ ڪي،
نينهن ڪيو نروار.

ساز اڳيان ڪو سيس نوائي،
ڪرڙ وجهائي، ڪنڌ ڪپائي،
چارڻ من جون مرادون پائي،
نينهن ڪيو نروار سڀ ڪي،
نينهن ڪيو نروار.

مجنون بڻجي، ليلى بڻجي،
وامق بڻجي، عذرا بڻجي،
قيس ڇا بڻجي، لبنى بڻجي،
نينهن کيو نروار سڀ کي،
نينهن کيو نروار.

—

# ٽُڪِڙا

ديس تي چاڙهيو ويو اڄ آهه، لاديني غلاف،
سچ لڪائي صاحبِ فن، ڪوڙ ڪن ٿا آشڪار،
تاڪ سيڪو ٿي پوي، في الحال سچ جي برخلاف.

(۱)

مرڪي ماريو چاڻين،
پر پنهنجي آهہ دعا،
شال جواني ماڻين.

(۲)

مرڪي مارڻ سائين،
تنهنجي آهہ ادا پر،
جنهن سان پال پلائين.

(۳)

مرڪڻ مارڻ تو وس،
جي مارينديِن مون کي،
تہ کهڙي لڳندءِ ڪس.

(۴)

مرڪي ماريئي جن کي،
جيڻ جي جنجال جو،
ناهہ خفو ڪو تن کي.

(۵)

مرڪين يا ڪي مارين،
ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي،
ڪنهن پل مون نہ وسارين.

(٦)

مرڪي تنهنجو مارڻ،
چڻڪ مسيحا جو آ،
مردا وري جيارڻ.

(٧)

مرڪڻ سان ئي مارڻ،
آهي جڻ پارن کي،
ڏيئي تول ڏتارڻ.

(٨)

مرڪي مرڪي ماري،
آهي سهڻي سائينءَ،
چڏيو گهڻن کي ڪاري.

(٩)

مرڪڻ مارڻ جن پر،
ڪير چڏيندو تن جو،
پنهنجي مرضيءَ سان در.

(۱۰)

مارڻ لئہ جي مرڪن،
تن جي رمز پسڻ لئہ،
سدا دليون ڏڙڪن.

(۱۱)

مارڻ مَرڪ جني جو،
ملڪ ۾ مشهور ٿيو،
نالو نانءُ تني جو.

(۱۲)

مرڪي جي مارين ٿا،
سي ئي خوش ٿي هتڙي،
زندگي گهارين ٿا.

(۱۳)

مرڪيا آهن يار،
ڪريو ڪهڙي ٿا،
جيڻ جي پچار.

(١٤)

سڪ چئبي تن، جي چونگڻ* ڪان چرن،
لامڪان لاهوت ڏي رڙهندا رهن،
هوت ڏي نت هيج سان، ورندا ورن.

(١٥)

لاهوت لامڪان جي، لهجي هلي ته ڪل،
قربائتي قريب جو پسجي هلي لقاءُ،
جت هوت جو هڳاءُ، آتي آهي من آچل،

(١٦)

چونگڻ ڪي چڪاءِ، پهتا منزل ماڳ تي،
سڏڙين ڪان سواءِ، ڪئن ٿا موٽن واٽ تان،
چڻ ڪي پتنگ هئا، جي سنهري آيا آگ تي.

(١٧)

چونگڻ ڪان چلي، جي جوڳي آيا جنگ،
پسندي سي پرينءَ ڪي، ويٺا پاڻ وڃاءِ،
تن ڪي چا سماءُ، جي چاڙهي ويٺا ڏنگ.

(١٨)

جي پانڌيڙا پرينءَ جا، تن چونگڻ چا ڪندو،
نينهن نهوڙيو جن، سي پراهون پرن،
هو ڪڏهن ڪين مڙن، ڪر اٽانگو پنڌ پيو.

(١٩)

جاني منجهه جهان، آهي اسان جو آسرو،
وهجو نه واٽ تي، تنهن ڪي وساري،
قربائتا قريب تيو، وڌو اڳيرو.

---

*چونگڻ: لاهوت لامڪان جي سيني منزلن ۾ هي ڏکيو جبل آهي. چوٽي آهي ته "جن چونگڻ ڏٺو، تن لاهوت ڏٺو." سڏڙيا چونگڻ ڏسي واپس ورندا آهن ۽ لاهوت نه ويندا آهن.

(٢٠)

لالڻ لامڪان تي، پسو هوت هلي،
جلوو تنهن جمال جو، جتي جالارو،
هاڪاري حبيب جي، اتي پرت پلي.

(٢١)

لاهوتي لڏي ويا، ويئا نہ هڪڙي هنڌ،
هوجي پيا پنڌ، تن جو پرو ڪين پيو،
ماڻهن ليکي اهڙن، ڪين ڪمايو سنڌ.

(٢٢)

هُو تہ آيا هت تي پر ڪَلال هئا ڪُلال،
هت حبيبن چاتو، سي ڏسي ڪندا خيال،
انڌ اکين تي جن جي، تن پري ڏنو ضلال.

(٢٣)

چنبڊ تارا ائين ڪڙيا،
چٽڪ ٽلندي ناز سان،
حسن وارا ٿي تڙيا.

(٢٤)

سونهن لئہ سڪندا رهيا،
حسرتن سان هر جڳهہ،
باغ ۾ رلندا رهيا.

(٢٥)

ماهپارن جو غرور،
ڪن جي لئہ هن شهر ۾،
آهہ دل جو ڪو سرور.

(٢٦)

باغ ۾ آيو بهار،
حسن جي در تي لڙي،
اڄ وري آيو نکار.

(٢٧)

وقت جون وايون ڪري،
ولڙيون چڏيون آهن تہ ڪنهن،
چيا ڏنائين هٿ پري.

(٢٨)

وقت جون پابنديون،
سچ چوُ، حسنِ ازل،
ڪنهن ڪان ڪنهن ڪان ٿي پنيون.

(٢٩)

دردمندن سان دغا،
دم دلاسا ڪي ڏئي،
ڪنهن ڪئي آ، دلربا.

(٣٠)

پيرِ تسمہ پا ڪٿي،
هاڻ تنهنجي دور ۾،
پير پختا ڪيئن ڪري.

(٣١)

يادگيري يار جي،
ڪيئن نه ٻڌجي ٿي اڃي،
شڪل سهڻي دار جي.

(٣٢)

هت ڪٿي خالي ويا،
ڪئين سڪندر مثل ڪي،
ملڪ جا والي ويا.

(٣٣)

ڪنهن پري قوسي گهڙا،
هت وٺي آهي ڪيو،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا.

(٣٤)

حال ڪان مجبور ٿي،
لاهي سانگو سر سندو،
سپ آئيا منصور ٿي.

(٣٥)

پيي حقيقت جون پيڪون،
سنڌ جا فرزند آٿ،
لاهه سرمد جون سڪون.

(٣٦)

پيڙهه گهاٽي ۾ وري،
اي ستم جا شاهڪار!
ڪنهن بلاول جي سري.

(٣٧)

واديءِ سينا جي واڳ،
حالتن آهر وري،
ڪيئن نه ورتي آهه آڳ.

(٣٨)

باده و ساغر ڪٿي،
محفل مشتاق ۾،
ڪئين ويا ڏاڙا هٿي.

(٣٩)

ڪير فردوسي ٿئي،
جو وري هڪ داستان،
اڄ لکي سنڌ جو ڏئي.

(٤٠)

نير نيڻن مان وهي،
ڇا خبر کهڙي سبب،
ياد ڪنهن کي ٿو رهي.

(٤١)

مست باده خوار ها،
موت تائين واه واه،
زندگيءَ جا يار ها.

(٤٢)

اڄ ڪلالن جي ڪٿا،
ڪجهه ته چئو ڪا، دوستو،
ڪنهن کي آهي ياد ڪا.

(٤٣)

سر اڏيءَ تي ڪنهن رکيو،
ڪات جي ڪنهن ڌار تي،
خون ڪنهن جو ٿي ٻکيو.

(٤٤)

جنهن ڪنئي آهي ڪٿي،
سو خوشيءَ مان اڄ وري،
ڪيئن نه پئي وهم جي وٽي.

(۴۵)

هوش ڪر، سنڌ جا مياڻ،
توکي وڪڻڻ تا گهرن،
جام تي ڪعبي جيان.

(۴۶)

نان ۽ مقدس تا ڪٿن،
تاڪ ساده، لوح سان،
فائدو سولو وٺن.

(۴۷)

سازشن جو جار چاهه،
چڻ سياست جي اڳيان،
پالو پولو پار آهه.

(۴۸)

اڄ وري آيو بگهڙ،
خون جو پياسو آتو،
پنهنجي فن ۾ آهه پڙ.

(۴۹)

ڪير وڙهندو آهه دوست،
خون ۾ پئسي سوا،
ڪوبہ لڙندو ناهه دوست.

(۵۰)

پروسو بازن تي ڪر،
پئي تي ڪنهن پر ڪينڪي،
آسرو ڪڏهين بہ ڌر.

(۵۱)

باده خوارن جي ڪري،
ڏي نہ پنهنجي ڪي ڪڏهن،
جام ذلت جو پري.

(۵۲)

جوف خاطر ڪي جٽيا،
اڄ وجهي آيا تہ ها،
پر ڪين ڪنهن ڪي تي وٺيا.

(۵۳)

اڄ دلن جو آب چو،
آهہ يارو ويو سڪي،
سچ چئي هاٺي ڏجو.

(۵۴)

نيتون جڏهين قريون،
قسمتون تنهن ڏينهن ڪان،
ڪئن نہ قومن جون ڪريون.

(۵۵)

ڪريمن جا پڌجن تا آهن غلام*.
مگر پيٽ پوچا جي لئہ هي غريب،
ڪرڻ تا گهرن يا شورش* مدام.

---

* عبدالڪريم "شورش"

(٥٦)

چون ٿا اتر مان اٿي سرفروش،*
اشاري تي سرمايہ دارن جي اڄ،
اڇي ملڪ وڪڻي ڪندا ناؤ و نوش.

(٥٧)

نمودار ٿي آ وري "الوحيد"،**
ڪرڻ ڪم لڳي آ سنڌين جي خلاف،
اھا ڳالھ گر عقل کان ٿي بعيد.

(٥٨)

سدا ابن قاسم جي عزت ڪريون،
مگر ان جي نالي تي ڪنھن وٽ اچي،
ڏئي ملڪ و ملت چڻي ڪيئن پريون.

(٥٩)

اسان کي بہ يارو ته آھن اکيون،
پڙي ٿا ھلون ۽ ٿا سيڪجھ ڏسون،
ڏسن جي نٿا سي ھٽائن ڏکيون.

(٦٠)

ٺھي ٿو ڇا وڙھڻ يزدان پرست و اھرمن سان،
سڃاتي ناھہ تو خود ذات پنھنجيءَ جي حقيقت،
وڙھين وينو تڏھين تون مولويءَ سان، برھمڻ سان.

(٦١)

حقيقت کي وساري تو ڇڏيو آھي، ڏھاڙا ٿيا،
ھڏن ۽ ماس تي ھرڪي، اجايا چڪ ھڻين وينو،
سڪان تو ڪور مغزن وٽ اڏيو آھي، ڏھاڙا ٿيا.

---

* سرفروش تنظيم.

** جماعت اسلاميءَ، حيدرآباد مان "الوحيد" جاري ڪئي.

(٦٢)

صنم، توکي ضرورت هئي اجا ڪجھ ڪنهن نزاڪت جي،
مگر جنهن ڳالھ، قبل از وقت، توسان هيئن ڪيو آهي،
ڪرڻ ڪوشش اجا گھرجي سچڻ تنهن جي صراحت جي.

(٦٣)

وڃي اج عقل خود آرا، ڪٿي اوجهڙ پيو آهي،
مقامِ ڪبريا هن جي ته شهہ رڳ کان بہ ويجهو آ،
مگر ڳولي لهڻ ان جو، ڪس و ناڪس جو وس ناهي.

(٦٤)

نہ گل آهي، نہ گل جي پنکڙي ڏسجي ٿي گلشن ۾،
نشان ڪوئي ڇڏيو ناهي، بکاريءَ گل جي عظمت جو،
عجب آهي حسين چپ ٿي ويا، ظالم جي دامن ۾.

(٦٥)

اجا تون مطمئن ناهين، تہ تو سمجهين پاڻ کي ڌاريو،
تہ وڄ اي مهربان موٽي اتي، جت تو وطن سمجهين،
وگرنہ تي اٿي جو وڄ، جتي تو وقت آ گهاريو.

(٦٦)

وڃائي ڪشمڪش ۾ تو، اجائي عمر هت آهي،
اهائي ڪشمڪش توکي ڪٿي جو ڪين ڪي رکندي،
ڪندو ڪرهڪ منو ٿي ڪم، تون لاڳاپا مڙئي لاهي.

(٦٧)

اوهين تهذيب جا صاحب سڏايو ٿا، مگر يارو،
اوهان ۾ عظمتِ آدم جو فقدان آهہ ڇو ايڏو؟
انهيءَ تهذيب وٽ ڪيئن ڪو جهڪي انسان ويچارو.

(٦٨)

جتي فرعون هوندو آ، آتي موسيٰ بہ ٿي پوندو،
اڇي ظلمن کي ويندو آ پنجو ڪنهن پر زماني ۾،
سٽل کي جي لتاڙيو ويو، ستل هيڪر اٿي پوندو.

(٦٩)

چکيو زهر هلاهل جنهن، چون ٿا، سو مري پوندو،
مگر اهڙا به آهن، جن سدائين زهر پيتو آ:
ڏنگيل اي فرد! تن وٽ وڃ، انهن مان ڪجهه وري پوندو.

(٧٠)

بتن ساڻ آذر حرم کي ڀريو،
مگر بت براهيم ٽوڙي ڇڏيا،
بتن تي اچا ڀروسو ٿا ڪريو.

(٧١)

بتن جي خدائي هلي چار ڏينهن،
انهن تي ڀلا ڇا ڪبو اعتبار،
جي آيا نه ڪنهن ڪم، و ڻهي يار مينهن.

(٧٢)

رکي آستين ۾ بتن کي ڀلي،
خوشيءَ سان وڃي تن کي سجدو ڪريو،
اها ڳالهه پوندي اوهان جي ڳلي.

(٧٣)

بتن سان وفا ۽ خدا سان دغا،
گهڻن سان محبت ۽ هڪ ساڻ وير،
انهيءَ آ ڪيو تو ۾ پيدا خلا.

(٧٤)

بتن ۾ ڪٿي حسن پيدا ڪجي،
اڇي نيٺ ويندو انهيءَ تي زوال،
حقيقت نه پوءِ ڇو هويدا ڪجي.

(٧٥)

ڏرتيءَ جي دل روشن ٿيندي،
چاڙ رسيا ڪي مه جا ڪرڻا،
اونداهي بس گم ٿي ويندي.

(٧٦)

ارض و سما جو لاڳاپو،
ڪرڻن جي ڪا آهه لڙي،
دل جو دل سان ڳانڍاپو.

(٧٧)

جيڪي هيت ٿئي تو يار،
تنهن جو عڪس رسا ڪٿ آهه،
ناهي تنهنجي مٿي جو بار.

(٧٨)

ڌرتيءَ جا گل تارا بڻجي،
باغن ۾ ڏيندا ڏيک وڏو،
شبنم ايندي چارا بڻجي.

(٧٩)

هي عڪس اوهان جي دل جو آهه،
محسوس ٿئي ٿي ڪانه ڪمي،
رنگ تي آئي محفل جو آهه.

(٨٠)

ياران خوش بيان تي، ناهي ڪو اعتبار،
جو سادگي هنن جي پُر پيچ هوندي آهه،
هر پيچ و خم ڪي سمجهڻ، دشوار آهه يار.

(٨١)

هلئو اٿئي جهان ۾، ڏس ان جو پيچ و خم،
سمجهي وچڻ کپي تي هت هرڪا واٽ ور،
ٿيندو نہ آ سيسر هرهڪ کي جامِ جم.

(٨٢)

جي تون ڏسي سگهين ٿو، دنيا جي چال ڍال،
تہ بہ هوش سان قلم کڻ، جيئن تون نہ ٿئين ملول،
تلخ سون کي تجربا ۾ آهن ڪڙا مثال.

(٨٣)

يارن کي يار سمجهي، ضايع نہ وقت ڪر،
سيکو نہ آهہ واندو، تو لاءِ هر گهڙي،
ايندا جي ڪم ڪٽي، تہ بہ ايندا سي وقت سر.

(٨٤)

تو وٽ اچن بہ جو، تو وٽ آهہ جا رکيو،
تون هر لحاظ سان اڄ آهين ٿلهو ٺڪر،
دنيا تہ آهہ در تي ويٺي چڪيو مکيو.

(٨٥)

ڪٿي آهہ يوسف، ڪٿي ڪاروان،
سچي پائرو ڪريو ڪا ڪٿي،
اجايو ڏيو جو ٿا ڪوڙا بيان.

(٨٦)

رکي حسنِ يوسف جي گرمي جوان ٿي،
مگر تو ۾ ذوقِ زليخا تو گهرجي،
اها آهہ سادي ڪنجي امتحان جي.

(٨٧)

اڇي ٻُوءِ يوسف ٿي خود پيرهن مان،
انهيءَ کي مکي شينهن جو رت ڇا ڪندا،
وريو ناهه ورندو، اجاين يتن مان.

(٨٨)

هلي مصر، يوسف جو سودو ڪريو،
ملي ڪجهه ته ويندو ڏڪر ۾ ادا،
وڃي هونئن ٻه انسان جهان ۾ مريو.

(٨٩)

ڏسي سونهن سوڀيا ويو چرخ ٿي،
منجهايون متيون هيئن ته قدرت اٿس،
وڏي عقل، دانا، ڇڏيو هٿ وري.

(٩٠)

لڄ متان ليڙو نه لاهه ۽ اگهاڙو ڪين ٿي،
ڪين ٻاگهل ٻانهن آڇ، ٿي چنيسر جان چريو،
پت نه پنهنجي اڄ وڃاءِ، ڪڻ نه لعنت ملڪ جي.

(٩١)

ٿي نه مهٽو ملڪ لاءِ، ڪڻ نه احسان غير جو،
اڄ اڏيءَ تي سبز نه آهه، آهه غيرت سنڌ جي،
اي چنيسر، تخت لاءِ، ٿي نه نادان غير جو.

(٩٢)

تو وڃايو پاڻ وقت، تو نه پڳ سر تي ٻڌي،
توکي آيو ڪين شرم، پيٺ کي وڪڻ وئين!
بي حيا جي هر صفات، سنڌ تو ۾ آ لڌي.

(٩٣)

نـاهه دودو غـيـر نـاهه، اي چنيسر يـاد رکـ،
تخت ٿيندو تخت نيـٺ، ڪڏ نہ تختو قوم جو،
هو بہ تنهنجو آهہ پاڻ، ڪڪ نہ ٿي، ڪنهنکي نہ ڪڪ.

(٩٤)

سر ڏنـي ٿو هر سپـوت، سـنـڌ ۾ هـر سام تي،
اڄ ٿو لاهي سو جوان، جام ابڙي جون سڪون،
جو ٿـيـو قـربـان آهہ، لڄ مٿان ڪنهن نام تي.

(٩٥)

پختو پنهنجي پـر ۾ آهـي هرڪو پـوڄاري مگر،
ڪو رکي بت آستين ۾، ڪو رکي ٿو منجهہ حرم،
سڀڪو پنهنجي رنگ ۾ طي پيو ڪري پنهنجو سفر.

(٩٦)

اڄ بہ پوڄيا ٿـا وڃن هر شهر ۾ لات و منات،
اڄ بہ عزت سان ڏني ٿي خود وڃي رسمِ قديم،
ڪيئن نہ پهچي هند ۾ اڄ اوج تي ڪو سومنات.

(٩٧)

بت پرستي ڪيئن ڪري پيئي نـہ تجديدِ جنون،
روستم الڪبريٰ ڪان ويندي تا بہ ڪاشي ڏس ڪٿي،
اڄ بہ تـازو آهہ دنيا ۾ تـہ مذهب جـو فسون.

(٩٨)

ديـن تـي چاڙهيو ويـو اڄ آهہ لاديـنـي غلاف،
سچ لڪائي صاحبِ فن، ڪوڙ ڪن ٿا آشڪار،
تاڪ سيڪو تي پوي في الحال سچ جي برخلاف.

(۹۹)

آهہ پٿر جو صنم پر ڪيئن نہ تو پوڄيو وڃي!
جڻ خدا جي اڄ خدائيءَ تي نہ آهي اعتبار،
جو وري تخليق کي خالق بہ خالق تو سڏي.

(۱۰۰)

دخترِ رز، ايامِ گُل، بادِ نسيم،
جامِ جم ۽ ساقيءَ ڪمسن، حسين،
ڪيئن ملون تن سان، ڪپي خلقِ عظيم.

(۱۰۱)

چشمِ گُل ۾ آب نيسان جو ڪريو قطرو اڇي،
مهر سان موليو گُلن جي مير ڏوئي خود ڇڏي،
نرگسِ شهلا جي اک، ويئي ڏوپي صاف ٿي.

(۱۰۲)

بادهٔ گلرنگ دست ناز ۾،
جامِ جم ۾ آهہ جڻ عڪسِ بهار،
نغمهٔ رنگين لڪل هو ساز ۾

(۱۰۳)

باغ ۾ گلگشت لئہ آيو حبيب،
تي ويا رستا مڙيئي خوشگوار،
سونهن ۾ خود سونهن آهي ڪا عجيب.

(۱۰۴)

ڪو حسين آهي چمن جي آبرو،
سونهن سوڀيا جو عجب آهي اثر،
سونهن جو معيار آهي ماهرو.

(۱۰۵)

اهلِ محفل ۾ نہ شايد آهہ ڪو روشن ضمير،
پوءِ وسائل ڇو نہ ڏسبو، يار مجلس جو چراغ،
ڇا بنھہ تاريڪ آهي، حاضرينن جو خمير.

(۱۰۶)

اڄ وري ٻڌجي پئي، لن ترانيءَ جي صدا،
واديءِ ايمن ۾ آهي، اڄ بہ موسيٰ منتظر،
طور تي لاريب ٿيندو، نورِ حق جلوہ نما.

(۱۰۷)

حڪمتِ فرنگ جو مظهر اڃي سينا ٿيو،
جنھن وڌو رڌڻي ۾ رولو آهہ، اسرائيل تي،
۽ عرب محوِ طرب، غرقِ مئي و مينا ٿيو.

(۱۰۸)

عيش و عشرت جا ٿيا پتلا خراب آهن گهٽا،
پر خدا جو شڪر جو ياسر(*) صفت ٻڌجي اٿيا،
ريگزارِ واديءِ سينا ۾، غيرت جا ڪٽا.

(۱۰۹)

اي عرب جي سر زمين، حڪمتِ افرنگ پرک،
وير پنھنجن سان نہ پار، غير جي بازي ڦٽاءِ،
پاڻ ڪر پنھنجن سان ٺاهہ، آسمان جو رنگ پرک.

(۱۱۰)

افرنگ سندءِ نگاہ، دور ڪرڻ تو گهري،
آهي يرو شلم تي جا مرڪوز تي وئي،
پر تون نہ رک خيال، فلسطين ڪان پري.

---

(*) ياسر عرفات، فلسطيني مجاهد.

(١١١)

هن ڏؤر بي نقاب، ڪيو آهه غير ڪي،
هرسو بهانه باز تہ سنهري اچي پيو،
يارو، اچڻ ڏيوس تہ اڄ پرک ٿي پوي.

(١١٢)

ڏاريسن بزعم، خويش سڱون جي سٽي ڇڏيون،
تن ۾ تہ ڪامياب، هو سمجهن ٿا پاڻ کي،
پر يائرو، اچو تہ ٻچون تن جون اڄ هڏيون.

(١١٣)

جي زندگيءَ جي راهه ۾ پوکين ٿا ڪنڊا،
تن کي ڪنڊن جي نوڪ سمهاري اچڻ کپي،
رهبر تني جي خون جا، سڀ لئہ ٿين چنڊا.

(١١٤)

تن کي پري پيار پيالو پريت جو،
هاريو جني بہ زهر پيالي ۾ پرت جي،
جڳ کي پوي سماءُ تہ قاتل جي ريت جو.

(١١٥)

هلئو تہ پيو آخر، ڪنڊن جي مٿان يارو،
پيرن ۾ لڦون آهن پئجي تہ ويون ليڪن،
ويهي جي رهيا اڄ، پوءِ شايد نہ ملي وارو.

(١١٦)

ڪنڊن جون تکيون نوڪون پيرن ۾ لڦون تازيون،
منزل کي ڏسي سامهون ڪيئن تيز و کون روکيون،
هلندا بہ هلو يارو، هرگز نہ ڪريو آزيون.

(١١٧)

رڻ کي جي سڄو رت سان، ريٽو جي ڪري ويندا،
سي سور سهڻ وارا، سرواڻ سچا سڏبا،
تن جي ئي نشانن تي، پونير بہ هليا ايندا.

(١١٨)

پيرا نہ پسڻ جهڙا، تن تي ٿا هلون هيڪر،
هلڪا تہ نشان آهن، پر ڪجهہ تہ نشان آهن،
جي اوٽ وٺون تن جي، منزل تي پڄون جيڪر.

(١١٩)

بي راهہ روي ڪنهن کي ڪا راس ڪڏهن آئي،
جي راهہ وٺي هلبي، منزل تي وڃي رسبو،
ڦرندو ٿو وتي يارو، بيڪار تہ سودائي.

(١٢٠)

وڃائين ڇو ويٺو اڇا تائين چنگ،
سياست جي محلن ۾ ناهن ڏياچ،
وڏو آهي چالاڪ اهل فرنگ.

(١٢١)

سياست بہ پاريو، ڪڏهن ڪو وڃن،
وڃائين جوڳي تہ مرليون پلي،
هتي نانگ ڪونهن جو نڪري اچن.

(١٢٢)

پرن ۾ نہ هٿ هاڻ جوڳي وجهو،
تپايو نہ نانگن کي ايڏو وري،
وتو وير ڪاري، اجهوڪي اجهو.

(١٢٣)

هتن سان اهو وقت ويندو رهيو،
جڏهن هئي جهان ۾ سنڌ برتري،
اشاري تي شق، چنڊ ٿيندو رهيو.

(١٢٤)

جڏهن دل ۾ تنهنجي رهيو سوز ناهي،
تہ توتي اثر پوءِ ڀلا ڪهڙو ٿيندو،
اڄايو سڙي هاڻ تو سان ٿي راهي.

(١٢٥)

ليلي خالد* اڙجي ويئي،
چالاڪن جي چارن ۾ اڄ،
ڪاٺن ۾ سا ڪڙجي پيئي.

(١٢٦)

دشمن دودا ٻڌجي ويندا،
هڪڙي نينگر ڪي سلهاڙي،
ڏاها، ڪودا ٻڌجي ويندا.

(١٢٧)

ڪوهيارل تي ڪات ڪڙا ها،
ڪاٺ ۾ هوندي، هن پئي مشڪيو،
ويرين جا تہ ٻہ وات ڪڙا ها.

(١٢٨)

رڻ ۾ راڙو آهي ڀارو،
ناهي گهوٽن جي ڪا گهاٽي،
هر ڪو ڏيندو پنهنجو وارو.

---

* فلسطين جي هڪ مجاهده، جيڪا غير ملڪي هوائي جهاز اغوا ڪندي پڪڙجي پيئي.

(١٢٩)

آزاديءَ جـي خـاطـر اهــڙا،
سـورهيہ ڏيـنـدا سرڙا آهـن،
هتي نہ گـهـرجـن، جهڙا تهڙا.

(١٣٠)

مـحـبـن ڪـاڏي آهـي مـات،
دنـيـا ڏاڍي آهــي نـات،
ممکن ٿـي نـامـمڪن بـات.

(١٣١)

وحشي وحشي، قـاتـل قـاتـل،
دولـت جـو هـر پـوڄـاري آ،
پنهنجي مطلب جو ٿـيـو قـائـل.

(١٣٢)

پنهنجو تـن ڪي چـئـبـو نـاهـي،
پنهنجـن ڪـي جـن آ مـارايـو،
تن ڪي ڪنهن پـر سهبو نـاهـي.

(١٣٣)

دنـيـا جـو دسـتـور نـرالـو،
سازش جـو هيئن سات ڏئي ٿي،
ڪـچ ۾ ڪنجي، هٿ ۾ تـالـو.

(١٣٤)

ظـاهـر هـن جـو هـڪڙو آهــي،
انــدر ۾ آهـيـس صـفـا ٻـي،
ڪنهن سان ڪڏهين ڪين ٿو راهي.

(١٣٥)

جنهن پر ۾ رهي ناهه ڪا پرواز جي طاقت،
سو ضعف جو ماريل به ڪري ڇا ٿو سگهي اڄ،
تنهن لاءِ ٿي بيڪار ٿئي شرط جي دعوت.

(١٣٦)

هيٺن تي هليو راڄ سدا ڏاڍ جو آهي،
۽ ڏاڍ جو انسان رهيو آهه مخالف،
هر دؤر ۾ انسان چٽيون جنهن جون ٿو لاهي.

(١٣٧)

باغبان بيوفا ٿي، ڪئي آ دغا،
غير سان ڪنهن ملي، باهه ٻاري ڏني،
هوش ڪر، هوش ڪر، باغ جا گهٽگهرا.

(١٣٨)

وقت سر هوش ۾ آهه آيو عرب،
سازشن ۾ مگر آهه ونجي پيو،
هاڻ شايد ٿئي هو نه محوِ طرب.

(١٣٩)

مڙس ٿي جنهن ڏنو، غير سان منهن سڌو،
سوئي سو ٿو ڪٽي، سرخرو ٿو ٿئي،
دشمنن جو ڪري ٿو سو اوندو ٽيو.

(١٤٠)

آهه تو، زرگري! باهه ٻاري ڏني،
حرص تنهنجو ته پورو ٿيو آ ڪڏهن،
آهه ڏاڍي، ڇري، تنهنجي عادت ڪني.

(١٤١)

گلشن هست و بود ۾ رهڻو آ،
خار جي نوڪ يا گلن جي خوشبو،
هت ٻنهي جو جليس ٿي وهڻو آ.

(١٤٢)

سر زمين سنڌ جي ٿـي لاله زار،
گـلـرخـن سان وطـن ٿيو پرپور،
خوشنـما بـاغ جـا ٿـيـا گلنار.

(١٤٣)

محو حيرت تـه مـاهـرو ٿيندا،
سي ڏسي منهنجي ماه جي صورت.
يـار جنهن دم تـه روبرو ايندا.

(١٤٤)

شال ڏکيو وقت نه ڪنهن تي اچي،
درد ونڊڻ، سور چرڻ، پوءِ ڏسو،
ڪيئن نه ٿو انسان جهان ۾ نچي.

(١٤٥)

ياد پوي شال نه ڪنهن کي نگار،
صبر ڪري پوءِ وهي ڪيئن غريب،
تنـگ چنائي نه وري دل فگار.

(١٤٦)

ڪنهن ڳالهه تـي الزام هنيو آهه زماني،
چا ڏوهه ڏيون ڪنهن کي چا تحقيق ڪري ڪو،
بـدنـام ڪيـو آهـه تـه مشهور فساني.

(١٤٧)

در در تي وڃي ڪير ڏسي پاڻ ٿو يارو،
هن کي ته فقط ڳالهه جي ڳاٺي سان هو مطلب،
مطلب جي ٻڌي ڳالهه، وٺي ڪيئن نه سهارو.

(١٤٨)

منظور نظر آهه ڪيو خار کي پنهنجو،
جيئن يار ڏسي خار کي، پل خار ڪي ڪائي،
هو سور حقيقت ۾ ته دلدار کي پنهنجو.

(١٤٩)

بدليون نه ڪڏهن اهلِ محبت جون ڪي راهون،
پروانه صفت پاڻهي چڪجي پيا ايندا،
رهنديون رخِ روشن تي زماني جون نگاهون.

(١٥٠)

جمشيد، ڪٿي جام، ڏٺو روءِ زمين کي،
هو هنگامهٔ خيالات بپا سطح تي يارو،
آئينو حقيقت جو، ڪو سمجهي ٿو جبين کي.

(١٥١)

ڪينه پرور ظالم، جفاڪار آهي،
مست آهي يا هُن وڏو آهه نانڪ،
يا تماشي جو ڪو اداڪار آهي.

(١٥٢)

سازشي پرده پوش ڪردار آهي،
ڪوس گهر تي ڪنهن رنگ افشان چمڪ جو،
جنهن جي فڪر و فن جو پيل چار آهي.

(١٥٣)

آهه سهڻو ٻهروپ ظاهر ۾ کهڙو،
روپ اصلي آهي، چون ٿا ٻيانڪ،
ڪاش، اندر ۾ پڻ هجي سون جهڙو!

(١٥٤)

هي رٿائون انسان کي شهه ڏيڻ جون،
سچ ته آهن ڪي ڪوششون زندگيءَ جي،
جز و ڪل کي تحت الثريٰ ۾ نيڻ جون.

(١٥٥)

تن ئي مارُن کي سور سهڻا پون ٿا،
جن جي هٿ مان نڪري وڃي مارئي ٿي،
پائڻا بدناميءَ جا گهڻا پون ٿا.

(١٥٦)

ذهنِ انسان تيز تر ٿيندو وڃي،
جيئن سياست جون ڪڙيون جوڙي سگهي،
جو ٿئي، سو سمجهه ۾ ايندو وڃي.

(١٥٧)

اج ضروري آهه موسيٰ جي عصا،
جو هٽي فرعون وڏندا ٿا وڃن،
پيدا ڪرڻي آ ڪليميءَ جي فضا.

(١٥٨)

ڪن کي اج ٿي عظمتِ خيبر کپي،
ڏيک جيئن شوڪت و صولت جو ڏين،
پر اسان کي قوتِ حيدر کپي.

(١٥٩)

مردِ مسلم، جڏ غلامائي روش،
تنهنجو رهبر آهه جو شاهِ امم،
تنهنڪري تون رکج شاهائي روش.

(١٦٠)

عيب ڪي جڏ ۽ هنر تي رک نظر،
تاڪ تو ۾ پڻ هنر پيدا ٿئي،
بد ڇڏي ڏي، نيڪ جي لهه ڪا خبر.

(١٦١)

ڪار اهڙي ڪا ڪجي جو دل ٿئي باغ و بهار،
جنهن ۾ يارو، مهربان نامهربان، سڀ خوش ٿين،
زندگي پاڻيءَ جو ڦوٽو، ٿي وڃي پڻ يادگار.

(١٦٢)

نسترن، نسرين، نرگس، موتيو، مگرو، گلاب،
باغ کي بخشين زينت، حسن تي آڻي نکار،
دعوتِ نظارهء گل ٿي برائے انتخاب.

(١٦٣)

زهدِ زاهد، حسنِ شاهد منهنجي سامهون ٿا رهن،
هڪ طرف آ باخدا ۽ ٻئي طرف آ بيوفا،
هوش منهنجا ٿيا خطا، ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن وڃن.

(١٦٤)

اي بهاران! دلفريبيءَ جي تہ تنهنجو آهه غل،
سونهن سهڻي جي سدائين تنهنجي منهن ۾ ٿي ٻري،
هر ادائے حسن تي شاهد ٿيو اندازِ گل.

(١٦٥)

محب ماڻن سان هميشہ يار ماريو تہ ڇڏي،
حڪم هيٺن تي هلائي، حڪمراني تہ ڪري،
زندگيءَ ۾ بندگيءَ تي ڪيئن نہ واريو تہ ڇڏي.

(١٦٦)

ساز تنهنجي زندگيءَ جو سوز کان خالي ڏسي،
بي اثر تارن تي دنيا خوب کلندي تي رهي،
هٿ نہ هڻ بيسود سهڻا، درگهہِ عالي ڏسي.

(١٦٧)

بندگيءَ تي ناز تو کي آهہ، پر بنده نواز،
ڇا گهري تو، ڪل نہ تنهنجي آهہ ڪنهن کي يار من،
تنهنڪري تون ناز کي ڇڏ، ڪر هميشه هٿ نياز.

(١٦٨)

موج ايري آهہ آئي، وهڪري ۾ نيل جي،
جت سياست جا شناور، اڄ تہ سيا آهن ڪٿا،
آهہ سيني ۾ پيو، ڇو سور اسرائيل جي.

(١٦٩)

وصل جي لذت سدائين فضل سان آهي، صنم،
ويڇڙائيءَ کان زياده آهہ دوريءَ ۾ مزو،
تنهنڪري سون کي پري رکندي، ڪيوآ ڪن ڪرم.

(١٧٠)

آهہ وچ مشرق ۾ رولو، پر عرب ويندا ٿهي،
روس، چين و آمريڪا ڪير بازي تہ کٽي،
نيٺ ڪنهن جي عقل جي ماڙي، ڪري پوندي ڍهي.

(١٧١)

ڪيپي مست ڪي ٿو شراب الست،
خدا کان جدا ٿئي نه جيئن هو وري،
ملڻ ان جو گر آهه مشڪل و سخت.

(١٧٢)

خراب آهه سون لئه، جهان خراب،
ڏکيو آهه ان ۾ رهڻ، صاف پاڪ،
نظر هت حقيقت اچي ٿو سراب.

(١٧٣)

گل و بلبل و آشيان جو نشان،
ويو باغ اجڙي، رهيو ناهه ڪجهه،
مگر ڪن کان ٻڌجي ٿو ڪجهه داستان.

(١٧٤)

وڏين حسرتن سان ٻڌائي ويا،
زماني جا پوڙها، اچي سرگذشت،
اهي ڏينهن هت مان ڇڏائي ويا.

(١٧٥)

نه منصور آهي، نه دعويٰ خدائي،
اسان کي نه اج خود خدا ياد آهي،
عجب آهه يارو، خدا کان جدائي.

(١٧٦)

وٺا مينهن يارو، سڄڻ ياد آيا،
سبب اج مليو آ، ڪريو ياد تازي،
ٿين من ڪيل ڪي تہ سؤدا سجايا.

(١٧٧)

اسان کي نه مارن سوا ياد آهي،
زمانو ته پنهنجيءَ ۾ پورو رهي ٿو،
ڪيو ياد، سرشار دلشاد آهي.

(١٧٨)

مصيبت ۾ مهٽا مليا، ته به گهٽو ٿيو،
اسان جو پلئه هوندُ به خالي رهي ٿو،
اهي پائي جهوليءَ جهليا، ته به گهٽو ٿيو.

(١٧٩)

وري نير نيٽن وهائي، ڪيو ڇا،
پرائيءَ روش ۾ رکيو ڪجهه نه آهي،
ذرو آب هو، تو ڪپائي، ڪيو ڇا.

(١٨٠)

ٿئي شل اسان جو به وارو نيارو،
اچا يار محتاج آهيون، جهان جا،
جهان مان ملي شل وڃي ڇوٽڪارو.

(١٨١)

ڏين ڇو ميارون نه منهنجا مٽا،
سڄڻ ياد تازي ڪريو ٿا وٽن،
اسان ڪان ته پنهنجا به وسري ويا.

(١٨٢)

پيڻ جون پياليون، پيچي ڇو نه ڇڏجن،
سڪي ٿوڪ ٿي ويا، جتي دنگ هئا،
وري ڪي نوان هٽ هلي هاڻ اڏجن.

# سانيٽ

چاڻ جي چر ۾ دليون، ڪي ئي ويون آهن جلي،
زخم پنهنجي دل جا هاڻي، ڪنهن کي ڏيکاريون هلي .

## زندگيءَ جو مزو

گُل و بلبل جي ياريءَ تي زمانو معترض آهي،
نياز و ناز ۾ همـوار ٿيندي دوستي چاجي،
دليون روشن ٿين چا لئہ، دلين جي روشني چاجي،
وڃي جي ماڪ ٿي بلبل تہ گلشن جو مزو چاهي.

پون دل تي سدائين وڍ، وفا جا داستان پڙجن،
وهي ريلا ٿئي ڪو رت، ٿين ڪي سرخرو ٿاريون،
نظر جا تير سيني تي لڳن ۽ ڪي پون گهاريون،
وري اڌ رات جو آهون، چمن ۾ ناگهان پڙجن.

ملي هرگز نہ بلبل کي ڏجو گل سان اوهين يارو،
سموري زندگي و رنہ، مزي کان بي مزي ٿيندي،
متل نا معرڪو رهندو، چڙي محفل مزو وڃندي،
مزو رهندو نہ پو هت بلبلِ رنگين نوا وارو.

اهي آهون، اهي دانهون، آتو ان وصل تائين سڀ،
اهي شڪوا، اهي راهون، آتو ان فصل تائين سڀ.

## بيتابي

قرار آهہ ڪنهن کي دلِ بي قرار،
جتي آهہ دستورِ دنيا عجيب،
آتي آهہ بيتاب هر هڪ غريب،
رهي دور جنهن کان تو هردم نگار.

چون ٿا تہ شهہ رڳ کان آهي قريب،
مگر چشمِ بينا بہ آئيان ڪٿان،
جو شهہ رڳ کان ويجهو ڏسي مانسگهان،
اسان کي اها اڪ ٿئي يا نصيب!

ائين آهي ممڪن ته اهلِ نظر،
ملي راهه ۾ ڪو وچي اوچتو،
ڏئي واٽ جو هو حقيقي پتو،
سٺائو اِئين ٿي پوي ڪو سفر.

وگرنه اسان جو سچو حال ناهه،
اسان ۾ اها يار همت نه آهه.

## عظمتِ رفته

سچو تنهنجي ڳل جي افق جي شفق تي،
ويا پئجي آهن زماني جا پاڇا،
ڦريا ڪيئن نه آهن، هي ماضيءَ جا ماشا،
مگر ياد آهي ته ڇا هو افق تي.

ڳلن ريس جنهن سان ڪئي بارها ٿي،
ڏني باهه تن ٿي، ڏئي ور چمن ۾،
ٿيو سوجهرو ٿي، جنهين سان وطن ۾،
پکيا ڪين تنهن جي مگر هو لقا ڪي.

جوان خون سان جا جواني جوان ٿي،
نصيب ان ڪي جيڪا حرارت ٿئي ٿي،
جوانيءَ جي هڪڙي ئي نعمت ٿئي ٿي،
لِهه مت جنهن سان ٿيندي پئي نعمت جهان جي.

پرائا ته ڪندر برابر ٿيـن ٿا،
مگر عظمتِ رفته جو ڏس ڏين ٿا.

## دل جي ڳالهه

اگر ڪو ۾ سهائي سندم چنبڊ جي آ،
انهيءَ سان نه مٽجي خدا جي خدائي،

سهي ڪٽ سکهون ٿا سڄڻ جي جدائي،
ورهين بعد ساڻن ملاقات ٿي آ.

گهڙي پل ڇڏيو حال اوري وٺون اڄ،
مليو محب آهي، سڪون ڇو نہ لاهيون،
متي آهہ محفل، پٺي ڪير ساهيون،
مِٺن ساڻ ڇَپ ڇو نہ ڇوري وٺون اڄ.

ڪٿي رات پوري پئي آهہ ڪڏهين،
ڪٿي آهہ ڪڏهين ڪا دل جي حڪايت،
نہ حرفِ تمنا، نہ حرفِ شڪايت،
ڪَلن داستان ٿا دلين جا تہ جڏهين.

تڏهن ڪرجون ڳالهيون ڪجن بي خطر ٿي،
متان دل جي دل ۾، وڃي ڳالهہ رهجي.

## ناڳ ۽ ناڳڻا

پکيڙي ڪلهن تي نہ واسينگ ورجو،
متان منڊجي پؤ ڪٿي ايندي ايندي،
۽ ناگاهہ ونجي وڃو وات ويندي،
سنڀالي قدم در ڪَسان ٻاهر جو پرجو.

آتو جوڳ جوڳين ورهين ڪَسان پچايا،
رچي راس آهن ٿيا جوڳ وارا،
مليا تن ڪي آهن تہ رستا نيارا،
هنن هاڻ پنهنجا آتو مچ مچايا.

ڪري ناز ناڳڻ تي، ناڳا نہ ڇيڙيو،
هتي زهر ڪي زهر سمجهي پين ٿا،

پيو زهر، پاڻيءَ جيان، خوش ٿين ٿا،
اجايو پڙن تي همي ماڻهو نہ سيڙيو.

وڃي حسن چڙهندو ٿو نانگن جي ور ۾،
وڃي ٿو وڃي پاڻ ڪارن جي پر ۾.

## پيئڻ ۽ جيئڻ

حسين آهہ ساقي ۽ گلرنگ باده،
چمن ۾ گلن جا پريا جام آهن،
نمايان ٿيو پيئڻ اهي دام آهن،
فضا آهہ رنگين، پيئڻ وارا ساده.

ڪٿي جام، گل ٿو اچي مست ساقي،
ملي جيڪي جنهن کي، سو پيئندو وڃي اڄ،
متي آهہ محفل تہ سيڪو ٿئي رڄ،
صراحيءَ ۾ ڇڏجو نہ ڪا سرڪ باقي.

پيئڻ ۽ پيارڻ تہ دستور آهي،
ڪجي ڳالهہ ڪڙي ڪلالن جي يارو،
وڏي جام ڪٿبو، جو ڏيندا نہ وارو،
اسان کي تہ سيڪجهہ ئي منظور آهي.

پيئڻ جي گهرو ٿا تہ جئندا رهو بس،
۽ جيئڻ گهرو ٿا تہ پيئندا رهو بس.

## ڏکي جا ڏاهہ

اوهان کي چشمن تي چائي نيندا،
اسان کي هاڻي پڇن ڪٿي ٿا،
هلن ٿا گهر مان رٿا رٿي ڪا،
اوهان جي در تي هلي بہ ايندا.

مگر انهيءَ ۾ بہ آهہ مطلب،
چڏي پراڻا نون سان راهہ،
چگن چگن سان بہ سينو ساهہ،
دلين ۾ هڪڙي تہ هجي ٻر لب.

جهان ِ نؤ جون رموز ِ تازه،
اوهان کي سمجهہ کپن سڀئي،
جو رنگ ساندو متي تو کيئي،
وچو نہ تڳجي بہ رنگ ِ غازه.

اهي تڳيءَ جا تہ تداهہ آهن،
اگرچ پويان پساهہ آهن.

## حق جي تحريڪ

جنهن حق چيو، تنهن سان ٿيو،
هرگز نہ ڳاڙو وقت جو،
هو حرص جنهن کي تخت جو،
حق نت عتابن ۾ رهيو.

ظلم و ستم هرسو روا،
هو ظلم جي نانگن رکيو،
۽ حق پرستن کي ڪکيو،
ٻي کين هئي تن وٽ دوا.

کي زهر ٽا حق تي پين،
ڳهائي ۾ ٽا کي پيڙجن،
کي ڪاٽ ۾ ٽا پيڙجن،
پر ٽا فدا حق تان ٿين.

حق جي صدا ٻُرندي رهي،
تحريڪ نت چُرندي رهي.

## رات جي ٽات

ڪاري رات تنهنجي ٽات هئي،
توکي ڪيو جنهن ياد هو،
محفل سڄيءَ ۾ شاد هو،
بس، ڇا ڇوان ڇا بات هئي.
دل شل نه ڪا پرجي اڇي،
پوءِ برهه جي برسات ڏس،
ڪا نير وهندي رات ڏس،
هر اک نه ڪيئن تر ٿي اڇي.
شايد پنل کي نيڻ ها،
جن رات ساري هو رنو،
ڪو ڪر نه هو تن کان پنو،
جن کي مليا کي ويڻ ها.
اي چشم گل ڪر ڳالهه ڪا،
توسان به ويڏن آهه ڇا!

## يارن جي يادگيري

شايد يارن ياد ڪيو،
هڏڪي آئي آهه وري،
ڪنهن جي ڪنهن کان ڪين سري،
دنيا وارن داد ڪيو.

هلڻو پهرئين پور پيو،
منزل ماري مات ڪبي،
ماڳ تي پهچي بات ڪبي،
دل جو دل ۾ سور ٿيو.
اندر وارو آهه عجب،
باهر سان ٿو ڪين ٿهي،
جنهن جي تنهن جي ڪين سهي،
هن کي پنهنجو آهه سبب.

هر هڪ لئه در باز نه ڪر،
ناحق سهڻا ناز نه ڪر.

## سچ جو هچ

ڪنهن کي ڪنهن کي هٿ اسير به زندان ڪيو ويو،
سرڪار ڪنهن کي اڄ پس، ديوار تي رکي،
ڇهري تي ڪنهن جي ظلم جو ٿو سوجهرو بکي،
ظلم و ستم نه شان جي شايان ڪيو ويو.

لهندا اچن عجيب، زماني جي لار تي،
مجبور مست، ناز به رفتار ٿي ويا،
اڄ هاءِ، بي حساب، اشارن تي پي ويا،
ڪيڏو نه جبر آهه حسينن جي پار تي.

مستن مگر حضور ۾، پنهنجو مچايو مچ،
خوش ٿي هنن چپن تي رکيو آهه زهر کي،
هيءَ رسم ناگوار لڳي آهه دهر کي،
آهن ڪي بي حساب جي منهن تي چون ٿا سچ.

هلندي حبيب جي به تڏهن بارگاهه ۾،
شوخي هئي جي مئي جي، جي هوندس نگاهه ۾.

## وقت

مٿ منجهان سجڻ سائين ٿي وهي وڃي واري،
پروسو ڪريون ڪنهن تي، ڪنهن تي اعتبار آهي،
سونهن ۽ جواني ڇا، ڪوبه معتبر ناهي،
آهه سڀ فنا ليڪن، ياد ٿي اچي ياري.

سا گهڙي مبارڪ ٿي، جنهن ۾ گڏ گذاريوسين،
جنهن ۾ حال اورڻ لئه، ڪي دليون اچي ويٺيون،
هڪبئي کي سمجهي پوءِ، هو مليون، رچي ويٺيون،
پاڻ کي پرين ماريو، هوڏ هٿ کي ماريوسين.

وقت کان کنیوسین پر، وقت پٽ ڇڏي ناهي،
ڳالهہ ڳالهہ سان ڇنندي، ليک ياد رک جاني.
فيصلو کرين جڏهين، تڏهين ڪج نہ من ماني،
وقت، وقت لئہ ڦاهي پڻ اڏي ڇڏي آهي.

وقت سخت آهي، بازي نہ ڪٽ ڇڏيندو آ،
موقعو ملڻ تي، بي رحم ٿي سڏيندو آ.

## کوڙکو

ليلا فريب کاڏو هو، قيد ٿي هوس ۾،
ورتو مگر ڇنيسر، سهڻو کو رند ناهي،
اڄ کي ائين ڇڏيندو ڪو عقلمند ناهي،
ڪؤنروءَ جي چال سمجهڻ، سڀڪنهن جي ناهہ وس ۾.

هر هنڌ حرفتي بس، حيلي سان ڪم ڪڍي ٿو،
مطلب جي يار بازي، ڪيڏي سدا ٿو پنهنجي،
سو ئي اچي ٿو ان ۾، جنهن کي لڳي ٿي سهنجي،
بي سمجهہ ور چڙهي ۽ پنهنجا ئي هٿ وڍي ٿو.

سر ۾ پکي سڏائين، سر تي وڃي لڪايو،
پاريهڙي پکيڙي، آت چار کو ڇڏيو هو،
ان هوشمند تڻ تڻ تي کوڙکو اڏيو هو،
اڃاڻ نيٽ يارو، ان کوڙکي ۾ آيو.

داڻو ۽ دام آڏو ايندا رهيا ازل کان،
وه وه، شڪار سهڻا ٿيندا رهيا ازل کان.

## رات ۽ ڏات

صدين بعد وري ياد کٽي يار اچن ها،
مگر ڪير ڪپي ڪنڌ، ڇڏي ياد وڃي ها،
فقط ڇنگ تي يارن کي ڪري شاد وڃي ها،
اهي ڇنگ، اهي دنگ کٽي سار اچن ها.

هلي رات اهـا ڏات، هٿي ڏنگ ڪي ويئي،
جليل جيءَ ڪئي ريهه، وري ماٺ تـي ويئي،
ڪڙيو چنڊ، ٽڙي رات، سنوڻ سـاٺ تـي ويئي،
ڏئي باهه، ڪري ٿاهه، ڪري ڏنگ ڪي ويئي.

ڪچڻ ڪين ڏنائين ۽ ڪري لـوهه چڙهيائين،
ڏسي مـام، وجهي دام، ڪڍي لاهه چڙهيائين،
ڏئـي سور، ڪئي پور، ڪڍي ساهه چڙهيائين،
انهيءَ ريت، ٿئـي ميت، ڪري ڏوهه چڙهيائين.

ونڊي حال، ڪري ڳالهه، ڏکيو پاڻ ڪيوسين،
ڪري ويچ دوا چا، جو هٿن ساڻ ڪيوسين.

## زهر مار

ڪـر ڪـٽـي ڪـاريـهـرن،
وقـت سـر ويـسـهـه ڏنـو،
سي وطـن جـا سـاڪـنـو،
زنـدگـي ٿـا زهـر ڪـن.

زهـر مـاري پـوءِ وڌو،
ورنـه ويـنـدؤ مـارجـي،
هـي آٿـو سـيِ خـارجي،
دل نـه هاريو، دل پـڌو.

هوش سان اڄ ڪم ڪريو،
غـيـر ڪي اڪـ ۾ رکي،
سـنـڌ جـا سهڻا سـخـي،
پـوءِ قـدم اڳتـي ڌريـو.

ڪم ڪريو ڳڻ ڳوت سان،
آهـه مـلـٽـو هـوت سـان.

## وقت جي بازي

جـيءُ جهوري سي ويـا جـوڳيڙا،
رات مون وٽ جي هئا، مهمان ڙي،

روح جي راحت سندو سامانُ ڙي،
روح رچنديون، ڪيئن ڪبيون اي جيئڙا.
دل ڪڍي ڪنهن کي ڏيان، ڪنهن جي ٿيان،
هر مسافر ان طرح ويندو هليو،
آيلون، دل کي جهليو، دل کي پليو،
ورنه ٿينديون وائڙيون، سڀ مون جيان.
ڏير تي، ڏڪڙا ڏين، ويري ٿين،
جڳ مڙيوئي آهه مطلب جو مٺل،
ناهه ڪوئي قرب جي ڪاتيءَ ڪٺل،
هيئن کي پاڇايون ڇڏي، پائر نين.
وقت جي بازي ڏسو، ڪيئن ٿو ڦري،
چوٽ چڙهندي، قرب ڪيئن پٽ تي ڪري.

## مٺيا

ڪي ڪات ڪٺل آهن، ڪي وات ڪٺل آهن،
پڪ آهه زماني پر سينــي کي ڏڪويو آ،
هيرن کي مٽيءَ ۾ هڻُن، هر حال ۾ لوڙيو آ،
هت اج بہ مزارن ۾ ڪي شير ستل آهن.
غيرن سان ملي پنهنجن ڪا چوٽ ڪئي آهي،
ڪو پاءُ چنيسر تي، غيرن کي وٺي آيو،
لالچ ۾ اچي ڪنهن جو، ڪنهن آهه رکيو رايو،
ڪنهن گهر جو ٿئي ڀيدي، لنڪا کي وڌو ڍاهي.
ڪو آهه اچا دودو، جنهن ناهه وڪي غيرت،
ڪو آهه اچا ابڙو، جنهن سام جهلي آهي،
ڪو آهه اچا هاسو، جنهن ياري پلي آهي،
ڪو آهه اچا ننگر، جنهن ناهه ڏني عزت.
اي سنڌ، اچا تو ۾ اهڙا ڪي مٺيا آهن،
جي قوم پرستن کي هر حال وڻيا آهن.

## چاڙ جي چر

ڏوهن جو چا شمار ٿيندو،
سون وٽ سي بي شمار آهن،
وارن جان صد هزار آهن،
چا تن تي اختيار ٿيندو.

دنيا سمجهي ٿي ڏوهہ جن کي،
سي منهنجا سپ ئي فرض آهن،
صدين جا سون تي قرض آهن،
لاهيان وينو تہ يار تن کي.

ماٺهو آهن سجاڳ ڪرڻا،
سنڌڙيءَ وارا سٿل صدين کان،
واقف ٿيندا سي حق چڪڻ کان،
اهڙا آهن ڪي رنگ پرڻا.

هڪڙي هڪڙي کي چاڙ جي چر،
آهي ڏيٺي وجي تہ ڪنهن پر.

## حق جون ڳالهيون

ڪنهن سان ڪهڙي ڳالهہ ڪريان،
ڪنهن ڪنهن لئہ ها قيد ڪڙا،
سمجهي پرجو هوت ڳهڙا،
ڪنهن جا ويهي ڪن پريان.

پوڙا پوندا همٿ ڪڙول،
حاڪم وٽ پيو چا آهي،
سختين سان ورڻو ناهي،
ڏيندا وجهو سٽ وڙول.

پاڻهي ايندي بيداري،
سهڻا ساٿي دل پڏجو،
يارو اڳتي سڀ وڏجو،
سچ تان صدقي سؤ واري.

حق جون ڳالهيون يار ڪجن،
ماڻهو سڀ بيدار ڪجن.

## ٻوسن جي چال

هو پاڻ غريب آهي بيزار،
ڪنهن کي نه ڏکوءِ هٿ وٺي يار،
تڪليف ڏيڻ نه آ چڱي يار،
اهڙن تي ٻه چا ڪبو، ڪري وار.

جن آ ڪيو اسان کي مدهوش،
سي نيڻ سدا رهن ٿا مخمور،
آهن سي اچايلن جان مجبور،
اي ڪاش، اچي وري تني هوش.

هن جي ٻه عجيب زندگي آهه،
بيوس ٿي، ڪري پين کي مجبور،
ڪو مست چريو ٿيو ته منصور،
چي، دل جي اهائي روشني آهه.

بيزار ۽ بيوسن جي ڪا چال،
آئي نه سمجهه ۾ آهه تا حال.

## نباهه

چري دل ٿئي تي مگر چا ڪجي،
اوهان حسن وارن سان ڳالهيون ڪري،
خبر ناهه ان کي ته چا ٿو وري،
چريءَ سان نڀائي مداوا ڪجي.

چوڻ آهه سولو، نباهڻ ڏکيو،
مگر ڪرڻو جيڪي پيو سو ڪبو،
ڏکيءَ لاءِ جيڪي ٿيو سو ڪبو،
اگر پاڻ مان آهه لاهڻ ڏکيو.

وٺي وات نوڙت جي هلبو ضرور،
اِئين من چريءَ جو ٻه ڪم ٿي پوي،
متان سونهن جو ڪنڌ خم ٿي پوي،
چڪيل ڦٽ تي مرهم ٻه ملبو ضرور.

چريا پنهنجي وس ۾ نه ڇڏبا ڪڏهن،
خدا ڇاڻي نادان ڳڏبا ڪڏهن.

## سونهن جو سوداءُ

سونهن جي سوداءُ جنهن کي،
سڪ نه تنهن کي آهه اڇٽو،
آهه هرڻيءَ کي ته نچٽو،
هو مٿي ۾ واءُ تنهن کي.

سونهن ساري ٿي ڪٽي پر،
قدر دان آهيس عاشق،
هيج مان ٿاهيس عاشق،
تنهن کي سچ پچ جي وٺي پر.

سونهن آهي ڪا صداقت،
جنهن کي ميٽو ئي پوي ٿو،
حق ته چوڻو ئي پوي ٿو،
ورنه رهندي نا لطافت.

سونهن ۽ سوداءَ جي ڇا،
آهه قيمت واءَ جي ڇا!

## هٺ ۽ هوش

ٻيوسي انسان جي ڏس، زندگي او زندگي،
لاش ٻڏجي آهه پيو، طوفان جي زد ۾ اچي،
ناز ڪيڏو ٿي ڪيائين، دهر جي رنگ ۾ رچي،
ڪم نہ آيس وقت سر، ڪا فڪر جي تابندگي.

فڪر و فن لاريب ٿيندو آهه نيڪيءَ جو سبب،
پر غرورِ عقلِ ڪل، تخليق جي پندار ۾،
حد ڪان نڪتو تہ ڪرندو، جهل جي ڪنهن غار ۾،
جنهن ڪري انسان کي ايندو نہ آهي سو ڪتب.

بس جڏهن انسان خود سبحان ٿجي ٿو پوي،
پوءِ خود سبحان کي ڪجهہ پاڻ ڪرڻو ٿو پوي،
جنهن ڪري انسان کي خالق ڏي ورڻو ٿو پوي،
۽ تڏهن انسان خود انسان ٿجي ٿو پوي.

آدميءَ کان نيٺ سارو هٺ ڇڏائي ٿو وڃي،
گرچ پهرين عقل جا ڪؤنتل ڪڍائي ٿو وڃي.

## دل جا زخم

زخم سيني جا نہ ڏس، زخمي دليون آهن سڄڻ،
جي ڇڪي ڪن ٿيون حقيقت کي نمايان وقت سر،
زخم گل ٻڌجن ٿا ۽ سينا گلستان وقت سر،
باغ ۾ زخمي دليون، دل سان مليون آهن سڄڻ.

گل جي رنگت ۾ اسان ڪنهن گل جي رنگت کي ڏٺو،
جنهن ۾ يارن جي صباحت جا ڪئي اوساڻ ها،
جيڪي هرهڪ رنگ ۾ پنهنجو وري مٽ پاڻ ها،
اڄ اسان سڀڪجهہ وساري آهہ سنگت کي ڏٺو.

دوستيءَ ۾ زخم کائيندي، صنم کھڙو ڪچون،
سپ خبر آهي مگر، ناتو نيائڻ جي ڪري،
ٻڙڪ ٻاهر ڪين نڪتي، نينهن لائڻ جي ڪري،
چاڻ جت اڻ چاڻ ٿئي، آت خبر ڪنهن کان پڇون.

چاڻ جي چر ۾ دليون، ڪيئي ويون آهن جلي،
زخم پنهنجي دل جا هاڻي ڪنهن کي ڏيکاريون هلي.

## اڻچاڻ ۽ امتحان

راهه کان گمراهه ٿي، پُرپيچ راهن ۾ اچي،
منزلون ماري ڪٿي جو ڪٽ وڃي پهتا غريب،
بيخبر ماڻين منزل، هاڻ يارو يانصيب!
لعل ٿي لالڻ ملن، شل سلامت سي بچي.

وات تي ڪا لات، هوندي ٻاهڙي بر ۾ متل،
شل نه ڪي پانڌيئڙا، اوجهڙ وڃي گهل تي پون،
زندگيءَ جي آس کان مايوس ٿي دل ۾ چون،
روشني هر حال ۾ آ ڪاميابيءَ سان بدل.

ان طرح مايوس ٿي، منزل وڃائي، سپ وهن،
مت جا موڙها، ڳنڍ جا ڳوڙها، شل ڏکيو سؤدو نه ڪن،
عزتِ قوميءَ ڪنان، بهتر نه سمجهن مال ڌن،
۽ مهاڏي کي ڇڏي، چوڙيون نه پائي، سپ وهن.

اج، خدايا! غيرت و همت جو آهي امتحان،
خير سان نڪري اچون، سپ ڪامياب و ڪامران.

## دعوت

زماني تہ يوسف بہ وڪٽي ڇڏيو
برادر، برادر سان ناهي ٺهيو،
وڃي ڪيئن نه انسان ٿو رؤ ۾ وهيو،
ڇڏيو دشمني، هاڻ گهر کي اڏيو.

سچڻ، سات هڪبئي جو ڏيندا اچو،
وساري ڇڏيو سڀ وروڌي وچن،
محبت جي دنيا ۾ جيئڻ سڀ وسن،
ڪدورت جي ڪارنهن کان سهڻا بچو.

اچو ۽ اچي دل سان يارو ملو،
سباجهو ۽ سهڻو قدم سڀ کڻو،
ورهايو سڄڻ ٿي، ڪٺي مان ڪڻو،
ٿڌو، ڇانو ۾ خود وهاري، دلو.

اچو، نيڪ بختو! پڪي ٽاڪ تي،
ڪريو بندگي خدا پاڪ جي.

## سرت ۽ سونهن

تاب جلوي جو سٺو، خود نہ موسيٰ کان ٿيو،
يار غش کائي ڪريو، هوش مان نڪري ويو،
طور جو پٿر سڙي، ڪيئن نہ سرمو ٿي ويو،
سرت ساري جو سگهي، سونهن ڏي تنهن کي نيو.

بوالهوس کي دور کان، ڪر زماني ۾ سلام،
سئي پرستن ۾ نہ آهي اڳوڻو دم و خم،
تنهن هرڻ کي چا ڪبو، ناهہ گهر بل جنهن ۾ دم،
منهنجو آهي هوشور باده خوارن سان ڪلام.

جن ڪکوريو ڪاڪ کي، تن کي مومل ٿي سکي،
اڄ بہ هرهڪ قوم کي، اهڙا راڻا ٿا کپن،
جي نہ طاقت ۾ اچي، نفس جي گپ ۾ گپن،
جن تي غالب ڪاڪ ٿي، تن کان مومل ٿي لڪي.

حسن ٿو بيتاب ٿي، عشق جي آڏو اچي،
عشق پر جڏهين بچي، رنگ اهڙي ۾ رچي.

## ظالم وقت

دل ۾ هڪڙي ٻاهر هي،
جڻ لوڪ لڪا ڪا ناهي،
ڪو ڳالهه ڪرڻ تو چاهي،
سي ڪجهه پوندو ظاهر ٿي.

منهن جو پردو آهه چغل،
شڪ ۾ وجهندو آهه سڙئي،
ڪيندو ڪنهن جو لاهه مڙئي،
هن لئه ٿيندو آهه شغل.

يارن تاڙي ورتو آ،
دال ۾ ڪارو ڪارو آ،
شايد ڪنهن جو وارو آ،
ڪنهن جو ڪنهن کي پرتو آ.

وقت بہ آهي ظالم ڪو،
ڪنهن کي بخشي، ناهي سو.

## لاڏون ۽ چڱهه

ساڳيا لاڏون، ساڳيا چڱهه،
هت ۾ ڪنهن جي آهي ڏور،
آهه اجايو ايڏو شور،
چڙهندا روز وڃن ٿا اگهه.

ڏسجي نيهي ڪن چا ٿا،
پڊرو ڪن ٿا ڪهڙو پول،
ماڻهن ۾ آ ڏاڍو هول،
آهن ڪاٿن تي ڪاٿا.

ڪن پيا پنهنجي پنهنجي ڪٽ،
سيڪو آهي پنهنجيءَ ۾،
يا ڪنهن ٻئي جي سنهنجيءَ ۾،
ڏسجي ڇا ٿا ڪن هي سٽ.

دنيا جي اڪ جن تي آهه،
شال وٺن سي نيڪيءَ راهه.

## وقت جون حالتون

اڄ ويو آهي اچي، ڪو ٻُٽڪدي ۾ زلزلو،
مندرن جي مت ڪٿي آ، يا منڊو آ برهمن،
يا ٿيو آتشڪدي ۾، آ پريشان اهرمن،
محفلن ۾ شه مزاجن جي متو آ ٿرٿلو.

پرسڪون ماحول ۾، پئجي خلل آهي ويو،
چڻڪ سانتيڪي نديءَ جو وهڪرو ٿي تيز ويو،
ماٺ وارو ماٺ ۾، ٿي ملڪ شورانگيز ويو،
انقلابي حالتن لئہ راهه ڪو ٿاهي ويو.

مرگ خواجہ جي نمائش، عرش جو پٽ تي ڪرڻ،
بندهٔ مزدور جي حالات ۾ ڦيرو اچڻ،
وعدهٔ فردا تي خوش ٿي، هيئن زماني جو نچڻ،
آهہ قدرت جو تماشو، عام جو اهڙو ڦرڻ.

وقت جون هي حالتون، اڄ ڪيئن نہ ڪن وايون بتال،
قيصر و ڪسريٰ جي پوين لئہ جيئڻ ٿي پيو محال.

---

# ترائيل

اي ڪاش، ٿين فڪر جا قنديل فروزان،
ويچار تي پهرو نہ رکن، وقت جا فرزند.

(١)

دل ٿي ڏري، وڃ ٿا پون، | جنهن دم سڄڻ اک ٿا کڻن،
باغن ۾ سؤ گُل ٿا ٽڙن، | جنهن دم سڄڻ اک ٿا کڻن.
ڪنهن سان ڪڇن ڪنهن کي چون، | دل جا مُٺل ڪيڏانهن وڃن؛
دل ٿي ڏري وڃ ٿا پون، | جنهن دم سڄڻ اک ٿا کڻن.

(٢)

توبهه ڪري پوءِ ميڪشن، | ٽوڙي ڇڏيو آهي قسم،
مجلس ۾ اڄ ڪنهن محترم، | ٽوڙي ڇڏيو آهي قسم.
پئي ڪيا اشارا مهوشن، | تا دور ٿين سيني جا غم،
توبهه ڪري پوءِ ميڪشن، | ٽوڙي ڇڏيو آهي قسم.

(٣)

دلبر دلارا، دادلا، | ڏک درد ڏئي ويندا هليا؛
دلڙي کسڻ ايندا هليا، | ڏک درد ڏئي ويندا هليا.
ڪي پاڻ سان گڏ مبتلا، | در در وٽان نيندا هليا؛
دلبر دلارا، دادلا، | ڏک درد ڏئي ويندا هليا.

(٤)

ڪنهن غيرتِ گلزار کي، | غيرت جو پتلو ٽو ڇڏي؛
مومل کي سومل سان گڏي، | غيرت جو پتلو ٽو ڇڏي.
ڪو ديدهٔ بيدار کي، | ٽو دعوتِ نظاره ڏي،
ڪنهن غيرتِ گلزار کي، | غيرت جو پتلو ٽو ڇڏي.

(٥)

آت زخم ڪيئن پرجي وڃن، | دل ٿي جتي جلندي رهي،
نت باهه ٿي وڌندي رهي، | دل ٿي جتي جلندي رهي.
آت ڪئن نه سپ برجي وڃن، | سختي جتي هلندي رهي،
آت زخم ڪئن پرجي وڃن، | دل ٿي جتي جلندي رهي.

(٦)

احسان نگاھہ ناز جا، کھڙا کٽي، کھڙا کٽان،
آھن سڙئي بار گران، کھڙا کٽي، کھڙا کٽان.

معصوم تير انداز جا، کھڙا ڪريان اج مان بيان،
احسان نگاھہ ناز جا، کھڙا کٽي، کھڙا کٽان.

(٧)

ڪوڪ ڪوئل جي ٿي ٻڌجي ۽ پپيھي جي پڪار،
عشق جي لوريءَ سبب ٿيو نغمو تن جو دلگدار،
لات ساڳي ٿا لنون، پر رس ٻنھي جو ڌار ڌار،
ڪوڪ ڪوئل جي ٿي ٻڌجي ۽ پپيھي جي پڪار.

شل نہ وڇڙي ڪنھن جو ساٿي، دلگھريو ڪو يار غار،
لنو لڳي ٿي، دل جلي ٿي، ٿئي ٿو پيدا سوز و ساز؛
ڪوڪ ڪوئل جي ٿي ٻڌجي ۽ پپيھي جي پڪار،
عشق جي لوريءَ سبب ٿيو نغمو تن جو دلگداز.

(٨)

نڪتہ چين ھو حسن يزدان تي ٿيو مصري شباب،
جنھن پيدائش کي جواني ڏئي ڪيو ھو ڪامران،
حسن ۾ ايڏي ڪشش، جلون ۾ ايڏو آب و تاب،
نڪتہ چين ھو حسن يزدان تي ٿيو مصري شباب.

پاڻ پنھنجا ھٿ وڍي و ينو، وٺڻ آيو جواب،
دم بخود، حيران پريشان، ٿي پيو خود نيم جان؛
نڪتہ چين ھو حسن يزدان تي ٿيو مصري شباب،
جنھن پيدائش کي جواني ڏئي ڪيو ھو ڪامران.

(٩)

بھاري باغ ۾ آئي، ٽڙيا گل، سبز ٿيون ٽاريون،
چمن رنگين و تازه ٿيو، پيالا گل جا پرجي پيا؛

ڪٿي نيڻن ڪي نرگس پئي پياليون پرت جون پياريون،
بهاري باغ ۾ آئـي، ٽڙيا گـُل، سبز ٿيون ٿاريون.

چمن ۾ حسنِ فطرت تي نہ شاعر هرڪـ ڪيئن هاريون،
شرابِ ناب ڇا او ٿيون، گـُل و گلزار تر ٿي پيا؛
بهاري باغ ۾ آئـي، ٽڙيا گـُل، سبز ٿيون ٿاريون،
چمن رنگين و تـازه ٿيو، پيالا گـُل جا ڀرجي پيا.

(١٠)

بـد بخت زمانو تـہ اٿئي شاطر و چـالاڪ،
جو پاڪ پلاندن تي ڪري داغ ٿو ناگاهہ؛
هوشيار، متان ڳاڙين نـہ گـوهـرِ نمناڪ،
بـد بخت زمانو تـہ اٿئي شاطر و چـالاڪ.

ايڏو نہ ٿجان، عصمتِ معصوم، تون بيباڪ،
جو فتنہٴ شيطان ڪان نہ آهين ڀہ ڪي آگاهہ؛
بـد بخت زمانو تـہ اٿئي شاطر و چالاڪ،
جو پاڪ پلاندن تي ڪري داغ ٿو ناگاهہ.

(١١)

اي ڪاش، ٿين فڪر جـا قنديل فروزان،
ويچار تـي پهرو نـہ رکن وقت جا فرزند؛
انجيلِ محرف تي ٿـئي ڪير ٿـو نازان،
اي ڪاش، ٿين فڪر جـا قنديل فروزان.

موڙين حـقـائـق ڪي ۽ بدلين نـہ قرآن،
مطلب نہ ڪڍي پنهنجو، ٿين يار ڪي خورسند،
اي ڪاش، ٿين فڪر جـا قنديل فروزان،
ويچار تي پهرو نہ رکن، وقت جا فرزند.

(١٢)

معصوم ڪي ڪهڙي خبر، آ تاڪ ۾ گرگـِ ڪهن،
ڪو ڏاڍ آهـي فتنہ گـر، معصوم ڪي ڪهڙي خبر.

اهڙي طرح پڇندو آيو، ڪو ڄاڻي واڻي پيرسن؛
معصوم کي ڪهڙي خبر، آ تاڪ ۾ گرگ ڪهن.

(١٣)

ڪيڏي نه دوريءَ تي هجي، آهي وطن آخر وطن،
چو ڪين ڏيندس مان "صائب" سر زمينِ سنڌ کي؛
محبِ وطن ڪٿ پيا هجن، ساڻيهه جي سڪ ٿا رکن،
ڪيڏي نه دوريءَ تي هجي، آهي وطن آخر وطن.

سنڌي زبان ۽ سنڌ جي دشمن جا ٿي دشمن رهن،
پيغام هي ڏيندا وڃو هرهڪ مڪينِ سنڌ کي؛
ڪيڏي نه دوريءَ تي هجي، آهي وطن آخر وطن،
چو ڪين ڏيندس مان "صائب" سر زمينِ سنڌ کي.

(١٤)

راحت نه ايندي روح کي، جيسين نه پنهنجن ڏي وري،
رنگين هوندي ڇا ڪندي، فاني جهان جي انجمن؛
ڏارئين چمن ۾ چار ڏينهن، انسان ڪو رهندو ڪري،
راحت نه ايندي روح کي، جيسين نه پنهنجن ڏي وري.

ٻاهوهه ڏين ڏاريا ڪٿي، پر ڪجهه نٿو ان مان سري،
ڪيڏي نه دوريءَ تي هجي، آهي وطن آخر وطن،
راحت نه ايندي روح کي، جيسين نه پنهنجن ڏي وري،
رنگين هوندي ڇا ڪندي، فاني جهان جي انجمن.

(١٥)

ٻاري ڏيو ٿو ڪوئي نه ڪنهن جي مزار تي،
شايد ڪو دردمند، غريب الوطن هجي؛
چاڙهي پيو چار گُل ڪو نه قبرِ نگار تي،
ٻاري ڏيو ٿو ڪوئي نه ڪنهن جي مزار تي.

صدقو ڪري تو ساهہ چو، مشت ِ غبار تي،
جيئري متان اها ئي نہ زيب ِ چمن هجي؛
ٻاري ڏيو ڏيو ڪوئي تہ ڪنهن جي مزار تي،
شايد ڪو دردمند، غريب الوطن هجي.

(١٦)

ٻاري چڏيا زماني، احساس جا چراغ،
تاريڪ دل ۾ روشن ٿيا انجم ِ خيال،
ڳنڀير فڪر مئي سان ڀڪڻ لڳا اياغ،
ٻاري چڏيا زماني، احساس جا چراغ.
اجڙ يو پئي خود اميرن جي سازشن جو باغ،
ايندو رهيو پراڻي فتني جو چڻ زوال،
ٻاري چڏيا زماني، احساس جا چراغ،
تاريڪ دل ۾ روشن ٿيا انجم ِ خيال.

(١٧)

اسان حسن وارن جي پوڄا ڪندي،
سيه دل کي هيڪر اجاري چڏيو؛
ڏنوسين ٿي پٿر کي مڃتا ڪندي،
اسان حسن وارن جي پوڄا ڪندي.
اسان جوڳ ڏيندي، ڪشالا ڪندي،
منڊي منڊ، ڪاري کي ماري چڏيو؛
اسان حسن وارن جي پوڄا ڪندي،
سيه دل کي هيڪر اجاري چڏيو.

(١٨)

محبت جي واديءَ کي ڏوري ڏٺم،
اچي ياد يارو کي جوين ويا؛
جڏهن يي اندر وارو چوري ڏٺم،
محبت جي واديءَ کي ڏوري ڏٺم.

مڙيل وٽ ڪي جڏهين ٿي سوري ڏنم،
تہ چوڏهن طبق ٿيي ٿي روشن ويا؛
محبت جي واديءَ ڪي ڏوري ڏنم،
اچي ياد يارو ڪي جوڙين ويا.

(١٩)

عشق ائين ٿي ٿيندو آهہ، عقل، وڃي ڪر پنهنجي ڪار،
حسن متيون سڀ نيندو آهہ، عشق ائين ٿي ٿيندو آهہ.
وقت ائين ئي ويندو آهہ، راند ڪري پيو چڻ ڪو ٻار؛
عشق ائين ئي ٿيندو آهہ، عقل، وڃي ڪر پنهنجي ڪار.

(٢٠)

تنهنجا چريا پيا ٽڳندا ها، ڪار جهان پيو ٿيندو هو؛
سنگ جفا پيا لڳندا ها، تنهنجا چريا پيا ٽڳندا ها.
عقل و خرد پيا جهڳندا ها، وات وٺيو ڪو ويندو هو؛
تنهنجا چريا پيا ٽڳندا ها، ڪار جهان پيو ٿيندو هو.

(٢١)

ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا، ڏاڍن جو ٿيو زور سوايو؛
هيٺن پنهنجا سيس نوايا، ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا.
چپ چپ ۾ اظهار اجايا، ڇو ٿا پنهنجو پاڻ لڄايو؛
ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا، ڏاڍن جو ٿيو زور سوايو.

(٢٢)

ساڃهہ توکي ناهي ڪائي، سونهن سڄڻ جي پرکڻ وارا؛
ڏسجين رولو تو هرجائي، ساڃهہ توکي ناهي ڪائي.
آئي اجائي عمر وڃائي، در در تي اي ڀٽڪڻ وارا؛
ساڃهہ توکي ناهي ڪائي، سونهن سڄڻ جي پرکڻ وارا.

(٢٣)

دل ڪڏهن ميري نہ ڪر، ڪين ورنديءَ ان منجهان؛
پنهنجو ڪو ويري نہ ڪر، دل ڪڏهن ميري نہ ڪر.

زر ڪٽـــي ڦيري نہ ڪر،     مـان سـان رهہ شـان سان؛
دل ڪڍهن ميري نہ ڪر،     ڪين ورنـــدءِ ان منجهان.

(٢٤)

دل جـو پڪي رئندو رهيو، منهن تـي سڄڻ چوندو رهيو،
ڇا روح جـي آهي غـذا، هئن يـار جون ڳالهيون ٻڌڻ!
منهنجي ٻڌائين ڪين ڪي، هـو پـاڻ ئـي ڏونـدو رهيو،
دل جـو پڪي رئندو رهيو، منهن تـي سڄڻ چوندو رهيو.

ٿهندي سڄڻ بـگـڙي ويـو، بـگـڙي وري ٿهندو رهيو،
مون ڪان سکو ٻوليون ٻڌڻ، دلـدار جون ڳالهيون سهڻ؛
دل جـو پڪي رئندو رهيو، منهن تـي سڄڻ چوندو رهيو،
ڇا روح جـي آهي غذا، هئن يـار جـون ڳالهيون ٻڌڻ.

(٢٥)

اڄ تـہ رانجهن، روح رچـنديـون ڪي ڪريون،
ســال ٿـيـا سـڪندي، سـڄـڻ، تـوکـي ڏٺي؛
پـــل ٿـيـــن دانـاءَ دلـڙيـون سـڀ ڇريون،
اڄ تـہ رانجهن، روح رچنـديـون ڪي ڪريون.

اڄ تـہ اهـــڙا پـيـر هـڪـيـئـي سـان پريون،
ٿـي سگهي جنهن ڪـان نـہ پـوءِ ڪوئي مٽي؛
اڄ تـہ رانجهن، روح رچنـديـون ڪي ڪريون،
ســال ٿـيـا سـڪندي، سـڄـڻ، تـوکـي ڏٺي.

(٢٦)

هــار تــي هرڪي وچايـو، راءَ جو ڪنهن پيار هو،
ڪيئن جواهر جوت ماريون راڄ راڻـيءَ جون متيون؛
واه جو ٿيو، سونهن جو اڄ سونهن تي ڪو وار هو،
هــار تــي هرڪي وچايـو، راءَ جــو ڪنهن پيار هو.

هار هو يا مار هو، يا پيار جو واپار هو،
زرخريدي، خوش وجي تي، اج پنهل ۾ کي پتيون؛
هار تي هر کي وچايو، راءِ جو کنهن پيار هو،
کيئن جواهر جوت ماريون، راج راڻيءَ جون متيون.

(٢٧)

سرتين کي پئي ساري، اج تہ نماڻي نار الا،
پنهنجو پاڻ وساري، سرتين کي پئي ساري.
ڳتين ۾ تي ڳاري، هونديس کي ويچار الا،
سرتين کي پئي ساري، اج تہ نماڻي نار الا.

(٢٨)

اچو راند کيڏون، اچو پيچ پايون،
پنو پرت وارو پڙهون ۽ پڙهايون؛
کري دل صفا اج، وري نينهن لايون،
اچو راند کيڏون، اچو پيچ پايون.

سنديون عشق تينديون نہ ولڙيون کي وايون،
وٺي لاءِ لشڪر، کريو ڀل چڙهايون؛
اچو راند کيڏون، اچو پيچ پايون،
پنو پرت وارو پڙهون ۽ پڙهايون.

(٢٩)

سدا نينهن، کاريون ککوري چڏيون تي،
پئي کين تن کي ڪجل جي ضرورت،
پيڻ ڪمان سوا پڻ، سي پيتل لڳيون تي،
سدا نينهن، کاريون ککوري چڏيون تي،

اجا سونهن واريون، اجايو هجيون تي،
غزالن کي کهڙي غزل جي ضرورت؛
سدا نينهن، کاريون ککوري چڏيون تي،
پئي کين تن کي ڪجل جي ضرورت.

(۳۰)

ڪٿي ســاز آهــي، ڪٿي سوز آهي،
اهــو اصــل ڪان ئي تہ دستور آهي؛
سدائين نہ ڪنهن وٽ بہ نوروز آهي،
ڪٿي ساز آهــي، ڪٿي ســوز آهي،
مگر داســتــان دل جــو دلــدوز آهي،
ﭘـڌائـي ڇـــا انـســان مجبور آهي؛
ڪٿي ســاز آهــي، ڪٿي ســوز آهي،
اهو اصل ڪــان ئـي تـہ دستور آهي.

(۳۱)

منجهان پــيــار اکڙيون ڪٿي تــو نهاريان،
مگر ڪوئي آهــي جــو مــون ڏي نهاري؛
پياسن کي پياليون پــري ڇــو نہ پياريان،
منجهان پــيــار اکڙيون ڪٿي تــو نهاريان.
ڏيــو محب موڪل تہ سڀ جڳ جياريان،
اچي ڪو تہ ڪنهن جو جڏو جيءُ جياري؛
منجهان پــيــار اکڙيون ڪٿي تــو نهاريان،
مگر ڪوئي آهــي جــو مــون ڏي نهاري.

(۳۲)

هي وقتي صلاحون، هــي وقتي مشورا،
ڏيئي ڪين دنــيــا کي ٽاريو اي يارو؛
ڪنديون ڪنهن تي ٽورا، ڪندا ڪهڙا ٽورا،
هي وقتي صلاحون، هــي وقتي مشورا.
سڄڻ ڇو ٿا سمجهو سِين کي ئي پورا،
اچي نيٺ ويندو، ڀين جــو بــہ وارو؛
هي وقتي صلاحون، هــي وقتي مشورا،
ڏيئي ڪين دنــيــا کي ٽاريو اي يارو.

(٣٣)

ٺميا نيڻ ٿي اڄ تہ بادل ٿي برسيا،
زمين ۽ فلڪ ٿي هڪئا ڪي شناسا؛
سڄڻ ڪي ڏسي ڪي سڄڻ ڪين ترسيا،
ٺميا نيڻ ٿي اڄ تہ بادل ٿي برسيا.

وٺي سارو آهن مٺا يار ورسيا،
وگر نہ ورهين ڪان رهيا ٿي پياسا؛
ٺميا نيڻ ٿي اڄ تہ بادل ٿي برسيا،
زمين ۽ فلڪ ٿي هڪئا ڪي شناسا.

(٣٤)

نڪتي چا ڳالهہ، چٽڪ ڪڪر ۾ ڪڙو لڳو،
سچ چا چيائون، يار ڪي مرچون وٺي ويون؛
هن جي اچڻ جي دير ٿي، محشر مچي ويو،
نڪتي چا ڳالهہ، چٽڪ ڪڪر ۾ ڪڙو لڳو.

ماحول اهڙو ٿي پيو جڻ وڏ ڦڙو وٺو،
هڪ شور ٿيو پيا ۽ ڪي ڪڪرون وري ويون؛
نڪتي چا ڳالهہ، چٽڪ ڪڪر ۾ ڪڙو لڳو،
سچ چا چيائون، يار ڪي مرچون وٺي ويون.

(٣٥)

هام هڻئي ٿي جن سڪن ۾، سي سڄڻ آهن ڪٺي،
مون نہ ڄاتو هيئن ڏکن ۾، هٿ ڪيڏي ويندا هليا؛
هر مسرت جو زماني سر چڙهيو آهي چٽي،
هام هڻئي ٿي جن سڪن ۾، سي سڄڻ آهن ڪٺي.

فڪر و فن جا بادشاهہ، ڪيئي رٺون ويندا رٺي،
ڳالهہ مان ڪا ڳالهہ ڪيندي، خود وڏي ويندا هليا؛
هام هڻئي ٿي جن سڪن ۾، سي سڄڻ آهن ڪٺي،
مون نہ ڄاتو هيئن ڏکن ۾، هٿ ڪيڏي ويندا هليا.

(٣٦)

بي سهارن کي سهارو، دل، ڏيڻ آهي ڏکيو،
سيکو حاتم ناهه جو پنهنجي چڏي، ٻئي جي ڪري؛
هٿ ڪٽڻ آسان آهي، هٿ رکڻ آهي ڏکيو،
بي سهارن کي سهارو، دل، ڏيڻ آهي ڏکيو.

بي غرض، اهل هوس جي لئه ٿيڻ آهي ڏکيو،
هو ڪٽي گوشو ڪري، پر هوس جي پيي سري؛
بي سهارن کي سهارو، دل، ڏيڻ آهي ڏکيو،
سيکو حاتم ناهه جو پنهنجي چڏي، ٻئي جي ڪري.

(٣٧)

رهيو آهه شڪوو جي مون ساڻ ڪو،
ته باقي شڪايت خدا سان ڪجو؛
جي مون پئي نيايو ته مون تائين هو،
رهيو آهه شڪوو جي مون ساڻ ڪو.

پريو ساڻ آهي اچي عمر جو،
پٺيان ياد يارو دعا سان ڪجو؛
رهيو آهه شڪوو جي مون ساڻ ڪو،
ته باقي شڪايت خدا سان ڪجو.

(٣٨)

سين ڪي ٽڪر پور پهچي نه ويندو،
لڪن جو اجهو آهه ڏاتار اپريو؛
مقدر جو ڀاڳو ميسر نه ٿيندو،
سين ڪي ٽڪر پور پهچي نه ويندو.

اچڻ وارو اچڻو جي آهي ته ايندو،
چون ٿا هتان چاڙ اسريو ڪي اسريو؛
سين ڪي ٽڪر پور پهچي نه ويندو،
لڪن جو اجهو آهه ڏاتار اپريو.

ڪنهن ڪان سکئين اي شوخ ! هيئن سيرون ڏئي ، مرچون وجهڻ ،
سچ تا چون اهلِ جهان، آهين فقط منهن جو ملوڪ؛
معصوم تي واجب نہ آ، پنهنجو ڪري، ڪارون ڪرڻ،
ڪنهن ڪان سکئين اي شوخ ! هيئن سيرون ڏئي ، مرچون وجهڻ •

سندرو ٻڌڻ، ٻانهون ڪنجڻ، سر تي چڙهڻ، دوڙا ڪيڻ،
هين سان وڙهڻ، هنن سان جهڙڻ، ناهي سڄڻ سهڻو سلوڪ؛
ڪنهن ڪان سکئين اي شوخ ! هيئن سيرون ڏئي ، مرچون وجهڻ ،
سچ تا چون اهلِ جهان، آهين فقط منهن جو ملوڪ •

(٤٠)

جيڪا بہ ڳالهہ تي ڪجي ، سا تو مڃي وڃي ،
شايد غريب آهہ طبيعت جو بادشاهہ؛
ساده مزاج تي ڪري ، سيکجهہ تو ٻي وڃي ،
جيڪا بہ ڳالهہ تي ڪجي ، سا تو مڃي وڃي •

جيڪي بہ آهي ٽيڙو، ٻلاشڪ سو تي وڃي ،
هن کي فقط ڪپي تي جهڪڻ لاءِ بارگاهہ؛
جيڪا بہ ڳالهہ تي ڪجي ، سا تو مڃي وڃي ،
شايد غريب آهہ طبيعت جو بادشاهہ •

(٤١)

اشرف تمام خلق ۾ انسانذات آهہ ،
مٽيءَ جي مٽ کي آهہ نہ ڪيڏو شرف مليو!
پيدا انهيءَ جي لاءِ تي ڪل ڪائنات آهہ ،
اشرف تمام خلق ۾ انسانذات آهہ •

آهي مٺو تہ چڻ هو قند و نبات آهہ ،
جي ٿيو ڪڙو تہ زهر جو چڻ ڪو ظرف مليو؛
اشرف تمام خلق ۾ انسانذات آهہ ،
مٽيءَ جي مٽ کي آهہ نہ ڪيڏو شرف مليو!

(۱۴۲)

دشمن ذليل خير سان آهي اچي ڊنو،
هن کي پنهنجي ڪٿي بہ نہ هرگز ڏجو ڪو دم؛
يارو، ٻڌيءَ ۾ پرت جو ڌاڳو نہ ڪو ڇنو،
دشمن ذليل خير سان آهي اچي ڊنو.

سگهريءَ ۾ سيڪ آهہ اچا پيءِ، اي ساڪنو!
اهلِ ديار مان نہ ٿيو جوش آهہ ڪم؛
دشمن ذليل خير سان آهي اچي ڊنو،
هن کي پنهنجي ڪٿي بہ نہ هرگز ڏجو ڪو دم.

(۱۴۳)

پنهنجي ڪئي تي پاڻي جو ڦرندي ڏٺو امير،
ڪاوڙ ۾ شهريار ٽپي ٻاهہ ٿي ويو؛
منهن ۾ ملول ٿي ويو، ڪاڏس جو پئي ضمير،
پنهنجي ڪئي تي پاڻي جو ڦرندي ڏٺو امير.

ڪاڇي ڪپي ويا هتي ڪئي خان ۽ همير،
راڻين جو راڄ، ڪاڪ ۾ گمراهہ ٿي ويو؛
پنهنجي ڪئي تي پاڻي جو ڦرندي ڏٺو امير،
ڪاوڙ ۾ شهريار ٽپي ٻاهہ ٿي ويو.

(۱۴۴)

هٻڪار خوشگوار تہ ڪيڏي نہ پئي اچي،
ڇڻڪيل گلاب پانئجي ٿو بزمِ يار ۾؛
شايد ڪنهين جي گهر ۾ ٿي اڄ ست رڇي پڇي،
هٻڪار خوشگوار تہ ڪيڏي نہ پئي اچي.

اهڙي سدائين پيار جي محفل تہ پئي مچي،
ڪو ٻوڌ ۾ پريل هجي ۽ ڪو ٻهار ۾؛
هٻڪار خوشگوار تہ ڪيڏي نہ پئي اچي،
ڇڻڪيل گلاب پانئجي ٿو بزمِ يار ۾.

(٤٥)

اهلِ قلم کي نـاز هو زورِ قلم تـي ڇا،
اڪـ ڪين تـي پڌين، سڄي ڪائنات ۾؛
هـر جبر جـي نظام جا تـن ڪيا مقابلا،
اهلِ قلم کي نـاز هـو زورِ قلم تي ڇا!

سلجهائي زندگيءَ جا ڇڏيا جن ٿي مسئلا،
ڏن جـا پڪا، سي قول ڏٺي، بات بـات ۾؛
اهلِ قلم کي ناز هـو زورِ قلم تي ڇا،
اڪـ ڪين تـي پڌين، سڄي ڪائنات ۾!

(٤٦)

هن سست کي ڇڏيو تہ وڃي پنهنجي منهن مري،
مرده ٿئي تـو بار، سـدا پين جـي دوش تي؛
بهتر ائين ئي هـو تـہ وڃي پنهنجي رخ ڇري،
هن سست کي ڇڏيو تہ وڃي پنهنجي منهن مري.

سـڌري تـہ واه واه، و گـرنـہ پـڌي مـري،
جڳـ سـان وڃـاءِ ساھ وتـي نـاؤ نوش تي؛
هن سست کي ڇڏيو تہ وڃي پنهنجي منهن مري،
مرده ٿئي تـو بار، سـدا پين جـي دوش تي.

(٤٧)

ٿيو ناحق، ڪنا ڪونڌر، وهيو رت ريلا ٿي "صائب"،
شهـيدن لئہ مگر دائـم، صـفِ ماتم وڇائي وئـي؛
بپـا تـي ڪربلا آهي، زمـينِ پـاڪ جـا نـائـب،
ٿيو ناحق، ڪنا ڪونڌر، وهيو رت ريلا ٿي "صائب".

بشر جـو حال ٿيو هيٺو، مگر ماڻهو نـہ ٿـيا تائب،
مفادن جي ڪري منهن ۾، وڏي هـر هنڌ ڇائي وئي؛
ٿيو ناحق، ڪنا ڪونڌر، وهيو رت ريلا ٿي "صائب"،
شهـيدن لئہ مگر دائـم، صـفِ ماتم وڇائي وئـي.

(۴۸)

ميڙو متو ڪو آهہ تہ محفل ۾ لات تي،
حسن، خيال جي ٽئي روشن تي شاهراهہ؛
اهڙو نہ شڪ ڪنهين ڪي هو اونداهہ ٻات تي،
ميڙو متو ڪو آهہ تہ محفل ۾ لات تي.

ڪنڊ طاق تان گلاب ۽ چڙڪاءَ وات تي،
يارن جي اڄ اچڻ جي خبر خوب گرم آهہ؛
ميڙو متو ڪو آهہ تہ محفل ۾ لات تي،
حسن، خيال جي ٽئي روشن تي شاهراهہ.

(۴۹)

چو جلوه گر ٿيا نغمہءِ خاموش ۾ اچو،
مايوس اهڙا ٿي ويا آهيو ڇا دوستو؟
افسردگي ڇڏي تہ ذرا هوش ۾ اچو،
چو جلوه گر ٿيا نغمہءِ خاموش ۾ اچو!

لاهيو نقاب ۽ نہ وري پوش ۾ اچو،
پردو رکي اوهان ٻہ ڪي ٿاهيو ڇا دوستو؟
چو جلوه گر ٿيا نغمہءِ خاموش ۾ اچو،
مايوس اهڙا ٿي ويا آهيو ڇا دوستو؟

(۵۰)

تقليد جنهن جي ناز جي آهي ڪرڻ وٽان،
نازڪ مزاج شاهہ سي آهن نهان ڪٿي؛
محبوب، جن جي حاضري آهي پرڻ وٽان،
تقليد جنهن جي ناز جي آهي ڪرڻ وٽان.

زور، قلم عجيب جو آهي ڏسڻ وٽان،
اهڙا ملن ٿا دهر ۾ شيوه بيان ڪٿي،
تقليد جنهن جي ناز جي آهي ڪرڻ وٽان،
نازڪ مزاج شاهہ سي آهن نهان ڪٿي.

(٥١)

يارن جو يار تي ڪري، ڇو تو پري پڇين،
پرهيز اهڙي آهه ڇا حڪمت جي باب ۾؟
هيءَ ڇوت ڇات خيرسان ڪهڙي ڪندو وتين،
يارن جو يار تي ڪري، ڇو تو پري پڇين.

اهڙي ڪا ڳالهه آهه ڇا، ديدار ڪان وڃين،
ٿيو نسخو پيش آهه ڇا تنهنجي جناب ۾؟
يارن جو يار تي ڪري، ڇو تو پري پڇين،
پرهيز اهڙي آهه ڇا حڪمت جي باب ۾؟

(٥٢)

فرعون بڻجي آ ويو هن دؤر جو حسين،
ايڏو غرور حسن ڪي ڪنهن دؤر ۾ نه هو،
شايد خدا تو پاڻ کي سمجهي هو مه جبين،
فرعون بڻجي آ ويو هن دؤر جو حسين.

ڇا، سر زمينِ پاڪ بڻي مصر جي زمين،
اهڙو خراب خون ڪنهين دؤر ۾ نه هو؛
فرعون بڻجي آ ويو، هن دؤر جو حسين،
ايڏو غرور حسن ڪي ڪنهن دؤر ۾ نه هو.

(٥٣)

خوف رک ان روز جو دل ۾ سدا،
آهه جنهن ڏينهن ٿيڻو چڪتو سڀ حساب،
عدل هرڪنهن سان ڪندو پورو خدا،
خوف رک ان روز جو دل ۾ سدا.

ابتدا جي لازمي ٿي انتها،
نيڪ بد ٿيندا سڀيئي بي نقاب،
خوف رک ان روز جو دل ۾ سدا،
آهه جنهن ڏينهن ٿيڻو چڪتو سڀ حساب.

(٥٤)

ڪٿيسين نہ شايد سجائي ڪمائي،
وگرنہ ائين دربدر ڪين ٿيون ها؛
اڃا نہ ڪا عزت رهي آهہ ڪائي،
ڪٿيسين نہ شايد سجائي ڪمائي.

ڀِي مينهن وسندي جي لئہ ناهہ پائي،
وري اهڙا زير و زبر ڪين ٿيون ها؛
ڪٿيسين نہ شايد سجائي ڪمائي،
وگرنہ ائين دربدر ڪين ٿيون ها.

(٥٥)

جهان ڪان لڪائي ٿي پيتوسين يارو،
مگر هاءِ، دامن تي داغِ شراب؛
شبِ تار ۾ پئي ٿي ورتوسين وارو،
جهان ڪان لڪائي ٿي پيتوسين يارو.

بچيو ناهہ لڪڻ سوا ڪوئي چارو،
اٿئون ڏپ تہ ٿي پئون متان بي نقاب؛
جهان ڪان لڪائي ٿي پيتوسين يارو،
مگر هاءِ، دامن تي داغِ شراب.

(٥٦)

چکيو جن آهہ آبِ آتشين،
اهي ڄاڻن سرورِ سرمدي؛
ٿي ٻهڪي زندگي تن جي حسين،
چکيو جن آهہ آبِ آتشين.

متن جي گفتگو جڻ انگبين،
انهن جي ناهہ من ۾ ڪا مدي؛
چکيو جن آهہ آبِ آتشين،
اهي ڄاڻن سرورِ سرمدي.

(٥٧)

ڪڏا ڪين ڪرتوت اهڙا ڪجن،
جو دنيا جي سامهون ٿجي شرمسار؛
اکيون هيٺ هرهنڌ ڪرڻيون پون،
ڪڏا ڪين ڪرتوت اهڙا ڪجن.

سدا پارجي سو، ڪجي جو وچن،
رهڻ گهرجي انسان کي ٿي باوقار؛
ڪڏا ڪين ڪرتوت اهڙا ڪجن،
جو دنيا جي سامهون ٿجي شرمسار.

(٥٨)

شاهہ مشرق آهہ نڪتو، يار، سنڀرو،
منزلون ماري هلي ڪنهن ماڳ نڪرو؛
ٿيو نياڳيءَ ننڊ مان بيدار، سنڀرو،
شاهہ مشرق آهہ نڪتو، يار، سنڀرو.

زندگيءَ مان هيئن نہ ٿيو بيزار سنڀرو،
ڏسجي سامهون ٿو اجهو پيو ڀاڳ نڪرو؛
شاهہ مشرق آهہ نڪتو، يار، سنڀرو،
منزلون ماري هلي ڪنهن ماڳ نڪرو.

(٥٩)

برايون تہ آڏو ٿي اچڻيون بہ آهن،
اِئين ڇو ڪجي جو ٿئي ڪنڌ هيٺ؛
وري محفلون ساڳيون مچڻيون بہ آهن،
برايون تہ آڏو ٿي اچڻيون بہ آهن.

هٿن تي ڪي مينديون رچڻيون بہ آهن،
وڃايو ٿا ڇا لئہ محبت ۾ ميٺ؛
برايون تہ آڏو ٿي اچڻيون بہ آهن،
اِئين ڇو ڪجي جو ٿئي ڪنڌ هيٺ.

(٦٠)

فلڪ سير جي ٿي تہ برڪت سان يارو،
ستين آسمان تي ٿا پهچي وڃون؛
پوي پنهنجي پاسي ٿو قسمت جو ڏارو،
فلڪ سير جي ٿي تہ برڪت سان يارو.

اسان کي کپي ٿو فقط هڪ اشارو،
ڏسو پوءِ تہ هر بند ڪيئن ٿا ڀڃون؛
فلڪ سير جي ٿي تہ برڪت سان يارو،
ستين آسمان تي ٿا پهچي وڃون.

(٦١)

چلهہ ۾ ايريا ڊيپ آهن تت،
جت ست رڃي ڪا ڳالهہ نہ هئي؛
لنگر جاري رهندا ها جت،
چلهہ ۾ ايريا ڊيپ آهن تت.

چارو چارو رڌڻي جي ڀت،
۽ ٿانو ملڻ لئہ هئي نہ مٽي؛
چلهہ ۾ ايريا ڊيپ آهن تت،
جت ست رڃي ڪا ڳالهہ نہ هئي.

(٦٢)

لهي پڳ ڪنهن سڄڻ جي ۽ پريءَ محفل ۾ پت ڏوهي،
بدن ۾ ڪيئن نہ رت ٽهڪي، اکين ۾ ڪيئن نہ رت پرجي؛
بڌڻ جي ڳالهہ آهي، ڇي، اڇون پوءِ پي نہ خم ٺوڪي،
لهي پڳ ڪنهن سڄڻ جي ۽ پريءَ محفل ۾ پت ڏوهي.

اسان کي پنهنجي مقصد کان ڏسون ٿا ڪير ٿو روڪي،
نہ هٿجي پوئتي ڪنهن پر، مگر سوڀارو ٿي ورجي؛
لهي پڳ ڪنهن سڄڻ جي ۽ پريءَ محفل ۾ پت ڏوهي،
بدن ۾ ڪيئن نہ رت ٽهڪي، اکين ۾ ڪيئن نہ رت پرجي.

(٦٣)

قرب ۾ قارون جـي حاجت نـہ آهي، اي عـزيز!
دل جي حاتم جي، الاهي، حڪمراني چو نہ ٿئي؛
زندگيءَ ۾ ڪنهن سخيءَ کي ڪير ساهي، اي عزيز!
قرب ۾ قارون جـي حاجت نـہ آهـي، اي عزيز!

قول پارڻ لئہ ڏئي تـو سـر جو لاهي، اي عزيز!
تنهن تي قدرت جـي سدائين مهرباني چو نہ ٿئي؛
قرب ۾ قارون جـي حاجت نـہ آهـي، اي عزيز!
دل جي حاتم جـي، الاهي، حڪمراني چو نہ ٿئي.

(٦٤)

زندگيءَ جي جام ۾ ڪو زهر هاري تون چڪين،
وات ۾ تنهنجي زبان، اهڙي ڪڙي آهي جو بس؛
دل اڙائي، هر ڪـ هاري، پاڻ ڪاري تون چڪين،
زندگيءَ جي جام ۾ ڪو زهر هاري تون چڪين.

قول سان يا فعل سان، چڙ پاڻ ماري تون چڪين،
ويچ جـو پڻ پنهنجي ڪئي تـي ڪين هلندو آهہ وس؛
زندگيءَ جي جام ۾ ڪو زهر هاري تون چڪين،
وات ۾ تنهنجي زبان، اهڙي ڪڙي آهي جو بس.

(٦٥)

ٿـين چـو نـہ يـارو امـام زمـن،
مـڪين ٿيا جي حضرت سندي دوش جا؛
ٿـا ڪعبي ۾ جـن جا بـہ والد چمن،
ٿـين چـو نـہ يـارو امـام زمـن.

سـدا سوئي ٻهڪي اتـي ٿـو چمن،
جنهين کـي ڪـي مالهي سنڀالين ٿـا؛
ٿـين چـو نـہ يـارو امـام زمـن،
مـڪين ٿيا جـي حضرت سندي دوش جا.

(٦٦)

ڏور ڪان دنيا ڏٺا، ٿمڪندا ڪيئي ڏيا،
پر نہ ڪي ويجھو ويا، حالِ دل تن سان ونڊڻ،
ڪونہ سوچيو ڪن ڪڏهن، چو ٻري آهن ٿيا،
ڏور ڪان دنيا ڏٺا، ٿمڪندا ڪيئي ڏيا.

دوستن جي مهر ٿي، يا سبب آهن ٻيا،
يا پتو تن جو ڪڏڻ، ٿيو زماني ڪي رنڊڻ؛
ڏور ڪان دنيا ڏٺا، ٿمڪندا ڪيئي ڏيا،
پر نہ ڪي ويجھو ويا، حالِ دل تن سان ونڊڻ.

(٦٧)

هار پهرائي اچو، يار سينگاري اچو،
تاڪ سوريءَ جو وري ساز سامان ٿي پوي،
اڄ صليبن تي وڃي، رت ڦڙا هاري اچو،
هار پهرائي اچو، يار سينگاري اچو.

قول واري سان وڃي، يار سان پاري اچو،
تا وري دنيا ۾ تجديدِ ايمان ٿي پوي،
هار پهرائي اچو، يار سينگاري اچو،
تاڪ سوريءَ جو وري ساز سامان ٿي پوي.

(٦٨)

پاڻ ۾ پيدا ڪري وٺ، خود خدا جون سڀ صفات،
تاڪ خالق پنهنجي ڪم جو، تون مڪمل ٿي پوين،
تنهنجي لئہ پوءِ ڪانہ ٿيندي ڪا مٿانهين يار ذات،
پاڻ ۾ پيدا ڪري وٺ، خود خدا جون سڀ صفات.

فلسفي تنهنجي ڪي ڏيئي ڪين سگھندو ڪوئي مات،
مسئلن پنهنجن جو خود تون پاڻ هڪ حل ٿي پوين،
پاڻ ۾ پيدا ڪري وٺ، خود خدا جون سڀ صفات،
تاڪ خالق پنهنجي ڪم جو، تون مڪمل ٿي پوين.

(٦٩)

بندگي ڪنهن جي ڪري ڪنهن جي ڪريان،
هرڪو آهي پنهنجيءَ دل جو بادشاهه،
ڇو نه غيرن کي ڇڏي پنهنجي ڪريان،
بندگي ڪنهن جي ڪري ڪنهن جي ڪريان.

دوستو خدمت اچي جنهن جي ڪريان،
سو ٿيڻ گهرجي سچڻ عالم پناهه،
بندگي ڪنهن جي ڪري ڪنهن جي ڪريان،
هرڪو آهي پنهنجيءَ دل جو بادشاهه.

(٧٠)

ڪنهن ڦڙي کان، ڪنهن پڇيو، ڇو نه تون موتي ٿئين؟
چي، اسان کان ڪين ٿيو، سِپ سندو احسان کنيو.
پوءِ پلا تون ڪيئن پيو، پنهنجيءَ پر جڳ ۾ جئين؟
ڪنهن ڦڙي کان، ڪنهن پڇيو، ڇو نه تون موتي ٿئين؟

هن جوابيو، پير تي، جي ٻيهڻ پنهنجي سگهين،
ڪَر نه مون، نادان سڄڻ، اهڙو ڪو طعنو هنيو؛
ڪنهن ڦڙي کان، ڪنهن پڇيو، ڇو نه تون موتي ٿئين؟
چي، اسان کان ڪين ٿيو، سِپ سندو احسان کنيو.

(٧١)

ڪنهن مقدس نانءَ تي ڏوڪو نه ڏي،
اي فقيهه دور، حاضر، ڌيان ڪر،
چاهڙيا، هر چيز جو هوڪو نه ڏي،
ڪنهن مقدس نانءَ تي ڏوڪو نه ڏي.

ڪنهن کي اڄ خالي ڪڏي ٻوڪو نه ڏي،
هر پياسو ناهه ايڏو بي خبر؛
ڪنهن مقدس نانءَ تي ڏوڪو نه ڏي،
اي فقيهه دور، حاضر، ڌيان ڪر.

(۷۲)

پڪ هجي موتي ٽيڻ جي، پوءِ پلي ٽورو بہ ڪڻ،
نہ تہ ڦڙو پاڻيءَ جو ٿي، ڪا آج آچايل جي آجهاءِ؛
ڪنهن جي ڳالهين تي لڳي، بيجا مٺا مونا نہ هڻ،
پڪ هجي موتي ٽيڻ جي، پوءِ پلي ٽورو بہ ڪڻ.

ويسلو ويهي نہ رهہ، پر سڪ زندگيءَ کي منهن ڏيڻ،
پنهنجي پيرن تي ڪڙو ٿي، باهہ دوزخ جي وساءِ؛
پڪ هجي موتي ٽيڻ جي، پوءِ پلي ٽورو بہ ڪڻ،
نہ تہ ڦڙو پاڻيءَ جو ٿي، ڪا آج آچايل جي آجهاءِ.

(۷۳)

پوءِ ڪهڙو قصور ڪنهن بيوفا جو،
آهہ سيڪو حضور پنهنجيءَ ۾ پورو؛
پاڻ ڪان پڻ نہ فرض پهتو خدا جو،
پوءِ ڪهڙو قصور ڪنهن بيوفا جو.

عرض اونايو آهہ اڄ ڪنهن گدا جو،
ڪير رکندو ڦٽن تي مرهم يا پورو؛
پوءِ ڪهڙو قصور ڪنهن بيوفا جو،
آهہ سيڪو حضور پنهنجيءَ ۾ پورو.

(۷۴)

ياد يارن ڪيو ٿو ڏسجي يارو،
هاڻ هڏڪيون وڃن پيون هت پڌبيون؛
سار سهڻن جي اڄ ڏنو آ وارو،
ياد يارن ڪيو ٿو ڏسجي يارو.

بيوسن جو چلي چڪو جت چارو،
هاڻ ڪهڙيون ڪنيون وري ات رڏبيون؛
ياد يارن ڪيو ٿو ڏسجي يارو،
هاڻ هڏڪيون وڃن پيون هت پڌبيون.

(٧٥)

دريا مٿي ٻه دانهن ڏيڻ ٿي محال،
سهٽيون، ڪريو سوال، اڇي ڪا قيام؛
ڏاڍن ڏکايو آهه، ڪجي ڪنهن سان حال،
دريا مٿي ٻه دانهن ڏيڻ ٿي محال؛

هيٺي حبيب، سار ڪئي، در خيال،
بي پهچ دل ئي دل ۾ ڪيو آ ڪلام؛
دريا مٿي ٻه دانهن ڏيڻ ٿي محال،
سهٽيون، ڪريو سوال، اڇي ڪا قيام.

(٧٦)

اهڙو ڪو مون قصور ڪيو آهه اڄ،
جو يار بي سبب هي ڏجها ٿا ڏين؛
جنهن تان رُسي عجيب ويو آهه اڄ،
اهڙو ڪو مون قصور ڪيو آهه اڄ.

مستيءَ ۾ بدمزاج ميو آهه اڄ،
ماڻهو انهيءَ ڪي ليڪ اڄها ٿا ڏين؛
اهڙو ڪو مون قصور ڪيو آهه اڄ،
جو يار بي سبب هي ڏجها ٿا ڏين.

(٧٧)

هن حسن لاجواب جو ڪو جواب ناهي،
هن ڪان مٿي حسين ڳولڻ اجايو آهي؛
محبوب خود خدا جو ڇا لاجواب آهي،
هن حسن لاجواب جو ڪو جواب ناهي.

ٻي ذات باڪمال اهڙي جناب ناهي،
دنيا ۾ ڪجهه وڌيڪ ڦولڻ اجايو آهي،
هن حسن لاجواب جو ڪو جواب ناهي،
هن ڪان مٿي حسين ڳولڻ اجايو آهي.

(٧٨)

عجيب آهه ڪائنات، عجيب آهه ڪائنات،
ٿيو آهه بي حجاب، جتي يار دلنواز؛
جهان آهه بي ثبات، مگر آهه اور بات،
عجيب آهه ڪائنات، عجيب آهه ڪائنات.

پيارين جت ڪلال هٿن ساڻ ڏينهن رات،
اتي ڇو نه بار بار، اچن پاڻ بي نياز؛
عجيب آهه ڪائنات، عجيب آهه ڪائنات،
ٿيو آهه بي حجاب، جتي يار دلنواز.

(٧٩)

بارها يار کان موڪلايم،
پر ڇڏيو ڪين ٿيو در پرينءَ جو،
دور ٿيڻ لئه به حيلا هلايم،
بارها يار کان موڪلايم.

پاڻ چاڙهي سچڻ وٽ اڙايم،
ڏوهه ان ۾ نه ڪنهن پر پرينءَ جو،
بارها يار کان موڪلايم،
پر ڇڏيو ڪين ٿيو در پرينءَ جو.

(٨٠)

ڏکي نه پير، قدم ڪڻ، هري هري،
متان جهري نه پوي نقشِ ڪائنات،
ڏجي ته جام هٿن سان، پري پري،
ڏکي نه پير، قدم ڪڻ، هري هري.

اندر جي آڳ ۾ دل ٿي ٻري ٻري،
ٻهر جي آهه مگر يار اور بات،
ڏکي نه پير، قدم ڪڻ، هري هري،
متان جهري نه پوي نقشِ ڪائنات.

(٨١)

ڪلور ۾ ڪڪرم هو ڪيو ڪنورن،
مگر حبيبن، ناهي وسان گهٽايو،
ڏنو تن کي منهن هو سدا سڏورن،
ڪلور ۾ ڪڪرم هو ڪيو ڪنورن.

مقابلو سورهيه ٿي ڪيو سڏورن،
ڪٽي بم دودن، ڏيئي نہ پٺ نٽايو،
ڪلور ۾ ڪڪرم هو ڪيو ڪنورن،
مگر حبيبن، ناهي وسان گهٽايو.

(٨٢)

جتي جڏا جعفر ها، اتي حبيب هزارين،
جي سر ڏئي سرها ٿيا ۽ پاڻ هو موڪيو؛
اڇيو رکن زخمن تي پها طبيب هزارين،
جتي جڏا جعفر ها، اتي حبيب هزارين.

وطن مٿان سر واري ويا عجيب هزارين،
انهن اسان جي ڌرتيءَ تي وڻ وفا جو هو پوکيو؛
جتي جڏا جعفر ها، اتي حبيب هزارين،
جي سر ڏئي سرها ٿيا ۽ پاڻ هو موڪيو.

(٨٣)

نہ اڇن، نہ وڃن، نہ ڪڇن، نہ پڇن،
ٿا رکن هي عجيب، عجيب روش؛
ڪي هنن جي بلا سان پلي نہ لڇن،
نہ اڇن، نہ وڃن، نہ ڪڇن، نہ پڇن.

جي هتي بہ اچن تہ ڪڏهن نہ ڪڇن،
جو پين تي ٿئي نہ عيان ڪا خلش؛
نہ اڇن، نہ وڃن، نہ ڪڇن، نہ پڇن،
ٿا رکن هي عجيب، عجيب روش.

(٨٤)

سهڻو چمن بي حساب، آهي مگر بي ثبات،
يا سونهن کي ڪا ثبات، ناهي ازل کان نصيب،
هي موتيو ۽ گلاب، وه وه گلن جي برات،
سهڻو چمن بي حساب، آهي مگر بي ثبات.

هو بتگريءَ جو فسون، هيءَ آذري ڪائنات،
ٽوڙي ڇڏيو هو خليل، جو هو انهيءَ کي قريب،
سهڻو چمن بي حساب، آهي مگر بي ثبات،
يا سونهن کي ڪا ثبات، ناهي ازل کان نصيب.

(٨٥)

مقامِ طور تي جلوه فگن ٿيو آهه،
اچا ته ڪيڏو اٿس هوش مان گهٽڻ کي؛
عيان ڪڏهن نه سرِ انجمن ٿيو آهه،
مقامِ طور تي جلوه فگن ٿيو آهه.

نئين ادا سان وري نغمه زن ٿيو آهه،
ٻڌايو واديءَ ايمن جي اڄ وڻن کي:
مقامِ طور تي جلوه فگن ٿيو آهه،
اچا ته ڪيڏو اٿس هوش مان گهٽڻ کي.

(٨٦)

پيامِ يار ٻڌي وڃ، خيالِ ناز ڏسي وڃ،
چيو سڄڻ جو ڪري ڏس، قدم صنم سان پري ڏس؛
ڏٺو جي ناز اٿئي اڄ، اچي نياز ڏسي وڃ،
پيامِ يار ٻڌي وڃ، خيالِ ناز ڏسي وڃ.

ڏسڻ گهرين ٿو ته محمود ۽ اياز ڏسي وڃ،
ڪو شاهه ڇا ٿو ڪري ڏس، غلام ڪيئن ٿو وري ڏس،
پيامِ يار ٻڌي وڃ، خيالِ ناز ڏسي وڃ،
چيو سڄڻ جو ڪري ڏس، قدم صنم سان پري ڏس.

# درستيون

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ١ | ١٠ | پسندن | پسندن پئي |
| ٥ | ٥ | هجڻ | هجڻ جي |
| ٥ | ٢٤ | وقتن | وقت |
| ٩ | ٤ | ڪمالر | ڪمال |
| ١٥ | ٢٥ | صايع | ضايع |
| ١٦ | ٢٦ | حتي | جتي |
| ٣٦ | ١٩ | تڏهن | تڏهن ب |
| ٣٩ | ١٤ | لاهي | لاهم |
| ٤١ | ١٣ | ٿا | تہ |
| ٥١ | ٩ | تامارن | تاساريون |
| ٦٦ | ١١ | جفا ٺو | جفا جو |
| ٧٠ | ٧٠ | يا | يار |
| ٧١ | ١٥ | اسان جو غصب حق ڪري | اسان جو حق غصب ڪري |
| ٧٨ | ١٧ | ويهڻ | وهڻ |
| ٨٢ | ٩ | چائڻ | وچائڻ |
| ٨٦ | ١٩ | هاءِ لالچ/هاءِ اقتدار | هائي لالچ/هائي اقتدار |
| ٨٩ | ٨ | ۽ | آ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱۱۹ | ۶ | چوڻ | چوٽ |
| ۱۶۱ | ۸ | آهي | آهم |
| ۱۶۷ | ۲۴ | نم | تم |
| ۱۶۹ | ۲۰ | ظاهر | طاهر |
| ۱۷۳ | ۱۵ | بلبن | بلبلن |
| ۱۷۵ | ۱۳ | راگ | راڳ |
| ۱۸۷ | ۲ | ذات | ذات، |
| ۱۹۱ | ۶ | پٽڪ | پيڪ |
| ۱۹۳ | ۲۴ | تي | ٿي |
| ۱۹۶ | ۸ | ٿري | ڪري |
| ۱۹۷ | ۳ | اِشرف | اشرف |
| ۲۰۰ | ۲۴ | پر تاڪي | پرتا ڪي |
| ۲۲۲ | ۷ | واڱ | ساڱ |
| ۲۲۲ | ۹ | ڪِچو | ڪچو |
| ۲۴۳ | ۶ | جفا | خفا |
| ۲۶۵ | ۱۴ | سبز | سر |
| ۲۷۸ | ۱۳ | فضل | فصل |

# سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل ڪجهه ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. حيات النبي ﷺ | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | ٥٠/- |
| ٢. شان رسول ﷺ | گل حسن گوپانگ "شاد" | ٢٠/- |
| ٣. چچ نامو | مترجم: مخدوم امير محمد/ تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ١٥٠/- |
| ۴. تاريخ مظهر شاهجهاني | مترجم نياز همايوني/مؤلف يوسف ميرڪ بن ميرابوالقاسم "نمڪين" | ١٠٠/- |
| ٥. اُهي ڏينهن اُهي شينهن(٢) | پير علي محمد راشدي | ١٠٠/- |
| ٦. نيٺ ڇا ڪجي؟ | ليئو ٽالسٽاءِ | ٦٥/- |
| ٧. جنت السنڌ | رحيمداد خان مولائي شيدائي | ١٥٠/- |
| ٨. قديم سنڌ | ڀيرومل مهر چند آڏواڻي | ١٠٠/- |
| ٩. سنڌ بلوچستان جو سير | هينري چاٽنجر/محمد حنيف صديقي | ١٠٠/- |
| ١٠. نالي ماتر آزادي | ذوالفقار علي ڀٽو | ٧٥/- |
| ١١. لوڪ ڪهاڻيون (٥) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٦٥/- |
| ١٢. لوڪ ڪهاڻيون (٦) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٣٥/- |
| ١٣. سون ورنيون ڏليون | ترجمو: لالچند امر ڏنومل | ٢٥/- |
| ١۴. تحفة الڪرام | مصنف: مير علي شير قانع ٺٽوي مترجم: مخدوم امير احمد | ٨٠/- |
| ١٥. سنڌ جو سينگار | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | ٣٠/- |
| ١٦. تفسير هاشمي | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | ١٠٠/- |
| ١٧. اسلام جي تبليغ يعني اسلام جي اشاعت جي تاريخ | ٽي. ڊبليو آرنولڊ/پروفيسر شيخ محمد حاجن | ١٢٠/- |
| ١٨. حمد ۽ نعت | شهباز علي ملازم | ٥٠/- |
| ١٩. سنڌ جي دربار | جيمس برنس/حنيف محمد صديقي | ٢٥/- |
| ٢٠. لاڙ جو مطالعو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ۴٠/- |

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.